ساريمِ اڄُ سنگهارَ

(سرمست سلسلي جي ڪتابن مان چونڊ مقالا)



سهيڙيندڙ

سِيما

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

هيءَ ڪتاب سچل سرمست جي ١٨٦هين عرس
جي موقعي تي ڇپرايو ويو

ساريم اڄ سنگهار

(سرمست سلسلي جي ڪتابن مان چونڊ مقالا)

سهيڙيندڙ

سيما

ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني

ڊاڪٽر نواز علي شوق

SOORIH SINDHI ADAB

ثقافت ۽ سياحت کاتو

حڪومت سنڌ - ڪراچي

SOORIH SINDHI ADAB

ساريم اڄ سنگهار

(سرمست سلسلي جي ڪتابن مان چونڊ مقالا)

سهيڙيندڙ: سيما

ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني: ڊاڪٽر نواز علي شوق

سال ـ ٢٠٠٧ع

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

ڪمپوزنگ: فهيم احمد منگي، صفدر علي ابڙو

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس،

مال روڊ خيرپور فون: **552913 (0243)**

ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت ـ سنڌ

ملهه : ٢٥٠ روپيا

سِٽاءُ

پبلشر پاران	عبدالقادر منگي–	7
ٻه اکر	سيما–	9
مقدمو	سيما–	11
صدارتي تقرير 1980ع		
	پير حسام الدين راشدي–	15
صدارتي تقرير 1981ع		
	پير حسام الدين راشدي–	25
صدارتي خطاب 1983ع		
	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ–	38
افتتاحي خطاب ۽ صدارتي تقرير 1987ع		
	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ–	43
حضرت سچل سرمست ۽ همه اوست		
	علامه غلام مصطفيٰ قاسمي–	52
سچل جو سرائڪي ڪلام		
	ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو–	59
خود شناسي- سچل سرمست جي نظر ۾		
	ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي–	67
ڪجهه غلط روايتون		
	عطا محمد حامي–	78

SOORH SINDHI ADAB

سچل جو ادبي ماحول

ڊاڪٽر اياز قادري— 83

سچل سائين جو شارح ـ نماڻو فقير

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي— 92

سچل جي ڪلام ۾ عشق حقيقي جو عنصر

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي ـ 102

مان ليان توسان

حميد سنڌي— 112

علم اللسان ۽ سچل جو ڪلام

ڊاڪٽر غلام علي الانا— 116

سچل سرمست ۽ سلطان باهو

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو— 132

سچل جي شاعريءَ تي ٻاهريان اثر

ڊي. ڪي منشاراماڻي— 144

سچل جي ڪلام ۾ سنگيت جي اوت

گورڌن ڀارتي— 156

سچل سرمست جا گهاڙيٽا

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو 167

سچل سرمست جي دور جي تاريخي اهميت

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي- 173

سچل سرمست جو سنيهو

گوبند مالهي— 184

SOORIH SINDHI ADAB

سچل جي موجوده وقت ۾ واسطيداري
ڊاڪٽر ستيش روهڙا— 189
سچل صوفي لاکوفي
ايچ. آءِ سدارنگاڻي— 201
سچل جي شاعريءَ ۾ مختلف سنڌي لهجا
ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ— 109
انساني عظمت ۽ سچل سرمست
ڊاڪٽر شاهه نواز سوڍر— 216
سچل سرمست ۽ سماج
آغا سليم— 222
سچل سائين جي ڪلام جون ڪجھ خوبيون
عبدالقادر جوڻيجو— 228
آشڪار ۽ عطار جي ڪلام جو تقابلي مطالعو
سيد خضر نوشاهي— 234
سچل جي شاعري تاريخ جي روشني ۾
ڊاڪٽر نواز علي شوق— 244
سچل سارو سچ
رشيد ڀٽي— 254
عوام اناالحق آهي
ف. م لاشاري— 263
سچل جي ڪلام ۾ ڪانگ جي علامتي حيثيت
ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو— 270

موجوده دور ۾ سچل جي ڪلام جي اهميت ۽ افاديت
ڊاڪٽر ادل سومرو— 279
سچل سائين جو اصلوڪو اردو ڪلام
محمد علي حداد— 287
سچو سچ ٽيو
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو— 297
سچل سرمست جي انفراديت ۽ عظمت
تاج جويو— 304
جتي ماڻهن ميڙ آ، تتي ناهيان
انعام شيخ— 316
درگاهه درازا جي گادي ڏڻين جو تعارف
خادم عباسي— 326
سچل جي حب الوطني
دادا سنڌي— 333
سچل ۽ سچ
مختيار ملڪ— 342
سچل جي ڪلام ۾ پهاڪن جهڙا جملا
الطاف اثيم— 349
سچل جو نظريو
اختر درگاهي— 355
مقالا نگارن جو مختصر تعارف ـ 363

پبلشر پاران

حضرت سچل سرمست سنڌ جو اهو بيباڪ شاعر آهي. جنهن سنڌ ۾ مارئي ڳائڻ بجاءِ، هر ڳالهه وڏي واڪ چئي. جيئن سندس تخلص سچُ هو. تيئن هن سچي ڄمار سچ چيو ۽ ڪُلم ڪُلا سچ چيو. ڪڏهن به ان ڳُڻهه جي پرواهه ڪانه ڪئي ته ماڻهو ڇا چوندا.

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي

هر دور ۾ سچ وڏو ڏوهاري سمجهيو ويو آهي. اُهو ڦاهي چاڙهيو ويو آهي. گهاڻي ۾ پيڙايو ويو آهي، ان کي طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون ويون آهن. پر پوءِ به سچ سدائين سوڀارو رهيو آهي. يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سچل سرمست جيئن ته سدائين سچ چيو، تنهن ڪري مٿس طرح طرح جون فتوائون مڙهيون ويون. اهوئي سبب آهي، جو هن چئي ڏنو:

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، مان جوئي آهيان سوئي آهيان.

سچل سرمست ڇا هُيو؟ هن ڇا چيو؟ هن جو ڪهڙو فڪر ۽ فلسفو هو؟ ان متعلق ڪجهه ڪتاب لکيا ويا آهن. پر اڃا وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان اهو پنهنجو فرض سمجهيو ته سچل سرمست جو انسان دوستي، پيار، امن ۽ ڀائيچاري وارو حق ۽ سچ جو پيغام عام ڪريون. سندن اعليٰ شاعريءَ جي هر پهلو تي روشني وڌي وڃي. ان ڪري اهو فيصلو ڪيو ويو ته "سرمست" سلسلي وارن ڪتابن مان مقالن جي چونڊ ڪري هڪ ڪتاب ڇپرايو وڃي. اها ذميواري محترم سما صاحب کي سونپي وئي ۽ ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني وارو ڪم ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ذمي ڪيو ويو. اسان کي خوشي آهي ته ٻنهي پنهنجي محنت سان اها ذمواري سهڻي نموني پوري ڪئي آهي.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سرمست سلسلي وارن ڪتابن ۾

گهڻي ڀاڱي معياري مقالا شامل آهن. هن وقت تائين ان سلسلي جا 27 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هن سال اٺاويهون ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي ۽ اهو سهڻو سلسلو سدائين جاري رهندو.

هيءَ حقيقت آهي تہ سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي تي شاندار ڪتاب ڇپرايا آهن، پر افسوس جو سچل سرمست جهڙي عظيم صوفي شاعر تي هڪ بہ ڪتاب نہ ڇپرايو ويو آهي. اسان پاڻ تي اهو فرض ۽ قرض محسوس ڪندي، هن سال ميلي جي موقعي تي چونڊ مقالن تي مشتمل ڪتاب سچل يادگار ڪاميٽي جي ٿورن سان ڇپرائي رهيا آهيون ۽ انشاءَ الله جلد ئي مرزا علي قلي بيگ واري سچل سرمست جي رسالي جو نئون ايڊيشن جلد ئي ڇپرايو ويندو. جنهن جو پهريون ڇاپو 1902ع ۾ شايع ٿيو هو. اهڙيءَ ريت اسان هوريان هوريان پنهنجي فرض ۽ قرض جي ادائگي جي ڪوشش ڪندا رهنداسون. اميد تہ هن سلسلي ۾ سچل سائين جا عاشق سنڌ جاسڄاڻ اديب، عالم ۽ محقق اسان سان سدائين سهڪار ڪندا رهندا.

عبدالقادر منگي

سيڪريٽري

ثقافت ۽ سياحت کاتو ـ حڪومت سنڌ

ٻه اکر

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سچل سرمست جي فڪر ۽ فلسفي تي چڱو ڪم ٿيو آهي. مختلف ادارن پاڻ ملهايو آهي. پر حقيقت ۾ سڀ کان شاندار ڪم "سچل يادگار ڪاميٽي" ڪيو آهي. سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي سچل يادگار ڪاميٽي پاران هر سال ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي آهي. اهو سهڻو سلسلو 1980ع کان شروع ٿيو ۽ اڃا جاري آهي. ان ادبي ڪانفرس جي موقعي تي سنڌ جا وڏا اديب، عالم، شاعر، محقق ۽ سچل سائين جا عاشق شريڪ ٿيندا رهيا آهن. انهن ۾ سيد حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامه غلام مصطفي قاسمي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، ڊاڪٽر نواز علي شوق، رشيد ڀٽي، محمد علي حداد، تاج جويو، ۽ ٻيا گهڻا ئي عالم اچي وڃن ٿا. انهن مڙني جو روح روان ڊاڪٽر تنوير عباسي هو. جنهن پنهنجي سچي ساٿي محمد علي حداد ۽ ٻين مخلص سائين جي مدد سان شاندار ادبي ڪانفرنسون منعقد ڪرايون ۽ مقالا محفوظ ڪري "سرمست" سلسلي جا سهڻا ڪتاب ڇپرايا. اڄ به اها يادگار ڪاميٽي قائم آهي جيڪا ضلعي انتظاميه جي سهڪار ۽ پنهنجي مخلص سائين جي مدد سان شاندار ادبي محفلون منعقد ڪرائي رهي آهي ۽ هرسال ڪتاب پڻ ڇپجي رهيا آهن.

سچل يادگار ڪاميٽي پاران هن وقت تائين 27 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ سچل سرمست جي سوانح، فڪر ۽ فلسفي تي سوين مقالا محفوظ ٿي ويا آهن، پر شايد ڪي اهڙا به چار خوش نصيب انسان

هوندا جن وٽ اهي سمورا يعني 27 ڪتاب موجود هجن. تنهن ڪري ان ڳالهه جي سخت ضرورت محسوس ڪئي وئي ته انهن 27 ڪتابن مان چونڊ ڪري هڪ ڪتاب تيار ڪيو وڃي. سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي اها ذميواري مون کي سونپي، جنهن لاءِ مان سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت جناب عبدالقادر منگي صاحب ۽ ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر محترم شمس جعفراڻي صاحب جي شڪرگذار آهيان. ان کان علاوه پنهنجي شفيق استاد ڊاڪٽر نواز علي شوق جا ٿورا مڃڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿي، جنهن سهڻيون صلاحون ڏنيون ۽ هن ڪتاب جي ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني وارو ڪم سرانجام ڏنو. سچل چيئر جي صلاحڪار ميان غوث محمد "گوهر"، چيئر جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر محترم الطاف اثيم ۽ ريسرچ آفيسر مهر خادم جا تمام گهڻا ٿورا، جن هن ادبي ڪم ۾ هر ممڪن تعاون ڪيو. ياءُ قربان منگي جا وڏا وڙ جنهن تمام ٿوري وقت ۾ هيءُ ڪتاب ڇپرائي ڏنو.

آخر ۾ سچل يادگار ڪاميٽي جا ڳڻ ڳائڻ ضروري سمجهان ٿي، جن سچل سرمست تي هيترا سارا مقالا محفوظ ڪري شاندار ڪتاب ڇپرايا. جيڪي سچل سرمست تي تحقيق ڪرڻ وارن لاءِ مددگار ثابت ٿيندا. الله تعاليٰ مٿي ذڪر ڪيل سڀني مهربانن کي وڏي ڄمار ڏئي ۽ صحت سان سلامت رکي ته جيئن هو سنڌي ادب ۽ ثقافت جي خدمت ڪندا رهن. آمين.

سيما

ڪراچي

10 سيپٽمبر 2007ع

مقدمو

سچل سرمست جي ڪلام ۾ بي شمار خوبيون موجود آهن، ان ۾ ڪيترائي اهم عنوان ۽ محبوب موضوع نظر ايندا. سچل سائين جي رسالي واري مهراڻ ۾ جيترو گهرو وڃبو، اوترا وڏيڪ معنيٰ جا موتي ملندا. هن ڪتاب ۾ ان مهراڻ جا ڪجهه موتي مقالن جي روپ ۾ ڪٺا ڪيا ويا آهن، مقالن جي چونڊ ڪرڻ وقت اهو خاص خيال رکيو ويو آهي تہ اهي معياري هجن، اها بہ آرزو هئي تہ مقالا اهڙا منتخب ڪيا وڃن، جيڪي سچل سرمست جي ڪلام جي ڪن اهم عنوانن تي مشتمل هجن تہ جيئن ادب جا شاگرد انهن مان فيض حاصل ڪن ۽ ٻين پڙهندڙن ۽ سچل سائين جي عاشقن کي دلي سڪون ۽ سرور حاصل ٿئي.

هن ڪتاب ۾ سچل سائين جي ڪلام جي ڪن خاص خوبين تي روشني وڌل آهي. ان ۾ تصوف کان علاوه سچل سائين جي دور جون سياسي سماجي حالتون، ان دور جو ادبي ماحول، سچل سائين جي ڪلام ۾ انفراديت ۽ عظمت، سندن ڪلام جي موجوده دور ۾ اهميت ۽ افاديت سندن ڪلام ۾ حب الوطني ۽ انساني عظمت جهڙن اهم عنوانن تي سنڌ ۽ هند جي عالمن جا مقالا شامل آهن. درگاهه درازا جي گادي ڏڻين جو تعارف ڏنل آهي تہ ان سان گڏ سچل سائين جي ڪلام ۾ سنگيت جي اوت. سچل جي موجوده وقت ۾ واسطيداري، سچل سرمست ۽ سماع، سچل جي شاعريءَ تي ٻاهريان اثر، جهڙن اهم عنوانن تي روشني وڌي وئي آهي.

سچل سائين جو سرائڪي ڪلام، آشڪار ۽ عطار جي ڪلام جو تقابلي مطالعو، سچل سرمست ۽ سلطان باهو، سچل سائين متعلق ڪجهه غلط روايتون ۽ سچل سرمست جي اصلوڪي اردو ڪلام جهڙن موضوعن تي ناقدانہ نظر وجهندي محققن اصل حقيقتون نروار ڪيون آهن.

هن ڪتاب ۾ معياري مقالن سان گڏ جڳ مشهور عالمن، محققن ۽ دانشوَرن پير حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون صدارتي تقريرون پڻ شامل آهن، جيڪي سچ پچ تہ هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت ۾ واڌارو ڪن ٿيون. انهن عالمن پنهنجي تقريرن ۾ جيڪي سهڻيون ڳالهيون ڪيون آهن، تن مان ڪجهه اقتباس پيش ڪجن ٿا.

1980ع واري ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پير صاحب پنهنجي تقرير ۾ فرمايو هو: "عطار ڇا هو؟ حلاج ڇا آهي؟ اهي سڀ هڪڙا پيغام آهن ايهي فلسفا آهن، اهي دائمي قيامت تائين رهندڙ پيغام آهن ۽ سچل اسان وٽ انهن جو شارح آهي. هڪڙو پيغام جيڪو وسري ويو آ ماڻهن کؤن ۽ ممڪن آ جيڪڏهن اهو تساهل ۽ اهو ويسارو رهيو تہ گهٽي حد تائين انهيءَ پيغام کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي ۽ ياد رکي ڇڏيو تہ جيڪڏهن سچل جي پيغام کي ۽ فڪر کي ۽ فلسفي کي نقصان پهتو تہ اهو انسان ذات جو هاجو آهي، اهو انسان ذات جو نقصان آ. سچل معنيٰ انسان ذات آ، سچل سچو اسلام آ. جيڪڏهن اسلام سلامتيءَ جو مذهب آ، جيڪڏهن ان ۾ انسان جي واسطي امن ۽ سلامتي ۽ راحت ۽ يڪسانيت آ، تہ اهو سچل جو مذهب آ ۽ اهو اسلام آ".

1981ع ۾ صدارتي تقرير ڪندي پير صاحب فرمايو هو:

"سچل سرمست کي قائم رکڻ، شاه ه لطيف کي قائم رکڻ ۽ شاهہ عنايت کي سنڀالڻ، اهو توهان جو فرض آ. جيڪڏهن غيرت مند قوم آهيو ۽ زنده آهيو ۽ جيئرا رهڻ ٿا چاهيو تہ انهن کي قائم رکو. ڇاڪاڻ تہ اهي مرڪز آهن. توهان جي زندگيءَ جو. توهان جي وحدت جو. توهان جي تاريخ جو. توهان فقط انهن سان زنده رهي سگهندؤ. انهيءَ کان علاوه توهان ڪا شيءِ ڪونهيو".

سچل يادگار ڪاميٽي جي هڪ ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ فرمايو هو: "سچل سائين سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو منهنجي پنهنجي ناقص راءِ ۾، وحدت الوجود جو جيڪو فلسفو آهي يا وحدت الوجود جو جيڪو صوفيانہ نظريو آهي، جنهن کي انگريزي ۾ ٿياسافي ٿا چئون، الاهيات ٿا چئون، تنهن کي سنڌي ۾ جدا جدا نمونن سان ڪافين ۾ بيتن ۾ ۽ پنهنجي مثنوين ۾ اهڙي سهڻي نموني پيش ڪيو آهي، جو اهائي هڪڙي وڏي ۾ وڏي آءٌ سمجهان ٿو ڳالهہ آ، جيڪا ٻئي هنڌ اسان کي ڪانہ ٿي ملي پئي. انهن ڳالهين کي اڳتي وڌايون ۽ انهيءَ ڳالهہ کي پيش ڪريون، تہ وحدت الوجود جا جيڪي رنگ آهن تصوف ۾، جيڪي هن کان اڳ ۾ ٿي گذريا آهن يا سنڌ ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ سچل سائين جيڪا ڳالهہ ڪئي آهي يا ڪهڙي سهڻي نموني سان ڪئي آهي، ڪيئن ڪئي آهي، انهيءَ کي سهڻي نموني سان ڪيئن وڌايو اٿس. ۽ خاص خوبي جيڪا، ڪم از ڪم مون جهڙي ماڻهوءَ کي نظر اچي ٿي. اها هيءَ آهي تہ سچل سائين جي ڪلام ۾ سنڌي لفظن ۾ سهڻن سهڻن محاورن ۾ سهڻين معنائن ۾ انهيءَ فلسفي کي، انهيءَ فڪر کي پيش ڪيو آهي".

ان ئي موقعي تي پنهنجي صدارتي تقرير ڪندي اسان کي سهڻيون صلاحون ڏيندي فرمايائون تہ "ادب ۾ "نعري بازي" ۽ لفاظي جو رجحان نهايت ئي نقصان ڪار آهي. اهو حقيقتن تي پردو وجهي ٿو. صحيح فڪر کان هٽائي ٿو. عمل جي ميدان کان پري ڪري ٿو ۽ ذهني مايوسي کي مضبوط ڪري ٿو. زبان درازي سان ٻانهون دراز نہ ٿينديون ۽ جيڪي لفظن جي لغڙن اڏائڻ جا ماهر هوندا، سي هوائي جهاز ڪيئن اڏائيندا! هيءُ دور علم جي ميدان ۽ حقيقت شناسي جي ميدان ۾مقابلي جو دور آهي. فقط مسلسل محنت، صحيح علم ۽ وڏي سوچ ۽ ويچار سان ئي ميدان سر ڪري سگهبو. ادب جي نظم توڙي نثر واري ميدان ۾ جيڪڏهن صحيح فڪر ۽ پيغام بدران محض لفظي پُلاءَ پچائبا تہ رڳو دماغي عياشي ميسر ٿيندي، باقي زندگي سنوارڻ وارن ارادن تي لٽ چڙهي ويندي.ايران توڙي هند ۾ مسلمانن جي زوال واري دور جي قصيدي ۽ غزل واري شاعري گهڻي ڀاڱي لفظن جو طلسم آهي، جنهن ۾ نلهين خواهشن جون عمارتون اڏيون ويون آهن. ان جي ڀيٽ ۾ صوفيانہ شاعري، جنهن جو سچل سائين بہ هڪ يا تہ پنهنجي حال جي يا تہ وري انسان ۽ خالق جي رشتي جي حوالي سان ڳالهہ ڪئي آهي. ان ۾ انسان لاءِ اعليٰ اخلاق جو سبق سمايل آهي".

اميد تہ اسان پنهنجن انهن ڏاهن جي ڏس ۽ ڳس تي هلي حقيق منزل ماڻينداسون.

سيما

صدارتي تقرير

(پير حسام الدين راشديءَ جي 1980ع ۾ ڪيل تقرير)

دوستو، عزيزو،

اها حقيقت آهي تہ هن درگاه تي تہ مان پهريون دفعو حاضر ٿيو آهيان ۽ اها مونهنجي سعادت آهي جو پنهنجي زندگي ۾ مان هتي پهچي سگهيس. مانهنجو دوست تنوير عباسي چوي ٿو تہ مان پرپور نموني ۾ پنهنجا معروضات پيش ڪيان. عرض هي آهي تہ وقت تمام گهٽو ٿي ويو آهي ۽ پرپور نموني ۾ يا مختصر نموني ۾ جيڪي گذارشون ڪرڻيون آهن، انهيءَ منجهؤن گهٽن تي تہ توهان سڀ منهنجا دوست روشني وجهي ويا آهيو. خصوصاً مانهنجي دوست حامي صاحب جيڪي ڪجهہ فرمايو، اُن سان مان بيحد متفق آهيان ۽ ايهو ضروري ٿو سمجهان، اسان جي قاضي علي اڪبر صاحب جو مسئلو عشق جو آ ۽ جتي عشق هجي اتي بحر طويل ۽ بحر هجز جو جيڪو ويجهو آهي سو نہ ايندو آ. ايهو بحث ڪٿ ۽ ويچار ڪئون مٿي آ، پر جن سنڌ جي فڪر ۽ ذهن کي موڙيو، جن تاريخ پيدا ڪئي، جنهن پنهنجو مقام پيدا ڪيو. اُهي فقط ٻہ آهن: هڪڙو شاه ۽ ٻيو سچل:

جيڪي ڪجهہ مانهنجا دوست هتي چئي ويا آهن. انهن سيني شين ڪئون سچل مٿي آهي، سچل بيحد ارفع ۽ اعليٰ آهي. مانهنجي دوستن نہ حلاج پڙهيو آهہ نہ عطار کي پڙهيو ٿن. نہ انهن جي تعليم جو ڪو مطالعو ڪيو اٿن. فقط سچل چئي ويو.ان جي

شعر ۾ ڏنئون. ان ڪئون پوءِ جو ڪو به انهن مطالعو به ڪيو آهه. مقصد منهنجو هي آهي تہ فقط سچل جو ديوان، مانکي ڪل ايندي آهي جڏهن مان اخبارن ۾ پڑهندو آهيان تہ "شاعر هفت زبان". بابا شاعر هفت زبان جو مطلب ڇا آهي؟ اڄ يورپ جون ڇوڪريون، ويهين ۽ پنجويهين ورهين جون، سورهن زبانون ڄاڻن ٿيون پيون ۽ ان ۾ لکن ٿيون پيون. هفت زبان ڪا بہ شيءِ دنيا ۾ اڄ نہ ٿيندي آ. تنهن ڪئون پوءِ سچل سواءِ سنڌي زبان جي باقي جيڪي ڪجهہ چيو اُهو خام آ. تنهن ڪري هن کي "هفت زبان" چئي ان جي مقام کي توهان هيٺ ٿا ڪيو. اسان جي ڊاڪٽر شميل آ، جنهن سچل تي پي لکيو آ ۽ شاه تي بہ، سورنهن زبانون ڄاڻي ٿي پئي ۽ سورنهن ۾ ئي لکي ٿي جنهن جو مطلب اهو آ ڇا تہ ڊاڪٽر شميل سچل سرمست کئون مٿي آ. سچل ستن زبانن ۾ چوي يا سترهن زبانن ۾، سچل جو مقام جيڪو آهي، سو انهن سيني کان بالا آهي هن جو ڪنٽري بيوشن (Contributions) فقط اهو فڪر آ، اهو فلسفو آ، اهو پيغام آ، جيڪو هن ڏنو آ پنهنجي ڪلام ۾. انهيءَ ڪي ئي اسان کي سوچڻ، پروڙڻ ۽ پر جهڻ ڪپي. مونکي معلوم آ، توڻي جو مان هتي ڪڏهين حاضري نہ ڏني آ. ليڪن مونکي معلوم آ، تہ پاڪستان کان اڳ ۾ هيءَ درگاه روشن هئي. هن تي بارنهن ئي مهينا مندل متو پيو هوندو هو. سيني مذهبن، سيني عقيدن، سيني فرقن جا ماٿهو هتي سجدو ڪندا هئا. هر هندوءَ ۽ مسلمان جي گهر سخي قبول محمد جي تصوير لڳل هوندي هئي. ايهو ڇا هو؟.

هاڻي مان هتي مزار ڏٺي آهي نماڻي فقير جي، جيڪا هندو مائي هئي. جنهن سچل سرمست جو رسالو هندستان ۾ مرتب

ڪيو. اٿئون لاش ڪٽايو اٿئين ۽ هتي پاڻ پورايو اٿئين. اهو ڇاهي؟ ايهو ڪهڙو فلسفو. ايها ڪهڙي شيءِ ۽ ڪشش هئي جنهن نماڻي فقير کي هتي دفن ڪرايو؟.

جيسين ايهو فلسفو. جنهن نماڻي فقير کي هتي دفن ڪرايو آ. ايهو اسان جي سنڌ جو فلسفو زنده آهي ۽ انهيءَ جي پيغام کي توهان زندهہ رکيو آ. تيسين هي ياد رکو تہ سنڌ زندهہ آ.

سنڌ جي افاديت ۽ سنڌ جو مختلف هجڻ ٻين جي مقابلي ۾ اهو فقط انهن شين ۽ علامتن منجهئون معلوم ٿئي ٿو پيو. سنڌ کي پنهنجو مخصوص هڪڙو پيغام آ. سنڌ کي هڪڙو فڪر عطا ٿيو. جيسين اوها شيءِ توهان کي حاصل نہ ٿي آ، انهيءَ کي نہ سوچيو ۽ سمجهيو ۽ انهيءَ کي فروغ يا انهيءَ کي نہ پکيڙيو آهي تيسين توهان جو فرض ۽ توهان تي جيڪي وطن جي طرفون جيڪي فرائض عائد ٿين ٿا، سي پورا ڪين ٿا ٿين.

توهان جو فرض آ. توهان ماڻهو اديب آهيو. توهان پڙهيل آهيو. هن دور جا منهندار آهيو. توهان جو فرض آهي تہ جيڪي ضرورتون ادب جون آهن. جيڪي توهان جا اسان جا بزرگ ڇڏي ويا آهن، انهن سيني جو شرح ان جو استحڪام توهان ڪيو. توهان کي ائين تہ نہ ڪرڻ کپي تہ ڪجهہ وقت تي اچي ٻهتوءَ ۽ چار لفظ ڳالهايو. تنهن کئون پوءِ ختم ٿيو قصو.

مونکي معلوم آهہ تہ سچل سرمست جو رسالو ايڊٽ ڪونہ ٿيو آ. تصحيح بلڪل ڪانهي ڪا. غلط آ جيڪو رسالو مرحوم انصاريءَ جو ڇپيو. يا جنهن جو ٻيو ايڊيشن هاڻي محمد ابراهيم جويي ڇپيو. اهو سو فيصد غلط آ. سرائڪيءَ ۾ جيڪو سنڌي ادبي بورڊ مولوي محمد صادق کان رسالو تيار ڪرايو اُهو

پي جعلي آ. حامي صاحب جيڪي چئي ٿو سو بلڪل صحيح آ. عشق جو مسئلو الڳ آ ته عشق ۾ ڪا شي نظر نه ايندي آ. صحيح ۽ غلط ڪابه پروڙ عشق ۾ ڪانه ايندي آ. اهو مقام ارفع ائون اعليٰ آهي. ليڪن جيڪڏهن حقيقتون اسان کي ڏسڻيون آهن ۽ جيڪڏهن واقعي ڪنهن مقام کي واقعي ڪنهن پڙهان ڪڙهان جي محفل ۾ ۽ مجلس ۾ سچل کي متعارف ڪرائڻو آ ته فقط "هفت زبان شاعر" چئي اسان کي متعارف نه ڪرائڻ کپي چاڪاڻ ته اها ڪا به ڪريڊٽ (Credit) ڪانهي ڪا. اسان کي هن جي تعليم جون جيڪي شاعري جون خوبيون آهن يا جيڪو فلسفو آ. عطار ڇا هو؟ حلاج ڇا آهي؟ ايهي سڀ هڪڙا پيغام هن. ايهي فلسفا هن. اهي دائمي قيامت تائين رهندڙ پيغام آهن. سچل اسان وٽ انهن جو شارح آ. ۽ سچل مان سمجهان ٿو ته ڪيترين ڳالهين ۾ اسان جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي کئون تمام گهڻو مٿي آ. هن لحاظ کان مٿي آ ته شاهه پنهنجو پيغام فقط پاڻ تائين محدود رکي ٿو ۽ پاڻ ئي ان جو شارح ۽ پاڻ ئي ان تي تڪميل ٿئي ٿي پئي. ليڪن سچل پنهنجي زماني کئون وٺي ويندي اڄ تائين. ۽ مونکي يقين آ ته هن کئون پوءِ به جيڪو سنڌي شاعري ڪندو اهو سچل جي پيغام کي اڳتي وڌائيندو. توهان جا ڪنڊڙيءَ وارا، بيدل، بيڪس، بيڙو فقير، فتح پور وارا يعني کهڙو شاعر آهي سچل کئون پوءِ جيڪو سچل جي تابعي نه آهي. سچل جي فلسفي ۽ فڪر کي هن پنهنجو نه ڪيو آ.

تنهن ڪري منهنجا دوستو: خبر ناهي پاڻ ۾ ملون يا نه ملون، مان توهان کي ايهوئي عرض ڪندس، مانهنجو پنهنجو تجربو ايهو آهي ته سچل تمام وڏو شاعر آهي. سچل جي لاءِ

توهان کي، شاهه تي، جي ڪو ڪم ڪونہ ٿيو آ. پر هن جوڪم از ڪم هڪڙي ايڊيشن جو هڪڙو حصو مرحوم گربخشاڻي اهڙو اسان کي ڏئي ويو آ جنهن تي اسان انحصار ڪري سگهون ٿا. يقين ڪري سگهون ٿا. انهيءَ کي مستند اسان چئي سگهون ٿا پيا. ليڪن سچل مرحوم جو ڪوبہ ايڊيشن ڪوبہ حصو ڪوبہ جزو صحيح ڪونهي ڪو. تنهن ڪري ادبي بورڊ جو چيئرمين هجي يا اسان جو سنڌالاجي جو ڊئريڪٽر هجي بهرحال انهن سڀني جي خدمت ۾، انهن تي منصبي فرض آ. جن جن عهدن تي اهي آهن انهن جو فرض آهي تہ اهي شيون جيڪي قومي آهن ۽ جيڪي شيون لازمي آهن ۽ هن وقت جي تقاضا آهن، انهن کي پورو ڪن اُهي ڪم هو ختم ڪرائين.

مان نهايت اڪير ۽ نهايت محبت سان هن سر زمين ۾ حاضر ٿيو هوس، مونکي اهو چيو ويو تہ هتئون جو ڊپٽي ڪمشنر صاحب، ميمڻ صاحب نهايت ذوق شوق ولي ٿي پيو، هن جي نسبت هو پاڻ اهل قلم ٿي رهيو آ، رسالي جو ايڊيٽر ٿي رهيو آ. انهي نسبت سان مان هتي آيس. نہ تہ هونءَ ڪهين بہ ڊپٽي ڪمشنر يا ڪمشنرن جي فرمان ۽ حڪم تي آءٌ نہ ايندو آهيان. پر مان ڏنم تہ هي مانهنجو ڪنهن زماني ۾ هم قلم سنگتي هيو. جيڪڏهن هو ڪم ڪرڻ گهري ٿو خيرپور ۾، ۽ هڪڙي ڦٽل درگاهه کي وري آباد ڪرڻ گهري ٿو پيو ۽ هڪڙو پيغام جيڪو وسري ويو آ ماٺهن ڪٿون، ۽ ممڪن آ جيڪڏهن اهو تساهل ۽ ايهو ويسارو رهيو تہ گهٽي حد تائين انهيءَ پيغام کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي ۽ ياد رکي ڇڏيو تہ جيڪڏهن سچل جي پيغام کي ۽ فڪر کي ۽ فلسفي کي نقصان پهتو تہ اهو انسان ذات جو هاڃو

آهي، اهو انسان ذات جو نقصان آ. سچل معنيٰ انسان ذات آ. سچل جو سچو اسلام آ. جيڪڏهن اسلام سلامتيءَ جو مذهب آ. جيڪڏهن ان ۾ انسان جي واسطي امن ۽ سلامتي ۽ راحت ۽ يڪسانيت آ تہ اُهو سچل جو مذهب آ ۽ اهو اسلام آهہ.

تنهن ڪري منهنجا دوستو. مان هتون جي نوجوان ۽ زنده دل ڊپٽي ڪمشنر کي عرض ڪندس تہ جناب عالي ڪيترا ڊپٽي ڪمشنر آيا ۽ ويا. توهان ڪئون پوءِ ايندا ۽ ويندا. هميشہ جيڪي ڪم ماڻهو يادگار طور ڪري ويندو آ. اهوئي ياد رهندو آ. ماڻهو اچڻا وڃڻا هن. اچن ٿا وڃن ٿا اها ڪابہ وڏي شيءِ ڪانهي ڪا. اسان وٽ حيدرآباد ۾ نياز مرحوم فوت ٿي ويو. ليڪن اسٽيڊيم ٺهرائي ويو. ٻيا ڪم ڪري ويو. اهي اڄ ڏينهن تائين ياد آهن. اسان جو ڊاڪٽر رضي الدين صديقي ڪنهن زماني ۾ اتي هيو، وائيس چانسلر، سنڌالاجي توهان کي ڏئي ويو ٺاهي. اڄ اها ياد اسان کي اچي ٿي پئي. تنهن ڪري منهنجا دوست توهان ممڪن آ تہ هتي گهڻو وقت رهو. خدا ڪري گهڻو وقت رهو. پر صبحاڻي ويندؤ بہ هليا. توهان کي محسوس ٿيڻ کپي تہ هتي ڪهڙين شين جي ضرورت آهي. توهان بہ محسوس ڪيو هوندو مان پڻ محسوس ڪيو. هي مانهنجو وطن آهہ. هن وقت سينٽر جيڪو آهي اسان جي سنڌ جو سو حيدرآباد اتفاق سان ٿي ويو آهہ، تنهن ڪري سڀي علمي، ادبي ۽ جيڪا بہ طباعتي ايڪٽوٽي اسان جي آ يا جيڪو عمل سو انهيءَ طرف ٿئي ٿو پيو، ۽ هتي هي جيڪو اپر سنڌ اسان جي ادب ۽ اسان جي ڪلچر ۽ اسان جي سياست ۽ اسان جي ٻين اقتصادي مسئلن ۾ وڏي ۾ وڏو پارٽ پلي ڪيو آهي، تنهن ڪري هتئون جو ويران ٿيڻ ۽ نابود ٿيڻ مان سمجهان

تو پيو نہ سنڌ جي بربادي آهي.

تنهن ڪري، توهان کي، مانهنجو عرض ايهوئي آهي تہ خيرپور ۾ توهان کي اڪيڊمي ناهڻ کپي، ۽ اُها انهيءَ بنياد تي ناهڻ کپي جنهن ساڻ تعلق اوهان جي ريڊيو اسٽيشن جو بہ هجي ۽ توهان وٽ مان پڌو آ تہ يونيورسٽي بہ نهي آ. يونيورسٽي جاتي هوندي آ اُتي علم جو مرڪز هوندو آ. اها ڳالهہ تہ اسان جي حيدرآباد واري يونيورسٽي بدعمليءَ ۽ جهالت جو مرڪز ٿي پئي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي، پر يونيورسٽي جو وجود علم جو مرڪز ٿيندو آهي، تنهن ڪري توهان وٽ يونيورسٽي آهي انهيءَ کي ٻي فعال بڻايو. جاتي يونيورسٽي ۽ ريڊيو اسٽيشن هجي، اُتي چو تہ محفلون ۽ مجلسون ٿين، چو تہ علم وڌي، چو تہ شاعر پيدا ٿين، چو تہ نوجوانن ۾ هڪ قسم جي جان ۽ زندگي پيدا ٿئي، ۽ تنهن ڪئون پوءِ خدا توهان کي وڏي قوت ڏني آ. اقتدار توهان جي هٿ ۾ آهي، عمل توها جي هٿ آهي. مان سمجهان ٿو جيڪڏهن توهان ڪئون پيو ڪونہ ڪو تڏهن بہ قدرت پيا ڪندي تہ توهان پيا ڪيو خيرپور ۾. ۽ توهان تي ايهو، ايمانداريءَ ساڻ ٿو مان چوان تہ بنان ڪنهن هن جي تہ توهان تي فرض آهي لکو هن لحاظ ڪان تہ توهان پاڻ لکندڙ ٿي رهيا آهيو ۽ اوهان کي قدر هوندو ۽ توهان کي محسوس ڪرڻ کپي تہ لکندڙن جي تقاضا ڇا ٿيندي آهي، هنن جون خواهشون ڇا ٿينديون هن، هنن جي تعريف ڇا آهي، انهيءَ نسبت ۽ انهيءَ رعايت ۽ انهيءَ لحاظ سان توهان کي مان عرض ڪندس، گهڻو وقت ٿي چڪو آهي تنهن جي ڪري زيادہ تفصيل ۾ مان کي وڃڻ جي ضرورت ڪانهي ڪا. توهان گهڻو ڪجهہ پڌي چڪا آهيو. بهرحال سچل تي ڪم ٿيڻ جي

ضرورت آهي. سچل سائڻ متعلق جيڪي ٻي شاعر هتئون جا رهيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن وقت اسان جي علي اڪبر درازي تي بہ تحقيق اسان کي ڪرڻي پوندي. ڇاڪاڻ تہ هيءَ بہ هڪڙي شخصيت آهي، جنهن جو تعلق آهي سچل جي درگاه سان. مطلب هي آ تہ انهن سڀني تي تحقيق ٿيڻ کپي. ٽيسزون اچڻ کپن. انهن جا ديوان، توهان کي هڪڙو يقين ٿو ڏياري ڇڏيان تہ سنڌي ادبي بورڊ ۾ جان نہ پوندي. هڪڙو دفعو جيڪا شيءِ مري چڪي هجي سا مري ٿي وڃي انهيءَ ۾ وري مئل مڙهہ کي مکڻ لائڻ سان بہ ساهہ نہ پوندو. تنهن ڪري توهان کي، نئين سر، هتي، مقامي حالتن کي مد نظر رکندي، محنت ڪرڻي پوندي.

مان سکر کان وئي، ويندي خيرپور تائين بي انتها ڪجين جا باغ ڏٺا آهن. ۽ انهن ۾ ايترو ڦر ڏنو ٿم جو جيڪڏهن ڪجيءَ جي هڪ وڻ تي هڪ ربيو رکو تہ مان ڀانيان ٿو تہ سيئي توهان جون علمي ضرورتون جيڪي آهن، سي پوريون ٿي سگهن ٿيون. ۽ ياد رکو هڪ هڪ ڏينهن اسان جو، اسان سڀ وڃڻ وارا آهيون. عمريون اسان جون چڙ اچي ٻيڙيون ٻني تي لڳيون آهن.

نئون نسل پيدا ٿي رهيو آهي. هڪڙو وڃي رهيو آ. ٻيو اچي رهيو آهي. هن وقت بي انتها ضروري آهي تہ توهان هر مسئلي ۾ الرٽ رهو. ۽ هر شيءِ کي پنهنجو ڪري انهيءَ کي وڌايو.

خيرپور، توهان کي معلوم هجڻ کپي تہ سنڌ جي سياست، بلڪ هندستان جي سياست ۾ نمايان حيثيت رکي ٿي. هتئون جا وزير، هتئون جا امير تشڪيل ڏيندا هئا سنڌ جي سياست کي. هندستان جي سياست کي. توهان اسان جي ڪتابن ۾ منهنجي پاءُ جي ڪتابن ۾ شيخ عبدالقادر جون يا ٻين وزيرن

جون يا ٽالپورن جون ڪيفيتون پڙهيون هونديون. سچو توهان جو سنڌ محمدن ايسوسيئيشن، سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ، مسلم ليگ. هي سڀ تحريڪون، انهن جي رهنمائي خيرپور ڪئي آهي. ادبي تحريڪون. توهان کي تعجب لڳندو دين الاهي جي تحريڪ بہ هتئون ئي هلي هئي. مولوي محمد صادق مرحوم اسان جي مير علي نواز جي لاءِ تيار ڪيو هو قصو ايهو. ۽ عشق جو تہ وڏي ۾ وڏو مرڪز خيرپور رهي آهي. سچل سرمست، مرحوم بالي، علي نواز ناز. اهي سڀ شيون اُهي آهن جيڪي سنگ ميل آهن اوهان جي ڪلچر ۽ تهذيب جو. توهان انهن کي وساري نٿا سگهو پيا، يا جيڪڏهن توهان گهرو ٿا پيا تہ انهن سيني کي پاسي ڪري ۽ تنهن ڪئون پوءِ توهان ڪا حيثيت ۽ شخصيت قائم رکو تہ مطلقاً نہ. قومن جي، وطن جي، شهرن جي شخصيت چند اصولن ۽ چند بنيادن تي انحصار رکي ٿي پئي. ۽ اِهي اُهي بنياد هن. جيڪي اسان جي تهذيب اسان جي تمدن ۽ اسان جي ڪلچر جا آهن. ۽ توهان جنهن صورت ۾ حڪومت جا نمائنده آهيو ۽ ظاهر تہ اسان جا پي، تہ توهان تي فرض اهو آهي تہ توهان مهرباني ڪري هتي سوسائٽي، اڪيڊمي قائم ڪريو ۽ انهن ۾ پروگرام رٿيو، جيڪي جيڪي ضرورتون آهن. جن شاعرن تي توهان کي تحقيق ڪرائڻي آهي. ۽ ديوان مان سمجهان ٿو يا ڪلام جيڪو آهي. اسان جي دوست شڪايت ڪئي تہ ڪونهي ڪو، آهي، مائهن وٽ موجود آهي، ڳولها ۽ ضرورت ٿئي ٿي اها شيءِ خدا ميسر ڪري ڏئي ٿو پيو ۽ اهي سڀ شيون ملي سگهن ٿيون پيون. آخر جنهن وقت گربخشاڻي مرحوم خدا جنت نصيب ڪري ان کي ڪري، مان پانيان ٿو پيو مولوين جي اعتقاد مطابق گربخشاڻي کي بهشت نہ

ملندو ڇاڪاڻ تہ هندو هو. پر مان سمجهان ٿو پيو تہ قطعاً اسان سيني ڪئون اگ ۾ بهشت ۾ هليو ويندو. ممڪن آ تہ مولانا قاسميءَ ڪئون بہ اگ ۾ هليو وڃي!

مطلب هي آ منهنجو تہ جڏهن مرحوم گربخشانيءَ ڪم شروع ڪيو هو شاهہ جو تڏهن بہ هن کي ڪا خبر ڪانہ ٿي پئي تہ ڪيترا رسالا شاهہ جا آهن. انهيءَ وقت پنج ڇهہ لڌا. اڄ ٽيهہ. پنجٽيهہ نسخا لڌا هن شاهہ جا ۽ ايترا گهٽا هن. جو اسان جي پڙهڻ لکڻ کي هاڻي ايترو عقل نٿو اچي تہ ان کي ڪيئن سموهي سگهن. ڪيئن انهن جي تصحيح ڪن. تنهن ڪري اسان وٽ مواد جي ڪمي ڪانهي ڪا ۽ مان سمجهان ٿو جذبو ۽ شوق بہ آهي پر انهيءَ شوق ۽ جذبي کي چئنلائيز ڪرڻ جي ضرورت آهي. جنهن لاءِ مان توهان کي گذارش ٿو ڪيان پيو. انهن پراڻي نسبت جي ڪري جيڪا لکندڙ جي حيثيت ۾ توهان کي حاصل رهي آ. ۽ اهو وڏو اعزاز آ. ورنہ بحيثيت ڊپٽي ڪمشنر جي تہ ڪيترا ايندا ۽ ڪيترا ويندا.

بهرحال، توهان تي حق ۽ فرض آ. هن سرزمين جو بہ ۽ هونءَ سنڌ جو بہ، تہ توهان هتي جيترو وقت آهيو. ڪجهہ ڪيو. ۽ هتي پڙهيل لکيل ماڻهو بہ تمام گهٽا هن. پيسي وارا بہ آهن. خود ٽالپور جيڪي هن رياست جا مالڪ ٿي رهيا هن. انهن وٽ بہ پيسو جام آ. تنهن ڪري پيسي جي ڳڻتي توهان کي نہ هجڻ ڪپي ۽ پيسو ملي سگهي ٿو پيو. همت ڪري خدا تي توڪل رکي. جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندؤ انشاءَ الله ڪاميابي ٿيندي. ممڪن آهي توهان ۽ اسان پوءِ ههڙي ڪچهريءَ ۾ نہ ملي سگهون. پر مانهنجون اهي توهان کي گذارشون آهن. ۽ مان توهان سيني جو

شڪر گذار آهيان. توهان جي حالتن کي ڏسي مايوس ضرور ٿيٺو ٿو پوي.

مطلب هي آهي تہ خدا ڪندو ملندا رهنداسي. ميلا ٿيندا رهندا. پر بهرحال هر ملاقات کي هميشہ مسلمان کي گهرجي تہ آخري ملاقات سمجهي. ممڪن آ پوءِ وري ملي يا نہ ملي. تنهن ڪري گذارش اها ئي آ. جيڪي مان توهان کي عرض ڪيا آهن. تہ تنوير عباسي يا اسان جي ٻين دوستن تي پي، پر مان سمجهان ٿو پيو تہ جيڪو اوهان سيمينار شايد ڪرڻ ٿا گهرو پيا. سيپٽمبر يا آڪٽوبر ۾. انهيءَ اڪيڊمي تيار ڪرڻ ڪان پوءِ انهيءَ سيمينار کي توهان گهرايو. توهان هتون جي وائيس چانسلر کي بہ جهنجهوڙيو، آخر يونيورسٽي آ. آخر پنهنجي زندگيءَ جو ثبوت ڇو نہ ٿي ڏي اجا. حيدرآباد جي جيڪا اسان جي يونيورسٽي آ. انهيءَ جو خدا ڪري ڪنهن کي مثال نہ بڻجڻ گهرجي . انهيءَ جي تقليد ڪابہ يونيورسٽي نہ ڪري. هن کي توهان جدا لائينس تي هلايو، ۽ يونيورسٽيءَ ۾ بہ جان وجهو. ۽ توهان جيترو وقت رهو تہ معلوم ٿئي تہ هتڙي نوجوان رهي ٿو پيو.

انهن لفظن سان مان توهان سڀني جو شڪريو ادا ڪيان ٿو پيو، ۽ ايمانداريءَ جي ڳالهہ تہ مان پنهنجي سعادت سمجهان ٿو جو هن سر زمين تي توهان مانکي گهرايو. مانکي هن درگاه جي زيارت ڪرائي آ. اهو مانهنجي لاءِ وڏو اعزاز ۽ سعادت آهي. خدا توهان سڀني کي خوش رکي، الله توهان کي خوش رکي.

•

سرمست . ٢
1982ع

صدارتي تقرير

(پير حسام الدين راشديءَ جي 1981ع ۾ ڪيل تقرير)

جناب غلام محمد صاحب، منهنجا دوست تنوير صاحب ۽ عزيز دوستو.

اردو، فارسي ، سنڌي ۽ ٻين زبانن ۾ منهنجي قابليت جي تشهير ڏيئي مانکي ٻہ هفت زبان ثابت ڪرڻ گهري ٿو پيو، تنوير صاحب، ۽ مان ڏسان ٿو تہ هتي توهان وٽ هفت زبان ڪنهن کي چوڻ، يعني هن جي انتهائي قابليت جو دليل شمار ڪيو وڃي ٿو پيو.

بهرحال، توهان ٻہ اڄ تقريرون ٻڌيون. مانکي ٻيو دفعو آهي ۽ اها سعادت آ منهنجي لاءِ جو هن درگاه تي آيو آهيان، ۽ سيني ۾ توهان هيءَ ضرورت محسوس ڪئي تہ سچل تي ڪم ڪونہ ٿيو آ، ۽ اها حقيقت آ مان اڳين دفعي ٻہ توهان کي عرض ڪيو هو تہ ڪم ڪونہ ٿيو آ. جنهن نموني رسالا ڇپيا هن، تن مان ڪن جي اسان کي ذاتي طرح خبر آ، بهرحال جو ڪجهہ ڇپيو آ سو اعليٰ نور آ، ليڪن سچل تي تحقيق ڪرڻ جي ازحد ضرورت آ ۽ انهيءَ جي سيني مقالن ۾ مانهنجن دوستن شدت محسوس ڪئي آ. مان سمجهان ٿو تہ توهان جي خيرپور جو علم دوست ڊي . سي صاحب انهيءَ شيءِ جو احساس ڪندو ۽ اڳي ٻہ مان توهان جي خدمت ۾ ۽ سنڌن خدمت ۾ عرض ڪيو هو تہ لوئر سنڌ ۾ ڪم تمام گهٽو ٿيو آ. اتي مختلف ادارا آهن، اتي ماڻهن جي نشونما تي

آ. اتي اديب پيدا ٿيا آهن. اديبن کي آئوٽ ليٽ مليو آ. ۽ جيسين اسان جي اديبن کي رستو ڪونهي ڏکو ۽ پنهنجي جذبات جي اظهار ڪرڻ جو ڪو ابلاغ ڪونهي ڪو. تيسين ڪا به شيءِ نسري ڪونه ٿي سگهي.

تنهن ڪري هتي هي ميلا آئون ملاکڙا سون آهن. اهي اڄ ڏان وهه پنجويهه سال اڳ ۾ هر سال ٿيا بلڪ سچل جي درگاهه کئون پوءِ غلام محمد صاحب ۽ ٻين دوستن انهيءَ کي توڙي وري نئين سر ڪيو آ: پر بهرحال اهو نيڪ آ. ميلا نيڪ آهن پر جيڪو دور توهان جي سامهون اچي رهيو آ. اهو فقط ميان ملاکڙن جو ذهني. هڪڙو نهايت سنجيدي ذهن وارو دور اچي رهيو آ.

توهان کي ياد رکڻ کپي ته اسان جو نوجوان جيڪو اسان پيدا ڪيو آ. جيتوڻيڪ اسان ڳائي گيهه جي ايج جي پيداوار آهيون. پر اڄوڪو نوجوان ايٽمڪ ايج جي دور جي پيداوار آ. اهو وڏو ذهين آ. وڏو سمجهدار آ. اسان کئون ڪيئي ڪوهه اڳتي آ. هن جو فهم، هن جي فراست، هن جي سوچ.

جيئن مانهنجي محبوب دوست مولانا قاسمي، وري چوندو ته حملو ٿو ڪري مانتي، جيئن اڄ ڪلهه پيشو اختيار ڪيو اٿن ته به ڪلام مجيد جا ورق ڇپائي ڪنهن ڊپٽي ڪمشنر کي سڏي اهو ڏيکاري وري ڇهه مهينا ڪڍي ٿا وڃن. سيرت نمبر ڇپي ٽوٽين چار سال رسالو نه نڪري، پر سيرت نمبر ڇپي. ڪنهن وزير کي سڏي اهو ڏيکاري وري ٻارهن مهينا آرام ڪن. انهيءَ قسم جو زمانو قطعا نه آهي، ماڻهو پڇن نه ٿا، چون ٿا اها ٻي شيءِ آهي ليڪن ماڻهو سڀ سمجهن ٿا.

توهان جا هي مرڪز، ياد رکي ڇڏيو ته قومون نه

حڪومتن تي مدار رکنديون آهن نہ جاين، عمارتن ۽ پين عظيم الشان تعميرن تي آبرو ۽ عزت مند ٿينديون آهن. قومون هميشہ فنڪارن، سائنسدانن، مفڪرن ۽ شاعرن جي آڌار تي دنيا ۾ عزت پائينديون آهن. مانکي ياد آهي جنگ جي زماني ۾ جيڪا ٻي جنگ ٿي تڏهن هڪڙي ملڪ جڏهن ان ۾ جنگ شروع ڪئي تڏهن پنهنجا سچا فنڪار، پنهنجا سچا شاعر ۽ سائنسدان ملڪ جي هڪ اهڙيءَ ڪنڊ ڪڇي وڃي محفوظ ڪيا. جاتي جڏهن صفا ملڪ تباهہ ٿي وڃي، تڏهن اوستائين دشمن پهچي سگهي. هنن چيو تہ پئي هي اسان ساڻ ڇاهي؟ هنن چيو تہ بابا، ماڻهو هر وقت ماءُ ڄڻي سگهي ٿي پئي. فنڪار ۽ اهل فن ۽ هنر ۽ شاعر ۽ فلاسفر اِهي روز روز پيدا ڪونہ ٿيندا. توهان وٽ شاه ڪئون پوءِ ڪو پيو شاهہ آيو آهي؟ سچل ڪانپوءِ ڪو پيو سچل پهتو آهي؟ صدين ۾ ڪو هڪڙو ماڻهو پيدا ٿيندو آهي. جيڪو پيغام آڻيندو آهي ۽ قوم کي بيداري ڏيندو آهي ۽ قوم کي هڪڙي دولت بخشي ڇڏيندو آ، دائمي ۽ ابدي.

زمانو بيحد ڏکيو ٿو اچي. توهان کي ياد رکڻ کپي تہ حڪومتن جي ذريعي انتظام تہ امڪان آهي تہ هلي سگهي ٿو ليڪن مذهب قائم رهي نٿو سگهي. مذهب ٿهلجي ها تہ اڳ دهليءَ ۾ يا هندستان ۾ هندن جي مينارتي قطعاً نہ هجي ها. اٺ سو ورهيہ هتي مسلمانن حڪومت ڪئي آ. مذهب يا انسانيت يا اوچو اخلاق ۽ انساني وحدت هنن صوفين ۽ بزرگن جي ذريعي آئي آهي. ۽ انهن جي پيغام تي توهان قائم رهو.

صوفي سچل سرمست هو يا مست الست هو. ڪو انهيءَ سان واسطو ڪونهي زمانو اهڙو ڏکيو اچڻ وارو آهي جو انهيءَ

شيءِ کي ڪو ڪونہ ليکيندو. تنهن ڪري هن جو جيڪو پيغام آحي. هن جيڪا دولت توهان کي ڏني آهي. جنهن بناءِ تي توهان اڄ اڄي هت ڪٺا ٿيا آهيو. انهي جي سلسلي ۾ توهان کي پورو پورو قدم اڳتي وڌائڻ کپي.

مان اڳي ٻي توهان کي عرض ڪيو هو تہ انهيءَ شيءِ جي لاءِ توهان وٽ اڪيڊمي جو هجڻ بيحد ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو بيحد مشڪل آ. ايڏو وڏو اسڪوپ آهي ايڏو وڏو ڪم آهي جو امڪان ڪونهي. مان ڪئون هڪڙي دفعي هڪڙي وڏي بزرگ ۽ شفيق دوست خدا بخشيندس هاٽي مرحوم تي ويو آهي پڇئين، سنڌ تي اجا حسام الدين گهٽو ڪم آهي؟ مان ڇيو سائين جيڪڏهن سو ماڻهو هجن ۽ سو ورهيہ ڪم ڪندا رهن تہ سورس متيريل فقط ڇپجي، سنڌ جو، انهيءَ جي لاءِ ناڪافي آهي! تنهن ڪري انهيءَ منجهائون اندازو ڪيو تہ ڪيڏو ڪم آهي. منهنجو عرض اهو آهي تہ ايڏو وڏو اسڪوپ آهي توهان وٽ ٻہ ادارا يا ٽي ادارا ڪنهين ٻہ حالت ۾ ڪافي ٿي نٿا سگهن پيا توهان کي هتي سچل اڪيڊمي ۽ خدا جي واسطي انهيءَ سان سرمست جو لقب نہ ڏجو، ڇاڪاڻ تہ سرمست جي ٻہ معنيٰ جي نڪا توهان کي خبر آهي ۽ نہ انهيءَ جا جيڪي مفهوم آهن اُهي توهان سمجهي سگهو ٿا. توهان سمجهو ٿا تہ سرمستي هڪڙي خدا وٽ پهچڻ جو ذريعو آهي. قطعاً غلط آهي. سچل سرمست جو قائم رکڻ ۽ شاه لطيف کي قائم رهڻ ۽ شاه عنايت کي سنڀالڻ، ايهو توهان جو، جيڪڏهن غيرتمند قوم آهيو ۽ زنده آهيو ۽ جيئرا رهڻ ٿا چاهيو تہ انهن کي قائم رکو. ڇاڪاڻ تہ اهي مرڪز آهن توهان جي زندگي جو، توهان جي وحدت جو، توهان جي تاريخ جو. فقط

انهن ساڻ زنده رهي سگهندؤ. انهيءَ کان علاوه توهان کا شيءِ ڪونهيو.

تنهن ڪري منهنجا دوستو! مان اڳي پڻ عرض ڪيو آهي تہ اپر سنڌ صفا خالي آهي ۽ ڪم ڪرڻ جو ميدان تمام وسيع آهي. مانکي افسوس آهي. چوڻ جي لاءِ گهڻو مواد آهي پر هاڻي اسان پوڙها ماڻهو. بئٽري ڊسچارج ٿي چڪي آهي. چار ڪلاڪ ويهاري ويهاري توهان بہ ٿڪا آهيو. تنهن ڪري مختصر عرض ڪندو ٿو وڃان سرسري عرض ڪندو ٿو وڃان توهان کي انهن شين تي سوچڻ گهرجي، جڏهن توهان کي فرصت ملي.

سچل پنهنجي سر هڪڙو ماڻهو ڪونهي ڪو. سچل هڪڙو پيغام آ جيڪو هتي سون شاعرن انهيءَ تي عمل ڪيو آ ۽ پنهنجو ڪلام چيو. انهن سينني تي توهان کي تحقيق ڪرڻ گهرجي. خود سچل جي سوانح تي اڃا تائين تحقيق ٿيل ڪانهي ڪا. مانکي ياد آهي چڱي طرح تہ مرحوم گربخشاڻي جڏهن شاهه جو رسالو شايع ڪيو؛ جڏهن پهريون دفعو آرائش ۽ تزئين جي لحاظ سان آغا صوفي مرحوم، جيڪو هتئون جي درگاهه جو ايترو ئي عقيدتمند، ايترو ئي عاشق ۽ ايترو ئي وارفتہ ۽ جان فدا هيو، جيئن اسان جو اڄ علي اڪبر درازي ڏسو ٿا پيا. انهين ويچاري تمام سٺي نموني رسالو شايع ڪري ۽ هيءَ تسڪين ڏيڻ دل کي گهري تہ گويا گربخشاڻي جي مقابلي تي هن شايع ڪيو هو سچل جو رسالو.

ازاين قسم جڏهن اسان شايع ڪيو هو مرحوم انصاريءَ جو رسالو تڏهن مونکي ياد آهي تہ هن مرزا علي قلي بيگ جو يا ٻئي ڪنهن جو رسالو بهترين ڪاتب کئون نقل ڪرائي، سهڻو

جلد ٻڌرائي، سنڌي ادبي بورڊ ۾ پاڻ ٻي ميمبر هيو ۽ ظاهر آهي جيئن ميمبر ميمبر جي پرده پوشي ڪري ٿو پيو. اهو عيناً نقل آهي جيئن اسان جي پهرين دوست نهايت خوبصورت ۽ نهايت فڪر انگيز ۽ مانڪي واقعي خوشي ٿي آهي ته خاموشيءَ سان ڪيترو ڪم ٿي رهيو آهي. اهو اسان ڪن مجبورين جي هيٺ انصاريءَ جو شايع ڪيو هو. جيڪو اڄ تائين هليو اچي ٿو پيو. اهو ڪو تحقيقي ڪونهي ڪو، نه انهين کي مستند نسخو چئي سگهجي ٿو.

اها شيءِ بلڪل غلط آ ته سچل جا نسخا نٿا ملن. توهان ڳولهيا ڪاٿي آهن؟ هن تر ۾ جيڪڏهن توهان قديم لئبرريون ڏسندو ته ضرور توهان کي نسخا ملندا. جڏهن اسان جي گريخشاڻي ڪم شروع ڪيو، تڏهن ٻه ٽي نسخا معلوم ٿي سگهيا هيس. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جڏهن ڪم شروع ڪيو، جيڪو افسوس آ مڪمل نه ٿي سگهيو ته ڇتيهه نسخا هن کي شاه جا مليا ها. ته توهان وٽ جڏهن ڪو ادارو نهي ٿو. توهان وٽ اهو مستقل آ ۽ اُنهي ۾ جان آ ۽ انهين ۾ ماڻهو فداڪار يعني ڪم ڪندڙ آهن ته توهان کي ڪيترا نسخا هن تر منجهئون ملندا. ۽ انهن تي توهان ڪم ڪري سگهو ٿا. جان الله شاه رضوي تي ڪم ڪونهي ٿيل. بيدل بيڪس تي ڪونهي. ٻيڙي فقير تي ڪونهي. ٻيڙي جي درگاه مان وجي ڏٺي آ. سندس سجاده نشين نهايت نازڪ نفيس جيئن سنڌي ۾ چوندا آهن ڊبل وانگر، سڀ صحيح ليڪن ته ان جو ديوان ۽ ان جي سوانح شايع ٿئي. يعني تعجب آهي ته ٻيڙي فقير ۽ سندس والد جو نالو ملي ٿو پيو. پوٽو پڙپوٽو يا سندس ڏهٽا موجود آهن ليڪن ڏاڏي جو نالو ناهه. هاڻي

اهي سچيون شيون آهن.

شڪارپور جو شهر توهان وٽ بيحد تاريخي ۽ هن وقت مانڪي معلوم آهي تہ هن ۾ قيمتي ذخيرو ۽ نسخا ۽ فرامين تاريخ جا موجود آهن. روهڙيءَ جي شهر جو هرهڪ گهر پريل آهي تاريخي نسخن سان ۽ تاريخي آثارن سان. اُهي سچيون شيون توهان جي ملڪيت آهي ۽ توهان جي آدميت توهان جي عزت ۽ توهان جي ملڪ جو بقا ۽ قيام جيڪو آهي، اهو انهن شين تي آهي.

هن ڪنئون اڳتي دنيا اها نہ ڏسندي تہ سچل پنج وقت نماز پڙهندو هو يا ڏهہ وقت يا مورڳو پڙهندو ئي ڪونہ هو، يا ڀنگ پيئندو هو يا چرس ڇڪيندو هو يا عابد زاهد هو. انهيءَ شيءِ کي قطعاً تسليم نہ ڪندي. زمانو اهڙو ڏکيو ۽ تيزيءَ ساڻ اچي رهيو آ. ايڏي تيزي ساڻ اچي رهيو آهي جو توهان تصور بہ نٿا ڪري سگهو. انهيءَ ايٽمڪ ايج ۾، انهيءَ ۾ جيڪڏهن ڪا بہ شيءِ توهان کي قائم رکي سگهندي ۽ آبرو مند بڻائيندي تہ اهو فقط اها شيءِ آ، جيڪا بزرگ اوهان جا يا بحيثيت انهن جانشين جي پيدا ڪري ويا، ڏيو ٿا ايندڙ نسل کي: ايئن نہ ٿئي جو ايندڙ نسل، جيڪو اسان جو ٿئي، توهان ڪان نهايت واضح ذهن آ ان جو ۽ ان کي هڪڙو نصب العين آ اڳيئون. اهو پڇاڙيءَ ۾ اسان تي لعنتون وجهي ۽ اسان تي يعني چار قل بہ نہ پڙهي! اهو ڇوڻ غلط آ. زندگي بيحد معمولي ۽ حقير آ، انهن جي ڪا بہ قيمت ڪانهي ڪا. انهيءَ کي قائم رکڻ جي لاءِ ماڻهو در در جا جانا ڪري، وقت ضايع ڪري، قومي خزانو اڪارت ڪري ۽ انهيءَ ڏوڪي بازيءَ ڪئون ڪم وٺي. مان سمجهان ٿو انهن ڪئون، جيئن اڳي

منهن ڪارو ڪري گڏه تي چاڙهي شهر ۾ ڦيرائيندا هئا. پنهنجو پاڻ کي ماڻهو سمجهي ۽ پنهنجي گناهن جي دامن پرپور ڏسي پاڻ کي ـ ائين ڪري.

اهو ڌوڪو، اهو فريب، ممڪن آ تہ ڪجهہ وقت تائين مهلت ڪنهن کي ڏئي بہ سگهي، ليڪن وقت ايڏو گذرندو تہ وڃي پيو، جو وقت تہ توهان موٽائي ڪونہ سگهندو نہ؟ ۽ آخر توهان کي مرڻو آ. آبرو چا ٿيندي آ، پئسو چا ٿيندو آ. انهيءَ کي ڪو ٽڪ بہ ڪونہ هٽي. انهن جي لاءِ ماڻهوءَ کي خدا ڪونہ خلقيو آ. ڪنهن ڪم ۽ مقصد جي لاءِ خدا خلقيو آ.

تنهن ڪري منهنجا دوستو! هاڻي ڏسان ٿو تہ ڪو ڪتاب جو جهلڪو ٿو وڃنو هٽي، ڪو پلؤ ٿو پاڻکي وڃنو هٽي، پگهر ۽ پسينو. بک بہ لڳي هوندي. جيڪي روزائت نہ هوندا. خدا ڪري سڀني کي روزو هجي. پر بهرحال، مان هاڻي توهان سڀني کان اجازت ٿو وٺان پيو. ڳالهيون ـ جڏهن يار گڏجن ٿا، جڏهن دوست گڏجن ٿا. تہ گهٽيون ڪرڻ جون آهن. ليڪن هاڻي نہ وقت آ ۽ نہ مان سمجهان ٿو مناسب آ. مان چند معروضات اوهان جي آڏو رکيا آهن. يونيورسٽي توهان وٽ فعال هجڻ کپي. يونيورسٽيءَ ۾. توهان انهن کي فعال ڪيو. سچل اڪيڊمي ناهيو. يونيورسٽيءَ ۾ سچل چيئر رکو. جتي خود تحقيق ۽ تخليق ٿئي انهن سڄي پراجيڪٽ تي. پيو توهان کي مان صاف عرض هي ٿو ڪري ڇڏيان، خبر ناهي تہ هيءَ درگاه اوقاف جي حوالي آهي يا مالڪن جي حوالي آهي؟ حافظ شيرازيءَ جو هڪڙو شعر آهي، غلام محمد صاحب، تہ:

فقيه مدرسه دي مست بود و فتويٰ داد
مئي حرام و ليکن به ز مالِ اوقاف ست

شراب حرام آهي پر اوقاف جي مال کئون وري بہ چڱي شيءِ آهي.

اوقاف جيڪا عقوبت اسان جي مڪليءَ جي تاريخ سان ڪئي آهي. خدا شاهد آ تہ انهن تي جيڪڏهن ڪو ملڪ ۾ اهو داد فرياد ڪو حاڪم هجي تہ انهن تي انهن ماڻهن، اوقاف جي تجاوز ۽ ڏاڍ تي دانهنجي!

يعني جن قبرن تي ڪتبا هئا انهن جي ريپئر ۽ انهن کي اسلامي رنگ ڏيڻ لاءِ ان جي اصلي ـ ۽ اهو ياد رکي ڇڏيو تہ تاريخي جاين جو حقيقت مٽائڻ، اوريجنلٽي کي تباه ڪرڻ اهو تاريخي هاجو آهي ـ هتي ان جو رنگ سائو ڏنو آ، ڇاڪاڻ تہ حضور جن جي روضي جو رنگ سائو آ، تنهن ڪري هر وليءَ جي قبر سائي هجڻ کپي. بابا هرون ڀرون توهان ڇو ـ

هڪڙي ڪنهن دوست چيو تہ ڏندو پيو آ يار محمد جي مقبري تي، ڀائي ڏندو تہ اجا ڪنهن جي بهادريءَ جي نشاني ، پيو آ قلندر لعل شهباز سيوهاڻيءَ تي. هر عورت ۽ مرد وجي ٿو ان کي چمي ڏي. اهو ڇاهي؟ ۽ انهيءَ نموني سان توهان عزت آبرو ۽ اها سڄي غلط ڳالهہ آهي. ـ سڄيون تاريخان مٽائي ڇڏيون ٿئون رنگ ڏيئي ۽ انهن جي چوڌاري ڪنهڙا ڪديا ٿئون جيڪي نہ ها ـ شاهجهاني مسجد حالانڪہ شاهجهاني آ پر بهرحال شاهجهاني آهي. انهيءَ جي ريپئر ڪرائڻ ۽ ان تي پنهنجي يعني حسن خدمتي ڏيکارڻ لئہ صفا قطعاً تباهہ ڪري ڇڏيو ائئون. هاڻي در ڀي ڏسندؤ ليڪن ڪاشي ڪانهي.

تنهنڪري توهان کي مان هڪ عرض ڪري ٿو ڇڏيان ته مانهنجو تجربو اوقاف جو - جيڪو حافظ جو شعر مان ڏسيو مانوَ، شراب بيشڪ پيئو ليڪن اوقاف جو مال نه کائو! اهو توهان اوقاف وارن کي ٻڌائي ڇڏيو.

ته سچل سرمست جو روضو پنهنجي ساخت. مان ڀي سڄي دنيا ڏٺي آهي. اسلامي ۽ انهيءَ جي آرڪيٽيڪچٽ جو مطالعو ڪيو اٿم. مانهنجو سبجيڪٽ ڀي آهي، اهڙي يعني خصوصي حيثيت رکي ٿي پئي تعمير ۾، ۽ هندن جي وڃڻ کنئون پوءِ اها ڍهي خراب ٿيندي ۽ زبون ٿيندي پئي وڃي، انهيءَ جي رپيئر نٿي ٿئي. مان توهان کي عرض ڪندس ته توهان اڪيڊمي ٺاهيو جڏهن وٺيو ٺاهيو، توهان مالڪ آهيو. مگر روضي جي نه نهڻ ڪري جيڪو نقصان پهچندو، انهيءَ جو اندازو آئنده نسل اچي ڪري سگهي ٿو پيو. ممڪن آ اسان کي نه ٿئي. ليڪن اوقاف جي ذريعي هن جي رپيئر ڪنهين حالت ۾ نه ٿيڻ کپي! ڇاڪاڻ جو اهو رهيل کهيل نور به هن جو وڃائي ڇڏيندو. تنهنڪري آرڪيالاجيءَ جي ذريعي يا ڪم از ڪم انهن جي سپروين ۾. هي روضو تعمير جي لحاظ کان توهان سڄي سنڌ گهمو پنهنجو مثال پاڻ آهي.

اهو غلط آهي ته ڪوٽ ڏجي ميرن ٺهرايو يا رني ڪوٽ ميرن ٺهرايو. بابا ميرن جنگ کهڙي ڪئي جنهن جي لاءِ انهن اڏاوتن جي ضرورت هن کي هئي! ڀائي خيرپور ۾ فيض محل ڪانسواءِ ته مير سڄي پنهنجي حڪومت ۾ ڪا عمارت نه ٺهرائي سگهيا! حيدرآباد ۾ غلام شاه ڪلهوڙي جي ڪوٽ ۾ اچي ويٺا! ڀائي رني ڪوٽ کي، ڏجي ڪوٽ کي ٺهرائڻ جي هن کي کهڙي

ضرورت هئي؟

تنهنڪري، اهي سطحي مسئلا آهن تہ سچل سرمست هو يا الست هو. يا نماز پڙهي ٿئين يا نہ. اهي سطحي شيون آهن. اهي مولانا غلام مصطفيٰ تي ڇڏي ڏيڻ کپن.

ليڪن بهرحال هن جي ريپئر ۽ هن روضي جو تحفظ: اهو توهان کي سڀ کئون اول ڪرائڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ مان ڏسان ٿو ڊڪرندو پيو وڃي.

باقي رهيو سوال اهو تہ ـ مولانا غلام مصطفيٰ ـ توهان کي معلوم آ تہ هي اسان جو وڏو معتبر ۽ معزز، محترم اسان سيني جي لاءِ آهي. سندس قول اهو آهي يا راءِ اها آهي تہ سچل جو انتقال هن مهيني ۾ ۽ هنن ڏينهن ۾ ڪونہ ٿيو هو. تحقيق طلب اها ڳالهہ آهي تنهنڪري مان انهيءَ شيءِ کي اسان جي علي اڪبر درازي تي ڇڏيان ٿو يعني مولانا جو چوڻ اهو آهي تہ سياري جي موسم هئي اِها ممڪن آ • يعني گرمي هجي يا سردي هجي، اسان جيسين غلام محمد صاحب، يا تنوير صاحب آهن، تيسين حاضر پيا ٿينداسي. صحت جو ڪهڙو حال بہ هجي. پر اهي شيون سڀ نڪتا سوچڻ ۽ تحقيق جي قابل آهن. انهن تي تحقيق ڪيو ۽ ڇمڻ جي سلسلي ۾ بہ چون ٿا تہ ٢٥ ڊسمبر سچل جي آهي •. پر اهي مسئلا اهڙا آهن جن تي توهان کي توجهہ ڏيڻ کپي. سوچڻ کپي. ۽ اها سوچ اهو ويچار ۽ مان توهان کي ـ خدا شاهد آهي مونکي مان سڄي سنڌ ۾ ۽ ٻاهر ڦرانٿو. ۽ ڏسان ٿو پيو توهان وٽ ماڻهو سوچيندڙ، لکندڙ. تحقيق ڪندڙ ـ ڪلهہ تنوير مانکي ببليو گرافي ڏيکاري آهي، جيڪا هتئون جي توهان جي هڪڙي ماڻهو، ماستر ويچاري، اڪيلي سر ويهي سچل تي ٺاهي آهي. مان

سمجهان ٿو تہ توهان جي ڪنهن اداري اهو ڪم نہ ڪيو هوندو. جيڪو تنها واحد ماڻهو هتي ٻهراڙيءَ ۾ ويهي اهو ڪيو آهي. ساڳي طرح توهان ڏنو تہ جنهن پهريون اهو مقالو پڙهيو هتي .... سائين اوهان تہ افضل آهيو .... عرض ٻڌو قاضي صاحب .... توهان ڪئون بغير هن جو ڪم هلي نہ سگهندو قاضي صاحب اهو تہ هن کي شامل ڪرڻو پوندو توهان کي .... توهان جو عشق ۽ توهان جي جيڪا تحقيق ۽ توهان جي جيڪا خدمت ٿيل آهي، تنهنڪري توهان کي وسارڻ هن جو جرم آهي. تنهنڪري توهان مطمئن رهو. توهان ڪانسواءِ ڪو بہ ڪم نہ هلي سگهندو.

مانهنجي گذارش اها هئي تہ توهان وٽ خام مواد جنهن کي را مٽيريل چئجي ٿو، اهو گهڻو آ. انهيءَ کي فقط ڊولپ ڪرڻو، انهيءَ کي آئوٽ ليٽ ۽ انهيءَ منجهون ڪم وٺڻ جي ڪا سوچ ۽ ترڪيب ڪريو.

باقي مان توهان جي مهمان نواز ۽ توهان جي محنت ۽ توهان جو هتي گڏ ٿيڻ ۽ هن اجتماع . انهن سڀني جي لاءِ توهان جا لکين لکين احسان ۽ ٿورا آهن. لفظن ۾ جن جي ڪا بہ گنجائش ڪانهي. خدا توهان سڀني کي سلامت رکي.

•

سرمست . ٢
1982ع

سچل سائين جي ساليانيِ عرس ۽ ميلي جي ادبي اجلاس جي موقعي تي صدارتي خطاب

(۱۴ رمضان المبارڪ ۱۴۰۲هه، ٦ جولاءِ 1983ع)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

معزز اديبو، مهمانو، پينرون ۽ پائرو!

آءٌ سچل سائينءَ جي هن ساليانيِ عرس جي انتظامي ڪميٽي ۽ ان جي صدر جو شڪر گذار آهيان، جو هنن صاحبن مونکي قرب جي ڪوٺ ڏيئي، هن اجلاس ۾ اوهان سان شريڪ ٿيڻ جو موقعو ڏنو آهي.

ڪي ورهيه وڃان پئجي ويا آهن جو محترم تنوير عباسي اڳئين ميلي جي محفل ۾ سڏيو هو، جنهن ۾ جن اديبن دوستن سان ملڻ ٿيو هو، تن مان قاضي علي اڪبر درازي ۽ ڊاڪٽر عطا محمد حامي اڄ موجود ناهن. ضروري آهي تہ ڪين اڄوڪي محفل ۾ ياد ڪجي ۽ ڏٺيءَ در التجا ڪجي تہ ڪين پنهنجن رحمتن سان مالا مال ڪري. ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم، سچل سائين جي علم ۽ فڪر کي حقيقت جي روشني ۾ پرکڻ ۽ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ قاضي علي اڪبر مرحوم، سچل سائين کي پنهنجو مرشد مجيندي ڪيس محبت ۽ عقيدت جي عينڪ سان ڏٺو، "هفت زباني" شاعر بنايو، ۽ پئي ڪنهن کي بہ سندس مٽ ۽ ثاني نہ سمجهيو. محبت جي عينڪ ۽ حقيقت جي عينڪ

جا مشاهدا الڳ الڳ ئي هوندا آهن.

هن ڪان اڳ خيرپور ۾ قائم ڪيل شاندار محفل جي موقعي تي مون معاصر اديبن کي سچل سائين جي صحيح فڪر کي اجاگر ڪرڻ جي التجا ڪئي هئي. تحقيق جي تقاضا آهي تہ هو تاريخي شخصيت جي ڪارنامن کي سندس پنهنجي دور، ۽ ان دور جي فڪر جي روشني ۾ تورڻ تڪڻ ڪيپي. ان جي برعڪس پنهنجين پاڻ وٽين يا ڪن ٻي وٽين خواهشن سان، پاڻ ڪان اڳين جي خدمتن کي اجايو نندڻ يا اجايو ساراهڻ ناانصافي جي برابر ٿيندو.

اڳين محفل ۾، مون انهيءَ طرف ڌيان ڇڪايو هو تہ منهنجي محدود مطالعي موجب، سچل کي "سچل سرمست" سڏڻ ڪان وڌيڪ پيار ڀري نالي "سچل سائين" سان سڏڻ وڌيڪ سهڻو ٿيندو. کيس "هفت زباني" يا "انقلابي" شاعر سڏڻ محض لفاظي ۽ نعري بازي جي برابر ٿيندو.

ادب ۾ توڙي زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾، لفاظي ۽ نعري بازي جو رجحان زوال ۽ پستي جو نشان آهي. ترقي ۽ ڪمال حقيقت شناسي ۾ آهي، محنت ۽ مسلسل عمل ۾ آهي. جيڪڏهن اسان حقيقت کي سمجهون، محنت ڪرڻ ۽ عملي طور مثبت قدم کڻڻ بدران، محض نعره بازي تي گذارو ڪريون ۽ چئون تہ اسين سڀ اڀ ڦاڙي ڇڏينداسون، جبل ڏاري ڇڏينداسون، زمين چيري ڇڏينداسون، تہ اهو پاڻ کي ڏوڪي ڏيڻ جي برابر ٿيندو. اهڙا نعرا حقيقت ۾ بي عملي ۽ مايوسي واري نفسياتي ڪيفيت جا پڙاڏا آهن. صحيح ۽ ڪارگر نعرو اهو آهي، جنهن جي پويان پوري تياري هجي، جنهن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ هجي، ۽

جنهن تي عمل ڪجي تہ ڪامياب ٿجي.

ادب ۾ "نعري بازي" ۽ لفاظي جو رجحان نهايت ئي نقصانڪار آهي. اهو حقيقت تي پردو وجهي ٿو، صحيح فڪر کان هٽائي ٿو، عمل جي ميدان کان پري ڪري ٿو، ۽ ذهني مايوسي کي مضبوط ڪري ٿو. زبان درازي سان ٻانهون دراز نہ ٿينديون ۽ جيڪي لفظن جي لغڙن اُڏائڻ جا ماهر هوندا، سي هوائي جهاز ڪيئن اڏائيندا! هيءُ دور علم جي ميدان ۽ حقيقت شناسي جي ميدان ۾ مقابلي جو دور آهي: فقط مسلسل محنت، صحيح علم، ۽ وڏي سوچ ۽ ويچار سان ئي ميدان سر ڪري سگهبو. ادب جي نظم توڙي نثر واري ميدان ۾ جيڪڏهن صحيح فڪر ۽ پيغام بدران محض لفظي پلاءَ پچائبا تہ دماغي عياشي ميسر ٿيندي، باقي زندگي سنوارڻ وارن ارادن تي لٽ چڙهي ويندي. ايران توڙي هند ۾ مسلمانن جي زوال واري دور جي قصيدي ۽ غزل واري شاعري گهڻي ڀاڱي لفظن جو طلسم آهي، جنهن ۾ ٿلهين خواهشن جون عمارتون اڏيون ويون آهن. ان جي ڀيٽ ۾ صوفيانہ شاعري، جنهن جو سچل سائين بہ هڪ يا تہ پنهنجي حال جي ڳالهہ آهي، يا تہ وري انسان ۽ خالق جي رشتي جي حوالي سان ڪئي آهي، ان ۾ انسان لاءِ اعليٰ اخلاق جو سبق سمايل آهي.

خيرپور واري محفل ۾ مون سچل سائين جي اعليٰ فڪر جي هڪ مرڪزي نُڪتي يعني خودشناسي ۽ خوداعتمادي ڏانهن اشارو ڪيو هو، جنهن کي جيترو ساراهجي سو گهٽ، ۽ جنهن تي جيترو لکجي اوترو اجان وڌيڪ لکڻ جي ضرورت ٿيندي.

سچل سائين جي فڪر جو مرڪز ۽ محور خودشناسي ۽ خود اعتمادي آهي. خود شناسي ۽ خدا شناسي اعليٰ اخلاقي

شاعري جا ٻه مکيه موضوع آهن: انسان ۽ خالق جي رشتي کي سمجهيو ۽ سمجهائڻ واري اعليٰ فڪر جي اڪثر علمبردارن خودشناسي کي خدا شناسي جو بنيادي ذريعو قرار ڏنو آهي. پر سچل سائين پنهنجي پياري ٻولي ۽ پنهنجي منفرد انداز ۾ ”خودشناسي“ کي ”خدا شناسي“ سان همڪنار تصور ڪيو آهي. هن پوئين ويجهي دور ۾، علامه اقبال خود شناسي ۽ خود اعتمادي کي ”خودي“ جي فلسفي ذريعي وڏي تفصيل سان بيان ڪيو. البت بعد ۾ اقبال جي انهيءَ فڪر کي اسلامي تصوف جي دائري کان ٻاهر ٻين فلسفن جي موشگافين ۾ پڻ منجهايو ويو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته بعضي سندس بيان مان ذهن ۾ ”خام خودي“ وارو خيال ابري ٿو، جنهن ڪري ويهي سمجهائڻو پوندو ته اقبال ڪهڙي خودي ڏيکارڻ لاءِ ڪوشان هو: يا ان صحيح علم، فڪر، ايمان ۽ عمل جي صلاحيت بدران محض پنهنجي خودي ۽ خود خيالي تي پاڙڻ جي ترغيب ڪانه ڏني، ۽ نه ڪي وري هن انسان توڙي خالق اڪبر خلاف فرعوني خودي سان سامهون ٿيڻ جي تلقين ڪانه ڪئي.

اعليٰ انساني فڪر جي روشني ۾، ”خودشناسي“ وارو اعليٰ مقام اهو آهي جو عاجز انسان پنهنجي صحيح علم، فڪر ۽ ايمان سان پاڻ ۾ باڪمال عمل ۽ باڪمال تدبير جي اها توفيق پيدا ڪري جو سندس تدبير خود بخود الاهي تقدير بڻجي وڃي. علامه اقبال انهيءَ اعليٰ فڪر کي هن طرح پيش ڪيو ته:

خودي کو کر بلند اتنا کہ هر تقدير سي پهلي،
خدا بنده سي خود پوچهي بتا تيري رضا کيا هي.

”خود شناسي“ ۾ فضل ۽ ڪمال واري انهيءَ بلند مقام

جي حقيقت کي گهڻو اڳ سچل سائين جهڙيءَ طرح مختصر لفظن ۽ نازڪ انداز ۾ سمجهايو آهي. ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي بشرطيڪ ان کي صحيح طور سمجهڻ جي صلاحيت هجي. سچل سائين هن طرح اهو نڪتو نروار ڪيو ته:

”ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻٽيجي“

اهي مختصر مگر معنيٰ خيز الفاظ ”تخلقوا باخلاق الله“ واري اعليٰ مقام جو تفسير آهن، ۽ وري وري پڙهڻ جي لائق آهن ته:

”ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻٽيجي“

پر سمجهڻ لائق اها ڳالهه آهي ته سچل سائين جي ”ڪافي“ جي هن مختصر مگر بي مثال ٽلهه ۾، سڄو توجهه ڀرين لفظن تي آهي ته ڪو ”ايجها ڪم ڪريجي“، سڄو مدار ”ايجها ڪم“ يعني اعليٰ معياري ڪم ۽ عمل تي آهي: محض زباني جمع خرچ ذريعي، وڏن لقبن ڏيڻ يا وڏين هامن هڻڻ سان، ڪوبه اعليٰ مقصد حاصل نه ٿي سگهندو. اعليٰ فهم ۽ اعليٰ ڪم کان سواءِ منزل مقصود تي پهچڻ مشڪل آهي. ڀٽائي صاحب توجهه ڏياريو ته:

”آ ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي“

سچل سائين وڌيڪ وضاحت سان چڙ ائين چيو ته:

سو ڪو ڪجي ڪم، جنهن سان ماٺهو ٻاڻ ”پرين“ ٿئي.

•

سرمست ـ ٣
1983ع

افتتاحي خطاب

سيد غوث علي شاهه صاحب، وزراءِ ڪرام، معزز خواتين و حضرات السلام عليڪم.

سچل سائين جي عرس جا جيڪي ٻه اهتمام ٿيندا رهيا آهن، اسان اڳي ٻه ڏٺا آهن. پر منهنجي خيال ۾ گذريل ٻن ٽن سالن کان وٺي، جڏهن کان وٺي عالي جناب غوث علي شاهه صاحب جن توهان هيڏي توجهه ڏنو آهي ته هي اجلاس جيڪي آهن. سي سهڻي نموني سان ٿيڻ لڳا آهن ۽ هن کان پوءِ جيڪي ٻه تجويزون آڌو آهن، هتي دارالتحقيق قائم ٿيڻو آهي، انهيءَ لاءِ بلدنگون ٺهي رهيون آهن. هي سڀ جيڪي اهتمام آهن. سي سهڻي کان سهڻا آهن. اسان جي آخوند صاحب شڪايت ڪئي آهي ته هي ميلو اجا وڏيڪ مچي. پر حقيقت ۾ سهڻائي طرف قدم کڄي رهيا آهن. ۽ هن وقت اسان کي هتي اچي سنڌ جي چيف منسٽر جي ڪا اجائي خوشامد يا تعريف سان ڪو مقصد ڪونهي، پر آءٌ جڏهن چوان ٿو ته عالي جناب شاهه صاحب جن جيڪو توجهه ڏنو آهي سنڌ جي ثقافت تهذيب تي، اسلامي قدرن تي، ڀاڻ شاهه عبداللطيف جي سلسلي ۾ جيڪو ڪيو اٿن، يا قلندر شهباز جي سلسلي ۾ جيڪي ڪيو اٿن يا هتي جيڪو ڪيو اٿن سو حقيقت ۾ جيڪي ٻه هن کان اڳ ۾ ٿيو آهي، تنهن کان گهڻو وڌيڪ ٿيو آهي. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

هتي ڇا ٿي سگهي ٿو؟ آءٌ ڪي ٻه چار ڳالهيون عرض

ڪندس. خاص طرح سان انهن صاحبن جي واسطي جيڪي سچل سائين جي باري ۾ سوچين ٿا. اڳتي جيڪر اسان ڪجهه قدم وڌايون ته اسان ڇاڻا ڪري سگهون. پهرين ڳالهه آهي، جيڪا منهنجي خيال ۾ آئي آهي سا اها آهي، ته سچل سائين جي سوانح حيات جيڪا آهي تنهن جي باري ۾ به صحيح معنيٰ ۾ هيستائين ڪوبه ڪم ڪونه ٿيو آهي. خاطر خواهه ڪم ڪونه ٿيو آهي. اجا به ڪيتريون ڳالهيون آهن، جيڪي اسان جي آڏو صاف صحيح نموني ۾ نه آيون آهن. جيئن هن ڪان هڪ به سال اڳ ۾ مون عرض ڪيو هو ۽ وري به اهو عرض ڪندس، ته هنن ڳالهين تي اسان جا محقق سوچين ۽ صحيح نموني سان سوانح حيات ڪي پيش ڪن.

ٻئي جيڪا خاص ڳالهه آهي، سا آهي، سچل سائين جو فڪر، هنن پيغام ڪهڙو ڏنو آهي؟ انهيءَ ۾ ڪافي ڪجهه پيچيدگيون پيدا ٿيون آهن. ۽ اهي انهيءَ ڪري به ٿيون آهن، جو پاڪستان کان اڳ هتي جيڪي فقير درويش جيڪي سچل سائين تي گهڻو ايندا هئا، سي هندو صاحب هئا ۽ اهي وڏا درويش هئا. هنن جي محبت هئي سچل سائين سان، پر هنن سمجهيو ته سچل سائين جڏهين هندو مسلمانن جو نالو ٿو وٺي ته شايد هن جو اسلام سان لاڳاپو ڪونهي. ڪن صاحبن اهو به مشهور ڪيو ته سچل سائين جيڪو آ، تنهن اسلام جي خلاف ڳالهيون ڪيون آهن. ۽ ڪافي حد تائين اهو تاثر قائم پئي رهيو آهي. مرحوم علي اڪبر درازي صاحب جيڪو مريد هو، وڏو خادم هو هتان جو، تنهن ويچاري ڪتاب لکيا. وڏي ڪوشش ڪئي سمجهائڻ جي ته سچل سائين جيڪو آهي تنهن صحيح اسلام جو روح پيش ڪيو

آهي. پر اها ڳالهہ اجا تائين چڱي طرح سان، سنئي صاف تي اسان جي آڏو اچي، سا ڪانہ آئي آهي. انهيءَ تي تمام گهڻي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سچل سائين سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو، منهنجي پنهنجي ناقص راءِ ۾، وحدت الوجود جو جيڪو فلسفلو آهي يا وحدت الوجود جو جيڪو صوفيانہ نظريو آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ ٿياسافي ٿا چئون. الاهيات ٿا چئون ـ تنهن کي سنڌي ۾ جدا جدا نمونن سان ڪافين ۾ بيتن ۾ ۽ پنهنجي مثنوين ۾ اهڙي سهڻي نموني پيش ڪيو آهي، جو اهائي هڪڙي وڏي ۾ وڏي، آءٌ سمجهان ٿو ڳالهہ آ، جيڪا ٻئي هنڌ اسان کي ڪانہ ٿي ملي پئي. انهين ڳالهہ کي اڳتي وڌايون ۽ انهين ڳالهہ کي پيش ڪريون تہ وحدت الجود جا جيڪي رنگ آهن تصوف ۾، جيڪي هن ڪان اڳ ۾ ٿي گذريا آهن يا سنڌ ۾، ٻين جي پيٽ ۾ سچل سائين جيڪا ڳالهہ ڪئي آهي يا ڪهڙي نموني سان ڪئي آهي ڪيئن ڪئي آهي. انهين کي سهڻي نموني سان ڪيئن وڌايو اٿس. ۽ خاص خوبي جيڪا، ڪم ازڪم مون جهڙي ماڻهوءَ کي نظر اچي ٿي، اها هيءَ آهي تہ سچل سائين جي ڪلام ۾ سنڌي لفظن ۾ سهڻن سهڻن محاورن ۾ سهڻين معنائن ۾ انهين فلسفي کي، انهين فڪر کي پيش ڪيو ويو آهي.

۽ اها ڳالهہ جيڪي بہ سچل تي سوچين ٿا، تن کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. اهو جيڪو رنگ پيش ڪيو ويو آهي تہ سچل صاحب جيڪو هو سو مدهوش هو، مجذوب هو، مست هو، بي هوشيءَ ۾ هو، اهي سڀ ڳالهيون غلط آهن. ڪم از ڪم منهنجي دانست موجب، هو عالم هو، پڙهيل هو، مفڪر هو سچو. جيڪي

هن جون مثنويون آهن جيڪي هن لکيون آهن سي انهيءَ رنگ تي لکيون اٿس. جيئن عطار جي مثنوي آهي يا ٻيون جيڪي تصوف تي فارسيءَ ۾ مثنويون آهن. اهڙي طريقي سان هن دانسته، سوچي سمجهي، ارادي سان اُهي ڳالهيون پيش ڪيون آهن، جيئن عالم سمجهن. سو سچل کي به اسان جيڪر انهيءَ رنگ ۾ ڏسندا سون ته هن جو سچو علمي پس منظر، جيڪو هن جو علمي بئڪ گرائونڊ آهي، اهو به پنهنجي جاءِ تي آهي، پر پوءِ اڳتي وڌي هن عوامي رنگ ۾ عوامي ليول تي ڇا ڇيو آهي. انهيءَ کي به اسان پيش ڪريون.

انهيءَ ساڳي ڳالهه تي ڪجهه ذرا اول عرض ڪندس ته اسان منجهان پنهنجا يعني سنڌ وارا آهن سي ڪجهه وسعت کان ڪم وٺن. پنهنجي دماغي وسعت کان، هڪ مسلمان مفڪر، صوفي، جيڪر ڪا ڳالهه ڪري ٿو ته انهيءَ کي وسعت سان ڏسن. تنگ نظريءَ سان نه ڏسن. رواداري جيڪا آهي سا تمام ضروري آهي. ۽ خاص طرح سان فلسفي ۽ تصوف ۾ ڪيئي ڳالهيون اچن ٿيون جيڪي نه فقط هينئر ٿيون آهن. پر ابن العربي جي زماني کان ٿينديون آيون آهن. جن جا ٻه رخ آهن. وحدت الوجود، وحدت الشهود جو جيڪو فلسفو آهي. پر انهيءَ ڳالهه کي انهيءَ معيار تي سمجهي انهيءَ معنيٰ ۾ سمجهجي. انهيءَ کي تمام تنگ نظري سان ڏسي انهيءَ مان ڪي اجايا نتيجا نه ڪڍڻ گهرجن. اسان کي جيڪو فلسفو پيش ڪرڻو آهي، تنهن ۾ سنڌ وارن کي ته هڪڙي عالمگير سطح (Level) تي پيش ڪرڻو آهي. ۽ تڏهين اهو فلسفو جيڪو سو قبول پوندو.

ٻئي ڳالهه جيڪا ضروري آهي. جيڪا هيستائين نه ٿي

آهي. ۽ هاڻي جڏهن اڪيڊمي ٺهي پئي، ان کي ڪرڻ گهرجي. سچل سائين جو ڪلام جيڪي به آهي. گهڻو ڪجهه جيڪو آهي سو موجود آهي. اسان وٽ ته سنڌي ڪلام جيڪو انهن ۾ بيت اچن ٿا. ڪافيون اچن ٿيون. ٻهريون مرزا علي قلي بيگ هو. تنهن وڏي ڪوشش ڪئي. وڏي محنت سان مجموعو ڪلام جمع ڪيو جدا جدا مخطوطن. قلمي نسخن کي آڏو رکي هن تمام وڏي محنت ڪئي. انهين کانپوءِ سنڌي ادبي بورڊ هڪڙو سنڌي ۾ ڪلام ڇپرايو آهي. جيڪو مرحوم عثمان علي انصاري صاحب جيڪو ڊئريڪٽر هيو ايجوڪيشن جو، تنهن اهو جمع ڪيو آهي. ۽ عثمان علي انصاري صاحب مرحوم هڪڙي وڏي خدمت ڪئي آهي جو مقدمي ۾ فلسفي تي روشني وڌي اٿس. جيڪي به اسان پڙهيل آهيون، آءٌ عرض ڪندس ته انهين کي ڏسن. ڇاڪاڻ ته انصاري صاحب وڏي خدمت ڪئي آهي. ۽ مولانا محمد صادق رانيپوري، هتي جو هو، تنهن سرائڪي ڪلام سچل جو نهايت سهڻي نموني سان پيش ڪيو آهي. پر انهن مجموعن کان ٻاهر اڃا سچل سائين جو ڪلام تمام گهڻو پکڙيل آهي. هينئر تازو هڪڙو مخطوطو مليو آهي، اسان جو ادو ڊاڪٽر نواز علي شوق ويٺو آهي آڏو، مير حسين علي خان ٽالپر جي زماني جو مخطوطو. قلمي بياض سچل جي ڪلام جو . اهڙا ٻيا به جيڪي مجموعا ملن ٿا انهن کي اسان شايع ڪريون ته ڪ جيڪو به سچل سائين جو ڪلام آهي سو اسان جي آڏو اچي. پوءِ انهن کي پيٽي ۽ هڪڙو سهڻو نسخو تيار ڪجي. ڇاڪاڻ جو ڪلام ٿي نه هوندو ته باقي پوءِ انهن تي ڳالهه ڪهڙي ڪبي. پت ٿي ڪانه هوندي ته ڇت ڪيئن نڪرندا. ضروري آهي هن وقت به. اڃا تائين به اهي

مخطوطا موجود آهن جيڪي گڏ ڪجن ۽ اڪيڊمي جيڪا ٺهي ٻئي. تنهن جو پهريون اهو فرض آهي تہ انهيءَ سچي ڪلام جا مختلف ايڊيشن شايع ڪري ۽ اسان يا ٻيا جيڪي بہ دوست احباب آهن سي انهيءَ خدمت لاءِ تيار ٿيندا صلاح ڏيندا، مشورو ڏيندا. ڪي انهين ۾ ڪم ڪندا. اميد تہ انهين طريقي سان سچل جو ڪلام جيڪو سو اڳتي پکڙندو وڌندو. ۽ جڏهين معتبر ڪلام ڪو اسان وٽ هوندو پوءِ انهين ڪي ترجمو ڪري سگهبو انهين ڪي وڏيڪ ڦهلائي سگهبو.

اوهان جي وڏي مهرباني. مون جيڪي ٿورا گهڻا خيال ظاهر ڪيا آهن. ۽ مون ڪي موقعو ڏنو ويو آهي. انشاءالله وري ڪانفرنس ۾ ٻيا مقالا پيش ٿيندا. السلام عليڪم

صدارتي تقرير

هيءَ محفل ادبي ڪانفرنس جي پوري ٿي آهي. اوهان سمورن مقالہ نگارن ڪي ٻڌو. هينئر سڀ جيڪي ويٺا آهن سي اديب آهن. ۽ جن پنهنجا مقالا پڙهيا آهن سي علمي مقالا آهن. انهين ڪري آءٌ سمجهان ٿو تہ هڪ ٻہ ڳالهيون آءٌ بہ ڪريان جيڪي هن موقعي لاءِ ضروري آهن.

پهرين ڳالهہ اها آهي جو مون اڳ ۾ پنهنجي گفتگو ۾ چيو هو تہ سچل سائين جي سوانح تنهن تي غور ڪجي. صحيح ڳالهہ اها آهي تہ سچل سائين جي ولادت جو جيڪو سال هيستائين لکندا پيا آيا آهن، سو غالبن صحيح ڪونهي. اهو انهين روايت تي رکيو ويو هو تہ سچل سائين جي عمر انهين وقت نوي يا پنجانوي سال هئي. وفات وقت، ١٢٤٢هہ ۾. انهين جي ڪري پاڻ

۱۱۵۲ھ ۾ ڄايا هوندا. انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ثبوت ڪونهي. پر جيڪي سندس حياتي جا ٻيا تاٿا ۽ اهڃاڻ آهن، انهين مان سمجهجي ٿو تہ غالبن سچل ۱۱٦۰ ۽ ۱۱٦۵ھ جي وچ ۾ ڄائو آهي.

انهيءَ جا سبب ڪهڙا آهن؟ ڪم از ڪم هڪ ٻہ بيان ڪري سگهون ٿا. اوهان پهريائين مولانا عبداللطيف سڪندريءَ کان عبدالله فقير ڪاتيار جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌو. عبدالله فقير تمام وڏو شاعر هو پنهنجي وقت جو. ۽ خود سچل تي هن جو وڏو اثر آهي. سچل کان هڪ ٻہ سال وڏو هو. هن جي عمر جيڪا آهي سا ۱۲۵۰ھ ۾ وفات ڪئي اٿس، تنهن وقت نوي، پنجانوي سال آ. ۽ سچل کان وڏو بہ هو. انهيءَ جي ڪري سچي ڳالهہ ڪي ڳنڍجي ٿو تہ سچل جي عمر جيڪا آهي، سا سٺ ۽ پنجهٺ جي وچ ۾ ولادت آ. ٻئي وڏي ڳالهہ جيڪا آ، سا سچل جڏهين وڏو ٿيو ۽ پنهنجي چاچي پاران سچو ڪم هلائڻ لڳو، تڏهين جاگير جي فيصلي لاءِ مير رستم خان وٽ ويو، جنهن جاگير بحال ڪئي. مير سهراب خان جي وفات اسان کي معلوم آهي. مير رستم خان يا تہ گادي تي آيو آهي جنهن مهل فيصلا ڪيا آهن، انهن سالن کي ڳڻجي ٿو تہ يقين ڪم از ڪم سچل چاليهہ، پنجاهہ ورهين جو هوندو تڏهن تہ ويو هوندو. ايئن تہ ڪونهي جو پندرهن ورهين جو اتي ويو! يا تہ هو انهين وقت تمام پير مرد ٿي چڪو هو. اهو هڪڙو نڪتو آهي، جنهن تي جيڪي تحقيق ڪرڻ وارا آهن. انهيءَ تي وڌيڪ ڪجهہ غور ڪن.

ٻئي ڳالهہ جيڪا آهي سا اها بہ آهي جيڪا مولانا عبداللطيف ڪئي آهي. عبدالله فقير ڪاتيار هڪ تمام وڏو

SOORIH SINDHI ADAB

شاعر آهي. جنهن جو نہ فقط سچل تي اثر آهي، پر پير صاحب اصغر شاهہ تي بہ وڏو اثر آهي. عبدالله فقير جو. ۽ اها مشهور ڪافي جيڪا آهي تہ

پول نہ ٻئي ڪنهن پل تون تہ آدم ناهين

اها آهي عبدالله فقير جي ڪافي، جيڪا پوئين لکندڙ صاحبن تحقيق پوري نہ ڪئي آ. سچل صاحب جي نالي تي هنن شايع ڪئي آ. انهين ڪافي کان سچل صاحب نهايت متاثر هو. ۽ چيو وڃي ٿو تہ سچل پاڻ ان جي تشريح ڪئي تہ انهيءَ ساڳيءَ ڪافيءَ جون ويهہ ٻڌائون ڪيائين.

اهڙي طريقي سان پيا بہ جيڪي تعلق آهن. اڄ اسان جي ادي خادم عباسيءَ تمام سٺو مقالو پڙهيو آهي تہ جيڪي سندس همعصر هئا. تن ۾ عبدالله فقير جو مقالو ورتائين. پر انهين ڳالهہ کي اجا ڪجهہ وڌيڪ سمجهڻو آهي. انهين کي وڌيڪ کولي بيان ڪرڻو آهي.

اسان جا جيڪي سگهڙ آهن، تن کي وارو مليو آهي. اهي هميشہ شڪايت ڪندا آهن تہ اسان کي ڪو وارو ڪونہ ٿو ڏئي.

هن ڪانپوءِ محفل مشاعري جي. اڳين واري تمام تڪڙي تڪڙي محفل ڪئي وئي. مون هينئر چيو اسان جي تنوير عباسيءَ صاحب کي ۽ اسان جي حداد صاحب کي تہ مشاعري جي محفل تمام سهڻي نموني سان ۽ باقاعدگيءَ سان ڪئي وڃي. انهين جي لاءِ هڪڙو توهان صدر جدا وهاريو اهو ويهي ۽ اها محفل ٿئي. پنهنجو استاد بخاري صاحب آيل آهي. لائق ماڻهو آ. وڏو داناءُ آهي ۽ بهترين شاعر آهي وقت جو. منهنجو عرض آهي تہ انهين محفل جي واسطي استاد بخاري کي انهي مجلس جو مير بڻايو وڃي ۽

SOORIH SINDHI ADAB

مشاعري جي محفل قائم ڪئي وڃي.

انهن خيالن سان، انهن ٻن چئن خيالن سان آءٌ اوهان کان اجازت وٺان ٿو. انشاءالله وري جيئرا آهيون ته يار زنده صحبت باقي. وري ملاقاتون ٿينديون. السلام عليڪم.

•

سرمست - ٨
1988ع

حضرت سچل سرمست ۽ همہ اوست

برصغير ۾ وحدت الوجود يا همہ اوست جو فڪر ايترو تہ قديم آهي، جو ان جي ڪا صحيح تاريخ ڏئي نہ ٿي سگهجي. هن سلسلي ۾ اسان کي نہ رڳو سنڌي ڪنڊ ۾ سڀ کان اڳ پر دنيا ۾ سڀ کان پهريائين "اپنشد" ڪتاب ملي ٿو، جنهن ۾ هن مسئلي جي وضاحت ڪئي وئي آهي. هونءَ تہ ڊاڪٽر راڌا ڪرشن جي ڪتاب انڊين فلاسافي (١) جي لکڻ مواقف قديم هندستان جو سمورو مذهبي لٽريچر فلسفہ وحدت الوجود ۾ رنگيل آهي، پر اپنشد انهن سڀني ڪتابن کان فوقيت رکي ٿو. جيڪي قديم دور ۾ هن موضوع تي لکيا ويا آهن. هن ۾ همہ اوست مسئلي جو بنياد رکيو ويو آهي. جو مختلف مذهبن کي پاڻ ۾ جذب ڪري اڳتي وڌڻ گهري ٿو. ايڏي جامعيت هوندي بہ اهو ڪتاب مسلمانن لاءِ ڪنهن واضح فڪر جو بنياد بڻجي نہ سگهيو. چو تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح هن فڪر ۾ انهن تحريرن مطابق بت پرستي شامل ٿيندي رهي. ان ڪري اپنشد جو اهو فلسفو سنڌي ڪنڊ جي مسلمانن مان مذهبي مفڪرن ۽ صوفين کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو تہ رهيو، پر بت پرستي جا تصورات انهن ۾ هڪ وسيع خليج پيدا ڪندا رهيا. هن ڪتاب جي ڏهن جلدن کي منهنجي استاد علامہ عبيدالله سنڌي مطالعہ ڪيو آهي.

سنڌي ڪنڊ اندر مسلمانن ۾ هن فڪر جو قديم پيشوا ۽ امام شيخ ابو علي سنڌي نو مسلم آهي، جنهن شيخ بايزيد

بسطاميءَ کي هن فڪر جي تلقين ڏني. تصوف جي اولين ڪتاب اللمع ص ٢٣٥ ڇاپو مصر تي ابونصر سراج طوسي وفات ٣٧٨هه لکي ٿو:

”وقال ابو يزيد البسطامي رحه صحبت ابا علي السندي، فلنت القنه ما يرقيم بہ فرضه و کان يعلني التوحيد والحقائق صرفا“.

ٻين صوفين بہ هن ڳالهہ کي ڪتاب اللمع کان ورتو آهي. مطلب تہ بايزيد بسطامي فرمايو تہ مان ابو علي سنڌيءَ سان مليس مون هن کي ”قرآن مان ايترو پڙهايو جيئن هو فرض نماز صحيح طور پڙهي سگهي ۽ هو مونکي توحيد (وحدت الوجود) ۽ حقائق جي تعليم ڏيندو رهيو. شيخ ابو علي سنڌي جو دور تصنيف، تاليف جو دور نہ هو، ان ڪري هن فڪر تي ڪا تاليف تہ نہ ڇڏي ۽ پاڻ بہ هتان سنڌ مان اسري ٻاهرين ملڪن جا وڻ وسايائين. ان ڪري هتي سنڌ اندر ان دور ۾ هن فڪر جي ڪا وڌيڪ اوسر نہ ٿي سگهي، پر هن درويش ٻاهرين صوفين کي مستيءَ جي جيڪا ستي پياري ان وچي هٽي هنڌ ڪيو. شيخ بايزيد بسطامي هن فڪر جو وڏو شيخ ثابت ٿيو، هن جي دور جي قريب وارو حسين بن منصور حلاج تہ ميدان ۾ ڪڏي پيو. ان هن فڪر کي لڪ ڇپ مان ڪڍي دنيا ۾ نروار ڪيو ۽ ان لاءِ قرباني ڏني. ان جو اهو نتيجو نڪتو، جو همہ اوست جو نعرو وڃو دنيا ۾ وڄندو. ان سرڪيءَ مان شيخ فريدالدين عطار ۽ شيخ محي الدين ابي عربيءَ کي بہ ڀهرو مليو. هن ٻنهي بزرگن تصنيف، تاليف ۽ تلقين ذريعي ساري اسلامي عالم کي فيض ڏنو. هو انهيءَ فڪر جا وڏا مبلغ هئا. شيخ ابن عربي جو اهو فڪر برصغير ۾ سڀ کان پهريائين

هتي سنڌ جِي قديم دارالسلطنت ملتان ۾ پهتو. جيئن تہ شيخ صدرالدين عارف سهرورديءَ (وفات ٧٠٩هہ) جي حالات ۾ ڪتاب سير العارفين جي حوالي سان هيءَ احوال معلوم ٿئي ٿو:

در ايامي ڪہ شيخ فخرالدين عراقي در قونيہ آمد اول بہ صحبت شيخ نورالدين جندي رسيد ڪہ او نيز از مريد آن ڪہ شيخ محي الدين ابن عربي است و باتفاق او حضرت شيخ صدرالدين قونوي را دريافت و نسخہ فصوص در صحبت ايشان مطالعہ ڪرد.

مطلب تہ جن ڏينهن ۾ شيخ فخرالدين عراقي (خليفہ مخدوم بهاءُ الحق ملتاني) جڏهن قونيہ ۾ آيو تہ هو پهريائين شيخ نورالدين جندي جي صحبت ۾ پهتو جو اهو بہ شيخ محي الدين ابن عربي جي وڏن خليفن مان هو ان سان گڏجي شيخ صدرالدين قونوي جي زيارت ڪيائين ۽ فصوص ڪتاب جو نسخو ان جي صحبت هيٺ مطالعو ڪيائين.

سنڌ ۾ جڏهن تہ حديث، فقہ ۽ ٻين اسلامي علمن جو عروج رهيو ان ڪري فصوص کي ايڏي مقبوليت نہ رهي. جيڏي شيخ شهاب الدين سهروردي جي ڪتاب عوارف المعارف کي رهي. هن ڪتاب کي پڙهايو ويندو هو ۽ پاڻ جي عالمن پاران ان جي عربيءَ ۾ شرح بہ لکي وئي.

فصوص بابت ڏهين صديءَ جي عظيم فقيہہ مخدوم محمد جعفر بوبڪائي هڪ اعتدال پسند فتويٰ صادر فرمائي تہ ابن عربيءَ جي فصوص ۽ ٻين ڪتابن جي مطالعي کان عام عالمن کي پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ مصنف کي بہ گهٽ وڌ نہ ڳالهائجي وغيره هن مان بہ اهو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم جعفر عليہ رحمت کي اها ضرورت تڏهن آڏو آئي، جڏهن هن ڏنو تہ اهو ڪتاب هتي رواج

وٺي رهيو آهي.

اڳتي هلي ٻارهين صديءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو قريبي دوست مخدوم محمد معين ٺٽوي عرف مخدوم ٺاري خود شيخ ابن عربيءَ جي ڪتابن جو سنڌ ۾ درس شروع ڪيو. وحدت الوجود يا همه اوست جي تائيد ۾ ان تي رسالا لکيا جيڪي هن حقير جي ڪوشش سان اردو ترجمي سان گڏ شايع ٿي چڪا آهن. مخدوم معين، ابن عربيءَ جي ڪتابن جو ايڏو نه ماهر ٿو معلوم ٿئي، جو پنهنجي تاليفات ۾ جابجا انهن جا حوالا ٿو آڻي ۽ شرحون ٿو لکي.

سنڌي صوفين ۽ بزرگن مان مخدوم ٺاري ٺٽويءَ کان پوءِ اسان جو سنڌ جو عطار سچل سرمست پهريون سنڌي صوفي آهي جو موج ۽ مستيءَ ۾ اچي علمي فڪر کان وڌيڪ حلاج وارو نعرو اناالحق هڻي ٿو. شاباس آهي ان دور جي مير صاحبن بلوچ حاڪمن کي جن متشرع راسخ العقيده عالمن جي پرڻ تي ڪا بندش نه وڌي.

سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ ڪڏهن نه سلوڪ ۽ شريعت جي ڳالهين کي ملائي نرم انداز ۾ فرمائي ٿو:-

هيڏي هوڏي نه نهار، تنهنجي ويڙهي سو نه يار وسي ٿو.
ساڻ سدا آهي تان تنهنجي، پرين نه آهي ٻي پار،
قولهي لهج پاڻ موڻ، جو ٿو وجين وڻڪار،
وفي انفسڪم افلا تبصرون، ويجهو ڪيم وسار،
پرين نه پيچ پنڌڙا، تون "سچو" پاڻ سنڀار،

هن ڪانپوءِ، سرمست پاڻ تي نوع انساني جي هڪ فرد هجڻ کان نظر ڪندي پاڻ کي انسان سمجهڻ کي پل چڪ ۽

غلطي تصور ڪري ٿو. هن هستيءَ جي جاءِ تي هڪ ٻي حقيقي هستي لڪل ڄاڻي ٿو ۽ ان کي بلبل سان مشابهت ڏئي اصل ڳالهه تي اچي ٿو ۽

هڪ ذات پاڪ جي سراسر سچ ۽ صداقت هجڻ جو آواز اٿاري ٿو:

پـول نـہ ڪـنـهـن پـل، تـون تـہ آدم نـاهـين،
لڪو ٿو لاتيون ڪرين، جيئن باغ اندر بلبل،
احد منجهارون عبد سڏائيئي! هئين تان پاڻ اصل،
"سچل" چوي سچ ٿي آئين، ڪونهي تنهنجو تل،

نيٺ هڪ ٻي ڪافي ۾ فاني هستي ڪان منهن موڙي ڪيس اصل حقيقت جو اظهار ڪرڻو پئي ٿو ۽ هيءَ مستيءَ جو نعرو هڻي ٿو.

نـوري نـاري نـاهـيـان، آهـيـان رب جبـار

سرمست جي سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن مسئلي ۾ سندس مرشد جناب منصور ۽ شيخ فريد الدين عطار آهن، سندن نالن ۽ تعليم کي وڏي عزت سان ذڪر ڪري ٿو، جوتہ عملي طرح انهن ٻنهي بزرگن جو هن عقيدي ۾ وڏو پاڳو رهيو آهي. هڪ هنڌ هو بيتاب ٿي پنهنجي هن ظاهري وجود کي بت سڏي رهيو آهي جنهن کي پڇي پرزا ڪرڻ ضروري آهي ۽ پوءِ پنهنجي مرشد جي موج ۾ اچي وحدت جو نعرو هڻي ٿو:

پنهنجي ذات لڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان،
ظـاهـر ڪـريـان ذات کـي، تـاهـي بت پـڃايـان.
مـنـصـوري جي موج ۾، تـو "انـاالحـق" الايـان،
واديءَ ۾ وحـدت جي، گـهـوري سـر گـهـمـايـان،

سرمست هن ظاهري هستي ۽ جهان کي سندس ئي بڻايل هڪ تماشو سڏي ٿو. هن حقيقت کي ٻين صوفين بہ پنهنجي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. پر سچل سائين ڪليل لفظن ۾ مثال ڏئي ان کي واضح ڪري ٿو:

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو!
ڪاٿئين حنبل، شافعي، ڪاٿئين مالڪ نعمان
ڪاٿئين پٿي پوٿيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن
ڪاٿئين اناالحق چوي، ڪاٿئين ڦيرائي فرمان.

آخر ۾ ان سڀ کي پاڻ لاءِ حيرت جو مقام سڏي ٿو ۽ فرمائي ٿو:

"سچو" پيو صبر ۾، هوءِ حيرت ۾ حيران

وحدت الوجود يا همہ اوست جي صوفين وٽ اها معنيٰ ٻڌائي وئي آهي تہ خدا کان سواءِ ڪائنات ۾ ڪابہ شيءِ وجود نہ ٿي رکي يا هي جو ڪجهہ بہ موجود آهي سڀ خدا ئي آهي. اهل ظاهر وٽ خدا ڪائنات جي سلسلي کان بنهہ هڪ جدا ذات آهي، صوفين وٽ خدا پاڪ ڪائنات جي سلسلي کان الڳ نہ آهي.

ملطب تہ ڌاڳي کي جيڪڏهن ڳنڍيون ڏنيون وڃن تہ انهن جي هستي جيتوڻيڪ ڌاڳي کان الڳ نظر اچي ٿي، پر حقيقت ۾ ڌاڳي کان سواءِ ڳنڍ ڪابہ زائد شيءِ نہ آهي.

آخر ۾ اهو ٻڌائڻ نهايت ضروري آهي تہ اسان جو سچل سائين جيتوڻيڪ حلاج، شيخ اڪبر ۽ عطار وانگر وحدت الوجودي صوفي هو ۽ هن فڪر جو وڏو مبلغ بہ هو. پر ان سان گڏ ظاهري شريعت جو بہ پابند هو. قرآن مجيد جو حافظ ۽ ديني علوم جو ڄاڻو هو. اهڙن بزرگن لاءِ ڪي اوباش ماڻهو شريعت

جي مخالفت جو الزام هٿندا آهن. جيئن اڳين بزرگن لاءِ بہ چيو ويو. پر حقيقت ان جي خلاف هئي. شيخ اڪبر ابن عربيءَ لاءِ مخالفن وڏا الزام مڙهيا. پر جڏهن اسپين جو واقعو ۽ سانحو وجود ۾ آيو تہ مسلمانن جي پريشان حال کي ڏسي سندس هيءَ حالت ٿي پئي جو هڪ خط ۾ لکي ٿو:

آئون هن حال ۾ پنهنجو خط لکي رهيو آهيان جو منهنجا ڳوڙها وهي رهيا آهن ۽ منهنجي وس ۾ نہ آهي جو ان کي راضي ڪيان. آئون گهران ٿو تہ محمد رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي دين کي بلند ٿيندو ڏسان ۽ ڪوڙن جو مذهب مٽجي وڃي

حق موجود سدا موجود.

•

سرمست ـ ٣
1983ع

سچل جو سرائڪي ڪلام

سنڌ سونهاري، ڪيترن ئي شاعرن، عالمن، پيرن، فقيرن وغيره کي جنم ڏنو آهي، پر انهن مان ڪي ٿورا، اسان جي دلين ۾ زنده آهن. ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ اُهي حال ۽ قال جا صاحب هئا. سندن قول ۽ فعل ۾ مطابقت هئي. ”دل صفا، من صفا، قول محمد مصطفيٰ“ تي پوريءَ ريت عمل ڪندڙ هئا. مطلب تہ صحيح معنيٰ ۾ علمبردار هئا؛ تنهنڪري اهڙن شاعرن جو ڪلام، اسان لاءِ، بي بها سرمايو آهي. جيئن لاڪيٽي لطيف ڪانپوءِ، سچل سرمست پنهنجي لاثاني ۽ لافاني ڪلام سان، لطيف سائينءَ جي ان ٻاريل شمع کي اُجاگر ڪيو، جنهن جي جهڪي ٿيڻ جا آثار نمودار هئا.

سچل سرمست جو ڪلام مختلف زبانن ۾ موجود آهي. اڄوڪي ادبي صحبت ۾، سندس سرائڪي ڪلام تي هڪ نظر وجهون ٿا.

سنڌ ۾ سچل کان اڳ، توڙي پوءِ، ڪيترائي سرائڪي زبان جا شاعر ٿي گذريا آهن، ليڪن سمي پٺي، ڪيترن جو ڪلام، بلاغت انجام، زماني جي بي مهريءَ سبب، اسان وٽ پهچي نہ سگهيو آهي، ليڪن جن جو معياري سرائڪي ڪلام ڏسي سگهجي ٿو، تن مان خليفو نبي بخش لغاري (ٽنڊو باگو) مشهور آهي. سندس هڪ ئي تصنيف ”سسئي پنهون“ داد لاءِ، اڄ بہ حاضر آهي. اهڙيءَ طرح لاڙڪاڻي ضلعي جي ٽن مشهور شاعرن ـ حسين ديدڙ، شاه محمد ديدڙ ۽ حاجي خانڻ چنجڻيءَ جو

سرائڪي ڪلام پڻ موجود آهي. انهن شاعرن کي بہ سندن ڪلام امر بڻائي ڇڏيو آهي. پر جڏهن سچل جي سرائڪي ڪلام تي نظر پوي ٿي، تڏهن اُمالڪ ائين چوڻو پوي ٿو تہ سچل جو ڪلام مڙني سرائڪي ڪلام کان مٿاهون آهي.

زنده شاعر کي تہ ظاهري طرح ڏسي سگهجي ٿو، ۽ ان جي هلت چلت کي بہ خاموش مبصر جي حيثيت ۾ پرکي سگهجي ٿو، پر جن هي جهان ڇڏيو آهي، تن کي راوين جي روايات ۽ سندس ڪلام مان پروڙي سگهجي ٿو. راوي ڪٿي ڳالهہ ڪندي ڪندي، مقصد جي هدف کي تير نہ بہ هڻي سگهي، پر سندس شعر صحيح معنيٰ ۾ عڪاسي ڪري ٿو. هونءَ بہ تسليم شده آهي تہ ڪنهن جي بہ لکت مان، ان جي دلي ڪيفيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اسان وٽ سنڌي شاعرن جو شعر ڪافي حد تائين موجود آهي. جيڪڏهن ناقدانہ ۽ عالمانہ نظر سان ڏسبو تہ سندن شعر، هڪ جهڙي حيثيت نٿو رکي. ڪن جو شعر ايڏو تہ بلندپايہ جو آهي، جو پڙهندي راحت پيئي اچي، ليڪن ڪن جو شعر ان معيار مطابق نہ آهي، جو ڪجهہ وقت زنده رهڻ جي قابل چئي سگهجي. اهو انهيءَ ڪري، جو هر ڪنهن جي تخيل جي پرواز جي پهچ نرالي آهي. ڪي اهڙا شاعر آهن، جن کي مجاز جي ڏور، زمين کان آجو نہ ٿي ڪري، جنهن ڪري اتي ئي ترسي پيا آهن، پر ڪي اهڙا بہ عمدا شاعر آهن، جن جي پرواز جي باز کي مجاز جي ڏور روڪي نٿي سگهي. اهڙن برگزيده شاعرن جو ڪلام يقيناً حقيقت جي پايہ تي مبني آهي، ۽ انهن کي ئي زنده دوام جو شرف حاصل ٿيو آهي. جيڪڏهن ڪو پياسي، سچيءَ دل سان، سندن ڪلام جي

بحر بي ڪران ۾، غواصن ٻيون هٿندو تہ هٿين خالي هوندي بہ، مقصد ۽ مراد جي موتين جون مٺيون ڀري ايندو. اسان جو سچل سائين بہ اهڙن شاعرن جي صف ۾ آهي، جنهن جو ڪلام، فصاحت انجام، اڄ بہ اها ئي اهميت رکي ٿو، جيڪا اڳ رکندو هو. سندس ڪلام ۾، جا سگهند ۽ سرهاڻ آهي، سا ٻين جي ڪلام ۾ خير ڪا آهي. بيتن ۾ سندس خيالن جو سلسلو اهڙو سوڌو رهي ٿو، جو ڪٿي بہ ڪو جهول نظر نٿو اچي. سادا لفظ، پر سهٽا؛ سادا محاورا، پر موزون، ۽ سادا، پر وڏي ويچار وارا خيال، اهڙي تہ چستيءَ سان ڪم آندا اٿس، جو گويا ادبي مالها پئي معلوم ٿئي، جا اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي ڪونج گلي ۾، هر وجهہ سونهڻ جي لائق آهي. انهيءَ ڪري، جو هن:

يڪي دان و يڪي بين و يڪي گوءِ
يڪي خواهہ و يڪي خوان و يڪي جوءِ

تي سو فيصد عمل ڪيو آهي.

اسان جي شاعرن ۾ تمام گهڻيون خوبيون آهن، عام چوڻيءَ مطابق، هرهڪ شاعر ۾، گهٽ ۾ گهٽ، هڪ خوبي جو هئڻ اشد ضروري آهي.

عام چوڻي:

حاڪم هو وي، عدالت نہ ڪري، اُوندا حاڪم سڏاوڻ ڪيا.

عورت هو وي، شرم نہ جاڻي، اُوندا عورت سڏاوڻ ڪيا.

انسان هو وي، انسانيت نہ جاڻي، اُوندا انسان سڏاوڻ ڪيا.

شاعر هو وي، سچ نہ الاوي، اُوندا شاعر سڏاوڻ ڪيا.

تحقيق اها پوئين خوبي، اسان جي سدا حيات شاعر سچل سرمست ۾ آهي. جو سدائين سچا، ٻهڪندڙ ٻول ٻوليندو رهي ٿو:

سچ تا مرد چون، ڪنهن ڪي وٽي نہ وٽي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم، بٽي نہ بٽي.

اهوئي سبب آهي، جو سچل، ڪنهن بہ راز تي ڪڪ نہ رکيا آهن، پر ڪک لاهي پڌري پٽ سچ چئي ڏنو اٿس تہ جيئن طالب پنهنجي سمجهہ کان ڪم وٺي. پنهنجي من جي مدعا پوري ڪري سگهي فرمائي ٿو:

مين تا ڪوئي خيال هان، ليسان نال خيال دي،
زهد عبادت تقويٰ طاعت، اي ہي ڪم ڪشال دي،
فڪر اِهين وچ فاني ٿيوين، ويکين جوڙ جمال دي،
اِهين فڪر اُهي ويسن، صاحب سي، احوال دي،
مين ديدار، ديدار مين وچ، ڀهريم ويس وصال دي،
سچل سچ ڪريندا ظاهر، الا ڪاڻ قتال دي،

سچل سائين سرائڪي، پنجابي توڙي ملتاني زبان جي لهجي کان پوريءَ پر واقف آهي، هڪ ملتاني عورت، جا محبوب جي اوسيڙي ۽ انتظار ۾ ڳچ ڳاري ٿي، سا پاڻ کي محبوب جي گولي ٿي، سندس ڪٽ جي پيرانديءَ کان سمهڻ چاهي ٿي، ۽ محبوب جي ڪتن جي لوڏ ۾ ڪتي هجي يا رڃ يا پولڙي هجڻ ۾ بي انداز فخر وٺي ٿي. اهو انهيءَ ڪري جيئن هوءَ سدائين پنهنجي ساجن ساڻ هجي. عورت جي ان نفيس ۽ نازڪ جذبات جي ترجماني، سچل سائين هن ريت ڪري ٿو:

ساري راج تيڏي دي، مين گولڙي گولڙي هوسان،
شالا، اسان تي مهر پويئي،
ايڏي اوڏي مول نہ ويسان وي،
يار سهڻا، تيڏي جهولڙي جهولڙي هو سان.

سر پيراندي وي سان لڳڙي هان مين،
انگ وي تيڏيدي مين، چولڙي چولڙي هوسان،
لوڏ ڪتيان دي وي ميان، دلبر، تيڏي دي،
رچڙا يا وت مين، پولڙي پولڙي هوسان،
روز ازل ڪنون ميان، سڻ **سچو** سائين وي،
نانءَ تيڏيدي مين، گولڙي گولڙي هوسان،
هينئر وري هير جي دل جي ترجماني ڏسو:
نور پريا رخ پياريدا، الله پياريدا، دلداربدا،
مين نماڻي هير چڻي، تون صاحب تخت هزاربدا،
سهڻا مين نون ايوين پئيندا، جيوين گل هزاريدا،
وڏڙي ويلي جو شاه مليا، تيا سبب ستاريدا،
مستان نون جو مست ڪتوئي، سچو ڪم بچاريدا،
وڏيڪ ترجماني هن ريت ڪري ٿو:
تون تا آ، وس ساڏي ويڙهي، سڻ وي رانجها ميان،
دوست اسان ڪنون دور نہ جاوين، پهہ نيڻان دي نيڙي،
ڪيڙيان دي نگري ڪنون توبهہ هوئي، لتي اسان تؤن جهيڙي،
تون تا ميڏا، مين تا تيڏي، گهول گهتان سي ڪيڙي،
عشق تساڏي، قيدي ڪيتا، لهہ پئي سنڌي سيڙي،
سدا هووين تون نال ڪرم دي، دوست سچو دي ديري.

ڪيڙا قوم زميندار هئي (اڄ بہ آهي)، تڏهن بہ هير، سندن پلنگن ۽ طول وهائڻ کي تڇ سمجهي ٿي. سندس اٽل ارادو اهو هو تہ ڪنهن بہ طرح ٻانهن تي تري، رانجهو جي وٽاڻن تي وڃان تہ جيئن سندس دل جو ويران گلشن سرسبز ٿئي. اهڙي ماحول کي سچل سائين، هن ريت نباهي ٿو:

ادب نال اليسان، هوسان مين رانجهن دي نال،
ٻن ڪيڙيان دي طول وهاڻي، پلنگين پير نہ پئيسان،
مين رانجهن دي رانجهن ميڏا، ڪيڙا گهول گهتيسان،
پار درياهون جهوڪ رانجهن دي، ٻانهڙ تر تر ويسان،
هڪ دل آهي رانجهن نيتي، ڪيڙيان نون ڪيان ڏيسان؟
سهڻي صورت يار سچو دي، ڪنهن ڪون ڪون سٽيسان.

مٿي ڏيڪاريل آهي تہ شاعر جي ڪلام مان سندس دلي ڪيفيت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. تنهن ڪانسواءِ شاعر ڪهڙي منزل جو صاحب آهي، سو پڻ سندس شعر جي اُهڃاڻن ۽ اشارن مان، ڪنهن حد تائين، معلوم ٿي سگهي ٿو. ان ڳالهہ کي، ذاتي تجربي جي بناءَ تي، واضح ڪجي ٿو. 1952ع ۾ جانڻ خانپوري (ضلع شڪارپور) سان ڪچهري ڪرڻ ويس، ڇاڪاڻ تہ وقت جو بي نظير شاعر ۽ سگهڙ هو. ان وقت سندس عمر لڳ ڀڳ ٨٠ سال هئي. ڪچهري ڪندي هڪ بيت ڏنم، جنهن جي ڪن لفظن جي معنيٰ پڇڻي هئي. بيت ڏيڻ شروع ڪيم تہ هن روئڻ شروع ڪيو. آخر روئندي روئندي هڏڪين ۾ پئجي ويو. بيت تہ پورو ٿيو، پر هنجو روئڻ بند نہ ٿيو. جڏهن ڏٺم تہ هينئر ورندي ملندي، تڏهن ڪيس چيم تہ. "ڏاڏا سائين، روئو ڇو پيا؟" چيائين تہ، "پٽ، اهو بيت وارو جلال وڏي منزل جو صاحب آهي." بيت هي آهي:

عرق عنبر تي، آل آگ آلريا، پيني پين پگهر کي،
ٿول ٿهوڳڻ، ٿونٽي ٿڙ ٿر، اوڏي ٿو آخضر کي،
ڇاهہ ڇهڪ تل ترنون تمني، آندو باز بجر کي،
ٻاڻ ٻپرسل، سيف دپارا، ڪن پيا تيز خنجر کي،

هرڻ هيين حيران ٿيا، پسي نرگس نين سحر کي،
بت چيها اڄي پيش ٿيا، پسي لال لالي حمر کي،
حسن حبيبين اڳيان الکيو، ڇاهي شمس قمر کي،
وڃ جان ورڪيو، ول ويجهر جو، پڙڪي باهه ببر کي،
اُو تو ماري مرمر کي، جانئون جوڙ جلال ڇئي.

ان مان صاف ظاهر آهي تہ منزل وارا، هڪبئي کي سڃاڻن ٿا. اسان جو سنڌ جو سدا ملوڪ شاعر ڀٽائي بہ حق تي هو، جو سچل کي ڏسي، چيائين تہ جيڪو ڪنو اسان چاڙهيو آهي، تنهن جو ڍڪڻ هي ٻالڪ لاهيندو."

سچل جي منزل، سندس بيت مان ڪٿي سگهجي ٿي:

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻٽيجي،
وچ ميدان محبت والي، دم قدم ڌريجي،
اها تڪبير فنا في والي، پهلي پهر پڙهيجي،
مار نغارا آنا الحق دا، سولي سر چڙهيجي،
اندر ٻاهر هڪو هووين، موتوا قبل مريجي،
وچ ڪفر اسلام ڪڏاهان، عاشق تا نہ اڙيجي،
سبحاني ما اعظم شاني، سچل سِر سٽيجي.

ڏسو ڪيڏو نہ سچ جو نعرو بلند ڪيو اٿس! پوءِ بہ ا... ي شاعر کي سندس مرتبي ۽ منزل مطابق جاءِ نہ ڏجي، حد در... جي نا انصافي آهي. سچل جو نئون ڪليات تيار ڪرائجي ت... ڪانسواءِ بقول محترم پير حسام الدين شاهہ راشدي، سنڌ ... ڊاڪٽر گربخشاڻي ثاني جي ڳولا ڪجي، جو سچل جي ڪلام سان پورو پورو انصاف ڪري.

جيئن تہ هينئر حالات نهايت سازگار آهن، تنهنڪ...

جبڪو ڪم هن دور ۾ ٿي سگهندو، سو ٻئي ڪنهن به دور ۾ ٿي نه سگهندو. هن ڏس ۾، جوان همت محترم ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ڪافي پاڻ پتوڙيو آهي، ۽ اڃا به پتوڙيندو رهندو ته جيئن سنڌس رتا راس ٿئي.

•

سرمست ـ ٢
1982ع

خود شناسي ـ سچل سرمست جي نظر ۾

قديم زماني کان انسان پنهنجي ذات ۽ ڪائنات جي رنگارنگيءَ تي سوچيندو رهيو آهي. پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي اندر جي اونهاين تي سوچ ۽ ويچار ڪرڻ، صوفين ۽ فيلسوفن جو مک مضمون رهيو آهي، امام غزاليءَ جي ڪتاب ڪيميائي سعادت جي شروعات ئي انهن لفظن سان ٿئي ٿي، ته انسان کي انهيءَ ڳالهه تي غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي، ته هو ڇا آهي، ۽ هن ڪائنات ۾ هن جو ڪارج ڪهڙو آهي؟ اهڙيءَ طرح سڀني صوفي بزرگن پنهنجي پيغام ۾ اها دعوت ڏني آهي، انسان پنهنجو پاڻ سڃاڻي، ۽ پنهنجي خصوصيتن ۽ مُقصدن جي اصل حقيقت معلوم ڪري. هنن جو چوڻ آهي، ته خود شناسيءَ کان پوءِ ئي انسان خدا شناسيءَ جي منزل تي پهچي سگهندو.

قديم ۽ جديد فلاسافرن به خود شناسي ۽ خود آگهيءَ تي زور ڏنو آهي. ڊيڪارٽ (١٧١٦ع - ١٦٤٦)چوي ٿو.

"جيئن ته مان غور و فڪر ڪريان ٿو، انهيءَ ڪري مان آهيان"

قديم يوناني فلاسافرن سقراط (٣٢٢ ق.م ٣٨٤ ق.م) افلاطون (٣٤٧ ق.م . ٤٢٧ ق.م) ۽ ارسطو (٣٢٢ ق.م ٣٨٤ ق.م) وغيره به انهيءَ حقيقت تي روشني وجهڻ جي

ڪوشش ڪئي آهي. مسلمان فلاسافرن؛ يعقوب، ابن رشد ۽ الڪندي وغيره به انهيءَ ڳالهه تي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ لکيو آهي. مسلمان صوفي بزرگن، انهي مسئلي کي قرآني تعليمات جي روشني ۾ سمجهايو آهي ۽ اهو معاملو بيان ڪندي، قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ بزرگن جا قول شاهديءَ طور آندا آهن، قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي.

(بيشڪ ماڻهوءَ کي پيدا ڪيوسين ۽ سندس نفس ڪيس جيڪو وسوسو وجهندو آهي، سو ڄاڻندا آهيون ۽ اسين (سندس) ساهه جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون).

صوفي بزرگن هن سلسلي ۾ خاص طرح سان هن آيت جو پويون حصو گهڻو آندو آهي، ۽ اها آيت شاهديءَ طور آڻي اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي. حضرت سچل سرمست فرمايو آهي.

"نحن اقرب" اها اشارت، گڏ توئي سان گذران"

الله تعاليٰ جي انهيءَ عظيم احسان باوجود انسان غافل ٿي وڃي ٿو، ۽ پنهنجي ذات ۽ صفات جو اهو عرفان حاصل نه ٿو ڪري، جنهن جي ذريعي الله تعاليٰ جا اهي اسرار ۽ رموز مٿس، آشڪار ٿين، جيڪي سندس اندر موجود آهن. هن جو چوڻ آهي ته انسان جي اندر انهيءَ ۾ ذات باري تعاليٰ جو مسڪن آهي. اهوئي سبب آهي جو پنهنجي ذات جي سڃاڻ سان هو عرفان الاهي حاصل ڪري سگهي ٿو. امام غزالي پنهنجي ڪتاب ڪيميائي سعادت جي شروع ۾ لکيو آهي:

"واضح هجي ته پنهنجي نفس جي معرفت الله تعاليٰ جي معرفت جِي ڪُنجي آهي. انهيءَ ڪري چيو ويو آهي

"من عرف نفسه فقد عرف ربه" يعني جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، ان پنهنجي پالڻهار کي يقيني طرح سڃاتو. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ فرمايو آهي.

يعني اسان پنهنجون نشانيون جهان ۾ ۽ خود انهن جي نفسن ۾ انهن کي ڏيکاريون ٿا، تہ جيئن حق جي حقيقت مٿن روشن ٿئي. مطلب تہ تنهنجي لاءِ توکان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ ويجهي نہ آهي. جيڪڏهن تون پنهنجو پاڻ کي نہ سڃاڻندين، تہ ٻي کي ڪيئن سڃاڻي سگهندين".

قرآن شريف ۾ هڪ ٻيءَ جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

(۽ يقين ڪندڙن لاءِ زمين ۾ نشانيون آهن. ۽ اوهان جي جندن ۾ بہ، پوءِ نہ ٿا ڏسو ڇا؟)

پوئين آيت ڏانهن صوفياءِ ڪرام گهڻي قدر اشارو ڪيو آهي. ۽ اها آيت شاهديءَ طور آڻي، ٻڌايو آهي، تہ انسان جي اندر ۾ ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري آهي. سنڌ جي صوفي بزرگن بہ انهيءَ ڳالهہ تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي، ۽ پنهنجي حقيقت تي ويچارڻ تي اصرار ڪيو آهي. حضرت سچل سرمست فرمايو آهي:

وفي انفسڪم افلاتبصرون - ويجهو ڪيم وسار.

وفي انفسڪم افلا تبصرون - ڪا ڪيون ڪجي هيءَ ڪن.

اهڙيءَ طرح قرآن حڪيم جي ذڪر ڪيل آيتن جي روشنيءَ ۾ حضرت سچل سرمست پنهنجي ذات جي حقيقت تي غور ۽ فڪر ڪيو آهي، ۽ ذات جي معرفت جون حقيقتون چٽيءَ طرح بيان ڪيون آهن. هو چوي ٿو، تہ جيستائين پنهنجي ذات جي

نفي نہ ڪئي ويندي، تيستائين پنهنجو پاڻ سڃاڻي نہ سگهبو. يعني پاڻ وڃائڻ سان ئي پنهنجو پاڻ ڳولهي لهبو. ان کان پوءِ ئي معرفت الاهي حاصل ٿيندي. فرمائي ٿو:

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي،
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندءِ ڄاڻ سڃاڻ،
مڪڻ آڪر هيڪڙو، سوئي ڪير سڃاڻ،
اهوئي اتئي اهڃاڻ، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ جو.

يعني پرين پري ڪونهي، پر پنهنجو پاڻ ۾ ئي موجود آهي اهڙي قسم جا ڪيترائي شعر سچل سائينءَ جي رسالي ۾ ملن ٿا. مثلاً:

هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڙهي يار وسي ٿو،
ڦولهي لهج پاڻ مان، چو ٿو وڃين وڻڪار.

سچل سائين، منطقي انداز ۾ پنهنجي ذات ۽ معرفت حقيقي جو تجزيو ڪندي چوي ٿو، تہ مشاهدو ۽ مطالعو ٻڌائي ٿو تہ ذات حقيقي جو جلوو انسان جي اندر ۾ جاري ۽ ساري آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري ڇڏبو، تہ فقط اها ذات حقيقي قائم ۽ دائم رهندي. ان کان پوءِ جيئن تہ هو پاڻ رهندو ئي ڪونہ، تہ پوءِ اناالحق جو هوڪو ڏيڻ لڳندو. جئين منصور حلاج اناالحق چيو هو.

اول ييري يڃ، جي بند خيالات جا،
تنهان پڇاڻان وڃ، حلاجي حيرت کي.

سچل سائين چوي ٿو، تہ جڏهن اهو عرفان حاصل ٿيندو تہ هن جي سوچ عام ماڻهن کان مختلف ٿي ويندي، ۽ هو اها ڳالهہ

مجي نہ سگهندو، تہ مان بہ آهيان، ۽ خدا بہ آهي.

جي مـجن ٿـا آدمـي، سـي نـہ مـجان مـان،
سـچل آهـيـان آءٌ، جو ٻـانـهـو ٻـي جونـہ ٿـيـان.

ٻي هنڌ چوي ٿو:

حـديـن وچي هـرڪـو، لاحـد وچي پـيـر،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.

سچل سائينءَ جي نظر ۾ ڪائنات جي ڪثرت جون رنگينيون الله تعاليٰ جي صفتن ۽ اسمن جا مظهر آهن. ڪائنات جي ڪا شيءِ يا ڪو وجود يا ڪا هستي، ڪنهن هڪ اسم جو مظهر آهي، ڪو ٻن اسمن جو مظهر آهي، ۽ ڪا وري مختلف اسمن جو مظهر آهي. مطلب تہ مجموعي ڪائنات الله تعاليٰ جي ڪيترن ئي اسمن جو مظهر آهي. الله تعاليٰ ظاهر ڪرڻ وارو آهي، ۽ ڪائنات مظهر آهي. هن پنهنجي صفتن ۽ اسمن کي هن ڪائنات جي ظهور سان ظاهر فرمايو. انهن مظهرن جي تفصيل جو جيڪڏهن خلاصو ۽ تت بنائجي، تہ اهو انسان آهي، جيڪي ڪُجھ ڪائنات ۾ آهي، اهو مجموعي طرح انسان ۾ موجود آهي، ۽ جيڪو انسان ۾ آهي، اهو تفصيل سان ڪائنات ۾ آهي. فرق اهو آهي، تہ انسان ۾ مجمل نموني آهي، ۽ ڪائنات تفصيل ۽ وچور وار آهي. اهوئي سبب آهي، جو انساني وجود ۾ وحدت ۽ ڪثرت گڏوگڏ موجود آهن. هن جي وجود ۾ وحدت جي وائي بہ آهي، تہ هن جي مزاج ۽ فطرت جا ڪيترائي رنگ ۽ روپ آهن. سچل سائين جي ڪيترين ڪافين ۾ اها حقيقت بيان ڪيل آهي. نموني طور ڪجھ شعر پيش ڪجن ٿا:

ڇڱ ميان عشقا! ڪيئن تون سوين سيل بنائين ٿو،
ڪاٿئين پيرين آهين پيادو، ڪاٿئين بور پچائين ٿو
ڪاٿئين منبر واعظي، ڪاٿئين پوٿيون پڙهائين ٿو
ڪاٿئين زربفت قبائون، ڪاٿئين ليڙان لڙڪائين ٿو

•

مون کي عبرت آهي، اهڙي حال جي،
هاريون حيرت آهي انهيءَ ڳالهه جي.

•

ڪاٿئين ڏاڏو، ڪاٿئين هيٺو، ڪاٿئين جوڙ جٽيا ٿو پائي
ڪاٿئين ڪوري، ڪاٿئين موچي، ڪاٿئين سيد سڏائي
ڪاٿئين ڪافر، ڪاٿئين مومن، ڪاٿئين سوريءَ سر هلائي

يعني مزاج، ۽ فطرت رنگ ۽ روپ، مذهب ۽ عقيدي، ڏنڌي ۽ ڪرت جي لحاظ کان انسان ۾ تنوع آهي. هو ڪيترائي رنگ ۽ روپ اختيار ڪندو رهي ٿو. سچل سائينءَ جي نظر ۾ انسان جا اهي رخ عارضي ۽ فرضي آهن. جيڪڏهن پنهنجي وجود جيا وهم وساريا، ۽ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪبو، ته انهن نام نهاد نالن جي خودبخود نفي ٿي ويندي. سچل سائين انهن نالن کي ناٺهن سان مِٽي ۾ ميساري ٿو ۽ فرمائي ٿو:

تاب ڪنون بي تاب ميان، مين تاب ڪتون بي تاب،
نا مين خاڪي، نا مين بادي، نا مين آگ نہ آب،
نا مين جِني، نا مين اِنسي، نا مائي نا باب،
ذات سچل دي ڪيهي پڇندئين! نالي تا ناياب.

اهڙيءَ طرح ڪثرت جي عارضي وجود جو انڪار ڪبو، ته وحدت ئي وحدت نظر ايندي. ٻيائيءَ جو سنڌو سيٺهوئي نہ

رهندو. انهيءَ حالت ۾ آءُ، تون، هي ۾ ڪو فرق نظر نہ ايندو، پر هيڪڙائي نظر ايندي؛

تـون هـي سـان تـون ليـين، مـان ليـان تـو سـان
تــون هــي آءُ ســب هــين، لا ۾ مــوجودات ٿــي

صوفي بزرگن جي نظر ۾ ڪائنات ذات مطلق جو مظهر آهي. هنن جي نظر ۾ هن جهان پيدا ڪرڻ مان الله تعاليٰ جو مقصد هي آهي، تہ هو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻارائي. انهيءَ مقصد لاءِ هڪ سڃاڻينـدڙ ضروري آهي. الله تعاليٰ جي علم ۾ انهيءَ سڃاڻندڙ جو جيڪو نقشو آهي، اهو انسان آهي. اهوئي سبب آهي. جو انسان کي الله تعاليٰ پنهنجي لاءِ پيدا ڪيو، تہ جيئن هو ڪيس سڃاڻي، ۽ سندس صفتن ۽ اسمن کي ڄاڻي. نہ فقط ڄاڻي، پر معرفت حاصل ڪري. سچل فرمائي ٿو:

پنهنجي پاڻ پسڻ جي ڪارڻ، ناهہ لکين ٿو ناهي

•

پاڻ ڳجهو ڪيائين پڌرائيءَ ۾، هيءَ تنهن هنر هلايو
سڃيڌني جي صورت ۾ تنهن، اهڙيءَ رمز رلايو.

•

سـيـر سـاروئـي صـورتـين، پـاڻ قـريـبن ڪـيـو.

جيئن تہ الله تعالي پنهنجي ذات کي انسان جي مظهر ۾ سڃاڻارايو. انهيءَ ڪري هن ڪائنات کي انسان لاءِ پيدا ڪيو، ۽ انسان کي ان جو مالڪ بنايو. سمورا آسماني ڪتاب شاهدي ڏين ٿا، تہ جڏهن حضرت آدم کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو، تہ سمورن ملائڪن، ابليس کان سواءِ الله تعاليٰ جي امر مطابق ان کي سجدو ڪيو. ڇڻ تہ ملائڪن انسان جي اڳيان پنهنجون خدمتون پيش

ڪيون، ۽ سندس خدمت لاءِ مقرر ٿي ويا. انسان جي انهيءَ فضيلت کي سچل سائينءَ نهايت چٽي نموني ۽ مختلف طريقن سان بيان ڪيو آهي. چوي ٿو؛

ملڪن ٿي سجدا ڪيا، واهه مٿي تنهنجو مُل،
سچو چوي سچ ٿي آئين، ڪونهي تنهنجو تُل.

سچل سائينءَ جي نظر ۾ زندگي فقط هيءَ ئي نه آهي، جنهن کي موت ختم ڪري ٿو، پر موت کان پوءِ هڪ ٻي زندگي شروع ٿئي ٿي. سندس نظر ۾ جيڪي جيئري ئي پنهنجو پاڻ فنا ڪري، موت جي منزل ماڻين ٿا، اهي دراصل مرن ڪونه ٿا، پر انهن کي هڪ اهڙي زندگي ملي ٿي، جيڪا فنا ٿيڻ واري نه آهي سچل سائين فرمائي ٿو.

جيڪي آهي هت، هت به اهوئي اٿئي،
يج اهائي ڀت، تان تون اهوئي رهين،

•

جهڙو آهين تهڙو هوندين، فاني ٿيندين ڇا؟
سڌ پنهنجي سر جي ڪامل پيڙهِ ڪا،
ڳالهه نه سمجهيءَ سا، آوازي اناالحق جي.

صوفي بزرگن جي نظر ۾ فنا جو مطلب هي آهي، ته سالڪ پنهنجي نسبت بالڪل سلب ڪري ڇڏي، ۽ فقط حق تعاليٰ جو وجود پنهنجي ظهور ۾ ثابت ڪري نه فقط ايترو، پر هو پنهنجو ظهور ئي ذات مطلق جو ظهور سمجهي. سچل سرمست انهيءَ ڪيفيت جو ذڪر نهايت بي باڪانه انداز ۾ ڪيو آهي. هو چٽيءَ طرح چوي ٿو. ته مان آهيان ئي ڪونه، فقط اهوئي آهي. فرمائي ٿو:

پاڻ پنهون آهيان، اڙي پينر پلي ناهيان،
آهيان آءُ اسرار، پينر مون کي ڪير ٿيون پانيون،
نوري ناري ناهيان آهيان، رب جبار.

•

پيو ڪوئي جاڻڻ محض گناهہ، هر ڪنهن صورت آپ الله
صورت منجهہ سچل جي، ٻولي پاڻ ئي بي پرواهہ

پاڻ پنهنجو پاڻهين، صورت منجهہ سڃاڻ،
توئي ٻڌندڙ، تون ئي ڏسندڙ، تئين ڪيئن آڇاڻ،
الله الله چوڪرين، پاڻ ئي الله ڄاڻ.

اهڙي طرح سچل سائين همہ اوست جو نظريو نهايت صاف ۽ چٽو ڪري ٻڌائي ٿو. هو اها ڳالهہ ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي، تہ مان بہ آهيان، ۽ هو بہ آهي. هو انهيءَ کي دوئي سمجهي ٿو، ۽ دوئيءَ کي دور ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. چوي ٿو:

"پڇ دوئي تان ڪل پوئي، دور ڪر درجات کي"

هو سمجهائي ٿو، تہ جيڪڏهن تون انهيءَ نظر سان پنهنجو پاڻ ۾ جهاتي پائيندين، تہ توکي پنهنجو پاڻ ۾ ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري نظر ايندو. فرمائي ٿو:

بنگلي ۾ آدم جي، ساجن پاڻ سمجهايو،
ماڻهوءَ جي مظهر ۾، آئي سو نينهن اڙايو،
سچل جي صفت ۾، الله سائين الايو.

هندو ويدانتي، ٻڌيڪشو ۽ عيسائي راهب انهيءَ ڳالهہ جا قائل هئا، تہ جسم کي تڪليفون ۽ اذيتون ڏيڻ سان ئي روحاني ترقي حاصل ٿئي ٿي. سچل سائين انهيءَ ڳالهہ کي قبول نہ ٿو ڪري، هو چوي ٿو. تہ هيءَ جسم جيئن تہ محبوب جو محلات

آهي، انهيءَ ڪري ان کي تڪليفون ڏيڻ ۽ پريشان ڪرڻ نامناسب آهي.

سچل روئين ڇو ايترو، بس ڪر تون هن برسات کي،
تصديع تون ڇو ٿو ڏئين، محبوب جي محلات کي.

مطلب تہ سچل سائين همہ اوست جو قائل آهي، ۽ وجودي فڪر جو بي باڪ ترجمان آهي. هن جي نظر ۾ ڪائنات ۾ ڪنهن بہ شيءِ کي حقيقي وجود ڪونهي. هر ڪنهن شيءِ ۾ انهيءَ ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري آهي. يعني جز ۾ ڪل ۽ قطري ۾ بحر موجزن آهي:

قطرو پاڻ نہ ڀائنج عاشق، ساروئي تون بحر سڏاءِ،
ٻئي جهان هڪو ڪر ڄاڻين، جلوو تنهنجو جاءِ بجاءِ.

اهڙيءَ طرح سچل سائينءَ جي نظر ۾ وجودي فڪر جو خلاصو هي آهي تہ: وجود حقيقي فقط هي آهي، ۽ اهو حق تعاليٰ جو وجود آهي. ان حقيقت کي لاموجود الاالله ڇئي واضح ڪيو ويندو آهي. وحدت الوجود جي فڪر مطابق سچل سائين جن حقائق جي وضاحت ڪئي آهي، اهي هي آهن.

١- وجود حقيقي هڪ آهي، يعني فقط خدائي موجود آهي، ۽ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي. هر شيءِ انهيءَ مان آهي، ۽ انهيءَ ۾ آهي. جيئن سمنڊ ۾ لهرون ۽ موجون، جن جو وجود حقيقي ناهي، پر اضافي آهي. حقيقت ۾ انهن جو فقط نمود آهي. جيڪو يقين جي ڪري آهي. يقين جو مٽجڻ، موجن جو فنا آهي.

٢- وجود حقيقي ئي ذات آهي. ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن آهي ٻئي جدا جدا حقيقتون هجن، تہ توحيد انهيءَ مرحلي تي ئي ختم ٿي وڃي.

٣- وجود حقيقي هميشہ کان آهي، ۽ هميشہ رهندو.

٤- هو واجب الوجود آهي، يعني پنهنجي هئڻ ۾ ڪنهن جو محتاج نہ آهي، هو پنهنجي ذات ۾ پاڻ قائم آهي، ۽ اهڙيءَ طرح هميشہ رهندو.

٥- هو واحد ۽ لامحدود آهي. جيڪڏهن هن وانگر ٻيو وجود تسليم ڪيو ويندو، تہ وجود حقيقي نہ واحد رهندو، نہ لامحدود.

٦- ان جون ٻہ شاخون خاص آهن. تنزيهہ ۽ تشبيهہ. يعني اهوئي عالم تنزيهہ ۾ موجود آهي، ۽ اهوئي عالم تشبيهہ ۾ بہ جلوو گر آهي.

٧- هو حلول اتحاد کان پاڪ آهي، ڇاڪاڻ جو ان لاءِ بہ ٻن وجودن جو تسليم ڪرڻ ضروري ٿيندو.

٨- هو بي مثل آهي، ڇاڪاڻ جو مثل بنجڻ لاءِ بہ ٻئي وجود کي مڃڻو پوندو.

٩- ان جو ضد ڪونهي، ڇاڪاڻ جو ضد لاءِ بہ ٻئي وجود جو اقرار ڪرڻو پوندو.

١٠- هو بي جهت آهي. ڇاڪاڻ جو جهت ۽ پاسي مان بہ ٻہ وجود پيدا ٿين ٿا.

١١- عالم جي ڪثرت ان جي احديت يا وحدت جي منافي نہ آهي. بلڪ ڪثرت وحدت مان ئي وجود ورتو آهي. انهي ڪثرت ۽ وحدت ۾ ويڇو ڪبو تہ ٻن وجودن کي تسليم ڪرڻو پوندو. انهيءَ ڪري وحدت ۽ ڪثرت هڪ ڪري ڄاڻجي.

حضرت سچل سرمست اهو فڪر هنڌين ماڳين نهايت وضاحت سان ۽ سهڻي انداز ۾ سمجهايو آهي.

•

سرمست ـ ٦٠
1986ع

ڪجهہ غلط روايتون

ڏهن پندرهن سالن کان ڏسندو ٿو اچان، تہ سنڌ جي عظيم شاعر ۽ وڏي ولي حضرت سچل سرمست متعلق، ڪجهہ نادان دوست خوش فهمي سبب انهن جو غلط پرچار ڪري رهيا آهن. اهي روايتون مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي پيشن گوئي وانگر نہ فقط جاهل ماڻهن وٽ قبوليت جو شرف حاصل ڪري رهيون آهن، پر اسان جا وڏاوڏا اديب بہ غلط فهمي جو شڪار ٿيا آهن. گرهوڙي بزرگ جي جانشين تحقيق ڪرائي هڪ رسالي جي ذريعي ثابت ڪيو آهي تہ ذڪر ڪيل پيشن گوئي جڙتو ۽ بناوتي آهي. اصل ۾ ڪنهن شخص اها پيشن گوئي لکي لنواري وارن بزرگن جي خلاف سازش ڪئي هئي. ساڳي نموني سان حضرت سچل سائين جي شخصيت ۽ ڪلام متعلق هڪ سازش ۾ چار غلط ڳالهيون اچي وجن ٿيون.

پهرئين ڳالهہ اها آهي تہ سچل سائين جو ڪلام ڇهن جي بدران ستن زبانن ۾ آهي. ٻي غلط ڳالهہ اها آهي تہ، پاڻ سنڌي زبان جا غزلگو شاعر آهن. ٽئين غلط ڳالهہ اها آهي تہ سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ڪرايل سرائڪي ڪلام ۾ ڏنل پنجاهہ اردو غزل بزرگ موصوف جو اصلي ڪلام آهي. چوٿين غلط ڳالهہ اها آهي تہ، فارسي زبان ۾ هڪ سؤ ڇائيتاليهہ شعرن وارو نظم نما ڪلام، بحر طويل سچل سائين جي تصنيف آهي.

مٿي ذڪر ڪيل ڇئني دعوائن متعلق تحقيق ڪرڻ وارن

سنڌ جي سيني عالمن، اديبن، شاعرن ۽ طريقت وارن بزرگن کي گذارش آهي تہ ڪجھہ وقت سيڙائي پنهنجي بزرگ شاعر مفڪر ۽ اهل دل درويش جي ڪلام تي توجهہ ڏين ۽ تحقيق فرمائي غلط روايتن کي ظاهر ڪن.

پهرئين دعويٰ راڻيپور ۾ سچل ڪاليج جي ڪلڻ ڪان اڳ ڪنهن بہ اديب عالم يا بزرگ جي معتقد نہ ڪئي آهي: مرزا علي قلي بيگ پهريون بزرگ آهي، جنهن سچي سائين جي سنڌي سرائڪي ۽ ريختي (اردو) ڪلام تي قلم ڪنيو آهي، ان بہ سچل سائين کي ستن زبانن جو شاعر نہ سڏيو آهي. ان ڪان پوءِ وڏي معتقد اديب آغا غلام نبي، سچل سائين تي هڪ ضخيم ڪتاب لکي بہ اهڙي دعوا نہ ڪئي آهي. مرحوم آغا عبدالنبي بہ چٽي طرح مجيندو هو تہ، سچي سائين جو ڪلام صرف چئن زبانن سنڌي، سرائڪي، ريختي (اردو) ۽ فارسي ۾ آهي. هڪ فقيرياڻي "هاسي" عرف نماڻو فقير بہ هڪ تحقيقي ڪتاب لکيو آهي، مگر هن بہ هفت زبان هجڻ جي دعويٰ نہ ڪئي آهي اهو گپوڙو هڪ دوست سچل ڪاليج راڻيپور ۾ هڪ تقرير ذريعي هنيو هو ۽ ان جو مقصد صرف پنهنجي ولي نعمت کي راضي ڪرڻ هو. اهو گپوڙو فقط پندرهن سالن ڪان پڙاڏي جي صورت وٺي، گرهوڙي جي پيشن گوئي وانگر سنڌ جي فضا ۾ گونجندو رهي ٿو. دعويٰ هميشہ دليل سان ۽ روايت سدائين سند سان قبول ڪئي ويندي آهي. هن دعويٰ متعلق ڪا روايت يا دليل ڪونهي سچل سائين جن جي وقت ڪان وٺي راڻيپور جي ڪاليج ڪلڻ تائين ڪنهن بہ اديب، عالم، شاعر يا بزرگ، سچل سائين جن کي هفت زبان شاعر نہ سڏيو آهي. بزرگ جو موجود ٿيل ڪلام بہ نٿو ٻڌائي تہ

[illegible] ڏرمي ڪري علمي مسئلي تي ڌيان نہ ڏيڻ ۾ ادبي خدمت ناهي. فقط چاچي علي اڪبر درازي هڪ چوپڙي لکي آهي، جنهن پاڻ پنهنجي دعويٰ جي برخلاف دليل ڏنا آهن. سچي سائين جي ڪلام ۾ تضمين طور ڪٿي هڪ يا ٻہ لفظ ڪنهن زبان جا آيا آهن تہ، ان شعر کي هن انهي زبان جا ڄاڻايو آهي. انهن هڪ ٻن لفظن جي مقابلي ۾ سمورن سنڌي لفظن کي ڇڏي ڏنو اٿس. هو سچي سائين جي شعرن سان گڏ پنهنجا بہ اهڙائي شعر ڏيندو پاڻ کي بہ ست زبانو شاعر ثابت ڪندو ويو آهي. جيڪڏهن چاچو عليٰ اڪبر پاڻ کي هفت زبان ثابت ٿو ڪري تہ پوءِ سچي سائين کي تہ هزار زبانو شاعر سمجهڻ گهرجي.

اهڙن هٿراڌو دليلن سان تہ سنڌ جو هر شاعر ويندي چاچي علي اڪبر تائين، هفت زبان شاعر بڻجي ويندو. پوءِ اسان جي بزرگ جي تخصيص کهڙي ٿيندي.

ٻي دعويٰ موجب سچل سائين سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ۾ غزل چيا آهن. ان لاءِ عرض ڪندس تہ، بزرگ جون ڪجھہ غزل نما ڪافيون عروض جي بحرن تي پوريون ڏسي، ڪن سڄڻن انهن کي غزل جي صنف ۾ شمار ڪيو آهي. اهي ساڳيون ڪافيون مرزا علي قلي بيگ، آغا صوفي، نماڻي فقير وارن رسالن توڙي ٻين پراڻن قلمي بياضن ۾ ڪافي مختلف سرن جي عنوانن هيٺ ڪافيون شمار ٿيل آهن. اهي ڪافيون موسيقي جي ماترائن تي چيل آهن ۽ عروضي بحرن تي بہ پوريون اچي ويون آهن.

ٽئين دعويٰ موجب سچل سائين جي سرائڪي ڪلام واري رسالي ۾ آيل، پنجاھہ اردو غزل سچل سائين جا چيل آهن.

حقيقت ۾ اهي بہ ڪافيون آهن. جيڪي پراڻن رسالن ۾ اصل صورت ۾ موجود آهن. خدا ڀلو ڪري ان بزرگ جو جنهن انهن ڪافين جي اصلاح ڪئي ۽ جديد لکنوي اردو ۾ آڻي غزلن ۾ شمار ڪيو آهي. اهي ڪافيون ڇاپچي علي اڪبر بہ اصلي صورت ۾ لکيون آهن. پتو ناهي سنڌي ادبي بورڊ وارن ڪهڙي بزرگ کان اهو ڪلام اصلاح ڪرايو آهي.

چوٿين ڳالهہ اها آهي تہ محترم ڇاپچي قاضي علي اڪبر سائين هڪ چوپڙي ڇاپرائي آهي، جنهن ۾ هڪ سؤ ڇائيتاليهہ شعرن جو نظم نما ڪلام ڏنو ويو آهي، جنهن جو نالو بحر طويل آهي، پر اندر جيڪو ڪلام ڏنو ويو آهي. اهو بحر رمل ۾ آهي. انهيءَ ڪلام جا فقط پهريان پنج شعر سچل سائين جي ديوان آشڪار ۾ موجود آهن ۽ بالڪل صحيح آهن. انهن پنجن شعرن ڪانسواءِ باقي هڪ سؤ ايڪيتاليهہ شعر بالڪل جڙتو ۽ بناوتي ٿا لڳن. انهن جي ٺاهيندڙ کي علم عروض جي ڄاڻ بہ ڪانهي. ڪم از ڪم پنجاهہ قافيہ بلڪل غلط ۽ ٽيهارو کن شعر بي معنيٰ ۽ ڀرتي جا آهن. انهيءَ چوپڙي وارو سارو ڪلام سچل سائين جي مشرب جي بالڪل ابتڙ آهي. ان کان سواءِ ڪلام ۾ آندل سموريون روايتون ضعيف ۽ ڪوڙيون آهن، انهن ۾ مذهبي تاريخ ۽ فقه جون ڪوڙ غلطيون آهن، مثال طور لکيو ويو آهي تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن وڏا شهپر رکائيندا هيا.

محض شهپر راڪلان ميداشتہ حضرت علي.

ٻي جاءِ تي لکيل آهي تہ حضرت علي عليہ السلام جن صفين جي جنگ ۾، شام جي لکن ماڻهن تي اڪيلي سر چڙهائي ڪري ويا هيا ازانسواءِ تصوف جي قادري طريقي کان سواءِ ٻين

سيني طريقن جي توهين ڪئي وئي آهي. ان جي علاوه وهابين تي ٻہ چوھہ چنڊيا ويا آهن؛ حالانڪ سچل سائين جي وفات تائين وهابيت جي تحريڪ برصغير ۾ ڪانہ پهتي هئي. اهڙي حالت ۾ انهيءَ ڪلام ۾ وهابيت جو ذڪر ڪئن آيو. ڪنهن ڪي گهڻ وڏ چوڻ سچل سائين جي مذهب ۽ مشرب جي بالڪل ابتڙ آهي.

اهڙو ڪلام جيڪو ايترين معنوي، مذهبي، تاريخي ۽ عروضي غلطين سان ڀريل آهي، ۽ جنهن ۾ گاربون استعمال ٿيل آهن. ان کي سچل سائين جهڙي بزرگ ڏانهن منسوب ڪرڻ، بزرگ جي توهين آهي. اهڙو عقيدو رکندڙ بزرگ جا دوست نما دشمن ئي ٿي سگهن ٿا. جيڪي دوستيءَ جي پردي ۾ اهڙيون سازشون سٽي رهيا آهن.

انهن کان سواءِ سچل سائين جي آندل مثنوين ۾ ٻہ ڪي اهڙا شعر آهن، جيڪي قديم نسخن ۾ نظر نہ ايندا. حقيقت ۾ چاچي علي اڪبر جي پيش ڪيل سموري ڪلام تي تحقيق جي وڏي ضرورت آهي، ڇو جو هو ويچارو ڪٿان لکيل ڪلام وٺي تحقيق کان سواءِ ڇاپرائيندو ويو آهي. هن بزرگ جي اها حالت آهي جو پنهنجي مرشدن جي ڪلام ۾ غلطي کان آيل ڏارئي ڪلام کي ٻہ ڌار ڪري نٿو سگهي.

وما علينا الا البلاغ

•

سرمست . ١
1981ع

سچل جو ادبي ماحول

سنڌ جي منصور سچل سائين جي حياتيءَ ڏانهن جي نظر ڪجي تي تہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سچل جي ولادت ١١٥٢هہ (مطابق ١٧٤٩ع) ۾ ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ ٿي ۽ جڏهن هو ٤٦ ورهين جو هو تہ ١١٩٨هہ (مطابق ١٧٨٣ع) ۾ ٽالپرن هالاڻي جي جنگ ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ڏئي سنڌ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. سچل جي حياتيءَ جا باقي ٤٤ ورهيہ ٽالپرن جي حڪومت ۾ گذريا ۽ هن نوي سالن جي عمر ۾ سنہ ١٢٤٢هہ (مطابق ١٨٢٩) ۾ وفات ڪئي. انهيءَ حساب سان سچل جي حياتي برابر ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ گذري، ڪيس ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن ٻنهي جو ادبي ماحول مليو. جيئن تہ سچل جو ننڍپڻ ۽ جواني ڪلهوڙن جي دور ۾ گذري، تنهن ڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ هو ڪلهوڙن جي دور جي ادبي ماحول، ان دور جي شاعرن ۽ ادبي روايتن کان متاثر ٿيو هوندو. پر ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ هن پنهنجي ڪلام ۽ شاعري ۾ نين صنفن ۽ نين روايتن کي جنم ڏنو ۽ ٽالپرن جي ادبي دور کي پنهنجين ادبي روايتن کي جنم ڏنو ۽ ٽالپرن جي ادبي دور کي پنهنجين ادبي روايتن سان ايتري قدر متاثر ڪيو جو ٽالپرن جي دور ۽ ان کان پوءِ جي شاعرن سنڌس ئي شاعري واري طرز اختيار ڪئي ۽ سنڌس ئي شاعري جي روايتن جي پيروي ڪئي.

سچل جي ادبي ماحول جي مطالعي لاءِ لازم آهي تہ اهو

ڏنو وڃي ٿہ سچل کي پنهنجي خاندان کان ورثي ۾ کھرو ادبي ماحول مليو ۽ سندس بزرگن سندس خاندان ۾ کھري ادبي فضا قائم ڪئي هئي. سچل جي خاندان مان ڪيترائي عالم، فاضل ۽ شاعر هئا، جن کي پنهنجي وقت ۾ خاص درجو ۽ اهميت حاصل هئي. سندس بزرگن مان ذوقي، حقيري ۽ آخوند عبدالقوي جا نالا ملن ٿا، جي پنهنجي وقت جا ناميارا شاعر هئا. آخوند عبدالقوي ميان نور محمد ڪلهوڙي جو درٻاري شاعر هو ۽ سندس وفات تي مرثيو لکيو هئائين. درازن جو باني خواجہ محمد حافظ سچل جو ڏاڏو هو، جو ميان صاحبڏني جي نالي سان وڌيڪ مشهور آهي هڪ لاثاني شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۾تصوف جو رنگ نمايان آهي ۽ ان ۾ معرفت جا موتي ۽ وحدت الوجود جي جوت جرڪندي نظر اچي ٿي.

ڪنهن جو نينهن نهر سان، ڪنهن دبايا درياهہ،
صاحبڏني جي ساهہ، سارو سمند سمائيو.

•

آدم آهي چوڻ ۾، پر آهي پاڻ الله
سريرئون ساهہ، صاحبڏني صحيح ڪيو.

سچل پنهنجي ڏاڏي جي ڪلام کان گھڻو متاثر هو ۽ وقت بہ وقت سندس ڪلام نهايت جوش ۽ جذبي سان آلاپيندو هو.

سچل جو مرشد ميان عبدالحق بہ ڪڏهن ڪڏهن "خاڪي" تخلص سان شعر چوندو هو. سندس فارسي ڪلام ۽ سنڌي ۾ مداحون مشهور آهن، سندس فرزند ميان سخي قبول محمد اول بہ شعر چوندو هو. هي شعر سندس آهي.

جامــن تــي جامــان، پـــريــن پـــهـــري آئـــيـــو
كـامـان ڙي كامان، كـيـڏو لـڪ ڪـريـم ڪـيـو.

انهن بزرگن كانسواءِ محمد حيات "حاتم"، گل محمد "گل"، عبدالهادي ۽ محمد صالح نہ صرف فاروقي خاندان جا شاعر هئا. پر سچل جا ويجها عزيز ۽ همعصر پڻ هئا.

ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڏينهن ۾ فارسي زبان کي وڏي اهميت حاصل هئي. فارسي نہ فقط مدرسن ۽ مڪتبن ۾ تعليم جي زبان هئي، پر دربار جي بہ زبان هئي. ڪلهوڙا ۽ ٽالپر فارسي شاعرن جي وڏي سرپرستي ڪندا هئا. جنهن ڪري پڙهيل لکيل ۽ ڪاموري طبقي ۾ فارسي شاعري جو وڏيڪ اثر هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ محمد محسن ٺٽوي، محمد پناه "رجا"، مير علي شير قانع، جان الله شاه "عاشق"، ميان سرفراز خان ڪلهوڙو ۽ ٽالپرن جي دور ۾ سيد عظيم الدين عظيم، منشي صاحبراءِ ملڪاڻي، نواب ولي محمد لغاري، دلپتراءِ، سيد ثابت علي شاه وغيره فارسي ۾ شاعري ڪئي. سچل سرمست "آشڪار" ۽ "خدائي" جي تخلص سان نہ صرف غزل چيا پر ڪيتريون مثنويون پڻ چيون. ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي دور جي فارسي گو شاعر پنهنجي ڪلام ۾ زياده تر مجاز جو رنگ اختيار ڪيو هو. حسن جي ناز و انداز ۾ عشق جي مختلف ڪيفيتن ۽ وارداتن کي نهايت سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو هو. پر سچل ان روايت جي خلاف پنهنجن غزلن ۽ مثنوين ۾ تصوف جو منصوري رنگ ڀريو. هو چوي ٿو:

در ديـار جسـم و جان مـن پـادشـاهـي مـي ڪـنـم
پادشاهي چيست ليڪن خود خدائي مي ڪنم.

ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي "پرشن پوئٽس آف سنڌ" ۾

چوي ٿو تہ ڪلهوڙن جو دور پارسي شاعري جو سونهري دور هو پر حقيقت هيءَ آهي تہ ڪلهوڙن جو دور سنڌي شاعري جو بہ سونهري هو. هن دور ۾ شاه عبداللطيف ۽ سندس ٻين همعصر شاعرن سنڌي شاعري کي معراج جي منزل تي رسايو هو، ان ۾ حسن ۽ دلڪشي ۽ خيالن ۾ گهرائي ۽ جدت اهڙي پيدا ڪئي هئي، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ڪلهوڙن توڙي ٽالپرن جي دور جي شاعرن تصوف کي ئي پنهنجي شاعري جو تاجي پيٺو بنايو هو. هنن تصوف جي باريڪ نُڪتن کي نهايت دلپذير انداز ۾ بيان ڪيو. شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جي اونهن اسرارن کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بنايو ۽ انکي نهايت سليس پيرائي ۾ نين تشبيهن ۽ استعارن سان بيان ڪيو. هنن سنڌ جي مقبول داستانن جهڙوڪ: سسئي پنهون، مومل راڻو، ليلا چنيسر، عمر مارئي، سهڻي ميهار، موڪي متارا جي تمثيلن جي آڌار تي فنا ۽ بقا جي رازن، هستي ۽ عدم هستي جي اسرارن، معرفت جي منزلن ۽ وحدت الوجود جي حڪايتن جو بيان ڪيو. سچل کي جيڪو ادبي ماحول مليو ان تي تصوف جو رنگ چڙهيل هو. جيئن تہ هو پاڻ حقيقت جو متلاشي هو، تنهن ڪري هن اهو رنگ خوشي سان قبول ڪيو ۽ پنهنجي پيش رو شاعرن جي تصوف واري ڪني جو ڍڪ لاهي، سرمستي ۾ الاهي اسرارن جو بيباڪيءَ سان اظهار ڪيو. فلسفئہ وحدت الوجود ۽ همہ اوست جو راز افشان ڪيو ۽ اناالحق جو نعرو هنيو.

الله، الله جو چويـــــن، پـــــاڻ ئـــــي الله جاڻ

ڪلهوڙن جي دور جي شاعرن فني ۽ معنوي سٺاءَ کان بيت ۽ وائي کي عروج تي پهچايو هو. سچل کي نندپڻ ۽ جواني

۾ اهو بيٺ ۽ وائي وارو ادبي ماحول مليو هو. سچل بيتن جي انداز بيان ۾ نئون رنگ پريو ۽ وائي کي ڪافي جو رنگ ڏئي نہ صرف ان کي ڳايو، بلڪ ان کي ايتري قدر مقبول بڻايو جو ساري سنڌ ۾وائي بجاءِ ڪافيءَ وڌيڪ مقبول ٿي وئي ۽ ٽالپرن جو دور ادبي نقطئہ نگاہ کان ڪافي جو دور ٿي پيو. دلپت، مير رستم خان، نواب ولي محمد لغاري، مراد فقير، غلام علي فقير، صديق فقير ۽ ٻين شاعرن ڪافي کي ئي پنهنجي اندر جي جذبن جي ترجماني جو ذريعو بنايو.

سنڌ جي ادبي تواريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سچل کان اڳ سنڌ جي ڪن شاعرن هندي ۾ طبع آزمائي ڪئي هئي. سچل جي زماني ۾ روحل فقير ۽ مراد فقير جن جوڌپور ۽ بيڪانير جو سير ۽ سفر ڪيو هو ۽ اتان جي زبانن جو اثر قبول ڪري، هندي ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. جيئن روحل فقير جي هڪ پڇن جي هن بند مان معلوم ٿيندو:

اپنا روپ پڇاڻ، سمجھ من درسن پيهي
(۱) ڪستوري وسي مرگھ ڪي مانهين
بن ٺن ڍونڍي سونگھي نانهين
هوءِ رهيا حيران

مراد فقير هندي ۾ گرو جي ڪرپا جي واکاڻ هيئن ڪئي آهي.

گـــرو ڪـــرپـــاتـــي اپـــجي گـــيـــان
تـــانـــتـــي پـــائـــيـــتـــي پـــد نـــر بـــان
گـــرو ڪـــرپـــاتـــي ڪـــال نـــہ ڪـــاءِ
جنـــد مـــرت ڪـــا سـنـــسـا جاءِ

سچل بہ پنهنجي ڪجھ ڪلام کي هنديءَ جي رنگ ۾

رنگيو آهي، پر هندستان جي ان وقت جي مشهور شاعر ولي دکني جي ريخته واري طرز اختيار ڪئي آهي، جنهن کي اڳتي هلي سنڌ جي ٻين شاعرن خاص طرح سندس معتقد شاعرن نانڪ يوسف، بيدل، ميان غلام محمد قادري وغيره، پڻ اختيار ڪيو آهي.

سچل چوي ٿو:

مجھ کو تیرا جادو لگا نا صبر نا آرام ہے
تیری طرف سے اے صنم نا خط آیا نا پیغام ہے
اس حال اپنے کی خبر کس کو سناوں اے 'سچو'
جنجال ہے یہ زندگی مرنے میں میرا کام ہے

سچل جي زماني ۾ رياست خيرپور جا حڪمران ۽ سنڌ جا ڪيترا قبيلا سرائڪي ڳالهائيندا هئا. ٽالپرن جي مادري زبان سرائڪي هئي. سندن حڪمراني جي ڪري خيرپور رياست جي عام ماڻهن تي سرائڪي جو وڏو اثر هو. سنڌ جا ملتان سان پراڻا لاڳاپا ۽ ناتا رهيا آهن، جنهن ڪري ملتان مان ڪيترائي فقير، راڳ وارا ۽ قوال وقت بہ وقت سنڌ ۾ ايندا رهندا هئا ۽ سنڌ ۾ سرائڪي ڪلام ڳائي داد حاصل ڪندا هئا. ميرن جي اثر، ملتان سان قديم لاڳاپن ۽ راڳيندڙن جي آمدرفت سبب خيرپور ۽ ان جي آس پاس سرائڪي ڪلام جو ماحول پيدا ٿي ويو هو. جنهن ڪان نہ صرف سچل، پر سندس دور جا ٻيا شاعر جهڙوڪ: روحل فقير، مراد فقير، عبدالله ڪاتيار، ابوبڪر وغيره متاثر ٿيا هئا ۽ سرائڪي ۾ بيت، ڪافيون ۽ ٻيو ڪلام چيو هئائون. روحل فقير سرائڪي زبان ۾ وحدت الوجود جي خيال کي هيئن بيان ڪيو آهي.

لوڪ آکي هي روحل پولينـدا
ڪوئي آکي هي ذات زنگيجا
نهين روحل نهين ذات زنگيجا
اي ڪوئي سر الاهي هي

سچل پنهنجي سرائڪي شاعري ۾ موج، مستي، مزو ۽ ميناج ترنم ۽ موسيقي، لطف ۽ اثر پيدا ڪري سنڌ ۾ سرائڪي شاعري جو پڪو پايو وڌو. سچل کان متاثر ٿي سندس دور ۽ پوءِ جي شاعرن سرائڪيءَ ۾ ڪلام چوڻ کي ضروري ڄاتو، جنهن ڪري سنڌ ۾ سرائڪي شاعري جي پرورش ٿي ۽ ان سنڌ ۾ زور ورتو. سچل جي هڪ جذبات سان ڀريل ڪافي ملاحظه ڪريو:

١. ساري راج تيڏي دي مين گولڙي گولڙي هوسان
شالا اسان تي مهر پو ويئي
٢. ايڏي اوڏي مول نه ويسان وي
يار سهڻا تيڏي جهولڙي جهولڙي هوسان
٣. سر پيراندي دي ميان لڳڙي هان مين
انگ تيڏي دي مين چولڙي چولڙي هوسان
۴. روز ازل ڪنون ميان سڻ ”سچو“ سائين وي
نانءَ تيڏي دي مين گولڙي گولڙي هوسان.

سيد ثابت علي شاهه اهو شاعر آهي، جنهن سچل وانگر ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جا دور ڏٺا. هن مرثيه لکي وقت جي ادبي ماحول ۽ سنڌي شاعرن کي هڪ نئين پر ڏک ۽ الم واري صنف مرثيه سان روشناس ڪرايو. خيرپور جا مير جيئن ته شيعا هئا تنهن ڪري خيرپور رياست ۾ امامن جي مجلس ۽ ماتم کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. جنهن جو اثر رياست جي اڪثر باشندن

تي نظر اچي ٿو. ثابت علي شاه ۽ سچل ٻئي همعصر شاعر هئا. محسوس ائين ٿو ٿئي تہ سچل، ثابت علي شاه جي مرثين کان متاثر ٿي مرثيا چيا، هن جي ڪن مرثين تي ثابت علي شاه وارو رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ثابت علي شاه امام حسين جي شهادت جو واقعو بيان ڪندي چوي ٿو،

يا نبي تنهن جي نواسي نامور ڪي ظالمن،
سر وڍي ڌڙ خاڪ ۽ رت ۾ ڇڏي ويا بي ڪفن.

هاءِ! هي مظلوم آهي، دلربا تنهنجو حسين،
ڏئي دغا ڪوئي ڪنو، اهل جفا تنهنجو حسين.

سچل ساڳيو واقعو هيئن بيان ڪيو آهي.

يا نبي تنهنجي نواسي جا سيئي خوردو ڪلان،
پٽ تي پيا پرزن تي پرزا ڪوفيان و شاميان،
ڌڙ ڇڏي ڌرتيءَ تي، سر چاڙهيئون بر نوڪ سنان،
واستم وا حسرتا، ڏس يا محمد الغياث.

سچل جي تولد کان اڳ سنڌ ۾ عروضي شاعري جو رواج پئجي چڪو هو، ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ آخوند عبدالرؤف ڀٽي، سنڌي مولودن ۾ عروض ڪم آندو هو. سچل جي همعصرن مان سيد ثابت علي شاه پنهنجا مرثيا بحر ۽ وزن تي چيا هئا. تنهن ڪري سچل جي دور جي ادبي ماحول ۾ علم عروض جي مقبوليت ۾ واڌارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سچل کان ٿورو اڳ جي شاعرن نور محمد خستہ ۽ ميان چتن ٽکڙائي جا هڪ اڌ سنڌي غزل ملن ٿا. ٽالپرن جي شروعاتي دور ۾ ڪن شاعرن غزل جي طرف قدم کنيو آهي. سچل جو ڪلام عروض تي پورو ڏسڻ ۾

اجي تہ ۽ هن ڪجهہ غزل اهڙا ڇپيا آهن، جي نہ صرف بحر وزن تي پورا آهن پر انهن ۾ غزل جو سمورو حسن سمايل آهي. سچل جي هڪ غزل جا ڪجهہ شعر ملاحظہ ڪريو.

آهي انهن اکين کي خاصو خمار تنهنجو
وينو ونې مان آهيان، ڪامل قرار تنهنجو

هن تي وڏو ڪرم ڪيو، جو درد دل بچايو
ساريان لطف سنڀاريان، آهہ بيشمار تنهنجو

چاهيو جئين، اوهان جي دامن لڳي جو آهيان
سچو غلام چائج هي داغدار تنهنجو.

•

سرمست . ۵
1985ع

سچل جو شارح - نماڻو فقير

سنڌ ۾ گهڻي ئي صوفي درويش ۽ سنت مهاتمائون ٿي گذريا آهن، جن دنوي ڏنڌن ۽ مايا-موھ ۾ ڦاٿل انسانن کي روحاني ترقيءَ جو پيغام پئي سڻايو آهي. نہ فقط ايترو پر هنن اهو سنديش بہ ڳڌوڳڌ پئي ڏنو آهي تہ انسان سڀ ڀائر آهن، سڀيئي پراڻي هڪ اُپائڻهار جا اپايل آهن، منجهن نند-وڏائيءَ ۽ دوئيءَ جي ديد رکڻ بي علمي ۽ اگيان آهي، سڀ ڌرم ۽ مذهب هڪ خلقڻهار، پرم-تت تائين پهچڻ جو مارگ ٻڌائين ٿا. واٽون الڳ الڳ آهن، پر مڙني جو مقصد هڪڙو ئي آهي. ويهين صديءَ جي سنتن ۽ مهاتمائن ۾. سنڌين ۾، هڪ اهڙو سنت ٿي گذريو آهي، جنهن جو نالو آهي نماڻو فقير. حقيقت ۾ هوءَ هِڪَ عورت هئي، جنهن جو تخلص هئو ”نماڻو فقير.“ هن صديءَ ۾ سنڌي هندن ۾ جيڪي سنت-مهاتمائون ٿي گذريا آهن تن مڙني ۾ نماڻي فقير جو نرالو استان آهي. موجوده صديءَ جي سنڌ جي وڏ-گهراڻن هندو ڪٽنبن ۾ پيدا ٿيل مون کي هيءَ ئي هڪ عورت سجهي ٿي. جيڪا سنساري مايا-موھ کي ترڪ ڪري، رشتن-ناتن جا ٻنڌڻ ٽوڙي، درويشن جي سنگھ ۾ وڃي رهي ۽ راجستان جي مائيءَ ميران وانگر پرماتما جي ڀڄن-ڪيرتن ۾ سموري جيوت گذاريائين.

نماڻي فقير جي زندگيءَ جو شروعاتي دؤر بہ ڪي قدر غير-رواجي آهي. هُن جو اصل نالو هئو ”هاسي“. شڪارپور جي

هڪ آڪاهي ۽ شان مان واري ڪٽنب ۾ سندس جنم ٿيو. سندس پيدائش جو سال ١٨٨٨ع ۽ پتا جو نالو هئو ڏيدارام. پرماتما کيس سهڻا روش ۽ گورو رنگ ته ڏنو پر ان سان گڏ کيس پير ۾ ڄائي ڄم کان وٺي ئي وڏ ڏيئي ڇڏيائين. نينگر اڄ ننڍي، سيان وڏي ٿي. سندس ڏنگو پير ڏسي، ماڻس پٽس هميشه ڳڻتين ۾ پيا ڳرندا هئا. پر هاسيءَ جي پاڻين سپ سک هئو. هوءَ جيئن ئي وهياتري ٿي ته پريوءِ جي پريم ۾ لين رهڻ لڳي. ڀڳتيءَ ڀاونا طرف سندس من ڇڪجي ويو. هن پنهنجيءَ ٻانهن تي ڪرشن ڀڳوان جي ڇبي ڪري ڇپائي، ۽ ڏينهن رات راجستان جي ڀڳتياڻيءَ ميران وانگر گردر گوپال جي گيتن ڳائڻ ۾ مگن رهڻ لڳي. سندس آواز به ڏاڍيءَ جي مهر سان اهڙو مٺو هئو جو ٻڌندڙ واهه واهه پيا ڪندا هئا ۽ ڀڳتي ڀاوَ ۾ مگن ٿي ويندا هئا.

هاسي جڏهن شاديءَ لائق ٿي، ته ماڻن کيس هڪ وڏي عمر واري سيٺ پوڪرداس سان ڪري پرڻايو. هو سيٺ رنڙ هئو، سندس زال تازو گذاري ويئي هئي، جنهن مان اولاد به هوس. پر هاسيءَ جي ماءُ پيءُ پنهنجي ڌيءَ جي پير ۾ ڦير ڏسي. لاچار اهو گهُٽُ ڪاڌو، هاسي جي زندگي ساهري گهر ۾ سک چين سان گذرڻ لڳي. ڇگائي سال گذري ويا، ته کيس سنتان ڪانه ٿي. انهيءَ ڪري زال-مڙس ٻنهي، سنتن-درويشن جا در پسڻ شروع ڪيا، من ڪنهن جي دعا سان سندن مراد پوري ٿئي. هڪ دفعي هو ٻئي درازن ۾ سچل سرمست جي درگاه جي سجاده نشين سخي قبول محمد جي ساراهه ٻڌي سندن ديدار لاءِ ۽ دعا وٺڻ لاءِ درازن ۾ ويا. اُتي کين ڏسي سخي ڏاتار چيو، ”خير سان آيئو؟ اسان پئي اوهان جو انتظار ڪيو.“ درويش جي در تان موڪلائڻ وقت،

سخي ڏاتار کين چيو تہ "هاڻي اسان وٽ وري ڪڏهن ايندءِ؟" ان سوال جو جواب اُن وقت تہ هاسيءَ تورڙي سندس مڙس، سخي سائينءَ کي ڪونہ ڏنو، پر غيب جي ڪل کين بہ ڪانہ هئي تہ اڳتي هلي ڇا ٿيڻو آهي؟ ان ڳالهہ کي ڪجهہ عرصو ٿيو اچانڪ سيٺ پوڪرداس جي طبيعت بگڙي پيئي. گهر وارن سندس گهڻي ئي علاج ڪرايا پر ڦڪين فرق نہ ڪيو، آخر سيٺ ساسين سڪالوڻي ويو. پتيءَ جي گذاري وڃڻ جو صدمو هاسيءَ کي ايترو تہ رسيو جو ڪيترا سال سندس صحت بہ ڊهي پيئي. دنوي ڳالهين ۾ سندس من نہ پيو لڳي. بس، پوءِ هاسيءَ کي اهڙو وائراڳ لڳو جو گروگڙ صاحب ۽ ٻين ڌرمي گرنٿن جو اڀياس ڪرڻ، تيرٿ ياترائون ڪرڻ ۽ پڇن ڪيترتن ڪرڻ ئي سندس زندگيءَ جو مقصد بڻجي پيو. هڪ دفعي هردوار ۾ سپني ۾ سخي قبول محمد هاسيءَ کي درازن ۾ اچڻ جي نيند ڏني. درويش سخي ڏاتار جي چرنن ۾ سجدو ڪرڻ لاءِ سندس من وياڪل ٿي پيو. هوءَ ترت هردوار مان واپس، پنهنجي ڳوٺ آئي، اتان پوءِ درازن ۾ درويش جي در تي وڃي حاضر ٿي. ڪيس ڏسي سخي قبول محمد جن فرمايو، "ابا اچي ويا، ڀلي آيا، جيءَ آيا نج آيا، اسان اوهان جي انتظار ۾ هئاسين. رب رحيم اوهان کي خير سان هت پهچايو آهي."

بس، پوءِ تہ هاسيءَ جي زندگيءَ ۾ نئون ورق وري ويو. هن سخي ڏاتار کي پنهنجو مرشد ڪري مڃيو.هاسيءَ کي گهر-ٻار، دنوي رشتن ناتن جي ڪابہ سمڪ نہ رهي. ڏيرن، ماٽيلي پٽ ۽ ٻين رشتيدارن ڪيس گهڻو زور ڀريو تہ گهر موٽي هل، پر هوءَ مرشد جي پاڪ حضوريءَ ۾ رهي، معرفت جا موتي هٿ ڪرڻ ۾ مگن ٿي

ويئي. سخي قبول محمد ٻہ سندس سچي عقيدت کي ڏسي ڪيس پنهنجي دين جي نياڻيءَ جو درجو ڏنو. سندس نهڻائي ۽ حليمائي کي ڏسي ڪيس ”نماڻو فقير“ ڪري سڏيو.

نماڻو فقير درازن جي درگاهہ تي ساندهہ پندرهن سال رهيو. ان وڏي عرصي ۾ مرشدن جي مهر سان سندس اندر جي اک کلي پيئي.هو روحاني راهہ تي گهڻو گهڻو اڳتي وڌي چڪو هئو. ان عرصي ۾ سخي قبول محمد هي فاني چولو ڇڏيو ۽ ڪانئس پوءِ پيا سجاده نشين سچل جي درگاهہ تي مقرر ٿيا. نماڻي فقير، درازن ۾ پندرهن سال رهڻ بعد، پنهنجي مرشد جي فرمان کي اکين تي رکي، سچل سائنيءَ جو روحاني پيغام ڦهلائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو.هو جتي ڪٿي پنهنجي مڌر سُر سان سچل جو ڪلام ڳائي، خلق کي نئين راهہ ڏيکارڻ لڳو. درگاهہ شريف کان پوءِ هن حيدرآباد سنڌ ۾ رسالا روڊ تي ستسنگ شروع ڪيو. ملڪ جي آزاديءَ کان پوءِ هو سن ١٩٤٨ع ۾ پنهنجن ڪن ستسنگين سان لڏي ڀارت ۾ آيو ۽ اچي ٻڙودي ۾ ٽاڻو ٽڪاڻو ڪيائين، سن ١٩٦٠ع ۾ هن ٻڙودي ۾ ”سخي ڪٽيا“ نالي سان آشرم برپا ڪيو، جتي روزانو نت نيم صوفيائي ڪلام جون چونڪيون ٿيڻ لڳيون. نماڻي فقير جي هڪ صدق واريءَ شش ڀيڻ ٿليءَ عرف پشپا بمبئيءَ ۾ صوفيائي ڪلام جي چونڪين جو سلسلو شروع ڪيو. اهڙي چونڪين ۾ گرونانڪ جي ٻاڻيءَ، سچل سائين جي ڪلام ۽ نماڻي فقير جي ٻاڻيءَ کي ستسنگي ڳائيندا آهن.

نماڻي فقير کي پنهنجي هن سنساري چولي ڇڏڻ جا پرون اڳيئي پئجي چڪا هئا. هن پشپا کي چيو تہ هر مهيني جي ٢٤ تاريخ چونڪي ضرور ڪندا ڪريو.هو مهينو ڏيڍ اڳ ٻڙودي مان

بمبئيءَ آيو ۽ اتي ستسنگين ۾ نامر جو ڦهلاءُ ڪندو رهيو. سندس صحت چڱي پوئتي پئجي چڪي هئي. ٢٣ مارچ ١٩٢٣ع جي ڏينهن، رات جي وقت ڏهه لڳي پنجويهن منٽن تي، هن ستسنگين جي وچ ۾ نامر جو ڦهلاءُ ڪندي، هيءُ فاني شرير تياڳيو. سندس اگني سنسڪار ٢۴ مارچ تي شام جو بمبئيءَ ۾ ٿيو. اڄ تائين نماڻي فقيرجي ياد ۾ سندس شش، هر مهيني جي ٢۴ تاريخ تي صوفياڻي ڪلام جي چونڪي نت نير ڪندا پيا اچن.

نماڻي فقير جي ”سخي ڪٽيا“ ٻڙودي ۾، سچل سائينءَ جي درگاهه جا نائين گاديءَ وارا خواجا پير عبدالحق جن پڌاري هئا. هو نماڻي فقير کي گهڻيءَ عزت وچان ”بوءا“ ڪري سڏيندا هئا. انهن نماڻي فقير جي آخري خواهش کي مان ڏيئي سندس هائين ۽ رک کي درازن جي درگاهه شريف ۾ اندر جڳهه ڏيئي سندس هائين ۽ رک کي درازن جي درگاهه شريف ۾ اندر جڳهه ڏني، اِن طرح، نماڻي فقير جي مزار، اٺين گاديءَ وارن صاحبن جي پرسان ۽ سخي داتا جي پيرانديءَ کان ٿاهي ويئي. سندس سماڌي ٻڙودي ۾ ”سخي ڪٽيا“ آشرم ۾ بہ آهي، جتي هر هڪ آرتوار تي نيم سان چونڪي ٿيندي آهي. نماڻي فقير جي نهٺائي انمان ظاهر آهي تہ هو پاڻ کي ”خاڪ پاءِ، سگِ درِ شاهِ دراز“ يعني (پيرن جي خاڪ، درازن جي شاهه جي در جو ڪتو) ڪري سڏيندو هئو. اهي لفظ سندس سماڌيءَ ۽ مزار تي بہ اڪريل آهن.

ادب جي کيتر ۾ نماڻي فقير جون مکيہ رچنائون هن ريت آهن

(١) سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام:- پنج سئو صفحن جي وڏي سائيز واري هن ڪتاب ۾ نماڻي فقير، سچل سرمست جو چونڊ ڪلام ڏنو آهي. ڪتاب جي شروع ۾ تصوف ۽ ويدانت

جي اصولن جي مختصر سمجهاڻي ۽ سچل سائينءَ جي زندگيءَ جو ٿوري ۾ احوال ڏنل آحي. ڪتاب جي آخر ۾ اوکن لفظن جي معنيٰ ۽ صوفي اصطلاحن جي سمجهاڻي بہ ڏنل آهي.نماڻي فقير هيءُ رسالو سن ١٩٥٢ع ۾ بڙودي مان ڇپائي ظاهر ڪيو.

(٢) حق موجود:- هن ڪتاب ۾ نماڻي فقير، گروناڪ جي واڻي ۽ سچل سائينءَ جي چوند ڪلام سان گڏ، پنهنجي پاڳي ۾ پنهنجي چوند ٻاڻي بہ ڏني آهي، جنهن ۾ سندس ڇيل اٽڪل سوا سؤ ڪن شعر آهن. هيءُ ڪتاب سن ١٩٦١ع بمبئيءَ مان شايع ٿيو هئو "سخي ڪنيا" جا ستسنگي ۽ نماڻي فقير جا شش گهڻو ڪري ان مطابق ڀڄن ڪيرتن ۽ صوفياڻي چونڪي ڪندا آهن.

٣. نماڻل ماڻ: سخي ڪنيا بڙودي جي سنياليندڙ نرمل جاتيءَ هن ڪتاب ۾ پنهنجي مرشد نماڻي فقير جو چوند ڪلام الف-بي وار گڏ ڪري سن ١٩٨٨ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ان ۾ نماڻي فقير جي مختصر جيوني ۽ سندس رچيل اٽڪل ٽي سئو ڪن شعر ڏنل آهن، جيڪي گهڻو ڪري ستسنگ ۾ وقت بہ وقت ڳاتا ويندا آهن.

انهن ڪان سواءِ، نماڻي فقير جو رچيل ٻيو بہ چڱوئي ڪلام آهي، جيڪو اجان تائين ڇپجي ظاهر نہ ٿيو آهي. نماڻي فقير جو ڪلام پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو هڪ سچي سالڪ جي اندر جو آواز آهي. سڌي ساديءَ ٻوليءَ ۾ اهو روحاني راهہ تي اڳتي وڌندڙ جگياسوءَ جي اُمنگن جو اظهار آهي. ان ۾ مرشد جي مهما ۾ ڳاتل گيت آهن، تہ انهيءَ جي وڇوڙي ۾ ڪيل ورلاپ بہ آهن. ان حق جي اصل صورت سڃاڻڻ طرف اشارا آهن، تہ انهيءَ جي عشق جي اساڻ ۾ برهہ جا گيت بہ آهن. نماڻي فقير جي ڪلام

جي مکيہ خوبي آهي ميناج ۽ سنگيت جي لئہ. جن سخي ڪٿيا جي ستسنگہ ۾ نماڻي فقير جي ڪلام کي سنگيت جي ڏن تي ڳائڻ وقت ٻڌو هوندو، اُهي اُنهيءَ جي جادوئي اثر کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. هتي نماڻي فقير جي ڪلام جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

نماڻي فقير جو پنهنجو مرشد سخي قبول محمد ۾ اٿميو صدق ۽ شرڌا آهي. هو کيس پرماتاما جو اوتار ڪري ٿو مڃي:

١. سڀ گڏجي چئو مرحبا مرحبا.

فيض فاروقيءَ جو جاري آهہ

واه واه، فيض فاروقيءَ جو جاري آهہ.

ڪلجڪ ۾ سخي اوتار ڌاري،

انڌن اٻوجهن کي راهہ ڏيکاري

جام عشق جو پيارڻ آيو آهہ

واه واه، فيض فاروقيءَ جو جاري آهہ.

(نماڻل ماڻ ص: ٥٠)

٢. مون هڪ ڏٺو سخي سائينءَ کي

وڃان ٻئي پاسي ڇو ڪاهي؟

مرشد منهنجو آهي شاهہ يگانو

مونکي ڪاڻ ٻئي ڪنهن جي ناهي

ويس درازين پار پرينءَ جي

سڀ لوڪ لاڳاپا لاهي

دنيا جون سڀ وايون وسريون

جڏهن ڏور وڃي ڇڪيو ڏاهي

"نماڻا" ڇوٿو وتين ويڳاڻو،

تنهنجو ننگ ننگيءَ تي آهي
(نماڻل ماڻ ص: ٩٥)

نماڻي فقير کي سخي قبول محمد وٽان روحاني فيض رسيو، تنهن جو ورڻن ڪندي هو چوي ٿو:

مونکي نہ هئي ڪل ڪائي

ستگر ڳالهہ ڳجهي سمجهائي

١. ڏسي ٻڌي، ٻولي ڪير ٿو، اها راهہ ٻتائي.
٢. مئہ جو پيالو پُر پيئاري، عشق جي چاش چکائي.
٣. هن جسم جو ڪرائي وسارو، مرشد ڪئي رهنمائي.
٤. اکين منجهہ اسرار ڏيکاري، يلاري ڪئي يلائي.
٥. مان ۽ تون جو پردو هٽائي، ڪئي چٽي روشنائي.
٦. "نماڻا" ٻاهريون ناڻ وڃائي. ذات ۾ ذات سمائي.

(حق موجود ص: ١٨٠)

ساڌنا جي مارڳ ۾ عشق حقيقيءَ جا گڻ ڳائيندي، نماڻو فقير چوي ٿو:

اديون عشق نہ آٿوَ آسان، پرجهي پايو پيو انهيءَ ۾.

١. جيڪا سڪ جو سبق پڙهندي، دنيا کان سا منهن موڙيندي.
ڏاج ڏکن جو پلئہ پائيندي، طعنا تنڪا سر تي سهندي.
٢. جيڪا عشق سان ناتو رکندي، هوش عقل سا سڀ وڃائيندي.
عشق جي آگ ۾ جيءُ جلائيندي، ٻيا سڀ لاهي گمان
٣. سانگو لاهي جا سر سٽيندي، "نماڻا، الله وٽ سرخرو ٿيندي.
آپو وڃائي جهاتي آندر پائيندي، هڪ ڏسندي يڳوان

(حق موجود ص: ٢٦٧)

SOORIH SINDHI ADAB

مرشد جي مهر سان جڏهن نماڻي فقير کي روحاني رمزن جي پچاڻ ٿئي ٿي تڏهن هو چوي ٿو:

پار پئي چو ووڙيان، دوست وسي منجهي دل ۾.
١. چاهه تيم چت ۾، پاتم جهاتي لِڪَ ۾،
ڏنم سڄڻ ڪيو سڪ ۾، صدقي ڪري سر گهوريان
٢. جاني منهنجي جان ۾ آهي، دل جي تخت تي ويٺو حڪم هلائي.
هيءَ هئڻ سڀ هن جو آهي، اهو چرخو پئي چوريان.
٣. "نماڻا" جانب کان ڪجهه جدا ناهي، ڏس پنهنجي ديد ڦيرائي
جلوو سڀ هن جو آهي، ڏونگر ڪهڙا ڏوريان
(حق موجود ص: ٢٧٨)

نماڻي فقير جي ڪلام ۾ آزي نيزاري ۽ نماڻائي به جهجهي انداز ۾ سمايل آهي. محب جي ملڻ لاءِ هو ٻاڏائي ٿو:

ڪيئن پنهل پرچايان، مان بدڪل بچڙي آهيان.
١. ٻچيءَ پائي ڪپڙو، بديون بخشايان.
٢.محب جي ملڻ لاءِ، پل پل پيٽي واجهايان
٣. سهڻا ساجن درشن ڏي، سڪ مان روز ٻاڏايان.
٤. "نماڻا" الله جي رحمت مان، آس اميد نه لاهيان.
(حق موجود ص: ٢٠٧)

حوالا:-

١. سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام! نماڻو فقير سخي ڪٺيا ٻڙودا. ١٩٥٢ ص: ٥٠٠.
٢. حق موجود: گڏ ڪندڙ نماڻو فقير، ڇپائيندڙ لڇمي ٻائي

SOORH SINDHI ADAB

ويڙهو مل پاوناڻي، ڪولبا بمبئي. ١٩٦١ع. ص: ٣٠٠

٣. نماڻل ماڻ (سائين فقير صاحبن جا ڪلام) ايڊيٽر- نرمل ڄاني. سخي ڪنيا، بڙودا (گجرات)
ٻيو ڇاپو ١٩٨٨ع. ص: ٤٤٢.

سرمست ـ ١٢
1993ع

سچل جي ڪلام ۾ عشق حقيقيءَ جو عنصر

سچل سرمست پنهنجي دور جو هڪ وڏو صفي شاعر ٿي گذريو آهي، ۽ هن وقت تائين جهڙس بيباڪ صوفي شاعر سنڌ ۾ اڃان پيدا نہ ٿيو آهي. سچل سائين هڪ سالڪ مجذوب ۽ الاهي اسرارن جو عارف هو. تصوف جي راهہ جو اهڙو ڪوبہ پنڌ يا پيچرو ڪونهي، جنهن تي پاڻ هليو نہ هجي! سچل سائينءَ تصوف جي ڳجهن رازن ۽ رمزن کي پنهنجي شعر ۾ کولي بيان ڪيو آهي. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ کانپوءِ سچل سائينءَ کي سنڌي صوفيانہ شاعريءَ جو هڪ نمائندو شاعر ڪري سمجهيو وڃي ٿو. لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ اگر شاعرائي بلند خيالي،فسلفو، خيال جي گهرائي ۽ جذبي جي وسعت آهي تہ سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ وري عشق جي مستيءَ جو اظهار آهي، ۽ ساڳئي وقت مهذب جي ڪوڙي ۽ ظاهري ڏيک ويک لاءِ ڌڪار پڻ آهي. سچل سائين "پاڻ سڃاڻڻ" تي وڏيڪ زور ڏنو آهي ۽ "نفي اثبات" جو ذڪر ڪيو آهي. هن "همہ اوست" "حق موجود" ۽ "اناالحق" جا نعرا بلند ڪيا آهن.سچل سائينءَ جو نالو "سچو" آهي. پاڻ هميشہ سچ جو پيروڪار رهيو آهي.

سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي
ڪُوڙي دوستيءَ جو دَمُ بٽي نہ بٽي.

پاڻ "سرمست" بہ ڪري سڏيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ مٿس اڪثر حال واريءَ حالت جو غلبو طاري رهندو هو ۽ اها مستي

سندس ڪلام مان صاف ظاهر آهي. فقير عبدالقادر "بيدل" روهڙيءَ واري ڪهڙو نہ سچ جو اکر ٻوليو آهي:

وجد وحدت جو سدا، خاص تنهين خمار هو،

مرد سو منصور وانگر، عشق جو اوتار هو.

سچل سائينءَ پنهنجي چاچي ميان عبدالحق کي پنهنجو روحاني مرشد ڪري ورتو هو. پاڻ پنهنجي مرشد جي محبت ۾ "فنافي الشيخ" واريءَ منزل تي هو. سچل پنهنجي ڪلام ۾، پنهنجي روحاني رهبر لاءِ تمام گهڻي محبت ۽ اُنس ڏيکاريو آهي. پاڻ چوي ٿو:

ميرا هادي عبدالحق هوا،

نهين عبد، هوا هي حق الحق.

"يعني منهنجو مرشد عبدالحق آهي. هُو عبد يعني ٻانهو نہ آهي. پر خود حق جو مظهر آهي." انهي مان صاف ظاهر آهي، تہ ميان عبدالحق ئي سندس دل ۾ الاهي محبت جي عشق جي آگ ٻاري هئي. ان سان گڏ، سچل تي فارسي شاعر "عطار" جو بہ اثر غالب آهي، ۽ هن کان پڻ مماتيءَ واريءَ حالت ۾، روحاني فيض جو وند ورتو هئائين. اهوئي ڪارڻ آهي،تہ جڏهن سچل جوش ۽ جذبي، موج ۽ مستيءَ واري حالت ۾ هوندو هو تہ بي اختيار ڪلام چوندو هو. انهي ڪري ڪيس "عطار ثاني"بہ ڪري چون ٿا ان لاءِ "بيدل" سائين پنهنجن جذبن جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

منجهہ سخن تنهنجي، الوهيت سندو آثار هو،

جنگ، جذبي، جوش، مستيءَ ۾ مثل عطار هو.

حافظ شيرازي رحہ پنهنجيءَ هڪ غزل ۾، "حُسن" جي باري ۾ چوي ٿو تہ، "بادشاهي تاج پهرڻ ۽ سارو ڏينهن دنيا جي فڪر ۽ اوني ۾ گذارڻ ڪان بهتر آهي، تہ هڪ حسين چهري جو دل کولي

ديدار ڪجي!" ساڳيءَ ريت سچل بہ انهي واٽ جو پانڌيڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو سندس ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ "حس پرستي" نظر اچي ٿي:

هيءَ سڀ حسن جمال اسان جو، جنهن ۾ پاڻ پياسي.

سچل سائين حُسن جو شيدائي هو. پاڻ هميشہ قدرتي حسين نظارن سان، پنهنجا نيڻ پيو ٺاريندو هو. قدرت جي انهن حسين ۽ دلفريب نظارن جي ڏسڻ سان کيس راحت ۽ سُڪون حاصل ٿيندو هو. اهوئي ڪارڻ هو جو عام عام ماڻهن جي صحبت کان کيس گوشہ نشيني وڻندي هئي، ۽ ماٺ ميٺ ۾ قدرت جي حسن جومشاهدو ماڻيندو رهندو هو. دراصل سچل جو مذهب "عشق حقيقي" هو، جنهن ۾ پاڻ رات ڏينهن محو رهندو هو. انهيءَ "عشق واريءَ راهہ" ۾، سمورا مذهبي ڪٽرپڻا مات ٿي وڃن ٿا. دل مان دُوئي نڪري وڃي ٿي ۽ طالب جي دل آئيني وانگر صاف ٿي پوي ٿي. اهو ئي سبب هو، جو پاڻ ظاهر مذهبي پابندين کان بالاتر هو. حافظ شيرازيءَ جو قول آهي تہ: بنده عشقم و از هر دوجهان آزادم" يعني آءٌ عشق جو غلام آهيان ۽ ٻنهي جهانن کان آزاد آهيان

سچل پنهنجي دلي جذبي جو اظهار هن ريت بيان ڪري ٿو:

بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم ٿياسي،
نڪي قاضي نڪي مُلا، مُعلم پير ٻڌياسي،
نڪي ٺاهہ ٺڳيءَ جا ٺاهي، رنگ رساءِ رکياسي،
"سچل" ٻاجهون عشق الله دي، ڪوئي هُنر نہ سکياسي.

سچل سائينءَ جي انهيءَ "حقيقي عشق" واري منزل، ظاهري ڏيک ويک واري ڪانہ هئي. ظاهر بين وانگر هٿ ۾ تسبيح، مسجد

ا مندر وچڻ واري روايتي محبت ۽ عشق کونہ هو. سندس اندر
۾ "عشق الاهيءَ" جي هڪ آگ هئي، جا هميشہ جلندي رهندي
هئي. پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ انهن جذبن جو اظهار ڪندي. هڪ
ـند ڪليل لفظن ۾ چوي ٿو، تہ انهن ظاهر ڳالهين کان هٽي، مون
ـرف "عشق"جو دامن جهليو آهي، جنهن مون تي عنايت
ـڪري، "حق" جي راهہ ڏيکاري آهي. سچل جي زباني اها ماجرا
ڌو:

نہ مان ڪيڙو ڪڙڪو تسبيح، نہ ڪيڙم زهد عبادت،
نڪي مسجد مندر ويڙس، نہ ڪيڙم تقويٰ طاعت،
"سچل" جو ٿيو بخت سوايو، جو ڪيڙي عشق عنايت

اهڙيءَ ريت جيئن سچل جي ڪلام جو ڳوڙهيءَ طرح سان
ـلالعو ڪبو، تيئن تيئن اهو بخوبي معلوم ٿيندو، تہ سندس
... "عشق حقيقي" هو، جو سندس رهبر هو، تہ هادي بہ هو.
... عشق، هڪ اهڙي شيءِ آهي،جو جڏهن ڪنهن جي اندر ۾
... ڪري ٿو، تہ پوءِ هن جي دل ڪائي وانگر شفاف ٿي پوي ٿي
... دل ئي حقيقي محبوب جو جلوو پسائي ٿي. پوءِ هڪ سچي
عاش... کي ظاهري زيارتن ۽ تيرٿن پيٽڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ ٿي
پو... ان لاءِ سچل سائين چوي ٿو:

ڏسو عشق جو انصاف، سڀئي مذهب ڪيائين معاف،
مڪي وڃڻ مقصد ڪيهو، ڪر اندر تن طواف،

•

هيءَ تَنُ طوافي ٿيو، وڃئون غير ويوسي،
انهيءَ پاڇهون ناهہ ڪو، اهو احرام ٻڌوسي.

سچل جي عشق جي مارڳ جو نظريو اهو آهي تہ هميشہ پاڻ

کي سجاڻجي، ۽ ساريءَ مخلوقات لاءِ هڪ محبتي جذبو رکڻ گهرجي. جنهن پاڻ سڃاتو، تنهن ڄڻ مقصد حاصل ڪيو، ۽ ان کي سارو جهان هڪ نظر ايندو، پوءِ ظاهري دنيوي پابنديون ۽ بندشون، هن لاءِ ڪا معنيٰ نہ رکنديون آهن. سچل سائين موج ۽ مستيءَ ۾ اچي، انهيءَ ڪيفيت کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

"سچو" سر سبحان، پر عالم ليکي آدمي!

سچل کي ساري جهان ۾، حقيقي نور جو تجلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان حقيقي نور جو شعاع مسجد، منبر، محراب يا خانقاهہ ۽ مڪتب مان حاصل نہ ٿيندو آهي، پر اهو تجلو ۽ شعاع محبوب جي پيشانيءَ مان ظاهر ٿيندو آهي. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ ان ڳالهہ کي نهايت رازداريءَ سان بيان ڪيو آهي:

مُنهن محراب محبوب جو، جامع سڀ جهان

اُڏامي اُت ويو، عقل ۽ عرفان

سمورو سبحان، ڪنهن کي وجهي نيتيان.

پر سچل سائينءَ انهي ڍڪَ کي پري اُڇلي، ظاهر ظهور لفظن ۾ چوي ٿو، تہ خدا پاڻ منصور جي پردي ۾ "انالحق" چوايو، ۽ شريعت جي صاحبن، شريعت جي بندشن کي ٽوڙڻ تي "شرڪ" سمجهي، مٿس فتويٰ صادر ڪئي:

حق "انالحق" ٿي چيو، پر منجهہ نظر منصور هو،

منجهہ شرع شرڪت چون، منجهہ معرفت منظور هو.

سر ۾ توحيد جي، ڪيئي سال ملهہ مستور هو،

پوءِ "سوچو" ڪنهن نينهن نيون، تنهن ڇهڇڻي ڇڪچور هو.

نہ صرف ايترو، پر پنهنجي فارسي ڪلام ۾ پاڻ کي "منصور" ڪري سڏيو اٿائين.

میزنم نعره اناالحق آشکار
اندرین آخر زمان منصور وار
نوبتِ آن بادشاهي میزنم،
شهریارم شهریارم شهریار.

"یعني آءُ اناالحق جو نعرو پڌري پٽ هڻان ٿو، هن آخرین وقت ۾ منصور وانگر، هيءَ سلطانيءَ جي نوبت وڄايان ٿو. مان شاهہ آهيان، شاهہ آهيان، شاهہ!" مشرقي شاعريءَ جو جڏهن باريڪ بینيءَ سان جائزو وٺجي ٿو تہ اهو چڱي طرح سان معلوم ٿئي ٿو، تہ مشرق جي شاعرن اڪثر "حسن ۽ عشق" کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي، ۽ ان ۾ پنهنجي شاعريءَ جا جوهر ڏيکاريا آهن. دراصل ڪنهن بہ شيءِ جو ذڪر،انهيءَ شيءِ جو تصور آهي. اگر اهو تصور صاف "منڪشف" ۽ "متميز" هوندو، تہ "فڪر" بہ صحيح هوندو. ليڪن ان شيءَ جو تصور جيستائين صاف نہ هوندو، تيستائين "توجهہ تام" نہ هوندو، اصل ۾ "توجهہ تام" ان شيءِ جي ماسوائِ تائين پهچڻ کان پهريائين "خوديءَ" کي ڪڍڻ ڪانپوءِ ئي ٿيندو آهي. ۽ انهيءَ کي اصطلاح ۾ "عشق" ڪري چوندا آهن. عاشق پنهنجي محبوب جي ياد ۾ ايترو تہ محو ٿي ويندو آهي، جو هُو پنهنجي "خوديءَ" کان بہ بي خبر ٿي ويندو آهي. اهو بہ سچ آهي، تہ "ذڪر الاهي" جو حق بہ "عشق" ذريعي ادا ٿيندو آهي. عشق جي راهہ ۾ پهريائين پاڻ کي "خوديءَ" مان ڪڍڻو آهي، يعني "فنا" ڪرڻو آهي. جو طالب "خوديءَ" کي "فنا" نہ ڪندو اهو "عشق" جي واديءَ ۾ اهوئي قدم ڌري سگهندو، جنهن "حرص" ۽ "هوا" کي نيست ۽ نابود ڪيو هوندو. "عشق" جو تعلق دل سان آهي ۽ ان جي ابتدا "ذڪر"

آهي، جو "معشوق" جي ياد ۾ ڪيو وڃي ٿو. اڪثر عام ماڻهن جو اهو خيال هوندو آهي، تہ "ذڪر" جو واسطو "زبان" سان آهي. ليڪن ائين درست نہ آهي، تہ "ذڪر جو واسطو "زبان" سان اهي، ليڪن ائين درست نہ آهي، بلڪ "ذڪر" جو تعلق سنئون سڌو "دل" سان آهي. مشرق جي اڪثر شاعرن "عشق" کي پنهنجو "مذهب" ڪري سمجهيو آهي ۽ محبوب جي حُسن کي "قبلو".

حقيقت ۾ "حسن ۽ عشق" الله جون وصفون آهن. عربيءَ ۾ قول آهي تہ، "الله جميلٌ ويحب جمال" يعني الله پاڻ حسين آهي ۽ سونهن کي پسند ڪندو آهي. الله تعاليٰ هيءَ ساري ڪائنات انهيءَ لاءِ خلقي، تہ هو پنهنجي "حسن" کي ظاهر ڪري ۽ پنهنجي "حسن" کي پاڻ ڏسي. صوفين وٽ مجازي محبت "حقيقت" تائين پهچڻ لاءِ هڪ پُل آهي، جنهن جي ذريعي هُو انهيءَ منزل تائين رسائي حاصل ڪري ٿو. سنڌي شاعرن پڻ عام سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۽ قصن جي اوٽ ۾، "عشق" جو اظهار ڪيو آهي. خدا کانسواءِ نہ ڪو "عاشق" آهي. ۽ نہ "معشوق". حسين جو "حسن" سندس اڳيان هڪ پردو آهي ۽ "پاڻ" انهيءَ "حسن" جي پنيان پنهنجو "جمال" ڇپايو اٿائين. اهوئي ڪارڻ آهي، جو صوفين وٽ هر شيءِ جو ذاتي وجود "عشق" آهي. مولانا جامي رحہ چوي ٿو:

عشق است وبس کہ در دوجهان، جلوه ميڪند
گاه از لباس شاه وگہ از کسوت گدا

"يعني اهو عشق آهي، جو ٻنهي جهانن ۾ پنهنجو جلوو پسائي ٿو، ڪڏهن سلطان جي صورت ۾، تہ ڪڏهن فقيرائي گوڏڙيءَ ۾"

ساڳي طرح سچل سائين پڻ چوي ٿو تہ، عشق جو جلوو، عرش ڪرسيءَ تي ڇا، پر زير زمين بہ ان کان خالي نہ آهي، وٽس مجاز ۽ حقيقت ۾ ڪوبہ سنڌو نہ آهي. حقيقت اصل آهي، ۽ مجاز ان جو اولڙو آهي. پاڻ چوي ٿو:

"سچل " پنڌ عشق دا سچا، بيا ڪُل پنڌ اجايا.

سچل سائين هڪ ٻئي هنڌ پنهنجي فارسي ڪلام ۾ فرمائي ٿو:

گــر بــگــويم شــرح عــشــقــي بــر دوام،
صــد قــيــامــت بــگــذردهــم نــا تمــام.

"يعني جيڪڏهن عشق جي شرح هميشہ بيان ڪندو رهان تہ سؤ قيامتون گذري ويندون، تہ بہ اهو بيان اڻ پورو ۽ اڌورو رهجي ويندو."

ســاڳيءَ طــرح مــولانــا رومــي چوي ٿــو:
جســم خاک از عــشــق بــر افــلاک شــد
کــوه در رقــص آمــد و چالاک شـــد

"يعني مٽيءَ جو بت، عشق جي ڪري ئي عرش تائين وڃي پهچي ٿو، ۽ ان جي ڪري ئي جبل ۾ جان پوي ٿي ۽ اُهو نچي ٿو."

صوفين جو اهو نظريو آهي، تہ الله تعالىٰ صورتن جو پيدا ڪندڙ آهي، جنهن جو قرآن پاڪ ۾ پڻ ذڪر آهي. "ظِل" يا "عدم" جو ادراڪ تغير موجودگي نور يا وجود ناممڪن آهي. ۽ اهڙي نور جو ادراڪ ظلمت ڪانسواءِ ناممڪن آهي. الله تعالىٰ پنهنجيءَ قدرت سان "حسن ازلي" مان، جو "عدم" ۾ لاحق آهي، صورتن کي پيدا ڪيو، تہ جيئن اصل حقيقت کي ظاهر ڪيو

وجي، حضرت آدم عليہ السلام جي پيدائش کان اڳ ۾، هن ڪائنات ۾ هر شيءِ وجود ۾ آيل هئي. الله تعاليٰ فرشتن کي حڪم ڪيو، تہ آدم کي سجدو ڪريو، ليڪن ابليس ان حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو، ۽ فرشتن سجدو ڪيو. الله تعاليٰ وٽ ”عشق“ هڪ امانت هئي، جنهن لاءِ فرمايو ويو، تہ انهيءَ کي کير کڻندو؟ فرشتن انڪار ڪيو ۽ آدم ان کي خوشيءَ سان اکين سان لاتو، ان مان ظاهر آهي، تہ ”عشق الله تعاليٰ جي طرفان هڪ وڏو انعام هو، جو آدم کي ئي عطا ٿيو. اهوئي سبب آهي، جو انسان کي ”اشرف المخلوقات“ جو درجو مليو. ”عشق“ جي ڪري ئي انسان ”حق“ سان هيڪاندو ٿئي ٿو، ۽ ڪامل عاشق الانسان سري وانا سره“ جو دم هڻي ٿو. سچل سائين چوي ٿو:

ناهي ميسر مَلڪن، اِها امانت عشق جي.

سڀ ڪنهن جو ڪم ناهي، نينهن کي ڪڻن کي نيهي،
مَلڪ فَلڪ تان ڪين قبولي، عشق امانت ايهي.

”عشق“ جي پيدا ٿيڻ جي جاءِ بہ ”دل“ آهي، جنهن ۾ سڀ کان پهريائين درد سَنُون ڏيئي اُيري ٿو. هن دنيا ناهنجار ۾، عشق کانسواءِ جيئڻ هڪ عذاب آهي. ”درد“ ئي فقط هڪ ”درمان“ ٿي، ”عشق“ جو علاج ڪري ٿو. جيئن سچل سائين چوي ٿو:

جيئڻ آهي جڳ ۾، بنا عشق عذاب.

”عشق الاهيءَ“ جي واٽ نهايت ئي اوکي آهي. عاشق کي محبوب ڪيترن ئي نمونن ۾ آزمائيندو آهي. محبت جي راهہ ۾ سر جي قرباني بہ ٿيندي آهي، ۽ آزمائش عاشق لاءِ ڏاڍي ڪٺن هوندي آهي. ان لاءِ عاشق کي گهرجي تہ محبت جي قربان گاهہ ۾ سر وڃائڻ کان ڪڏهن بہ نہ ڪيٻائي! عاشق لاءِ سوري بہ سيج مثل

هڻڻ گهرجي. جڏهن عاشق انهيءَ منزل ۾ ثابت قدم رهندو، تڏهن ئي سندس شان ۽ مرتبو بلند رهندو.. پر جيڪڏهن عاشق، انهيءَ منزل ۾ ئي پوئتي پئجي ويو، تہ پوءِ هن کي گهرجي تہ محبت جي راهہ ۾ پير نہ ڌري، ڇاڪاڻ تہ محبت جي سودي ۾ سر جو سانگو ڪرڻو ناهي. سر جي قربانيءَ سان ئي محبوب جو مشاهدو حاصل ٿيندو. جيئن سچل سائين فرمائي ٿو:

سر ڏئين تون سر ڏئين، جي عشق ۾ تو سر ڏئين،
ٿين وڏا طالع توئي جا، جان جسم کون جي ڏئين.
ٻو مبدل ڪر سيوئي، خيال ٻو توحيد جي،
جيئن ڪيو منصور شه، تا آخرين تون ڪر تئين.

”عشق الاهي“ ماڻڻ لاءِ، عاشق کي محبت جي ميخاني مان ”بيخودي“ جي شراب جي سُتي پيئڻ جي اشد ضرورت آهي. هيءَ اهو نشو آهي. جنهن جو خمار هڪ دفعو چڙهي ٿو، تہ وري لهڻ جو نہ آهي. سچل سائين چوي ٿو:

مست رهي ميخاني اندر، منگ وتي سي مستي،
مستي سان نا سر سڃاڻي، تنهن جو ڪم ڪم بختي،
ٻيون سڀ ڪوڙيون ڳالهيون، سچا ”سچو“ عشق الستي.

اهڙيءَ طرح سچل سائينءَ جي ڪلام ۾، حُسن ۽ الاهي عشق جون سموريون حالتون ۽ ڪيفيتون بيان ٿيل آهن. مجاز ۽ حقيقي محبت جون مستيءَ ڀريون موجون بہ سندس ڪلام ۾ ملن ٿيون. اهي مڙئي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن تائين ڪنهن رواجي شاعر جي رسائي مشڪل آهي.

سرمست - ١٢
1993ع

مان ليان تو سان

سنڌ جي تاريخ جي ورقن تي جيڪو بہ دور لکجي رهيو آهي تنهن ۾ فڪري انقلاب جو وڏو ڀاڱو آهي.

ڪلهوڙن جو دور هجي يا ميرن جو، ڪلهہ جو دور هجي يا اڄ جو سنڌ جي مفڪرن؛ اديبن شاعرن پنهنجو پاڻ پي ملهايو آهي. انهن جنهن نموني سان ثقافتي ورثي کي فطري انقلاب سان هم آهنگ ڪيو آهي، سو دنيا جي ڪنهن بہ خطي کي نصيب نہ آهي. اها سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خوش نصيبي آهي جو سنڌ جو مفڪر اديب، شاعر، هڪ ڏاهي حڪيم وانگيان، اسان جي زخمن جي ڪڏهن تہ نشتر سان تہ ڪڏهن ملم پٽي سان تہ ڪڏهن ڪوڙين سٽين ڦڪين سان علاج ڪيو آهي ۽ درد جو درمان بڻيا آهن.

خاص طرح اهي شاعر تہ لک لهن جن وٽ ڪوڙين ڪن سلام اچيو آسڻ ان جي.

ٻٽ ڏٺي هجي يا سچل ۽ سامي بيدل هجي يا بيڪس ۽ يوسف هرهڪ پنهنجي شاعري جي مسند تي ويهي جيڪي ڪجھ بہ اسانجي جهوليءَ ۾ وڌو آهي، تنهن پوڄارا پر ڪري ڇڏيا آهن. بي شڪ هو سنڌي شاعري جا حقي وارث آهن.

ڀٽائي جي انقلابي دور ڪانپوءِ اسانکي اهڙو دور ملي ٿو. جيڪو هڪ مستي ۽ رندي جو پيغام ڏئي ٿو. اهو دور سچل جي سچ ۽ حق جو دور آهي.

سنڌ جون سياسي، معاشي ۽ ثقافتي حالتون ٻٽائي گهوٽ اجهو هيئن ٿو چوي؛

سڙه ٿي سبيائون بندر جن تڙن تي
سڙه سبي ساڃا ڪري، ڪوها ڪنيائون
لهريون لنگهيائون، لطف ساڻ لطيف چئي.

سچل هيءَ ڳالهہ ڪجهہ ٻي طرح ڪري ٿو.

غوطو مارج اوچتو، منجهہ قلزم ڪارونيار
زمين زمن آسمان اندر آب وسار
دانه دم گذار، طالب ٿي تاريڪ ۾ (سرمست)

سچل جي هن ڪلام کي جيئن جيئن ڏسجي ٿو تہ ايڏي جديديت ۽ آشڪاريت جو احساس ٿئي ٿو ڄڻ اهو شاعر هن دور جو شاعر آهي. ڇا سندس ٻولي آهي، ڇا سندس فڪر آهي، ڇا سندس ڪيفيت آهي، ماڻهو کي مست ڪيو ڇڏي!

پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهہ سڃاڻ
الله الله جو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ
تون ئي ٻڌندڙ، تون ئي ڏسندڙ شاهد آ قرآن
ناهي شڪ گمان، "سچو" سائين هيڪڙو

سنڌ جي هن روشن ادبي ستاري تي زاهدن جي خاص نظر پئي رهي آهي، تنهن ڪري سچل جي ساراهہ مڙيوئي گهٽ پئي رهي آهي ڇا لاءِ تہ:

"ملا مار م مون، سبق پڙهان ڪين سڄڻ ڏسان"

جهڙا شعر ڪين نہ آئڙيا يا نہ وري سمجهہ ۾ آيا.

سچل حقيقت ۾ جنهن ڳالهہ جو پرچاري رهيو آهي اها ڪا ٻي ڳالهہ نہ آهي ۽ دين کان ٻاهر نہ آهي.

صرف فرق ايترو آهي جو هو ڪليل لفظن ۾ اقرار ڪري ٿو ۽ منافقي سندس وڙ نہ آهي.

ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي
ڪو شاعر چوي، ڪو ساحر چوي آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.
ڪو ملا چوي، ڪو قاضي چوي، ڪو مفتي چوي، ڪو غازي چوي
ڪو روزيدار نمازي چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
ڪو رد چوي، ڪو بد چوي، ڪو بيديني بيحد چوي،
ڪو مشرڪ پي ملحد چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان

فارسي ڪلام جو "آشڪار" ۔ سنڌي ڪلام جو "سچو" ۔ اصل ۾:

ڪاٿي سچل ڪاٿي ذات سچل جي ساروئي سر آهي
موج درياهہ حباب ڪڙا ڪيا، چاٿ ڪو شڪ ناهي
عاشق، عشق، معشوق اهوئي، ڏانءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي
پنهنجي پاڻ پسائڻ ڪارڻ، ناهہ لڪين ٿو ناهي
اهو اندر اهو ٻاهر، ڪيئن چوان ايئن ناهي

سچل بيشڪ سچو، نسورو سچ، اهوئي اندر اهوئي ٻاهر آهي. مان انهي ڪري اها دعويٰ تہ سچل پنجاه سالن کان پوءِ مستيءَ ۽ رندي جو جلوو پسايو غلط ٿو سمجهان. هو ڇاپندي جام نہ هجي ها تہ لطيف سائين ڪيس ڪُني تان ڏڪ لاهيندڙ ٻهڳڻ ٻالڪ نہ سڏي ها. هيءَ سرمدي ستارو اٿندي ويهندي جڏهن اهو ٿو چوي تہ:

"سچا سچ چوندي چِٿُہ ڪيم ڪهڙو گناهہ"

تڏهن سندس سچ پرستي يا حق پرستي تي ايمان آڻو ٿو پوي ۽ ڪيس ڪٿي مصلحتي مسلمان ڪٿي پڪو مسلمان تہ ڪٿي

مستي وارو مسلمان ثابت ڪرڻ واري ڪوشش تان هٿ کڻجي تہ بهتر. سندس اندر واري ڪيفيت تہ سائين ڪيس ڪندن بڻايو آهي ۽ اهڙو شاعر بڻايو آهي، جنهن "اڻ ڄاتل جي ڄاڻ" "سچ جي ڳولا" "وسيع ۽ پر اسرار فطرت جي نقاب ڪشائي" زندگيءَ جو احترام "حسن ۽ عشق جو اظهار" جهڙن موضوعن تي قلم کنيو آهي. جيڪي ڪيس سچو ۽ حق جو علمبردار بڻائين ٿا.

سچل سائين تي جيترن بہ محققن لکيو آهي انهيءَ ۾ جيتوڻيڪ ڪي ڳالهيون ڍڪيل لفظن ۾ ڪيل آهن جيڪي "سچو" کي ڍڪي نہ سگهيون آهن.

هي مستي جي عالم ۾ سرتا پير همہ اوست جي رنگ ۾ رڱيل آهي. "وحدت الوجود" جي واضح لفظن ۾ مان نہ تو ياڻيان تہ ڪنهن اهڙي اپٽار ڪئي هوندي. سندس ڪلام ۾ "تون هي تون" پيو وڄي ۽ وڏي واڪي پيو چوي.

"تون" هي سان "تون" هي ليين
"مان" ليان "تو" سان.

•

سرمست ـ ۴
1984ع

علم اللسان ۽ سچل جو ڪلام

هر شاعر يا اديب، عالم يا فاضل توڙي مؤرخ پنهنجي وقت جو ترجمان هوندو آهي، هو جيڪي ڪجهه چوندو آهي. آکيندو آهي، يا لکندو آهي، اُن تي هو پنهنجي دور جي حالتن جي ڇاپ هڻندو ويندو آهي؛ ان ۾ پنهنجي دور جا اهڃاڻ ڏيندو ويندو آهي،، علامتن جي روپ ۾ ان جون ڳالهيون ڪندو ويندو آهي ۽ ان جي باري ۾ اشارا يا ڪنايا ڏيندو ويندو آهي. اهڙا اهڃاڻ، اشارا، استعاره، ڪنايا ۽ علاتون اُهي ماڻهو سمجهي سگهندا آهن يا سمجهي سگهندا هوندا، جن اُن دور جي ماڻهن ۽ ماحول جي حالتن جو مطالعو ڪيو هوندو، ان جو اڀياس ڪيو هوندو، جيڪي ان دور سان واقفيت يا ڄاڻ رکندا هوندا.

سچل سرمست، سنڌ جي سياسي تاريخ جي ٻن اهم دورن جو ترجمان رهيو آهي. انهن ٻن دورن جي سماجي تاريخ جو احوال پڻ رڪارڊ ڪيو اٿس. سچل ڪلهوڙن جي دور جو اڌ ڪان بہ وڌيڪ عرصو ڏٺو. ميان سرفراز خان سان ٿيل عقوبتون ڏٺائين، ميان غلام نبي ۽ عبدالنبي جا سنڌ وارن سان ڪيل ڪلور پنهنجي اکين سان ڏٺائين، عطر خان کي شهيد ٿيندي ڏٺائين، مدد خان هٿان سنڌ ۾ ڪوس ڪرائيندي، شهري ۽ ڳوٺاڻي آبادين کي باهين ۾ سڙندي، جلندي تباهه ٿيندي ڏٺائين، تہ وري ٽالپوري دور جو بہ ڪافي عرصو ڏٺائين. ان زماني ۾ هن سنڌ ۾ علم ادب، وڻج واپار جو چالامان بہ ڏٺو.

هن پنهي دورن ۾ سچل سنڌ ۽ سنڌ وارن جا ڪئين لاها ۽ چاڙها ڏٺا. فارسي زبان جو جاه و جلال بہ ڏٺائين تہ سنڌي زبان کي اڳي کان اڳرو بہ پسيائين. هڪ طرف لطيف سائينءَ جي ڪلام جي پالوٽ، سنڌي زبان جي ترقي ۽ ترويج لاءِ نئيون راهون هموار ڪيون هيون، تہ ٻئي طرف ثابت علي شاهہ نوان لفظ، نوان محاورا، نوان اصطلاح، نئيون ترڪيبون، نئيون تشبيهون، نوان استعاره ڪم آڻي سنڌي زبان ۾ نئون روح ڦوڪيو. هن زماني ۾ سنڌي زبان جي لفظن ۽ لغت ۾ گهڻو واڌارو ٿيو هو. پير صدر الدين، قاضي قادن، شاه لطف الله قادري، شاه ڪريم ۽ مخدوم نوح جي ڪلام ۾ ڪم آندل ڪل لفظن سان ڀيٽ ڪجي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ لطيف سنڌي زبان جي لغت ۽ لفظن جي ذخيري جو وڏو ڄاڻو هو. هو هڪ بي پايان بحر هو. هن سنڌ جي هر خطي جا، ڌار ڌار معنائون رکندڙ ڌار ڌار لفظ، پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آڻي، ثابت ڪيو تہ سنڌي هڪ وسيع ۽ شاهوڪار زبان آهي. ان ۾ لفظن جو هڪ اکٽ خزانو موجود آهي، جنهن کي اجا گڏ ڪرڻ جي صحيح طريقي سان ڪوشش نہ ٿي آهي؛ يا ائين ڪٿي چئجي تہ اول تہ لطيف جي رسالي ۾ ڪم آندل لفظن جي ڪا جامع لغت ناهڻ گهرجي، تنهن کان پوءِ ٻوليءَ جي جامع لغت تي اڳتي قدم کنيو وڃي. هن سلسلي ۾ سيد نجف علي شاهہ "ڪمتر" نقوي طرفان مرتب ڪيل "ٻاروچي ٻولي" جي عنوان سان لطيف جي درسني، جيڇجي ظاهر ٿيڻ سان ڪا راهہ نڪرندي، ڪو ڏس ملندو ۽ ڪو دڳ نهندو.

هن سلسلي ۾ سچل جي ڪلام ۾ ڪلام آندل لفظن جي صوفي ۽ نحوي، لغوي ۽ معنوي مطالعو ڪرڻ سان، سچل جي

ڪلام ۾ ڪم آندل لفظن جي وياڪرڻي استعمال ۽ صنعت گريءَ جي خبر پوندي. لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي جي صيغن ۽ ڦيرن کي ڪم آندو آهي، ته سچل وري انهن لفظن کي اُترادي لهجي جي ڦيرن ۽ صيغن موجب استعمال ڪيو آهي.

جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم ته ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن واري زماني ۾، سنڌ ۾ عام ماڻهن جي ٻولي سنڌي هئي، پر سرڪاري وهنوار واري ٻولي فارسي هئي. فارسي "گهوڙي چاڙهسي" وارو محاورو، انهيءَ دعوا جو دليل آهي. پر ان زماني ۾ به، روزمره جي زبان سنڌي هئي. ثابت علي شاهه جو واسطو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي درٻار سان هو. انهيءَ ڪري ثابت علي شاهه سنڌي زبان ۾ اهڙا انيڪ محاورا، استعاره ۽ تشبيهون ڪم آنديون، جيڪي فارسي زبان جون هيون، ۽ فارسي نهج موجب استعمال ٿينديون هيون؛ جن جو سنڌي زبان سان وهنوار گهٽ هو.

سچل ۽ ثابت علي شاهه هم عصر شاعر هئا. ٻنهي تي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور جو گهڻو ۽ گهرو اثر هو. انهيءَ ڪري ثابت علي شاهه وانگر سچل به عربي ۽ فارسي زبانن جا بيشمار لفظ محاورا، ترڪيبون، تشبيهون ۽ استعاره پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا. جيڪڏهن شاهه لطيف کان اڳ وارن يا شاهه جي هم عصر يعني سهيوڳي شاعرن توڙي شاهه کان پوءِ جي شاعرن، اديبن ۽ عالمن جي ڪلام جو اڀياس ڪبو ته معلوم ٿيندو ته انهيءَ سڄي عرصي ۾ جيئن شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ قرآن ڪريم جون انيڪ آيتون تلميح طور ڪم آنديون آهن، تيئن سچل جي ڪلام ۾ پڻ قران پاڪ جون بيشمار آيتون نظر اچن ٿيون. ان کان سواءِ

سچل کان اڳ ڪنھن بہ شاعر يا اديب، عالم ۽ فاضل پنھنجي ڪلام ۾ قافئي طور يا مصرعن جي وچ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا ايترا لفظ استعمال نہ ڪيا آھن، جيترا سچل پنھنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آھن. لبت ثابت علي شاھہ اھڙن لفظن جو استعمال ڪيو آھي، پر ھن اھڙا لفظ سچل کان گھٽ ڪم آندا آھن. انھن مان ڪي ھي آھن:

ڪرامات . صفات . موجودات . مصلحات . اثبات . ھدايت ضلالت . تجريد . تفريد . توحيد وغيره.

اھڙن لفظن مان ڪن جو استعمال سچل ھن ريت ڪيو آھي:

آءُ ادا سالڪ سھي ڪر تون طلسمات ڪي
پيچ دوئي تہ ڪل پويئي، دور ڪر درجات ڪي
سر اھو سارو سڄائج، ڪن نہ ڏي ڪرامات ڪي
ذاتي منجھان ظاھر ٿئين تون، سمجھہ ھن صفات ڪي

اھڙيءَ طرح انھيءَ ڪافي ۾ صفات، موجودات، مصلحات، اثبات، طاعات، حڪايات، عزيٰ لات ۽ محلات وغيره لفظ قافئي طور ڪم آندا اٿس. اھڙيءَ طرح سندس وحدت نامو تہ قرآن شريف جي آيتن ۽ عربي زبان جي لفظن سان پريو پيو آھي.

سچل سرمست انھن مڙني مان وارن ماڻھن جي اتھاس مان واقف ھو جن اناالحق جھڙو نعرو ھنيو ھو. سندس ساري ڪلام مان انھيءَ ھوڪاري ۽ ھل جو پتو پوي ٿو. سنڌي زبان جي شاعرن ۾ ھي پھريون بيباڪ بزرگ ھو، جنھن منصور کان سواءِ "سرمد" جھڙي سرفروش صوفيءَ جو پڻ ذڪر ڪيو آھي. ھن قسم جي پچار اسان کي شيخ اياز ۽ ٻين جي جديد نظرئي وارن

شاعرن جي ڪلام ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر ڪلاسيڪي شاعرن ۾ "سرمد" جو ذڪر ۽ "سرمد" جي نالي سان شعر مون ڏي فقط سچل جي ڪلام ۾ نظر آيو. هن ڏس ۾ فقير فرمايو آهي:

ڪاٿئين قاضي ٿئين، ويهي ناحق فتويٰ ڏئين،
سوريءَ تي منصور جي.
موٽي ٿئين منصور، ڪيئي ملن جو مذڪور
شاهد ٿي ويهين شرع تي.
اناالحق آواز هي تا سارو منهنجو راز
ظاهر ڪيئي ويهي زمين تي.
سرمد تي اسرار، ڪيئي عالم تي اظهار
وري وڌءِ شور شهر تي.

انهيءَ ساڳئي فڪر کي سچل هن ريت بيان ڪيو آهي.

مونکي عبرت آهي، اهڙي حال جي،
هاريون حيرت آهي انهيءَ ڳالهه جي!
ڪاٿئين ڏادو، ڪاٿئين هيٺو، ڪاٿئين جوڙ جٽيا تو پائي؛
ڪاٿئين ڪوري، ڪاٿئين موچي، ڪاٿئين مک ملائي؛
ڪاٿئين تارڪ، ڪاٿئين سارف، ڪاٿئين مک ملائي؛
ڪاٿئين شاهي؛ ڪاٿئين سپاهي، ڪاٿئين حڪم هلائي؛
ڪاٿئين ڪافر، ڪاٿئين مومن، ڪاٿئين سوريءَ سر هلائي؛
ڪاٿئين گسائين، ڪاٿئين سنياسي، ڪاٿئين بت بنائي؛
ڪاٿئين سامي، ڪاٿئين انعامي، ڪاٿئين تلڪ لڳائي؛
ڪاٿئين قادر، ڪاٿئين نادر، ڪاٿئين "سچو" نانءُ سڏائي؛

سچل پنهنجي هن ڪلام ۾ پنهنجي صوفيانه نظرئي کي نه ظاهر ڪيو آهي پر ٻوليءَ جي اپياس جي نقطه نگاهه کان، جنهن

نموني سان لفظن جي لڙهين کي سجايو اٿس. سينگاريو اٿس. موتين وانگر پوئي، لڙهيون ٺاهيون اٿس، اهڙي سونهن، اهڙي سينگار ۽ اهڙي حسن کي علم اللسان جي ماهرن سجع بندي يا ترصيح يعني موتي پوئڻ واري صنعت نالو ڏنو آهي. سچل جي ڪلام ۾ هن قسم جي ترصيح يا سجع بنديءَ جا تمام گهڻا مثال ملن ٿا. هڪ ٻي ڪافي جنهن ۾ ٻه اهڙي صنعت يا ڪاريگريءَ کان ڪم ورتو اٿس، ان مان ڪن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

حاضر ناظر تون، باطن ظاهر تون،
تنهنجو هل هنگامو هي.
ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنياريا، انهيءَ ڳالهه ڳاريا،
هزارين هزار.
اهي يار آيا، نيزن جي نوايا، نئين سر سلايا،
تنهين تو آهار.
جنهين موج آئي، تنهين سڌ سيائي، ڪيهي ڳالهه ڪائي
لنگهيا شهسوار.
ڪمر جا ٻڌائون، وري نا ڇوڙيائون، نئي سر ڏنائون
لاٿائون ميار.
ميڻ هٽ هٽي سي، اها ڳالهه ڳٽي سي، تريءَ سر ڪٽي سي،
ڪيائون نثار.
مئي جا پيتائون، هي سهراڳتائون، وڏي وک وڌائون،
پاڙيائون قرار.
پهلوان پاسي، نه ٿيندا ڪڏهان سي، اها بات باسي،
هليا حڪمدار

ملڪان ملڪ ۾، ملڪ ۽ فلڪ ۾، سڄو سڀ خلق ۾
پئي هيءَ پچار.
اها اعتباري، سوري جن سُواري، عجب خوش خماري
ڪنهن جي قطار.
نشانا ڪوڙيائون، منهن نہ موڙيائون، پئي هٿ ٻڌائون
ڪئا قربدار.
ٿي منصور مستي، ڪيئين گم هستي، هنيائين دودستي،
تپش جي ترار.

شاهہ ۽ سچل سنڌ جا عوامي شاعر آهن. انهيءَ ڪري سندن ڪلام سنڌ ۾ هرجاءِ تي هر محفل ۾ ۽ هر معرڪي ۾ ماڻهو گهڻي چاهہ ۽ شوق سان ٻڌندا آهن. سندن ٻولي عوامي ٻولي آهي ۽ ڪي ڪي اهڙا لفظ جيڪي فقط عام ماڻهو ڳالهائيندا آهن ۽ خاص ماڻهن جي محفلن ۽ معرڪن ۾ اهڙا لفظ گهٽ معياري ۽ گهٽا لڳندا آهن، انهيءَ ڪري اهڙا لفظ خاص ماڻهن جي سامهون ڳالهائبا نہ آهن. اهڙا لفظ شاهہ ۽ سچل جي زباني سهڻا لڳن ٿا. مثال طور ڪچاڙو لفظ لاڙي لهجي جي، هيٺئين طبقي جي ماڻهن جي عام استعمال جو آهي. اهو لفظ لاڙ جو هر ماڻهو هرگز ڪم ڪونہ آڻيندو آهي، فقط گهٽ پڙهيل ماڻهو يا هيٺئين طبقي وارن جي ڳالهہ ٻولهہ ۽ وهنوار ۾ اهو لفظ عام جام ٻڌبو آهي. پر اهڙي لفظ کي لطيف جنهن سهڻي انداز سان ڪم آندو آهي تنهن جي استعمال هن لفظ کي سونهن وارو بنائي ڇڏيو آهي: مثال طور:

ڪچاڙو ڪهان، توکي معلوم سيڪي
يا

منهنجو ڪجاڙو پينر هن پنيور ۾.

انهن مصرعن ۾ ڪجاڙو لفظ جيڪا سونهن پيدا ڪريو بيٺو آهي سا سونهن ”چا“ فقط ۾ ڪانہ بيهندي. انهيءَ سونهن ۽ سڳنڌ جو احساس فقط علم اللسان جي ماهرن کي ئي ٿيندو.

اهڙيءَ طرح سنڌي وياڪرڻ موجب ”ڙي“ لفظ بہ نفرت قباحت ۽ غير مهذب ماحول ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ آهي، سچل جهڙي شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ”ڙي“ لفظ رديف طور ڪم آڻي يا ٻيءَ صورت ۾ استعمال ڪري، هن لفظ جي سونهن وڌائي ڇڏي آهي. ۽ هن لفظ جي استعمال جو دائرو وسيع ڪري ڇڏيو آهي. مثال طور هن ڪافيءَ ۾ ”ڙي“ لفظ جو استعمال هن ريت ڪيو اٿس:

ساري ڏيهہ نہ ڏي ڙي،
پانهنجي دل سمجهہ سنيالين.
ڳالهہ پڇين جي پرينءَ جي، حرف حال ئي جاهي ڙي.
اچل نہ نکر يتر جان، نينهن پاڻ ئي سان ني ڙي.
هاريون انهيءَ حال جو، قرب سجاڻن ڪي ڙي.
پاڻهين آهن پڌرا، ”سچو“ سالڪ سي ڙي.

اهڙيءَ طرح ”ڙي“ جي استعمال جا ٻيا مثال هي آهن:

ويسهہ واريءَ واٽ تي، ”سچو“ ڙي، تون سر سٽيج
يار ساٿيو، ڙي ميان، پانڌيو ڙي ميان.پانڌيو ڙي ميان
يلو ڙي ميان، ڪيچن جي، وو، ڪل مونکي ڪائي ڏيجو.

برصغير پاڪ ۔ هند جي زبانن خاص ڪري هندي، سنڌي، اردو ۽ پنجابي وغيره ٻولين جي واڪرڻي خصوصيتن ۾ هڪ خصوصيت آهي ”لفظن جو تڪرار“ يعني Reduplication.

اها خوبي يا اها سٽاءَ ٻوليءَ اندر جملن ۾ لفظن جو انهيءَ قسم جو تڪراري استعمال، ٻوليءَ ۾ يا شعر توڙي ڪلام ۾ نہ فقط سونهن پيدا ڪندو آهي، پر وياڪرڻي سٽاءَ موجب لفظن جو اهڙو تڪراري استعمال، يا ٻوليءَ ۾ لفظن يا فقرن جو اهڙو ڪارج وياڪرڻي معنيٰ رکندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جو اهڙو تڪراري ڪارج، شاه لطيف کان اڳ ۽ شاهہ کان پوءِ سچل توڙي جديد شاعرن ۾ اياز، امداد، تنوير، نياز همايوني ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ جا بجا نظر اچي ٿو. مثال طور لطيف جو هي بيت ڏسو:

مٺ مٺ سورن سڀ ڪنهين، مون وٺ وٺا ٿا،

يا

اياز جي هن وائيءَ ۾ لفظن جي تڪرار واري سٽاءَ هن ريت آهي:

آســارا آســارا ڪـــنـــجهـــر جا ڪـــنـــارا

سچل جي ڪلام ۾ لفظن جي اهڙي تڪراري استعمال ۽ وياڪرڻي سٽاءَ جا ڪئين مثال ملن ٿا. منهنجي راءِ موجب سچل ۽ ٻين سنڌي شاعرن جي ڪلام ۾ وياڪرڻ جي انهيءَ صورت، يعني لفظن جي تڪراري استعمال ۽ ڪارج جو مطالعو ڪرڻ گهرجي ۽ علم معانيءَ جي مدد سان انهيءَ موضوع جو استعمال ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي انهيءَ پهلوءَ تي روشني وجهڻ گهرجي، ڇو تہ هن وقت تائين لفظن جي تڪراري استعمال ۽ ڪارج واري صورت ڪي ڪنهن هٿ بہ نہ لاتو آهي.

سچل جي ڪلام ۾ لفظن جي اهڙي تڪراري صورت جا ڪجهہ پيش مثال ڪجن ٿا. هو فرمائي ٿو!

مون سان تون آهين آهين، ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن.
اسان نمائن تؤن سهڻا سائين، هٿ مٿئون متان لاهين لاهين
آءِ ڪنيزڪ، تون تان سائين، سگ نہ تنهن سان ڪوساهين ساهين
ڪڏهن آرامي ڪرين اسان کي، ڪڏهن بچين ٿو باهين باهين
ڪڏهن منصوري دم اناالحق، ڪڏهن ڏسين ٿو ڦاهين ڦاهين
حاضر ناظر آهين اسان سان، ڪيئن چوان تان ناهين ناهين
استغرالله ڳالهہ اهائي، جو ڪجھ مون سان تون ناهين ناهين
"سچو" جي عاشق آهين اسان جو. تڃ نہ درد جون داهين داهين

هن ڪلام ۾ "آهين" ۽ "آهين آهين" "لاهين" ۽ "لاهين لاهين"، "ساهين" ۽ "ساهين ساهين"، "باهين" ۽ "باهين باهين". "ڦاهين" ۽ "ڦاهين ڦاهين"، وغيره اڪيلن ۽ تڪراري لفظن جو تقابلي مطالعو ڪرڻ سان، "آهين" ۽ "آهين آهين" توڙي ٻين لفظن جي وياڪرڻي معنيٰ ۽ معنوي استعمال ۽ ڪارج جي خبر پوي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جو هي هڪ اهڙو اهم باب آهي، جنهنجو اڀياس اڃا ٿيوئي نہ آهي. ۽ جنهن جي اڀياس جي گهڻي ضرورت آهي.

سچوءَ جي ڪلام ۾ ٻين ڪيترن ئي لفظن جي اهڙي تڪرار ۽ تڪراري ڪارج جا مثال ملن ٿا: مثلا:

مون کي آهن ياد، تنهنجون ڳالهيون ڳالهيون

يا

ڪيئن وساري ٿو ويهون ويهون
آهن ڪيهون اسان جون ڳالهيون
ساھہ سنيون تان ياد ڪيون، سي آهن عجائب جيهون جيهون
کهڙيين ڳالهين عاشق اسان کي، ڏک ڏوراپو ٿو ڏيهون ڏيهون

اهي عتاب تون رکين ٿو ڪيها، پکي اسانجڙي پيهون پيهون هن پڇاڻوُن متان اسان تي ڳالهيون رکين تون ايهون "سچو" اسانجو تون اسين تنهنجا ڳالهيون ڪرين ٻيون ڪيهون ڪيهون

هن ڪلام ۾ "ويهون ويهون" ۽ "ڪيهوڻ ڪيهون" تڪراري لفظن جون صورتون آهن. انهن جو مطالعو ڪافي دلچسپ آهي.

اهڙيءَ طرح هن ڪلام ۾ لفظن جو تڪراري ڪارج ڪيڏو نہ دلچسپ آهي؛ مثال طور:

ڳوٺ ساري جون ڳليون ڳليون، وو، نت ڏسڻ مون کي آيون رت روئڻ ڪئون، اهي اکڙيون ڪين سي جهلجن جهليون جهليون ڪيچيئڙن جون وري قطارون، هيڏي ٻڌيونسين هليون هليون سي نہ وسرن ڳالهيون اهي، يار سڄڻ جي تو سليون سليون چاڙهيئي اسان تي درد فراق جون، چوهہ ڏاڍي مؤن چليون چليون روز ازل ڪئون ڪيو "سچوءَ" سان، يار پلا ڪيئي پليون پليون

هن ڪلام ۾ "ڳليون ڳليون"، "چليون چليون" ۽ "پليون پليون" لفظن جون صورتن مظالعي طرف ڌيان ڇڪائين ٿيون.

سنڌي زبان جي شاعرن قاضي قادن، شاهہ ڪريم ۽ شاهہ لطيف وانگر سچل جي ڪلام ۾ ضمير متصل جو مطالعو بہ توجهہ طلب آهي. قاضي قادن جي ڪلام واري هن مصرع ۾ ضمير متصل جي ڪارج جو جائزو، وياڪرڻ جي روشنيءَ ۾ وٺڻ گهرجي قاضي صاحب فرمائي ٿو!

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾

هن مصرع ۾ شايد "هوس" لفظ سان قافيي ملائڻ لاءِ

"جاڳايوس" قافيو ڪم آندو ويو ۽ ان "س" ضمير غائب واحد متصل ڪم آندو ويو آهي، نہ تہ حقيقت ۾ هت ضمير متڪلم واحد متصل جي نشاني "م" ڪم آڻڻ گهربي هئي ۽ مصرع ۾ نهي ها:

جوڳيءَ جاڳايــوم ســتــو هــوس نــنــڊ ۾

مونکي هن مقالي ۾ ضمير متڪلم جي اهڙي استعمال ۽ ڪارج تي بحث ڪرڻو نہ آهي پر فقط اهڙا اشارا ڏيڻا آهن. جن جي اپياس جي مدد سان وياڪرڻ جا طالب علم آئنده سچل جي ڪلام ۾ اهڙيون وياڪرڻي ڳالهيون، هٿ ڪري انهن تي تحقيق ڪن.

سچل جي ضمير متصل جي اهڙي وياڪرڻي استعمال لاءِ هيٺيون مصرعون ملاحظہ فرمايو:

ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو، آهي اهو جو مان روز ڏسان ٿي.
ويـنـي هـيـڙس واٽ تـي، اچي وسـيـلـو ٿـيـو.

يا

ميلو ٿينداءِ ميلو ٿينداءِ، نينهڙو لايوَ جڙيا جاني،
مون سان ميلو ٿينداءِ.

يا

لؤن اچي پاڻ لايؤ، ناتہ مون کي ڪل نہ هوئي.
اصل لاڪون عشق لائڻ جي ڳالهہ اها خوش آيوَ.
درد فراق جي ڏنيو امانت، اها سانول سيبايوَ.
عرش ڪرسيءَ جا ڪين قبولي، اها اسان ڏي هوت هلايو
ڳالهہ پرجهڻ جهڙي ناهي، پاڻ سڃڻ سمجهايو
ڏينهن انهيءَ يار "سچو" ڪؤن سچي ڳالهہ سلايوَ.

هن ڪلام ۾ لايوَ، آيوَ، ڏنيوَ، سيبايوَ، هلايوَ ۽ سمجهايوَ صورتن ۾ ”و“ صرفيہ صيغومتصل جي نشانيءَ طور ڪم آيو آهي هن قسم جي جائزي لاءِ گهڻو وقت گهرجي. اهڙيءَ طرح هن مصرع ۾ ”ءِ“ آواز پڻ ڌيان طلب آهي؛ مثال طور:

هي سڀ ڪم سنداءِ، آهن جاني جاءِ بجاءِ،

جيڪي ڪرين تو سوئي.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو مثال بہ توجهہ طلب آهي:

زلفان ڪوليو خيال اسان جي، ڏاڍو ستم سهايوَ

ساڳيءَ طرح هن مصرعن ۾ بہ ضمير متصل جو جائزو ڏاڍو ڌيان ڇڪائي ٿو. مثال طور:

هت تا ڪير هياس، يلو ميان،هت ٿي آيس ڪير، نہ ڄاڻان،
نانءُ ٻيو هت هو منهنجو، سائين، الا، پر ڪنهن تا خواهش ڪِنياس
هت هيس معشوقيءَ ۾، هت ٻئي نانءُ ٿياس
هي هي هئي هُت ڪانہ ڪا، سائين الا، هت منجهہ پروڙ پياس
”سچو“ سارو سچ ٿيو، سائين الا، وڃؤن آءٌ وياس

اهڙي طرح ”م“ ضمير متصل جو استعمال هن ريت ڪيو اٿس!

ڄاڻي هيئن ڄاتوم، توکي سانول سڃاتوم،
هرجا آهين تون حادي.

سنڌي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ امر استقبال جو استعمال بہ دلچسپ نموني سان ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ شاهہ ڪريم، شاه لطيف کان سواءِ سچل جي ڪلام جي اڀياس ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. هت سچل جي ڪلام مان سنڌي وياڪرڻ جي هن پهلوءَ جا ڪي نمونا مثال طور پيش ڪجن ٿا تہ جيئن وياڪرڻ جا

شاگرد ۽ ماهر هن ڏس ۾ ڪجھ سوچين. مثال طور؛

پرين سان پٽ پريت ڙي جيڏيون، منهنجي،
دعا ڪريجو جيڏيون، وري سو هوت وري.

يا

هي چڏيج هو وئيج، متان ڪا ٻي ڳالھ پڇيج،
دئيءَ واري دام ڪئون، ڦريون طالب پاڻ ڪديج،
مرشد جيئن فرمائيو، واقف سو تا ڏس وئيج،
سر سهي ڪر پانهنجو، پئا آڏاٿا ڪيم اڏيج،
لاريءَ لڳ نہ ڪنهن ٻئي، عاشق انهيءَ پنڌ پئيج،
ويسھ واريءَ واٽ تي، ”سچو“ ڙي تون سرسٿيج.

هن ڪلام ۾ ڪيج،وئيج، اڏيج، پئيج ۽ سٿيج صورتون امر استقبال جا مثال آهن، جن جي اڀياس جي گهڻي ضرورت آهي.

اهڙيءَ طرح هن ڪلام ۾ امر استقبال جا مثال بہ ڏيان طلب آهن مثال طور:

يار ساٿيو. ڙي ميان، يار پانڌيو ڙي ميان..........،
يلو ڙي ميان؛ ڪيچن جي، وو، ڪل مونکي ڪائي ڏيجو.
هيءَ نمائي، وو، در وڪائي ميان، نال نباهي نيجو،
ڪيم وساريو مٺي نہ ماريو، ميان، چوريءَ تان م ڇڏيجو،
ڏيو دلاسا ڪڏهن ايندا، ميان، لوڪئون تان نہ لڏيجو،
آءٌ اوهانجڙي اصل آهيان، گولي ساڻ گڏيجو.

هن ڪان اڳ مٿي سچل جي ڪلام مان صنعت ترصيح جا ڪي مثال ڏنا ويا آهن. سچل ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ تشبيه ۽ استعاره، تجنيس خطي، تجنيس حرفي، تجنيس تام، مجاز مرمل تلميح ۽ ٻين لفظي توڙي معنوي صفتن جا هزارين مثال موجود آهن.

هت في الحال سچل جي ڪلام مان نموني طور تشبيهہ جا ڪي مثال پيش ڪجن ٿا.

جيئن سج آهي پريشان، سوئي ڳولهي سج کي،
مچلي جيئي اب سان، آب پڇي طغيان،
تارو پڇي نجم کي، موج پڇي مهراڻ،
ڦڙي پڇي مينهن کي، شاهہ ڳولهي سلطان،
هو مڙيئي پاڻ ٿيو، ڪير ٿيا حيران،
سچوءَ جي صفت ۾ اهو باريءَ ڪيو بيان.

سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ لفظن ۾ ڪن آوازن جي مشدد هجڻ جا ڪئين مثال موجود آهن. هن مقالي ۾ مشدد آوازن لاءِ ڪن قانونن جو بيان ڪرڻ آسان ڪم نہ آهي. هت آءٌ نموني طور سچل جي هڪ ڪافيءَ مان اهڙا مثال پيش ڪندس. سچل ممڪن آهي تہ سنڌي صوتيات جو اهو اصول لاشعوري طور ڪم آندو هجي، پر سچل جي هن مثال مان اهو تہ ثابت ٿئي ٿو تہ ڪيس شاعريءَ جي فن، ڪافين جي گهاڙيٽن ۽ ڇند جي قانونن ۽ ماترائن جي پوري ڄاڻ هئي. ڇند جي قانون موجب، ماترائن جي پورائي لاءِ سچل کي هينئين ڪافيءَ ۾ ڪن لفظن ۾ ”ي“ آواز کي مشدد طور استعمال ڪرڻو پيو:

مثال طور:

ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو، آهي اهو جو مان روز ڏسان ٿي
وينئي هيڙس واٽ تي، اڇي وسيلو ٿيو.
ماڙيءَ منجهہ معشوق ڏٺوسين، لالن پائي ليو،
دريءَ منجهون ديد ڏٺيسون، لالن پاتو ليو،
جتن ڪج جتن جو، سگ سبب سان ٿيو،

سير ساروئي صورتين، پاڻ قريب ڪيو.

•

يار "سچل" تون صحيح ڪر ڄاڻج، ڪيو خمارن ڪيو

هن ڪلام ۾ ٽيو، ليو، ويو، ڏيو، ڪيو ۽ ڪيو لفظن ۾ "ي" آواز مشدد استعمال ٿيل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب ٻن پرن وارن لفظن ۾ جيڪڏهن پهرئين پد ۾ ڇوٿو سر آيو هجي ته ان ڇوٽي سر کان پوءِ آيل ويڃن مشدد ٿي ويندو. هت ٻه اهو ساڳيو اصول ڪم آندل آهي. سچل انهن اصولن کان ته واقف ڪونه هو. پر سنڌي ٻوليءَ جي عام اُچار موجب، ڪافيءَ جي گهاڙيٽن ۽ ماترائن جي پورائي لاءِ سچل مشدد وارو اصول اختيار ڪيو. ڇو ته مشدد آواز ۾ ڊگهي آواز وانگر ٻه ماترائون ٿينديون آهن ۽ ڇوٽي آواز کي هڪ ماترا ٿيندي آهي. جيڪڏهن سچل مشدد آواز ڪم نه آڻي ها. ته ماترا ڪٽي پوي ها ۽ شعر ۾ عيب نظر اچي ها.

ساڳيءَ طرح سچل جي ڪلام ۾ اسم تصغير، اترادي لهجي موجب اسمن جا ڦيرا، فعلن جا گردان ۽ ٻين صورتن جو جائزو ڏاڍو دلچسپ آهي. پر انهن جي باري ۾ انشاءَ الله ٻئي دفعي عرض ڪبو.

•

سرمست ـ ۴
1984ع

سچل سرمست ۽ سلطان باهو

(مختصر تقابلي اڀياس)

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ اچا بہ تہ سنڌي ساهت جي اتهاس ۾، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کان پوءِ، سچل سرمست سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ پختو شعر چيو آهي. پاڻ روحاني فيض پنهنجي چاچي ۽ سهري خواجہ عبدالحق کان ورتائين. هيل تائين سچل جي شعري ورثي ۽ سندس سلسلي جي شاعرن بابت چڱو اڀياس ٿي چڪو آهي. ان کان علاوه سچل جي همعصر شاعرن جي باري ۾ بہ سٺو مطالعو ڪيو ويو آهي. ايراني ادبيات جي حوالي سان ڇنڊ ڇاڻ ڪندي، اهو ثابت ڪيو ويو آهي. تہ حضرت سچل فقير تي فريد الدين عطار جو وڏو اثر آهي. انڪري سچل ڪي سنڌ جو عطار بہ سڏيو ويو آهي. ان سان گڏ منصور حلاج بہ اسان جي هن شاعر تي گهڻو اثر ڇڏيو آهي. ان قسم جي مطالعي جي ازحد ضرورت هئي. ۽ اچا بہ آهي. بهرحال هاڻي اسانکي ان طرف بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ، سچل سرمست جي شعر تي هن خطي جي ٻين ٻولين جي ڪلاسيڪل شاعرن جو ڪيترو اثر پيو آهي؟ يا اچا بہ ائين ڪٿي ڇنجي تہ ڪشمير، پنجاب، ملتان، سرحد ۽ بلوچستان تائين، جيڪي بہ ڪلاسيڪل شاعر ٿي گذريا آهن. انهن جي سوچ، خيال ۽ عنوان جي حد تائين ڪيتري هڪ جهڙائي آهي؟ هنن پنهنجي

تهذيبي خطي جي ڪيتري نمائندگي ڪئي آهي؟ ان ڏس ۾ اڄ اسين پنجاب جي هڪ مکيہ شاعر حضرت سلطان باهو ۽ سچل فقير جي فڪر ۽ شعر جو مختصر تقابلي جائزو وٺنداسين.

سلطان العارفين حضرت سلطان باهو ١٦٣١ع ۾ ڄائو. هو قوم جو اعواڻ هو. سندس ولادت شور ڪوٽ جهنگ ضلعي ۾ ٿي. سلطان باهوءَ جو والد بايزيد محمد هڪ شرعي ماڻهو هو. انڪري مغلن جي منصبداري بہ ماڻيائين. سندس والده جونالو راستي هو جا هڪ نيڪ سيرت خاتون هئي. ماءُ جي حڪم جي تعميل ۾ مختلف بزرگن حبيب الله قادري، حضرت عبدالقادر ۽ صوفي عبدالرحمان دهلويءَ کان روحاني فيض حاصل ڪيائين. حضرت سلطان کي عربي ۽ فارسي ٻولين تي عبور حاصل هو. هنن ٻولين ۾ پاڻ تصنيف ۽ تاليف جو وڏو تعداد ڇڏيائين. جن ۾ تصوف بابت نهايت سليس انداز ۾ گفتگو ڪيل آهي. سلطان صاحب چار شاديون ڪيون. پاڻ پنهنجو حال لڪائڻ لاءِ اڪثر ڪري سير سياحت تي ويندو هو. شڪل ۽ صورت ۾ فقير ڏسبو هو. لباس بہ بلڪل درويشاڻو اوڍيندو هو. پنهنجي مطلوب کي برابر ٽيھ سال ڳوليائين. هن صوفي بزرگ سٺ سالن جي ڄمار ۾ سن ١٦٩١ع ۾ وفات ڪئي.

سلطان باهو هميشہ پنهنجي فقر جي حالت کي لڪائيندو رهيو. هڪ ڀيري پاڻ دهليءَ جي جامع مسجد ۾ جمعي جي نماز ادا ڪيائين. شهنشاه اورنگزيب بہ مسجد ۾ موجود هو. سلطان باهوءَ جي ڪري ماڻهن جي قلبي ڪيفيت ۾ هيجان پيدا ٿي ويو. ان ڪيفيت کان اورنگزيب بہ بچي نہ سگهيو. تلاش شروع ٿي. پاڻ هڪ ڪنڊ ۾ ميرڙي چادر اوڍيو ويٺو هو. آخر ماڻهن ڪيس

ڳولي لڌو ۽ بادشاه جي سامهون آندو. اورنگزيب بيعت لاءِ عرض ڪيو. پاڻ علحدگيءَ ۾ ڪيس چيائين:

فيض گهرين ٿو تہ پوءِ چپ رهُ!

هونئن تہ باهو عليہ رحمت فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ ڪثير تحرير ڇڏي آهي. پر اڄ سندس اهميت پنجابي شعر ڇوڻ جي ڪري آهي. پاڻ پنهنجي بيتن ۾ ضلعي جهنگ جي پنجابي زبان استعمال ڪئي اٿس. نقادن سندس شعري ذخيري تي هن ريت روشني وڌي آهي ”حضرت سلطان باهو اعواڻ قبيلي جو فرزند هو. هي قبيلو پنهنجي بهادرانہ ڪارنامن سبب وڏي شهرت رکي ٿو. هن اهڙي جوش ۽ همٿ جو اظهار الاهي عشق ۾ بہ ڪيو آهي، ۽ نهايت پر جوش جذبات سان گڏ پنهنجي ڪيفيات ۽ پنهنجن خيالات کي بيان ڪيو اٿس. سندس غور ۽ فڪر جاري رهي ٿو. سندس آخري مقصود عرفان ڪامل آهي. جيتوڻيڪ سلطان صاحب جي بلند پروازي عوام کي متاثر ۽ مسحور ڪري ٿي. پر پوءِ بہ پاڻ خاص طبقي سان مخاطب هجي ٿو. سندس شعر يا دوهن ۾ هر مصرعي جو آخري لفظ ”هو“ هوندو هو. يعني تہ هرمصرعي کي ”هو“ جي لفظ تي ختم ڪندو هو. جو پاڻ هر وقت خدا پاڪ کي حاضر ناظر ڏسندي نظر ايندا هئا. باهوءَ جي خيالن جي دنيا نهايت وسيع آهي. ان ۾ خير ۽ شر، رياءَ ۽ ڪوڙ، خارجي ۽ داخلي تجربن، جهڙوڪ: حياتي، عبادت توڙي رياضت ۾ هڪ دائمي ڪشمڪش جاري آهي. مگر ان جو مطلب اهو ڪونهي تہ پاڻ شجر ۽ حجر (وڻ ۽ پٿر) کي بہ خدا جو مظهر مڃيندو هجي. سندس نظر ۾ دنيا ڪروڌ ۽ ڪپٽ جو ديرو آهي ۽ طالب الاهيءَ کي هت بي شمار آزمائشن ۽ مشڪلاتن کي منهن

ڏيٺو پوي ٿو. سلطان باهو دنيا کي ڏسي ۽ ان جي جاذبيت کي سڃاڻي ٿو. مگر سندس خيال ۾ اهي ڳالهيون هڪ سالڪ لاءِ بي حقيقت آهن ۽ ان کي رد ڪرڻ سالڪ جو اولين فرض آهي. ڪيس هر جاءِ خدا جو نور ڪار فرما نظر اچي ٿو. هن جي شعرن، استعارن ۽ تصوير ڪشيءَ مان سندس علمي تبحر ڏسي سگهجي ٿو. (۱) تاريخ ادبيات. جلد ۱۳، ص ص ۲۹۳-۲۹۹ءص ۲٦۲).

سچل سرمست ۽ سلطان باهوءَ جي سرسري سوانحي ۽ فڪري سڃاڻپ ڪرائڻ کان پوءِ، اسين ٻنهي شاعرن جي مختصر تقابلي اڀياس طرف اچون ٿا. اهڙو مطالعو ڪندي اسان هٿ ۾ چار نُڪتا چونديا آهن. تڏهن ٻـ ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ نهايت ئي دلچسپ مشترڪ قدر سامهون اچن ٿا. ان متعلق ضروري آهي تـ تفصيل سان تنقيدي ڇنڊ ڇاڻ ٿيڻ گهرجي.

سلطان باهو ۽ سچل سرمست وٽ عشق جي وڏي اهميت ڏسجي ٿي، ٻنهي شاعرن لاءِ عشق سڀ ڪجهہ آهي. سلطان صاحب جو خدا پاڪ سان سلسلو بـ حضرت عشق جوڙيو آهي. ڪيس ڪلمو بـ عشق سيکاريو آهي. ان متعلق چيل سندس ڪجهہ دوهن جو خلاصو هن ريت آهي.

"جڏهن خدا کي چڱيءَ طرح سڃاتم تـ ان جي طرف وڏيڪ پيش قدميءَ جو عشق دل ۾ جاڳيو. اندر ۾ عشق جي آتش بـ اٿم، ٻارڻ بـ ۽ دونهون بـ. جڏهن عشق خدا سان متعارف ڪرايو تـ (مون) ان کي شه رڳ کان بـ وڌيڪ ويجهو پاتو.... "

"منهنجي اندر ۾ ڪلمو قل قل (جو خاص آواز) پيدا ڪري رهيو آهي. مونکي ڪلمو عشق سيکاريو آهي. سموري ڪائنات ڪلمي اندر محصور آهي. اي غافل! ظاهر علمن جي سيني ڪتابن

جو مطالعو ڇڏي ڏي، اي عالم! ڪاني کي ڪرڙي ڪرڙي تون قلم تہ ناهي ٿو وٺين پر قلم سان (ڪلمو) نہ ٿو لکي سگهين. مونکي ڪلمو (منهنجي) مرشد پڙهايو آهي."

ساڳيءَ ريت حضرت سچل فقير سان بہ عشق مهرباني ڪئي، تڏهن وجي ياڳ ڪليس ۽ حق حاصل ٿيس. هو نہ مسجد ۾ ويو ۽ نہ وري ڪو مندر پيٺيائين. چوي ٿو:

نڪي مسجد مندر ويڙس، نہ ڪيڙم ٿقوا طاعت
سچل جو ٿيو بخت سوايو، جو ڪيڙي عشق عنايت.

ان هوندي بہ اسان جي هن صوفي شاعر ۽ سلطان باهوءَ جي ڪلمي بابت خيالن ۾ ظاهري طرح وڏو فرق ڏسجي ٿو. سچل فقير نهايت چٽائيءَ سان چوي ٿو.

ڪلمو پڙهان تہ ڪافر ٿيان، گهڙان نہ انهيءَ گهيڙ
جاڏي راه رسول جي، تاڏي نہ پريان پير
جي من مان ڪڍان نہ مير، تہ حضوري حاصل نہ ٿئي.

تسبيح پڻ ٻنهي شاعرن جي شعر ۽ گفتگوءَ ۾ خاص جاءِ والاري ٿي. حضرت سلطان باهو تسبيح بابت هن ريت خيال آرائي ڪئي آهي.

"اي دنيا دار تنهنجي تسبيح تہ گهمندي رهي پر تنهنجي دل متحرڪ نہ ٿي. پوءِ هٿ ۾ تسبيح جهلڻ سان ڪهڙو فائدو. تو علم پڙهيو پر ادب نہ سکيو. ان علم پڙهڻ جو ڪهڙو فائدو. تو چلہ ڪشي ڪئي پر ڪجهہ نہ ڪمايو."

"تسبيح جو تون ماهر ٿي ويو آهين ۽ پنهنجو پاڻ کي ولي سمجهڻ لڳو آهين. گردن ۾ تہ تو تسبيح سئو داڻن واري وڌي آهي. راه حق ۾ ڪجهہ خرچ ڪندي تنهنجو ساه گهٽجي ٿو، پر

وڻ وقت تہ شينهن وانگر ٽپ ڏين ٿو. جن جي دل پٿر جهڙي سخت آهي ان تي بارش جو پوڻ ڪارگر نہ ٿيندو."

ٻئي طرف سچل سرمست مورڳو تسبيح جي ڪڙڪي جوئي انڪاري آهي. نہ تہ عبادت ڪري ٿو ۽ نہ وري بندگي. سائنس رڳو عشق جي عنايت تي آهي. هو چوي ٿو.

نہ مان ڪيڙو ڪڙڪو تسبيح، نہ ڪي ڪيڙم زهد عبادت!

سلطان باهو پنهنجي ڪلام ۾ حافظ، ملا ۽ ظاهر پرست عالم کي خاص تنقيد جو نشانو بنايو آهي. هن تنقيد جو سنڌي لب لباب هن ريت آهي.

"خدا جو اسم پڙهي پڙهي تون ان جو حافظ بنجي وئين پر پوءِ بہ حجاب تہ وري بہ حائل رهيو. تون ظاهري علم پڙهي عالم فاضل تہ بنجي وئين پر پوءِ بہ دنيا جو طلبگار رهئيين. تو هزارين لکين ڪتاب پڙهيا، پر تنهنجو ظالم نفس (اماره) نہ مري سگهيو. اهو صرف درويش ماري سگهن ٿا..."

ٻئي هنڌ چوي ٿو.

"زماني سان عالم علم پڙهي ماڻهن کي خوش ڪن ٿا ان علم مان ڪهڙو فائدو. ڪي وري علم پڙهي پڙهي مشائخ سڏائين ٿا ۽ ويٺي عبادت بہ ڪن ٿا، پر خدا انهن کي ملي ٿو، جي دنيا ۾ ڪنهن جي حق تلفي نہ ٿا ڪن. ڪي وري هزارين ڪتاب پڙهي جيد عالم بنيا، پر جن کي عشق نہ مليو، اهي ٻنهي جهانن ۾ ناڪام ٿيا. علم حاصل ڪري تون مغرور ٿئين ۽ تنهنجو عقل بہ ختم ٿي ويو...."

هڪ ٻئي شعر ۾ چوي ٿو.

حافظ پڙهي پڙهي تڪبر ڪن ٿا ۽ ملا پنهنجي علم جي

برتري جتائين ٿا. ويچارا ڪتاب بغل ۾ دٻايو گهٽي گهٽي پيا گهمن. ڪين جتي به سنو ڪاڏو ملي ٿو، اتي ڪلام پاڪ به گهٽ پڙهن ٿا. جن دين جي علم کي وڪيو آهي دنيا ۽ آخرت ۾ ايزدي رحمت کان محروم ٿيا.

هوندئن ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ سهڻن ۽ ٿورن لفظن ۾ هن صورتحال تي خيال آرائي ڪئي آهي.

قريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نه چکيو.
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا!

پر مٿين دوهن ۾ سلطان باهو، جن خواص سان مخاطب ٿيو آهي، انهن لاءِ سچل سرمست به نهايت صاف گوئي اختيار ڪري ٿو. هڪ هنڌ چوي ٿو.

قاضي سچ چوان مان توکي، ڇڏ مسائل مصلا!

سچل جي نظر ۾ بزرگي، شيخي، مخدومي، قضا، پيري ۽ معلمي-سڀ نڳيءَ جا ناه ڏسجن ٿا.

بزرگ، شيخ، مشائخ، يارو، نامخدوم ٿياسي
نڪي قاضي، نڪي ملا، معلم پير بڻياسي
نڪي ناه نڳيءَ جا ناهي، رنگ رساءَ رکياسي

سچل هڪ هنڌ سلطان باهوءَ جي خيالن جي ترجماني هن ريت به ڪئي آهي.

ملان ته ڪارڻ مانين جي، ميان ختمان پڙهن ٿا خاصا
١. هلي اچن ٿا ڪنن تي، ميان هٿ ۾ ڪيو عاصا
٢. جڙي ويهن ٿا مانين تي، ميان ڪکيون ڀرن ٿا پاسا
٣. ملان چون ٿا ڪين کنيون ٿا، ڪائي وجن ٿا ڪاسا
٤. سچو سچ چوي ٿو ظاهر، بنيون گهمن ٿا باسا (پاسا)

حضرت سلطان باھو مرشد بابت گفتگو ڪئي آھي ۽ مرشد وٽڻ جي تلقين بہ ڪري ٿو. سندس خيال ۾ مرشد مثل مڪي جي آھي. مرشد عين زندگي آھي. جو شخص مرشد جي رھنمائي کان سواءِ فقر ڪري ٿو، اھو ڪفر ۽ غرق ٿئي ٿو. تسبيحون ڪٺي مسجد ۾ وهن ٿا، جيئن ڪوئا پنهنجي ٻرن ۾ لڪي وهن ٿا. رات ڪاري آھي، سفر ڏکيو آھي ۽ سوين ٺوڪرون لڳن ٿيون وغيره وغيره.

سچل فقير هڪ فارسي شعر ۾ تہ ائين ٿو چوي،

عـطـار نـہ بـود آن کـہ خدا بـود خدا بـود
او پـاڪ وجود آن کـہ خدا بـود خدا بـود

ليڪن پنهنجي هڪ سنڌي بيت ۾ پيري مريديءَ جي روايت جي زبردست مخالفت ڪري ٿو.

پير مريد نہ ٿي تون هرگز، ماٺ موج مستاني
مخدومي ۽ پيري، شيخي، خام ڇڏي ڏي خاني
پٽ، دعا، پاراتي واري، ناهي راه رباني

حضرت سلطان باھوءَ جي نظر ۾ روزا، نفل،نمازون ۽ تقويٰ حيرت، انا ۽ خود ستائيءَ جي علامت آھن. ھو چوي ٿو تہ.

”روزا رکڻ، نمازون پڙھڻ، متقي بنجڻ هي سڀ فعل حيرت جو سبب آھن.ھنن ڳالھين مان خدا نہ ٿو ملي، پر انهن ذريعي پاڻ پٽو پيدا ٿئي ٿو. ذات قديم جا هميشہ کان توسان گڏ نباهي رهي آهي، اھا توکي حاصل آھي. جڏھن باھو فنا ٿي ويندو تہ ڪيس ورد وظيفن مان نجات ملي ويندي.......“

”ظاهري نمازون نفل پڙهڻ زالن جو ڪم آھي. ڏيکاءَ جا روزا رکڻ مانيءَ جو بچاءُ آھي. مڪي اھي وڃن ٿا، جي ڪم جا ٿوٽي

آهن. ٻانگون اهي ڏين ٿا جن جي نيت صاف ڪانهي."

سچل سرمست پڻ سلطان باهوءَ کي نهايت ويجهو آهي. هن وڏي جرئت سان محض ڏيکاءُ وارن مذهبي ادارن، مبلغن ۽ انهن جي طور طريقن بابت، پنهنجا ويچار اسان آڏو آندا آهن. هڪ طرف حضرت عشق ذريعي مذهبن مان نجات ماڻي ٿو ۽ ٻئي طرف ائين ڪرڻ سان ٻيائي ختم ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو.

ڏسو عشق جو هي انصاف، سڀ مذهب ڪيائين معاف
يا وري

وقت اها تي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي
ڪي مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل
ليڪن اجا ٻه وڏيڪ هڪ ٻئي ٻيت ۾ چوي ٿو.
مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخي، پيري، بزرگي، بيحد ڀلايا
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي

حضرت سلطان باهو زندگيءَ جي آخر ۾ حيران آهي. ڪيس عجب آهي ويچار آهي. هو بار بار سوچي ٿو ته مان ڇا آهيان. وڏي فڪر کان پوءِ ائين ٿو چوي ته مان ڪجهه به ناهيان. هو چوي ٿو:

"نه ته ڪو طالب آهي ۽ نه وري ڪو مرشد.
سڀ دلاسن جي فريب ۾ قائل آهن، نه مان جوڳي
آهيان نه جنگم ۽ نه وري ڪو مون چلو ڪڍيو
آهي. نه مون ڪڏهن تسبيح ڦيري آهي. ۽ نه ڪڏهن
مسجد ۾ داخل ٿيس..."

"نه مان عالم آهيان، نه فاضل ، نه مفتي آهيان

نہ قاضي. منهنجي دل نہ تہ دوزخ ڏي جهڪيل آهي
نہ وري مونکي جنت حاصل ڪرڻ جو شوق آهي.
نہ مون ٽيهہ روزا رکيا ۽ نہ مان پاڪ صاف
نمازي آهيان، اي باهو! خدا جي وصال بغير دنيا
ڪوڙجي بازي آهي"

ان ريت سچل پاڻ ڇا آهي؟ ان متعلق فرمائي ٿو.

جوئي آهيان، سوئي آهيان. هندو مؤمن ناهيان!

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

نا مين ملا، نا مين قاضي، نامين سبق پڙهاوان،
نا مين ڪعبہ، نا مين قبلا، مڪي مول نہ جاوان،
نا مين سني، نا مين شيعا، سيد ڪين، سڏايان،
نا مين نانڪ، نا مين لڇمڻ، گنگا مول نہ جاوان،
يار تہ ميڏا درس درازي سچو نانءُ سڏايان،

سچل سائين ۽ سلطان باهوءَ جي فڪر جي هن مختصر پيٽ سان، واقعي ڪي دچسپ حقيقتون سامهون اچن ٿيون. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي، تہ ٻنهي هستين جي شعر ۾، مشترڪ ويچارن جو تفصيلي مطالعو ڪيو وڃي. حضرت سلطان باهو سن ١٦٩١ع ۾ فوت ٿيو ۽ سچل سرمست انيتاليهہ سال پوءِ ١٧٢٩ ۾ ڄائو. ان جو مطلب تہ ٻنهي شاعرن هڪ ٻئي کي ڪونہ ڏٺو. هڪ جو تعلق پنجاب سان هو، ٻئي جو واسطو سنڌ ملڪ سان. پوءِ بہ فڪري طرح هو ٻئي هڪ ٻئي کي ويجها آهن. اورنگزيبي عهد کي سلطان باهو اکين سان ڏٺو. پنجاب خاص ڪري اوير وارو علائقو بادشاه جي بربريت جو خاص نشانو بنيو. ڪيس اورنگزيب جي مذهبي پاليسين جي خاص ڄاڻ هئي. سندس ئي سامهون ميان مير

سنڌيءَ جو خاص خليفو دارا شڪوهہ ءَ تي چاڙهيو ويو هو. برصغير ۾ مذهبي رواداريءَ جو هڪ باب ختم ٿي رهيو هو. خوشحال خٽڪ ۽ مغلن ۾ معرڪا روزانہ ٿي رهيا هئا. بادشاهہ جي حڪم تي ١٦٨٥ع ۾، سکن جو نائون گرو تيغ بهادر، سوليءَ تي چاڙهيو ويو هو. ٻيون ويڙهيون ۽ بغاوتون بہ سَوَن جي تعداد ۾ ٿيون. حضرت سلطان باهوءَ جي شعر ۽ فڪر جو اهوئي تاريخي پس منظر آهي.

سنڌ اندر پڻ مغلن کان پوءِ سرڪاري سطح تي، مذهبي ۽ ثقافتي صورتحال ۾ خاص فرق نہ آيو. سچل سائين ان صورتحال ۽ پس منظر ۾، مذهب ۽ مذهبي ادارن ڏي سخت رويو اختيار ڪيو آهي. پنجابي ۽ سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي فڪر ۾ هم آهنگيءَ جو هڪ ٻيو بنياد بہ آهي. هڪ طرف سنڌ ۽ پنجاب جي مقامي تهذيبن جو مرڪز قديم سنڌو ماٿر جي تهذيب آهي، ۽ ٻئي طرف وري هن فڪري ميلاپ جو محور سنڌو درياهہ آهي، جو ڪشمير کان نڪري پنجاب ۽ سرحد کي سيراب ڪندو، اچي ٿو سنڌ ۾ پهچي. اسان وٽ هائي ذاتي پسند يا ناپسند جي آڌار تي، ڪي صاحب ترديدون ڪندا آهن تہ، سچل فقير هي شعر چيو هوندو يا هي بيت نہ چيو هوندو. حقيقت ۾ سنڌ ۾ هن لاثاني شاعر، هر شعر پوري ذميداري، سوچ ۽ سمجهہ سان چيو آهي. ان ڏس ۾ ڪيس ڪنهن بہ ترديد جي ضرورت ڪانهي. بلاشبهہ اهو چوڻ درست ٿيندو تہ: سچل سرمست مجذوب ۽ ديوانو يا مستانو ڪو نہ هو. هو هڪ ڏاهو ۽ سمجهدار توڙي ذميدار صوفي شاعر هو.

مددگار ماخذ

١. غلام محمد گرامي: مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات، مهراڻ ١٩٦٤/٢٢٠ع
٢. ضمير اظهر: پيام باهو، اڪادمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد، ١٩٨٧ع
٣. تاريخ ادبيات مسلمانان هندو پاڪستان، جلد ١٢، پنجاب يونيورسٽي لاهور، ١٩٧١ع.
۴. مرزا علي قلي بيگ: رسالو سچل سائين جو، سکر ١٩٠٢ع.

سرمست - ١١
1991ع

سچل جي شاعريءَ تي ٻاهريان اثر

گهرو ماحول ۽ تعليم

حضرت عبدالوهاب، جنهن کي "سچيڏنو" "سچو" يا "سچل" سڏيو ويندو آهي. سو اڳوڻي خيرپور ميرس رياست جي هڪ ننڍي ڳوٺ درازن ۾ ١٧٣٩ع ڌاري پيدا ٿيو. هن جو ڏاڏو خواجہ محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو پنهنجي وقت جو سٺو صوفي شاعر هو. جنهن جو اڻ ڇپيل ڪلام اڃان بہ موجود آهي. سچل جي والد ميان صلاح الدين بابت ڪابہ معلومات ڪانهي پر سندس ننڍي ڀاءُ خواجہ عبدالحق لاءِ ڪي حقيقتون موجود آهن. پيءُ جي وفات بعد هن جو اهو ننڍو فرزند ئي گادي نشين بڻيو ۽ جنهن سچل جي پرورش ڪئي، ديني ۽ روحاني تعليم جو ذمو کنيو ۽ هن جو مرشد بڻيو. پاڻ عبدالحق فارسي جو عالم هو ۽ ايراني تصوف، فارسي صوفياني شاعري ۽ سنڌ جي صوفي روايت جو ڄاڻو هو. اهڙي ئي گهر ۾ سچل اکيون کوليون جتي تصوف جو ذڪر هو ۽ عارفن جي اچ وڃ هئي.

ان دور ۾ اتر سنڌ ۾ مير سهراب خان ٽالپر حڪمران هو، جنهن جي ايامڪاري ۾ ان خطي ۾ امن امان ۽ خوشحالي هئي. درٻاري ٻولي فارسي هئي جيتوڻيڪ عوام جي ٻول چال جي ڀاشا سنڌي هئي. مڪتبن ۽ مدرسن ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏني ويندي هئي. هلي چليءَ موجب ميان عبدالحق پنهنجي ڀائٽي کي ديني تعليم ۽ ظاهري علمن جي حاصلات لاءِ حافظ عبدالله قريشي

ڪي سونپيو، جنهن جي نظر داري هيٺ هن سنت عربي جي گهري ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ قرآن شريف حفظ ڪيائين. ان ڪارڻ ڪيس حافظ درازي بہ چوندا آهن. ان استاد، فارسيءَ کان وڌ عربيءَ جو علم سيکاريس. فارسيءَ جي تعليم سندس چاچي عبدالحق عطا ڪيس. ميان عبدالحق سچل جو چاچو تہ هئو ۽ پوءِ هن جو سهرو بہ ٿيو. پر ان کان وڌ هو هن جو استاد هو ۽ مرشد؛ ڪيس پنهنجي چاچي کان ئي باطني علمن جي ٻوجهہ پئي ۽ هن جي هدايت هيٺ تصوف جي راهہ جو پانڌيئڙو بڻيو. تصوف جي ڪتابن ۽ ايران جي برک صوفي شاعرن جي ڪلام جو گهرو اڀياس ڪيائين ۽ شعر گوئيءَ لاءِ ذوق حاصل ڪيائين. سچل سائين ننڍي هوندي کان ئي ذهين هو، سو پنهنجي روءِ سوءِ خلوت ۾ فريد الدين عطار جا ڪتاب تذڪره الاولياءَ ۽ منطق الطير، جلال الدين روميءَ جي ديوان شمس تبريز ۽ ٻين سنڌي ۽ فارسي شاعرن جو ڪلام گهري نظر سان واچيائين ۽ هنن جي ويچارڌارا کي اپنايائين. جيتوڻيڪ فارسيءَ جي هڪ شعر ۾ مولانا نورالدين جاميءَ جو ۽ احمد جام جو بہ ذڪر ڪري ٿو، پر هو ڪو هننجو خاص قائل نٿو ڏسجي. ان ۾ شڪ ڪونهي تہ جاميءَ وحدت الوجود يعني "همہ اوست" جي مسئلي کي نهايت چٽائي ۽ صفائي سان پنهنجي غزلن ۾ ۽ خاص ڪري يوسف و زليخا نالي مثنوي ۾ پيش ڪيو آهي. پر سچل جو خاص لڳاءُ عطار سان ۽ ان بعد شمس تبريز سان ئي هئو، جن جي پرپرٽا جو سروت منصور بن حلاج ئي هو.

سنڌي سماج جي حالت اهڙي هئي جو مذهب جي نالي ۾ حقيقتا اڌرم جو ئي پرچار هو، زور زبردستي هٿي ۽ اسلام جي ڦهلاءُ لاءِ کهڙو بہ رستو جائز سمجهيو ٿي ويو. سنڌي صوفين،

سنڌي شاعرن ان جي خلاف جهاد شروع ڪري ڏنو ۽ ان طرح تي اسلامي تصوف جي جاءِ سنڌي تصوف ورتي. لطف الله قادري هجي، مسيون عنات هجي. شاهه لطيف هجي يا سچل هجي هنن ان سنڌي تصوف جي ڦهلاءُ ۾ ان عالم دوستي ۽ مانونا واد ۽ ڌرم پريڪشا واد جي پرچار ۾ اهم رول ادا ڪيو. سچل پنهنجي دور جي نام نهاد مذهبيت جي بيخ ڪني لاءِ ملن، مولوين، مفتين ۽ قاضين خلاف پنهنجي جان جو فڪر بہ نہ ڪري، لڳاتار آواز اٿاريو ۽ عوام کي سجاڳ ڪرڻ جي اڻ ٿڪ ڪوشش ورتي. جيتوڻيڪ شاهه جهڙي شاعر علامتي زبان ۾ يا ڪٿي ڪٿي اشارن ۾ ڳالهہ ڪئي، پر سچل جي تيزبين ۽ دوربين اک ڏٺو تہ علامتي اظهار جو ڪو اثر ايترو نٿو ٿئي، ان ڪري ئي هن شاهه جي ديڳڙي جو ڍڪڻ لاٿو ۽ صاف گوئي کي اپنايو ۽ "سچ" کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ان طرح جي هدايت يا تعليم کي عوام اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ شاعريءَ جو دامن پڪڙيو ۽ خاص ڪري ٽن ٻولين ۾، فارسي، سنڌي ۽ سرائڪي ۾ پنهنجي خيالن کي ورجايو. انهن خيالن جي پرورش ۾ هيٺين ٻاهرين اثرن جو نمايان رول محسوس ڪجي ٿو.

ٻاهريان اثر

"ٻاهريان اثر" جي معنيٰ آهي سنڌ کان ٻاهر وارا اثر، پوءِ پل تہ هن جا هجن، هندستان جي ويدانتي پنٿين جا هجن يا ايراني تصوف جي علمبردارن جا هجن يا اسلامي تصوف جي تفسير ڪندڙن جا هجن.

هندستان جي فلاسافي جنهن کي ادويت واد ٿا چون ۽ ويدانت مارگ جو نالو ٿا ڏين ۽ جن جي پرچار ۾ يوگين جو گهڻو

هٿ رهيو آهي! جي هن ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويا ۽ جن هيڪڙائيءَ جو هوڪو ڏنو. سنڌ ۾ اهي جوڳين جي نالي پرسڌ ٿيا. جن جو ذڪر قاضي قاضن (يا قادن) پنهنجي هيٺين بيت ۾ ڪيو ٿو ڏسجي:

جوڳي جاڳايوس، سُتوهون من ننڊ ۾

"جوڳي" جاڳايوس" لطف الله قادري ۽ شاه لطيف به جوڳ ڪي، جوڳين ڪي گهڻو ڳايو آهي. اهو سچو اثر اسان جي سچل تي به ضرور آهي. جيئن ته آغا صوفيءَ "سچل سرمست" ۾ "سرمست ۽ هندي رهبر" واري باب هيٺ هن طرح راءِ عرض رکي آهي:

سچ پچ جيڪڏهن سچل جو ٻج اسلام جي گلشن جي سرزمين مان آيل هيو، ته انهيءَ جي نشو نما هند جي گلزار ۾ پاتي هئي... هندي رهبرن جي راحت جا هن جي روح کي رسي آهي، ان جي شاهدي به سندس قرب ڀريو ڪلام قدم قدم تي ڏيئي رهيو آهي. (ص ٢٥٨)

سچل چوي ٿو:

بندرابن ۾ بيٺڪ ميري ... گنگا جمنا وچ اشنان

نانڪ لڇمڻ ميرا نام

اسلامي تهذيب، ايراني، سنسڪرتي ۽ ڀارت جي پراچين سڀيتا ڇڻ هن جي روح ۾ سمايل هئي.

چوي ٿو:

"ڪڏهن ڪرشن ڪان، ڪڏهن احمد عرب ۾"

ساڳيو مصنف ائين به ڄاڻائي ٿو ته هن تي گرو نانڪ جي گرنٿ جي ٻاڻيءَ جو به ڪوگهٽ اثر ڪونه هو. هن جو يوسف

فقير جڻ تہ امرتسر دربار ڏانهن سچل جوسفير هو. سچل ئي هئو جنهن هن تي نانڪ جولقب ڏريو. ان ڪري نانڪ يوسف نالي مشهور ٿيو. " نانڪ يوسف جو ڪلام" جو سنڌ جي ڊاڪٽر تنوير عباسي مرتب ڪيو آهي. ان راءِ جو آهي تہ "سکن جي گرونانڪ جي تعليم(١) پڻ صوفين جي وحدت اديان جي متي ڪي ويجهي آهي... ۽ انهن ڏانهن پنهنجو سيني ڪان ويجهو فقير سفير طور ڏياري موڪليو ۽ ان تي نانڪ نالو رکيائين". (ص٢٨) ساڳي طرح چيتمل پرسرام بہ پنهنجي ڪتاب "سچل سرمست" ۾ راءِ ڏني آهي تہ "انهيءَ ۾ شڪ ڪونہ آهي تہ سچل فقير تي سک گرن جو گهڻو اثر هو. سچل جدا جدا هنڌان سکيا وٺڻ ڪان ڪين ٿي ڊنو" (ص ٩)

اچو تہ ڏسون تہ ٻين ڪهڙن ٻاهرين اثرن هن جي شاعري تي ڀرپور اثر ڇڏيو آهي. هن جي پهرين نظر منصور بن حلاج ئي پيئي جوئي هن جو زندگي ۽ آدرش هو ۽ جڻ تہ هو تن لاءِ هيرو هو. منصور جو بي باڪ نعرو "اناالحق" (آءٌ حق آهيان. آءٌ سچ آهيان) جڻ هن جي جهاد لاءِ جنگي نعرو هيو. سچل جو رسالو کڻي بہ کوليو تہ منصور جو نالو وٺندي، هن جو ذڪر ڪندي، هن جي "اناالحق" جي ٻولي دهرائيندي ٽڪجي ئي نٿو. ياد رهي تہ منصور بن حلاج پنهنجي سفر دوران سنڌ مان گذر ڪري هند ۾ پرويش ڪيو، جت ويدانت پنٿين سان لهہ وچڙ ۾ آيو ۽ شڪ ڪونهي تہ سندس "اناالحق" انهن جي اهم برهمسلميءَ جو پڙاڏو هجي. مطلب تہ، منصور سنڌي قديم شاعرن ۽ صوفين جو آدرش رهيو آهي. هن جي شخصيت، هن جي زندگي، هن جي شهادت، هن جي ويچار ڌارا سنڌي عارفن ۽ شاعرن کي پاڻ ڏانهن متوجہ

ڪيو آهي. سچل کان اڳ شاهہ عنايت جهوڪ واري جي همہ اوست نظريي جو پرچار هن جي خليفي مير جان الله رضوي جي "ديوان مير" ۾ منصور جي نعري جي توضيح، شاه لطيف جا منصور بابت بيت نظر سامهون هئا. فرق صرف اهو آهي جو هو ڪنهن حد اندر هئا. پر سچل سرمست جنهن ڪي منصور ثاني ٿا سڏين تنهن تہ لاحد ۾ پير پاتو. هڪ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو.

"حق انالحق ٿي چيو، پر منجهہ نظر منصور هو
منجهہ شرع شريعت چون، منجهہ معرفت منظور هو
وس نہ هو حلاج جو ڪوئي محبتي مخمور هو
سر نہ جي سوريءَ ڏاڍس قرب ۾ ڪو قصور هو"

يا

مرد ٿي منصور ٿيءُ، نہ تہ حڪيم، چؤ منصور آن

منصور جو ايترو ذڪر جيترو سچل جي ڪلام ۾ ملي ٿو ٻئي ڪنهن بہ سنڌي يا سرائڪي شاعر جي ڪلام ۾ نہ ملندو. ٿوري ۾ ائين چئجي تہ منصور جي شخصيت، منهج، فلسفي جو هن جي ڪلام ۾ بيحد اثر آهي.

منصور کانپوءِ سچل جي شاعريءَ تي ۽ سچل جي خيالن تي ايراني صوفي شاعر فريدالدين عطار جو ئي اثر آهي، جنهن کي هو پنهنجو مرشد ٿو مڃي. عطار بنسبت چوي ٿو:

"من خدايم" اکدا عارف شيخ عطار

عطار نبود آنکہ خدا بود خدا بود (هو عطار نہ هو پر خود خدا هو) اي دلا خوشبو ز شه عطار درجانم رسيد (اي دل شاه عطار جي سڳنڌ منهنجي روح ۾ سمائي)

ان صوفي شاعر لاءِ مولانا روميءَ کي بہ حد درجي جو

SOORIH SINDHI ADAB

احترام هو، جيئن تہ هن جي لفظن ۾ "عطار روح بود و سنائي دو چشم او" (عطار روح هو ۽ سنائي(٢) هن جون ٻہ اکيون) عطار جي غزلن ۾ جو طوفان آهي، جو روحاني جوش آهي ۽ جا مستي آهي، سا ڪنهن حد تائين سچل جي ڪلام ۾ پڻ موجود آهي. عطار جي غزلن وارو سوز، سچل جي ڪافين ۾ ملندو. وحدت الوجود جو پرچار جو عطار ۾ آهي، سو سچل جي شعر ۾ بہ آهي. سچل جي ڪلام ۾ آگ آهي، شعلو آهي ۽ هڪ طرح جي سرمستي ۽ لاابالي پڻ آهي سچ چئجي تہ سچل جي مستي ۽ بي باڪي جو سرچشمو عطار ئي آهي، جنهن جو اثر روميءَ جي غزلن ۾ بہ ملي ٿو.

عطار پنهنجي مثنوي منطق الطير (پکين جي ٻولي) ۾ ستن وادين جو ورنن ڪيو آهي: طلب، عشق، معرفت، استغنا، توحيد، حِيرت ۽ فنا. سچل پنهنجي نموني انهن وادين جو، انهن مقامن جو بہ ذڪر ڪيو آهي ۽ ان صوفيانه مثنوي مان آيل آکاڻين ۾ صنعان جي ڪهاڻي بہ آهي. سچل صنعان جو بہ ڪافين ۾ نالو آڻي ٿو.

سچل جي ڪافين مان ڪيئي عشق ڏانهن مخاطب آهن، تہ ڪن ۾ توحيد يا هيڪڙائيءَ جو مذڪور آهي. هيٺين ڪافي پڙهو:

جوئي آهي سوئي آهي، اسين اصل ڪون ناهيون
شوق منجهارون شہ درياوان، لکين وهن ٿيون واهيون

عطار "حيرت" واري وادي جي باب ۾ چوي ٿو:

گويد اصلا ندانم چيز من ـ اين ندانم هم ندانم نيزمن

چوي ٿو:

(آءٌ ڪابہ بات نٿو ڄاڻان، هيءَ نٿو ڄاڻان، هيءُ مان ڄڻ

نتو ڄاڻان) سچل ان حيرت جي مقام بنسبت هئن ٿو چوي.

اسين آهيون، ڇا اسين آهيون،

ٻيلي نٿا ڄاڻون ڇا اسين آهيون

ذري چئون ٿا آهيون اسين ئي

ذري چئون ٿا اصل ناهيون

ذري چئون ٿا اسان پاڻ سڃاتو

ذري چئون ٿا اسين ڇاهيون

يا ٻئي هنڌ:

آهيان آهيان تہ يي چئو ناهيان

ناهيان کين آهيان آنءُ

آهيان ناهيان جي خبر نہ پوندي

موتي چوان ٿا ڇاهيان.

ايئن ڪڏهن بہ نہ راءِ ڏيئي سگھبي تہ سچل عطار جي انڌي تقليد ڪئي آهي، نہ، هو پنهنجي ئي لاثاني طريقي، سادي سودي سنڌي ٻولي ۾ حيرت جي اپٽار ڪري ٿو. وحدت جي واديءَ بابت ڇاتو فرمائي:

ڏسو عشق جو انصاف، سڀيئي مذهب ڪيائين معاف

واديءِ ۾ وحدت جي، جڙي لام نہ ڪاف

عطار آخري مقام فنا لاءِ چيو آهي:

"جنهن پاڻ پلايو سو جڻ فنا جي مقام يا واديءَ ۾ پهتو ۽ جڏهن فنا جي هن ڪي "نانهن" جي منزل تي رسايو تہ جڻ بقا ماڻيائين" صوفي ان منزل کي بقا بعدالفنا ٿا چون. اها آهي خود شناسي يا پاڻ پروڙڻ جي حالت. "منطق الطير" ۾ ڏيکاريل آهي تہ ان آخري منزل تي رسڻ وقت صرف ٽيهہ پکي (سي مرغ) وڃي

ٻڌيا تہ هو پنهنجي هادي ۽ رهنما هد هد کان پڇن ٿا تہ ڪٿي آهي سيمرغ (هڪ فرضي پکيءَ جو نالو جڏهن تمثيل ۾ خدا لاءِ اچي ٿو) تہ جواب ملين ٿو تہ اسين خود سيمرغ آهيون (سي - ٽيهہ مرغ = پکي) يعني هو پاڻ ايشوري روپ آهن.

سچل بہ ٺوڪي ٺوڪي ٿو چوي:

نـوري نـاري نـاهـيـان، آهـيـان رب جبـار

اهائي عطار واري ٻولي آهي ”من خدايم“ اهوئي منصوري نعرو آهي اناالحق جو ۽ اهوئي شاهہ جي لفظن ۾ ”پنهون ٿيس پاڻ“

شمس تبريز

ٻي جا شخصيت آهي ان جو اثر بہ ڪو گهٽ ناهي، سو آهي شمس تبريز جو. ظاهريءَ ريت تہ شمس تبريز آهي، پر حقيقتا اها شخصيت آهي ”مولانا جلال الدين روميءَ جي. سچل جي وقت ۾ ديوان شمس تبريز“ کي شمس جي تصنيف سمجهيو ويندو هو، ڇو تہ اڃا تحقيق جو سلو اپريو ڪونہ هئو. هينئر تہ اندروني توڙي بيروني ثابتين سان سڌ ٿي چڪو آهي تہ ان جو رچناڪار شمس تبريزي نہ، پر هن جو شش جلال الدين رومي ئي هو. جهڙيءَ طرح سچل جي سمڪالين ڪوي ۽ائي ڇنراءِ پاڻ کي پنهنجي ستگرو سوامي مينگهراج ۾ گم ڪيو ۽ سنڌيءَ ۾ ”ساميءَ جا سلوڪ“ هن جي نالي ۾ پڌرا ڪيا ان ئي نموني روميءَ ڪيو.

حقيقتا صحيح اهو آهي تہ مولانا روميءَ جو بہ سچل تي گهاٽو اثر آهي. يعني تہ روميءَ جي جلالي روپ جو جلوو جو ديوان شمس تبريز ۾ نمودار آهي، سو سچل جي ڪلام ۾ بہ

ظاهر آهي. سچل روميءَ جو ڪتي نالو نہ ورتو آهي، پر شمس تبريز ڏانهن تہ ڪيئي اشارا اهن ۽ جي غلط ڳالهيون شمس تبريز بابت زبان زد هيون تن بابت اشارا آهن.

سر آسا ۾ چوي ٿو:

اسان ڏي جان ڪون لڱڙي هوائي شمس تبريزي

•

"اسجدوني" اينوين آکيا، تبريزي تڪرار وي

سرمد هوڪي ڦرايوئي هوڪي، نال شمس دي ملان هوڪي

ڪڏان شمس الحق هوا هون، ڪڏان حلاج دي نانءُ هيا هون.

هڪ سرائڪي ڪافيءَ ۾ تہ صوفي بايزيد بسطامي، جنيد بغدادي، حسين حلاج ۽ تبريزيءَ جا نالا ۽ سندن سخن آندا اٿس. ان جو ٿلهہ آهي:

بسطامي ڪبهي بات ڪهي هي ڪوئي سمجهڻ والا هوءِ.

شمس الحق جي کل لهرائڻ واري غلط ڪهاڻي جو ذڪر اجهو هيئن ٿو ڪري:

"شمس الحق دي کل ڪلايوئي، ملڪين وچ مشهور"

"شمس ملن جي هٿئون مارايئي، عاشق ٿو آزمائين"

پنهنجي ڪافين ۾ فراق جون ڳالهيون، درد جون ٻاٽيون سوز جون حڪايتون ٿو ڪري. جيئن رومي پنهنجي مرشد شمس تبريز جي وڇوڙي ۾ آهون ۽ دانهون ٿو ڪري، جهڙي طرح "ديوان شمس تبريز" ۾ مستيءَ ڀريا شعر آهن. ان طرح سچل جي ڪلام ۾ مستي ڪوٺان ڪوٺ ڀريل آهي.

شمس تبريز پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو آهي تہ:

"اسان جو مقام فلڪ هو ۽ جتي فرشتا ساٿي هئا، خود

فلڪ ڪان بہ مٿي آهيون ۽ مان فرشتن ڪان بہ وڌيڪ آهيان"،
اهڙي ئي مستي سچل جي ڪلام ۾ آهي.
جوئي آهيان، سوئي آهيان، هندو مومن ناهيان
نا مين ڪعبہ نا مين قبلہ، مڪي مول نہ جاوان
نا مين نانڪ، نا مين لڇمڻ، گنگا مول نہ جاوان
سندس مشهور ڪافي جو ٽل - "ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان" اهڙن ئي ويچارن سان وڪوڙيل آهي. جهڙوڪ روميءَ جو هيٺيون غزل.
نہ از خاکم نہ از آگم نہ از بادم نہ از آتش
نہ از عرشم نہ از فرشم نہ از کونم نہ از کانم
(آءٌ نہ مٽيءَ مان ۽ نہ وري پاڻي يا هوا يا اگنيءَ جي پيدائش آهيان، نہ عرش جو نہ فرش جو، نہ ڪو وجود اٿم ۽ نہ ڪا هستي)
مکانم لا مکان باشد نشانم بي نشان باشد
نہ تن باشد نہ جان باشد کہ من جان جانانم
(منهنجو مڪان لا مڪان آهي، منهنجو نشان بي نشان آهي،
نہ ڪو جسم آهي ۽ نہ وري جان، ڇوتہ آءٌ تہ جانان جي بہ جان آهيان)
ڏسو سچل ڇاٿو آکي:
نہ مين گويا نا مين جويا، نا سوال نا جواب
نہ مين خاڪي، نہ مين بادي، نہ مين آگ نا آب
نہ مين سني نا مين شيعہ، نہ مين ڏوه نا مين ثواب
ديوان شمس ۾ رومي ساڳي ڳالهہ ٿو ٺتواري:

نہ ترسا نہ يهودمر من نہ گبرمر نہ مسلمانمر
(نہ ڪرستان نہ يهودي آهيان ۽ نہ وري ڪافر يا مسلمان آهيان)

متين مثالن مان، اهو نتيجو ڪڍڻ غلط آهي تہ سچل ۾ اصليت ڪانهي يا ڪہ هو صرف عطار ۽ روميءَ جي نقش قدم تي هليو. هن ۾ پنهنجي اصليت آهي، پنهنجي انفراديت آهي ۽ هن کي پنهنجي نجي اظهار جي سگهہ آهي. اسين ٻين جي خيالن کان، ٻين جي فلسفي کان پرڀاوت ٿيون ٿا پر جيڪڏهن اسين انهن کي پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ پيش ڪريون، تہ ايئن ئي رايو ڏبو تہ اسين انڌي تقليد ڪئي آهي.

سچل سرمست سنڌ جو عظيم شاعر ۽ مفڪر آهي جن تي ٻاهريان اثر پيا ضرور آهن. پر هن انهن کي پنهنجي ئي نموني رنگيل آهن، تہ اهو ڪو ٻاهر هو قلم لڳايل تصوف ناهي پر اهو نج سنڌي تصوف آهي. يعني جنهن ۾ عالم دوستي جي اپٽار آهي محبت ۽ اتفاق جو سبق آهي، جو مذهب ۽ تقليد کان مٿاهون آهي.

•

١. سچل جي گرو نانڪ جي ٻاڻيءَ ۾ دلچسپي جو ڪارڻ اهو آهي تہ سنڌي هندن جي اُن ۾ مڃتا رهي آهي.
٢. سنائي: ايران جو مشهور ڪوي جنهن جي مثنوي ”حديقه الحقيقه“ تصوف جي ويچارن سان پر آهي.

•

سرمست - ٨
1998ع

سچل جي ڪلام ۾ سنگيت جي اوت

شريعت ۾ سنگيت روا ناهي مگر مسلم صوفي سنتن، سرود ۽ سماع کي ساهہ سمان سمجهيو. شاهہ صاحب لاءِ راڳ جان جو جياپو هو. ساهہ بہ راڳ هلندي ڏنائين. ”مدن مست“، ڪوي ۽ ڀڳت، سندس يار هو. راڳ جا استاد ”اٽل ۽ چنچل“ سندس حضور ۾ رهندا هئا. ڊاڪٽر ايچ - ٽي - سورلي جي راءِ موجب. ”شاهہ جي شاعري بہ ٻين سنڌي شاعرن وانگر غنائي (Lyrical) آهي ۽ ڪيس بخوبي ڳائي سگهجي ٿو ۽ ڳايو بہ ويجي ٿو. مشرق اڄان تائين پنهنجي شاعريءَ کي ترنم ۽ راڳ کان جدا نہ ڪيو آهي.“

شاهہ صاحب جيڪو ڪنو چاڙهيو هو. ان جو ڏکڻ سچل سرمست لاٿو. شاهہ وانگر سچل بہ سماع تي عاشق هو. راڳ سندس دل جي دولت، من جي موج ۽ روح جي راحت هو. پاڻ ڳائيندو بہ هو ۽ طنبور بہ وڄائيندو هو. راڳيندڙن جي وٿس ڌم لڳي هوندي هئي. ساز، آواز ۽ راز جي موج! ٻاهريون آواز ساز جو ۽ سر هن جي روح جي راز جو. ٻئي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويندا هئا. راڳ راڳڻين جي بہ چڱي ڄاڻ هيس. ڀيرين پنهنجي ڏاڏي ميان صاحبڏني جو ڪلام چوندو هو. پوءِ پنهنجو چوڻ لڳو. مستيءَ جي حالت ۾ ناچ بہ ڪندو هو. لٺ يا عصا سان گڏ طنبور بہ ساڻ رکندو هو. جيڪي اڄا تائين فقير غلام شاهہ جي خاندان ۾ ڪٺ تي رکيا آهن، جتي ماڻهو اچي انهن جي زيارت

ڪندا آهن.

سچل موسيقي ڏي ايترو مائل ۽ ساز آواز طرف ايترو حساس هو. جو چون ٿا تہ "جڏهن سارنگي طبلي تي هٿ لڳندو هو تڏهن بيخود ٿي ويندو هو ۽ مٿي جا وار ڪڙا ٿي بيهندا هئس ۽ اکين مان پاڻي جاري هوندو هوس. شعر بہ اهڙيءَ مستيءَ ۽ وجداني ڪيفيت ۾ چُوندو هو. جيڪي منشي ۽ فقير لکندا ويندا هئا.

مرزا علي قلي بيگ لکي ٿو: "هڪڙي پيري سچل صاحب کي اسهال خونيءَ جي سخت بيماري ٿي، جنهن ۾ تمام ضعيف ٿي، لڙهي ويو. سخي قبول محمد کي سندس حسن پرستي ۽ راڳ جي شوق جي خبر هئي، تنهن مير رستم خان ڏي چوائي موڪليو تہ ڪيريون روانيون ڪريو. انهن کي هار سينگار ڪرائي اوچتو سندن جاءِ ۾ آندائون تہ انهن کي ڏسي اهڙو خوش ۽ سرهو ٿيو جو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ هنن جي راڳ تي نچڻ ۽ ٽپڻ لڳو ۽ بلڪل چڱو ڀلو ٿي پيو.

ڪي چون ٿا تہ: لاڙڪاڻي جي جيوائي ڪيريءَ ٻڌو تہ ميان سچيڏنو بيمار آهي، سو وڃي پڇي بہ اچانس ۽ مجرو بہ ٻڌايانس. هوءَ شهر درازن ۾ اچي سينگار ڪري، پيشواز ۽ ڇيربون پائي آئي ۽ پڇيائين تہ. سچل سائين ڪاٿي آهي؟ طبيبن ۽ فقيرن چيس تہ سائين سچيڏنو سخت بيمار آهي ۽ مٿي سمهيو پيو آهي. هوءَ هڪدم مٿي ويئي. سائين سچيڏني هن کي ڏسي چيو تہ "بسم الله! اسان جا طبيب اسان جا حڪيم آيا. هڪ دم ٽپ ڏيئي ڪڙو ٿيو ۽ نو بنو تازه بتازه رهيو."

سنگيت اهڙي اديت ڪلا آهي، جنهن جو اثر ماڻهن تہ ڇا

پر پسين پکين، وڻن ٽڻن ۽ بي جان چيزن تي بہ پوي ٿو. موسيقي جي سرير، من ۽ آتما کي متاثر ڪري ٿي. سنگيت شاستر موجب صحيح ويل ۽ صحيح پڌتيءَ سان ديپڪ راڳ ڳائڻ سان آگ جو اثر ٿئي ٿو. سارنگ سان برسات وسي سگهي ٿي ۽ هندول راڳ سان جهولو جهولڻ لڳي ٿو.

اڄوڪي وگيان (سائنس) بہ سنگيت جي ادبيت اثر کي قبول ڪيو آهي. راڳ تي ريجهي ڳائين جو وڏيڪ کير ڏيڻ، ٻوٽن ۾ تڪڙي اوسر، گٽار جي ردم (Rhythm) سان دل جي تيز ڌڙڪن تي قابو پائڻ. اهي ڳالهيون هاڻي عام ٿي چڪيون آهن. اڪثر درويشن، سنتن ۽ فقيرن، ڪبير، تلسي، سورداس، ميران، نان نانڪ رام ڳائي ڳائي پرماتما کي پاتو. سچل بہ راڳ ذريعي پنهنجي رانجهل کي ريجهايو آهي.

”سچل جي وڏي خصوصيت هيءَ آهي تہ هن جهڙو ڳائيندڙ ڪوي سنڌ اجا پئدا نہ ڪيو آهي. سچل جون ڪافيون گيت ڪاويہ (Lyrical Poetry) جي انهيءَ اتاهين آسمان تي پهتل آهن. ڪنهن بہ سنڌي گيت ـ ڪاويہ جي ڳنڍڪي ۾ جهاتي پائبي تہ سچل وينو ئي وينو آهي. سچل دنيا جي گيت ڪوين جي انهيءَ قطار ۾ آهي. جنهن ۾ جئديو ۽ حافظ، شيلي ۽ بائرن ممتاز آهن.“
(پروفيسر لال سنگهہ اجواڻي)

سچل سائين جي ڪلام ۾ ڪافيون، غزل، بيت، ڏوهيڙا جهولڻا، گهڙوليون، سي حرفيون ۽ مرثيا ملن ٿا. جيڪي سنڌي، سرائڪي، اردو (ريختہ) ۽ فارسي ٻولين ۾ آهن.

ڪافي، سنڌي ۽ سرائڪي جي هڪ سدا ملوڪ صنف آهي. ڪافي صوفين جي ايجاد آهي جيڪا هر راڳ ۽ هر رنگ ۾

ڳائي ويندي آهي. هيءَ گهڻو ڪري سنڌ ۽ پنجاب ۾ رائج آهي. هندستان ۾ مسلمانن جي اچڻ کان پوءِ صوفي بزرگن ڊرپد جي ايجاد ڪئي. خاص ڪري سنسڪرت ٻولين جي مقابلي ۾ اسٿاني ٻولين جا ٻول لکي........ ۽ پوءِ خيال جي مقبول ٿيڻ ڪري، ڪافيءَ کي بہ خيال جي انداز ۾ ڳائڻ لڳا. خيال ۾، گهٽ ۾ گهٽ ٻول استعمال ڪيا ويندا آهن. تنهنڪري ان ۾ پلٽن جي گنجائش پئدا نہ ٿي سگهي ۽ آهستي آهستي ان تي ٺمري جو رنگ چڙهندو ويو. ڪافيءَ جا ٻول، جيئن تہ علاقائي زبانن يعني سنڌي، سرائڪي ۽ ملتانيءَ ۾ لکيا ويا آهن، ان ڪري هيءَ صنف انهن علائقن ۾ گهڻي مقبول ٿي.

ملتاني ڪافيءَ ۾ ڪلاسيڪي راڳن جي شڪل نروار رهندي آهي. ليڪن سنڌي سرن ۾ ڳايل ڪافيون اهڙيءَ طرح ڪلاسيڪي، راڳن جي بندش هيٺ نہ آهن، پر انهن جون مخصوص ڌنون ڪيترن راڳن جي ملاوٽ سان وجود ۾ آيل آهن. مگر ڪلاسيڪي بندش کان آزاد رهي بہ پنهنجي شڪل قائم رکن ٿيون.

”سچل سائين پنهنجي ذات سان سنڌي ڪافيءَ ۾ ايڏي رنگيني ۽ وسعت پئدا ڪئي. جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. سندس ڪافين ۾ ويهن کان بہ وڌيڪ گهاڙيٽا يا نمونا نظر ايندا. هو سنڌي ڪافيءَ جو چڙهيل درياهه هو، جنهن مان ڪيئي واهڙ وهي نڪتا. سچل سائين جا طالب، مريد ۽ فقير يڪتارا، طنبورا ۽ چپڙيون کڻي، سچل سائين جي سڪ ۽ سچ جو سنيهو ڳوٺ ڳوٺ، ڳليءَ ڳليءَ ۾ پهچائيندا رهيا. هو نچندا نچائيندا، انسان جي عظمت جا گيت ڳائيندا، دين ڌرم جا سنڌا سيڙها مٽائيندا،

نينهن جا نعرا هڻندا، حق جون هونڪارون ڪندا، هر وستي واهڻ ۾ پکڙجي ويا. اهو سهڻو سلسلو سنڌ خواهه هند ۾ اڃا جاري آهي." (ڊاڪٽر نواز علي شوق)

بقول جناب محمد صديق ميمڻ: "سچل سائين ڪافي صنف جو جنم داتا هو. هن علم موسيقي يا سنگيت وديا جي سرن، راڱن، راڱڻين جي آڌار تي ڪافيءَ جا ڪيترا نمونا ڏاهيا. اهو ڪو ورلو سر، راڳ يا راڳڻي هوندي جنهن ۾ سچل فقير، طرح طرح جون ڪافيون نه ڏاهيون هونديون. وڏي خوبي اها آهي جو ڪنهن به ڪافيءَ ڪي، مرضيءَ موجب ڪهڙي به سر يا راڳڻي ۾ ڳائي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ اڄڪلهه جيڪي ڪافين جا نمونا ڏاهڻ ۽ ڳائڻ ۾ اچن پيا تن جو بانيڪار سچل سرمست ئي هو.

سچل فقير جي رسالي جلد پهرئين ۾ غزل جو انداز بلڪل گهٽو آهي. سنڌي غزلن کي رسالي ۾ ڪافي ڪري لکيو ويو آهي. باقي اردو غزلن کي ريختہ نالو ڏنو ويو آهي.

غزل به فارسي موسيقي جي شاخ آهي ۽ ڳائڻ جي چيز آهي. ابراهيم بن مهدي، ابراهيم موسلي، اسحاق ابن ابراهيم، حماد ابن ابراهيم غزل جا نامي گائڪ ٿي گذريا آهن. هندستان ۾ امير خسرو، ولي، مير، غالب، فراق کان وٺندي احمد فراز جا غزل خوب ڳايا ويندا آهن. سنڌيءَ ۾ مرزا قليچ بيگ، شيام، دلگير، حاسد، ايم ڪمل، تنوير، نرمل ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جا غزل سنگيت محفلن جو سينگار بڻجي چڪا آهن. غزل جي پنهنجي رنگت، پنهنجو مزاج ۽ ادائگي ٿيندي آهي.

سچل سائين جا سنڌي غزل، ڪافيءَ جي طرز تي ڳايا ويندا هئا. انهن جي ڌن، گائڪي، ادائگي، ليءِ ۽ تال کي

"ڇڪائڻ" جو نمونو بہ سنڌي ڪافيءَ جهڙو هوندو هو. مثلا

عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گل سناسي،
عبرت، عجب، عجائب، اسرار رنگ عباسي!
ثابت سچل سچاري، يارن جي يار ياري،
وحدت جنهين وساري تن تن متي الاسي!

اهو غزل سنڌي ڪافيءَ جي طرز تي ڳايو ويندو هو ۽ اڃا بہ ڳايو ويندو آهي. باقي ريختہ وارا غزل بہ اڄ ڪالهہ جي اردو غزل يا قواليءَ جي ڍنگ سان ڳايا ويندا هئا. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان نڪتل Audio Cassettee Vol No. 36 ۾ سچل سائين جو ڪلام "سچل سائين جا فقير" نالي سان، سنڌي فقيرن جي ٽوليءَ دئاران ڳايل ۽ رڪارڊ ڪيل آهن. اهي ڪلام خاص پراڻي اداز ۾ ڳايا ويا آهن. ان ڪئسٽ جو غزل:

مجھ کو تیرا جادو لگا نا صبر نا آرام ہے
تیری طرف سے اے صنم نا خط آیا نا پیغام ہے
آتش لگائی جان سوں فریاد پر فریاد ہے
مرتاہوں تیری ہجر میں سر سوز کی صمصام ہے
اس حال اپنے کی خبر کس کو سناوں اے 'سچو'
جنجال ہے یہ زندگی مرنے میں میرا کام ہے

ٻڌبو تہ صاف لڳندو تہ ان تي قواليءَ جي ڌن جو ڳائڻ ڍنگ، تاڙين وڄائڻ جو نمونو ۽ ڍولڪ تي ڌنل "ٺاپ" بہ بلڪل قواليءَ واري آهي. شاهہ صاحب پنهنجو ڪلام بيت خواه وايون چند وديا جي آڌار تي لکيون پر سچل ڇندوديا سان گڏ فارسي/ عربي اثرن هيٺ علم عروض جي بحرن کي بہ اپنايو آهي. شاهہ جو ڪلام سنڌي طرز تي ئي ڳايو ويندو آهي، پر سچل فقير

جون ڪجهه رچنائون گائڪيءَ جي لحاظ کان ٻاهرين اثرن کان آجيون ناهن.

بيت يا ڏوهيڙا به بيت آهن. ڏوهيڙن سان نه صرف ڪافيءَ جي وشيه ڪي وستار ملندو آهي، پر ان جو مضمون وڌيڪ چٽو ۽ اثرائتو ٿي پوندو آهي. ڏوهيڙي ڏيڻ وقت تال جي ڦير گهير سبب، سنگيت ۾ وڻندڙ تبديلي پڻ ايندي آهي.

مرزا علي قلي جي سچل سائينءَ واري رسالي ۾ ۲۴ صفحي تي ڪافين ۽ سُرن جو داستان به ڏنل آهن. هي اهي راڳ راڳڻيون آهن، جن ۾ سچل سائين ۽ سندس فقير، سچل جو ئي ڪلام ڳائيندا هئا.

سنگيت جي پراڻيءَ پڌتِيءَ موجب ڇهه راڳ ۽ ڇٽيهه راڳڻيون مڃيون وينديون آهن. موجوده اتر ڀارت واري پڌتيءَ موجب ڏهه ٺاٺ آهن. (۱) ڪلياڻ (۲) بلاول (۳) ڪافي (۴) کماچ (۵) آساوري (٦) ڀيروي (۷) ڀيروُ (۸) پوربي (۹) ماروا (۱۰) توڙي.

ٺاٺ اهي سُر سموُه آهن. جن مان ٻيا راڳ پئدا ٿين ٿا. هن وقت اهڙا انيڪ راڳ راڳڻيون آهن.

عجب آهي ته سچل سائينءَ يا سندس فقيرن ڏهن ٺاٺن مان ڇهه ٺاٺن - آسا، بلاول، ڀيروي، پوربي، ڪلياڻ ۽ ڪنيات جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي ۽ ڪل ويهارو کن راڳ راڳڻين ۾ سچل جو ڪلام ڳايو ويو آهي. هاڻي ته گائڪ اهو ڪلام نون سُرن، راڳ راڳڻين ۾ به ڳائي رهيا آهن.

مان هاڻي مثال ڏيئي کن راڳ راڳڻين جو ذڪر ڪندس.

سر آسا: هيءَ هڪ پرسڌ پراچين راڳ آهي. هن راڳ ۾ يڳتي ۽

شرنگار رس جا گيت وڏيڪ آنند ڏيندا آهن. ڳائڻ جو وقت پراتهہ ڪال آهي:

"جنهن دل پيتا مئي دا جام. سا دل مستو مست مدام"

"پاڻ تہ آهيان پاڪ. پر ڪي ڏينهن هت ڳذاريان ٿو"

انهن کان سواءِ سچل جا ٻيا بہ ٽيهارو ڪن ڪلام سر آسا ۾ آهن.

سر گجري:- وقت پراتهہ ڪال - رس ڀڳتي.

"ميڏڙي دل وچ يار، پَٽ ديان پينگهان پايان"

۽ ٻيا ڏهاڪو ڪلام.

سر بلاولي:- وقت پراتهہ ڪال، رس - وير رس

"ڏسو عشق جو انصاف - سڀ مذهب ڪيائين معاف"

۽ ٻيا سؤ کان وڏيڪ ڪلام.

راڳ بلاول وارا ڪلام - سورٺ، ڪنيات، ڀيروي، پيلو، پهاڙي، سارنگ، پوربي، ڪسوري، جوڳ، ڪلياڻ، آسا، جهنگلو، ڌناسري ۽ بروه سرن ۾ بہ ڳايا ويندا آهن.

ڀيروي:- سدا سهاڳڻ راڳڻ جي راڻي.

"ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، مان جوئي آهيان سوئي آهيان"

"سچ تا مرد چون، ڪنهنڪي وٽي نہ وٽي!"

پنجاهہ ڪن ڪلام.

ڌناسري:- "اهو اتم ارمان، ڇا منجهان هت ڇا ٿي آيس."

توڙي:- "ڪاڪيون! مون ڏي ڪالهہ، دلبر لکيا دلاسا"

جهنگلو:- "جي هئين عاشق تہ بر سر مينهن محبت جو وساءِ."

سارنگ:- "پانڌي منهنجي يار کي ساري چئج سلام."

بروو: "اصل اسانجو آهي ڙي يار، ننگ ٻاروچل توتي."
ڪسوري: "عاشق مرندا ڪينڪي، رهندا ڪين مڪان ۾."
پهاڙي: "ننگڙا نمائي دا، جيوين تيوين پالٺا."
جوڳ: "تخت هزارا، ڇوڙ آيا، ماهي ميڏي سانگي."
پوربي: "اڪيان لڳيان ڏاڍي جاءِ."
پيلو: "ٻول پڪي پرديسيئڙا، تون ڪهڙي ديسئون آوندئين."
ڪوهياري: "مون ۾ عجيب اپار، سڄڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان"
ڪلياڻ: "محبوب ڳولهي ڏسن من ۾."
ڪنيات: "صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو."
وهاڳ: "ياد مونکي اهي آيون، يار ڪيئي ڳجهيون جي ڳالهڙيون."
ڪونسيہ: "ڇوڪرين تو ارمان، جيڪي آهين سوئي ٿيندين."
مالڪونس: "هن غريب جو حال، توکي معلوم آهي."
ڪافي (يا سنڌي تلنگ): "ملان مار م مون."

مرزا علي قلي بيگ ان فهرست ۾ - سُر مارئي، سُر سسئي ۽ سُر مومل بہ ڏنا آهن، جن جو سنگيت سان ڪو سڌنڌ ڪونهي پر وشيہ سان واسطو ضرور آهي. بهرحال انهن داستانن جا ڪلام بہ الڳ الڳ راڳن ۾ ڳايا ويندا آهن.

سچل جو ڪلام جيئن تہ اڪثر لوڪ سنگيت جي طرز تي ڳايو وڃي ٿو، ان ڪري ان لاءِ تال ڪهڙو (سنڌي ڪلواڙو) دادرو، روپيڪ، مغلو، ديپ چنڊي وغيره موزون رهيا آهن. شاستريہ سنگيت ۾ ٻڌل ڪلام لاءِ تين تال (۽ ڪلواڙو) ڪم آندو ويندو آهي.

سچل پنهنجو ڪلام سبحاني سُرور ۾ چيو آهي ان ڪري اهو از خود سنگيت ميہ ٿي پيو آهي. خود ڳوان، سنگيت آچاريہ

نارد منيءَ کي چيو آهي تہ: "اي نارد! مان نہ وئڪنٺ ۾ وسان ٿو، نڪي يوگين جي دلين ۾، ليڪن مان تہ اُتي براجمان آهيان جتي ڀڳت پريم سان ڳائين ٿا."

ويدن شاسترن بہ ناد يعني سُر کي برهم جو روپ ڪري مڃيو آهي.

سچل جي ڪلام جي سليس ٻولي شعر جو ڇوهہ ۽ رواني، تجنيس جو استعمال، لفظن ۽ قافين جو دهراءُ - سنگيتميتا جا صاف اهڃاڻ آهن. مثلاً:-

زاري زاري يار زاري،
نال تسان ڏي ميڏي آهي - ياري ياري يار ياري!
عشق پيوسي زور زور - ڪُٺ ملي جي نوڙه نوڙه

ساڳئي طرح - وٽي نہ وٽي، بٽي نہ بٽي، ڪٽي نہ ڪٽي، ڳٽي نہ ڳٽي، ڇٽي نہ ڇٽي جو استعمال.

قافين جو دهراءُ:

ڪو ساخر چوي، ڪو شاعر چوي،
ڪو پست چوي، ڪو مست چوي.
عشق ڪري اُل اُلان - جيوين باغ بنا ٻُلبلان،
قتل ڪري ڪُل ڪلان - پوندي وجي چل چلان.

تجنيس حرفي:-

"ڳالهيون سنگهارن جون سڻ سچوڙي، ساه سيباڻم سيئي."

سرائڪي ۽ پنجابي ٻوليءَ کي بہ پنهنجون خوبيون آهن حسن عشق ۽ درد فراق جي اظهار لاءِ. انهن ٻنهي ٻولين ۾ بہ سنگيت جي اوت آهي ئي آهي.

سچل جي سِريلي ۽ سُريلي ٻوليءَ جو نمونو حاضر آهي.

لڳي دل جون داروں ـ ناهـ ڪو ڏولڻ پيارا!
عـــشـــق جون واٽـــان ـ ٻـــرن لاٽـــان،
تـــنـهـن مـون نـــڪـرن درد جون ڇاٽـــان......

حاصل مطلب تہ سچل سائين موسيقيءَ جو ماهر هو. راڳ سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هو. سندس ڪافين جي بناوٽ، بندن، قافين ۽ راڳن جي مد نظر گهڻن ئي روپن ۾ ظاهر ٿي آهي. سندس شخصيت خواه ڪلام سراسر سنگيتميہ آهن.

• اڀياس لاءِ ڪم آندل ڪتاب •

(١) رسالو سچل سائين جو	مرزا علي قلي بيگ
(٢) سچل سرمست	ڇيتمل
(٣) سچل	ڪلياڻ آڏواڻي
(۴) سنگيت پريچيہ	ماسٽر ڪشوري لعل جوشي
(۵) راڳ درشن	پنڊت شنوئت راءِ پروهت

سچل سائينءَ جا فقير ـ Audio Cassettee Vol No 36

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

• صلاح مشوره •

(١) سنگيت آچاريہ چوهر مل آهوجا (آڏيپور)
(٢) شري تلسي منگناڻي (سنگيت وشارد) آڏيپور

سرمست ـ ٨
1988ع

سچل سرمست جا گهاڙيٽا

جڏهن اسين شعر جي گهاڙيٽي جي ڳالهه ڪريون ٿا تہ ان مان مراد بنيادي طور شعر جي هيئت آهي. عروضيءَ شاعريءَ ۾ هيئت جي وصف واضح طور ٿيل آهي. جيڪي بہ هيئتون آهن. اهي هاڻي ڪنهن بحث ۽ تڪرار جو موضوع نہ آهن. سچل سرمست بہ جيڪي عروضي صنفون سنڌي توڙي ٻئي ڪلام ۾ آنديون، تن جو معاملو طئي ٿيل آهي ۽ بحث اختلاف وارو نہ آهي.

سچل سرمست جي سنڌي ڪلام ۾ عروض جو بہ دخل آهي. ان ۾ جيڪي ڪافيون ڪلام آهن، تن جو ئي حوالو اچي ٿو. ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي مختصر مقالي "سچل سرمست ۽ عروضي شاعري" ۾ ان جو مجمل طور جائزو ورتو آهي. سندس خيال آهي تہ سچل جو ڪلام جيڪو علم عروض تي پورو آهي، سو بہ روايتي ڪافيءَ جي انداز تي آهي. سٽن ۾ پدن جي ورهاست ۽ وچ جا قافيا بہ آهن. عروضي وزن ۾ اهي غزل ڪافيون موزون آهن، پر ردم غزل بجاءِ ڪافيءَ ڏي وڌيڪ نمايان آهي.(١) اڪثر ڳائڻن بہ انهن کي غزل نہ رهڻ ڏنو آهي ۽ ڪافيءَ جي انداز ۾ ڳائي غزل کي ڪافي بنائي رکيو اٿن.

عروضي ڪلام کي ڇڏي سچل سرمست جي بيتن تي اچجي تہ اهي ڇند تي موزون ٿيل آهن. ڇند هاڻي سنڌيءَ ۾ ڪو نئون يا اڻ ڄاتل موضوع نہ رهيو آهي. هن ڪان اڳ جيڪي بہ غلط

فهميون هيون، سي ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي ۽ پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ جي ڪتابن جي اچڻ ڪانپوءِ دور ٿي چڪيون آهن. هنن صاحبن بحث ڪري ثابت ڪيو آهي ته سنڌي بيت، ڪبت ۽ وايون چند تي آڌاريل آهن.(٢)

جڏهن اچا به گهاڙيٽي تي مطالعو ڪرڻو آهي ته اهو فقط سچل سرمست جي ڪافين تي ٿيندو. اجوڪي گفتگو ۾ اسين اهو ڏسنداسين ته سنڌي ڪافين جي مختلف هيئتن ۽ گهاڙيٽن ۾ سچل سائينءَ جون ڪافيون ڪهڙي فني حيثيت ۽ شعري مقام وٺي بيٺيون آهن؟

هن سلسلي ۾ سچل سائينءَ جي ڪافين کي ٻن پهلوئن ۽ زاوين کان ڏسبو. هڪ ته ڪافيءَ جي رائج هيئتن/گهاڙيٽن سان سندس ڪافين جو اطلاق ۽ مطابقت ۽ ٻيو اصولي نه پر فروعي پهلو آهي، يعني ڪافين ۾ ردم ۽ رديف قافين جو جڙاءُ.

ڪافين جون هيئتون يڪي ڪافيءَ کان هلي ڪيترن ئي بندن تائين وڃن ٿيون. ڪيتريون ٽن بلڪ ان کان وڌيڪ بندن تي به مشتمل آهن، پر مشهور هيئتن/گهاڙيٽن ۾ هيٺيان علمي طور مڃيل آهن:

١- ڪافي يڪي
٢- ڪافي ڏيڍي
٣- ڪافي ٻه ٽڪي
٤- ڪافي ٽه ٽڪي يا ٽيٽي
٥- ڪافي چوٽڪي يا چوٽاري.

ڪافي ناهڻ ۾ تال جو خاص حصو آهي، ان ڪري سڄاڻ شاعر جي ذهن ۾ تال جو تعين ڄڻ ته پهرين آهي. ڪافيءَ جي

موسيقيءَ جي لحاظ کان اهميت بہ محيل آهي. هتي رڳو ڪافين جي هيئتن ۽ گهاڙيٽن کي سامهون رکي، سچل سرمست جي ڪافين کي ڏسبو تہ اڪثر يڪيون ڪافيون عروض تي بہ ساڳئي وقت آڌاريل آهن. مثال طور:

آءُ ادا سالڪ سهي ڪر تون طلسمات کي،

يح دوئي تان ڪل پوئي، دور ڪر درجات کي.(٣)

عروض جي ڪري هن کي غزل ليکيو ويو آهي. عروض کان ٻاهر بہ سچل سرمست وٽ يڪي ڪافيءَ جا ڪيترا مثال آهن:

نانءُ اهوئي قانون وارو، صورت مورت سائي وو

آهي تعجب اهو جو، ڪو لوڪان ذات لڪائي وو

سچوءِ سهي ڪئي اُها سيائي، جا بازي يار بنائي وو .(٤)

اهڙي طرح ڏيڍي ڪافيءَ جو گهاڙيٽو بہ منفرد ۽ سريلو آهي. هن هيئت ۾ بندن ۾ مصرعن جو تعداد مختلف بہ آهي. پر خصوصيت هيءَ آهي تہ ٿلهہ ۾ هڪ مڪمل مصرع ۽ ان سان گڏ هڪ اڌ سٽ بہ ڳنڍيل ٿئي ٿي. ٻنهي حصن ۾ بہ قافيا سان گڏ هڪ اڌ سٽ بہ ڳنڍيل ٿئي ٿي. ٻنهي حصن ۾ بہ قافين هوندا جيڪي بندن جي نظام ۾ ملندا ايندا. ٻين لفظن ۾ هيءَ ڪافي مستزاد انداز جي آهي. ان جو هڪ مثال هي آهي:

ٿلهہ - پاڻهين پارؤن يار، قاصد مون ڏي اچ آيو. -

١- اچڻ سندي ان جي، اتي ويا آزار،

ٿورو ڪيڏو تن لايو.

٢- ڏنا دلاسا دل کي، دلبر رات هزار،

سندن روح جو رايو.

۳- اچڻ جا محبوب ڪيا، پڪا قول قرار،
سچو تڏي، هئڻ سعيو.(۵)

ڪافي ڏيڊي ۾ ٽڪي ۽ ٽـ ٽڪي، توڙي ٽـ . ٽڪين ۽ چوٽارين ڪافين ۾ قافين جو هڪ نظام قائم آهي. سچل سرمست ۽ ٻين استاد شاعرن، جهڙوڪ: نانڪ يوسف، بيدل، بيڪس، صوفي خير محمد، اميد علي شاه، مهدي شاه، رکيل شاه، حافظ شاه ۽ ٻين جو ڪلام موجود آهي.

”ڪافي ٽـ ٽڪي“ جي وراڻيءَ ۾ ٽي قافيان هوندا آهن، هي مصرع جي ٽن قافين سان وچي ملندا آهن، ڪٿي مصرع هڪ ٽڪي هجي.

وراڻي = جيءُ جيءُ چوان جتن جن مان پنهل پيارو
مصرع - جاڳيس ڏسان نه جاني
جنهن جي پڌيس آءُ ٻاهي
متي حال تي حيراني
هوت مان هتن، ڪن ڪيچين نيو ڪوهيارو (٦)

اهڙي طرح انهيءَ نظام ۾ ٽي چوٽي ڪافيءَ ۾ چار قافيا ملندا آهن. اهي ٻئي خاص طور مشڪل گهاڙيٽا آهن. تخيل جي وڏن شهسوارن هنن هيئتن ۾ ٻـ ڪونتل ڪڏايا آهن. اڪثر شاعرن طبع جي جولاني ڏيکارڻ خاطر ٻـ هيءَ قافين جي ڪيڏ ڪئي آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ اهڙي لفظي ڪچ وهڻ گهڻ آهي سندس ڪافين ۾ ٻئي زاوئي ڪان ٻـ موسيقيت آهي. اهو آهي قافين جو استعمال ۽ رديف توڙي ڪٿي قافين جو تڪرار. قافين جي تڪرار جو مثال هي آهي.

ڪيئن وساري تو ويهون ويهون،

آهن ڪيھون اسان جون ڳالھيون.

ساءِ سنيون تان ياد ڪيون، سي آهن عجائب جيهون جيهون.
ڪهڙين ڳالهين عاشق اسان کي، ڏک ڏوراپا ڏيهون ڏيهون
سچو اسان جو تون، اسين تنهنجا، ڳالهيون ڪرين ٻيون
ڪيهون ڪيهون.(٧)

يا

گهوري گهوري گهوري، وو ميان جند سڄڻ توتان گهوري،
راتو ڏيهان آهي اوهان جي، سائين جهوري جهوري،
ڳچيءَ وڌيوَ عجب جيهي، سهٽا ڏوري ڏوري،
اول آساني ڳالھ تي، پو ڪيڙهِ سائين ڳوري ڳوري(٨)

رديف جو استعمال بہ سچل سرمست وٽ موجود آهي. ان جا بہ ڪيترا مثال ملندا.

ڳالهيون ڳارين ٿيون، ميان! دل کي دوستن جون،
ياد اچن جي ڳالهيون، اُهي ڪوڪان ڪارن ٿيون،
هو جي ڪيائون ڳجهہ ۾، اُهي ماما مارن ٿيون،
ڳٺن واريون ڳالهيون، اُهي ٻارڻ ٻارن ٿيون،
پسڻ ڪارڻ اکڙيون، صاحب سارن ٿيون.(٩)

اگر سچل سرمست جي ڪافين جي مختلف هيئتن کي فرق جي بنياد تي ڏسبو تہ انهن جو چڱو موچارو تفصيل بڻجي ويندو. فني لحاظ کان ان جي اهميت آهي. پر سچل سرمست جهڙي عظيم شاعر جا نعرا انهن سٽن ۾ پورا ڪونہ ٿا ٿين. سنڌي ڪافين وانگر سرائڪي ڪافين ۾ بہ سچل سرمست سرائڪي شاعريءَ جي روايت کي پوري ريت ڌيان ۾ رکيو آهي.

سرائڪي ڪلام ۾ ٻه فني طور تي هو عروج تي آهي.
سنڌ کان ٻاهر ٻه اثر ڪيو اٿس ۽ پنجاب ۾ ان جا پڙاڏا پڌا
ويا.(١٠)

حوالا

(١) تنوير عباسي: مقالو "سچل سرمست ۽ عروضي شاعري"
سنڌي ادب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو - جلد ٧
نمبر ١-٢، ١٩٨٣ع.

(٢) تفصيلي بحث لاءِ ڏسو منهنجو مقالو: "سنڌي شعر جي
مختلف وزنن جو تنقيدي جائزو". پيغام ڪراچي، جنوري
١٩٨٤ع ۽ سنڌالاجيڪل اسٽڊيز اونهارو ١٩٨١ع

(٣) عثمان علي انصاري: سچل سرمست جو سنڌي ڪلام،
سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٨٢ع، ص ٤٩

(٤) ايضاً - ص ٤٨ .

(٥) ايضاً - ص ٦٩ - ٧٠

(٦) خليل، شيخ محمد ابراهيم: رهنماءِ شاعري (ٻاگو ٽيون) سنڌ
مسلم ادبي سوسائٽي پريس حيدرآباد، ١٩٤٨ع ص - ١٤٢

(٧) مٿي آيل حوالو نمبر ٽيون، ص ٧٠.

(٨) ايضاً - ص ١٦٠

(٩) ايضاً - ص - ٣١٩.

(١٠) اسلم رسولپوري: منتخب سرائڪي ڪلام سچل سرمست،
بزم ثقافت ملتان ١٩٧٧ع.

•

سچل سرمست جي دؤر (۱۷۳۹-۱۸۲۷ع)
جي تاريخي اهميت

حافظ مرحوم ميان عبدالوهاب سچل سرمست ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت ۾ تولد ٿيو ۽ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان سورهن سال اڳ گذاري ويو. اهو عرصو سنڌ جي تاريخ ۾ هر اعتبار کان بيحد اهم ۽ قابل غور آهي. هتي اسين صرف سياسي ۽ فوجي نقطہ نظر کان ان دؤر جو هڪ طائرانہ جائزو وٺنداسين.

سنڌ جنهن پنهنجي خود مختياري ۱۵۲۰ع ۾ ارغونن هٿان وڃائي هئي، پوريون ٻہ صديون مسلسل غلاميءَ هيٺ رهي، هر قسم جو جبر و تشدد برداشت ڪندي رهي. ٻہ صديون ڪنهن قوم جي زندگيءَ ۾ ڪافي ڳاٽاٽي ۾ اچن ٿيون. هر پندرهين سال هڪ پيڙهي پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ حساب سان چئبو تہ سنڌين جون تيرهن پيڙهيون مسلسل غلاميءَ ۾ ڏاڍ هيٺ پيڙبيون رهيون، تڏهن وڃي اهو دؤر آيو، جنهن ۾ صوفين جي سرواڻ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌين جا زخم چيٺيا ۽ سچل سرمست ٻہ اک کولي ۽ سنڌ کي آزاد ڏٺو.

وري وسايو، مولا ملڪ ملير جو
سو اڳيہ کان اڳرو ٿيو، سائو سوايو
آڳي اگهايو، سچوءَ جو سوال ڪيو.

پر اِها آزادي ٻہ ڪهڙي آزادي هئي. محمد شاهہ مغل شهنشاهہ

سنڌو ندي جو اولهہ وارو علائقو نادر شاهہ ايراني جي حق ۾ پنهنجي شهنشاهيت کان الڳ ڪري چڪو (١). هن کي ائين ڪرڻ جو حق هو يا نہ؟ اها الڳ ڳالهہ آهي، پر واقعي ائين ٿيو جو هندستان مان ڪامياب و ڪامران ٿي ورڻ بعد نادر شاهہ ميان نور محمد ڪلهوڙي کان خراج طلب ڪيو، جنهن پنهنجي فوجي مشيرن سان صلاح مصلحت ڪرڻ بعد هي جواب موڪليس:

" ..... منهنجي هٽ ۾ صرف هڪ خزانو آهي ۽ اهو خزانو تلوار آهي ....(٢)."

سنڌ ۾ ڪلهوڙا دؤر جي تاريخ جا پارکو بخوبي ڄاڻن ٿا تہ ميان نور محمد ڪلهوڙو پنهنجي پيءُ يار محمد ڪلهوڙي، چاچي ميان دين محمد ۽ ڏاڏي ميان نصير محمد ڪلهوڙي کان عسڪري صلاحيتن ۾ ٻہ رتيون ڪسر هو ۽ سندس ڏينهن ۾ ڪلهوڙا اقتدار سنڌ اندر مڪمل طور تي قائم ٿي چڪو هو، تنهن ڪري ئي هن همت ڪري نادر جهڙي خونخوار جنرل کي خراج کان ڪتو جواب ڏياري موڪليو، جو پلي اشتعال ۾ اچي، نادر سنڌ تي حملو ڪري ۽ پنجاب جي مغل گورنر جي ممڪنہ اتحاد سان شڪست فاش ڏئي ڪانئس دهليءَ جي ڪوس (١٧٣٩ع) ۽ مغل شهنشاهہ محمد شاهہ جي مغلوبي جو حساب چڪايو وڃي ۽ بعد ۾ سنڌ جي سياسي خودمختياريءَ کي مستحڪم ڪيو وڃي. پر افسوس جو پنهنجن کان پاسو ۽ پراون جو دلاسو ڪنهن ڪم نہ آيو.

نادر شاهہ سنڌ جي حاڪم جو هي چئلينج ٻڌي طيش ۾ اچي، ديره اسماعيل خان وٽ پڙاءُ ڪيو ۽ اتان دوباره ميان نور محمد ڪلهوڙي کي حاضر ٿيڻ جو حڪم جاري ڪيائين

تہ ميان صاحب مغل شهنشاهيت جي زير اطاعت هجڻ جو بهانو بنائي لنوائڻ جي ڪئي ۽ چوائي موڪليس تہ "اسين دهلي جي مغل شهنشاهہ جي تعبيداري هيٺ آهيون، بنا اجازت جي حاضر ٿي نٿا سگهون". نادر شاهہ بروقت لاهور جي مغل گورنر ذڪريا خان کي هڪ خط روانو ڪيو جنهن جو متن هن ريت آهي:

"اسان جو ارادو آهي تہ هن پيري سيارو سنڌ ۾ گذاريون ۽ اتان جي شر پسندن کي تنبيهہ ڪريون ۽ ممڪن آهي تہ ڪجهہ ماڻهو ملتان جي طرف ڀاڄ ڪائن ۽ اسان جو لشڪر انهن جو پيڇو ڪندو سنڌو ندي پار ڪندو، پر أنهيءَ کي سلطاني علائقي ۾ مداخلت تصور ڪرڻ نہ گهرجي. اوهان کي گهرجي تہ تيار ۽ مستعد رهو ۽ ضرورت پوڻ تي لاهور کان ملتان پهچي وڃو ۽ اتي ترسي، ڀاڄوڪڙن جي رستي روڪڻ جو انتظام ڪريو. جيڪڏهن مفرور سنڌ جي سرحدن مان هند جي علائقي ۾ داخل ٿين، تہ انهن جي رستي روڪڻ جو اهڙو انتظام ڪريو، جو اسان جي لشڪر طرفان درياهہ سنڌ عبور ڪرڻ ۽ انهن جو تعاقب ڪرڻ جي نوبت ئي نہ اچي"(٣).

هي خط انهيءَ معاهدي جي روشني ۾ لکيو ويو، جو اڳئين سال يعني ١٧٣٩ع ۾ دهلي ۾ نادر شاهہ ۽ شهنشاهہ محمد شاهہ جي وچ ۾ طئي ٿيو هو ۽ جنهن مطابق سنڌو نديءَ جي ساڄي (الهندي) ڪناري وارو علائقو نادر شاهہ بادشاهہ جي حوالي ڪيل هو. جڏهن ذڪريا خان نادر شاهہ جو خط مزيد احڪامات لاءِ محمد شاهہ جي دربار ۾ موڪليو تہ جواب ۾ حڪم ٿيس تہ "نادر

شاهہ جي فرمان جي مڪمل تعميل ڪئي وڃي" (۴).

اهوئي سبب هو جو جڏهن فيبروي ۱۷۴۰ع ۾ نادر شاهہ جو لشڪر چانڊڪا (لاڙڪاڻو) پهتو تہ ميان نور محمد ڪلهوڙو پنهنجن ڪان پري، پراون جو وسوڙيل نهايت مايوسيءَ جي حالت ۾ خداآباد کان ڀڄي وڃي عمرڪوٽ ۾ پناهہ گزين ٿيو. پوءِ ڇا ٿيو سو اسان سڀني کي معلوم آهي. پر ڪلهوڙن پوءِ بہ قوميت جو سبق نہ سکيو ۽ مسلسل ٻاهرين جي مدد سان پنهنجي سنڌي عوام کي زيرتسلط رکڻ لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائيندا رهيا. وفادار ساٿين کي اقتدار جي هوس جي شڪ ۾ مارائيندا ۽ آخر تائين پاڻ کي ڪمزور ۽ پراون جو ڳيجهو بنائيندا رهيا. سندن مريد ٽالپورن پڻ اقتدار ۾ اچڻ بعد سنڌ کي ورهائي شخصي جاگيرون بنائي روايتي جاگيرداري جي زور تي حڪومت ڪرڻ واري پاليسي تي گامزن رهيا. ملڪي معاملات ۾ ذاتي مصلحتن ۽ خود غرض صلاحڪارن جي چنگل مان پاڻ کي آزاد ڪري نہ سگهيا. تنهن ڪري ملڪ جي آزاديءَ کي بہ برقرار رکي نہ سگهيا.

هن دؤر ۾ سياسي خود مختياري ۽ استحڪام نہ فقط سنڌ جي اهم ترين ضرورت هئي، پر ان جي حصول جو هڪ بهترين موقع پڻ تاريخي عوامل ذريعي خودبخود موجود هو. دهليءَ جي مغل شهنشاهيت جي سياسي خواهہ فوجي قوت نادري حملي بعد پاش پاش ٿي وئي هئي. خود نادر شاهہ ۱۷۴۷ع ۾ يعني ستن سالن اندر دنيا جي تختي تان ڪوچ ڪري ويو ۽ سنڌ جي عوام ان وقت ڇيو جيڪو هاڻي ضرب المثل ٿي چڪو آهي.

نادر بہ نادر آ پر قادر بہ قادر آ

قاضي عبدالقادر ٺٽوي هي (۵) قطعہ تاريخ لکندي

ميان نور محمد جو هن زرين موقع طرف ڏيان ڇڪايو.

"فتنہء نادر چون برون شد ز ميان
راحت آمد بهمہ عالميان
خوشخبر هاتف فرمود ز غيب
محو شد آفتِ نادر ز جهان"

افسوس جو ميان نور محمد ڪلهوڙو انهن عوامل ۽ جزئيات کي نظر انداز ڪندو رهيو، جيڪي آزاديءَ ۽ استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ بيحد ضروري هئا. يعني قومي اتحاد ۽ يڪجهتي. البت سياسي استحڪام جي هڪ مزيد جز يعني اقتصادي خوشحالي لاءِ وڏن وانگر ميان نور محمد پڻ بيحد ڪوشان رهيو. جنهن جو مثال اڄ بہ سنڌ ۾ چؤطرف "نور واهہ" جي نالي سان آبپاشي جا ذريعا موجود آهن. ليڪن قومي اتحاد ۽ يڪجهتي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيو. ان جي عيوض هن پنهنجي عسڪري قوت ۽ فوجي صلاحيت تي ڀاڙڻ ۽ اهڙي پاليسي جو بنياد رکيو، جنهن بالاخر ڪيس ۽ سنڌس گهراڻي کي نابود ڪيو.

جهوڪ شريف ۾ صوفي شاهہ عنايت ۽ سنڌس فقيرن جي شهادت جيڪا ١٧١٨ع ۾ ٿي ان ۾ ڪلهوڙا خاندان جو ڪردار ۽ کهڙن جي جامع مسجد ۾ مخدوم عبدالرحمان جي (٢٢٢) بہ سئو ٻاويهہ ڪتابين سميت شهادت (١٧٣٣ع) جهڙا تاريخي ڪلور لڳاتار رونما ٿيا، جن ڪلهوڙن جي صاحبيءَ کي عوامي مقبوليت ۽ پذيرائي کان محروم ڪري ڇڏيو.

سنڌي عوام تصوف ۽ حب الوطني جي وهڪري ۾ شاهہ عبداللطيف (١٦٨٩-١٧٥٢ع) ۽ سچل سرمست (١٧٣٩-١٨٢٧ع) جي اڳواڻي هيٺ هڪ طرف وڃي رهيو هو تہ

ڪلهوڙا خاندان ۽ سندن منحرف مريد ٽالپر امير، سنڌ تي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ۽ پنهنجي مخالفين کي نابود ڪرڻ ۾ لڳا رهيا.

ڪلهوڙا حڪومت ۽ ميرن جي صاحبيءَ دؤران حڪمرانن جي انهيءَ پاليسيءَ تحت اسلحہ جا انبار لڳايا ويا ۽ مخالف سنڌي قومن ۽ ڌاڙيسيري راڄن سان تلوار ۽ بندوق جي زور تي ڏاڍ ڏمر ۽ ويڙهاند جو وهنوار رکيو ويو. بمبئي سيڪريٽريٽ جي ڊائري نوٽس ۽ سرڪاري لکپڙهہ تي مشتمل هڪ دستاويزي ثابتي (٦) ١٩٣٧ع ۾ "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي" جي هڪ سيمينار ۾ پيش ڪئي ويئي، جنهن مان معلوم ٿيو تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي پندرهن توبون برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان پئسا اندازا ٢٣٩٩٠ رپين ۾ خريد ڪيون ۽ وڌيڪ ڏهہ توبن جو آرڊر ڏنو. ١٧٤٩ع تائين جملي رقم ٣٦٨٥٢ رپيا ٣ ڪوارٽر ۽ ۴٢ ري (ريتون) روڪ ادا ڪئي ويئي. ڪمپني ڪٽڪ جي صورت ۾ ادائگي پسند ڪئي ٿي. پر ڪلهوڙا حڪومت نقديءَ جي صورت ۾ قيمت ادا ڪئي. اِها اسلحہ جي ذخيره اندوزي ميان نور محمد جي پٽ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت ۾ جاري رهي.

ميان غلام شاهہ برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي ٺٽي ۾ قلمي شوري جي واپاري ڪوٺي جي محض انهيءَ لاءِ اجازت ڏني، تہ جيئن قريبي تعلقات قائم ڪري بهترين اسلحہ حاصل ڪري سگهجي. ميرن جي زماني تائين سرڪاري اسلحہ خاني ۾ بهترين توبن، پستولن ۽ روالورن جا انبار لڳي ويا. جڏهن تہ ديسي جامڪيدار بندوقون، تفنگ ۽ طمنچہ پڻ جهجهي انداز ۾ ميسر هئا. انهيءَ پاليسي جي انت زمانہ ۾ ناٿن ڪرو (Nathan Crow) انگريزن

جي جاسوس ڪانوَ، بمبئي سرڪار کي ٽالپرن جي توبخاني بابت هيٺئين رپورٽ موڪلي.

"مير فتح علي خان وٽ چوندا توبخانو وڏي مقدار ۾ موجود آهي. جنهن ۾ ميان غلام شاهه جي زماني ۾ تمام قريبي دوستانه تعلقات سبب انگريزن کان سوکڙين پاکڙين ۾ خواهه خريداري ذريعي هٿ ڪيل هٿيار ۽ ساڳئي قسم جا پورچوگيزن ۽ ڊچن کان حاصل ڪيل هٿيار شامل آهن. انهن هٿيارن کي استعمال ڪرڻ لاءِ هن وقت سواءِ سارنگ تبديل ۽ ڪجهه خلاصين جي، جيڪي انگريزن جا ياچوڪڙ آهن، وٽس ٻيو ڪو به ماڻهو نه آهي. پر هڪ يا ٻه يورپي ماهرن جي مدد سان هن فوج کي مضبوط حالت ۾ آڻي سگهجي ٿو" (٧).

اِهي هٿيار آخر ڪهڙي ڪم آيا. ١٧ فيبروي سن ١٨٤٣ع جي ڏينهن مياڻيءَ جي ميدان ۾ انهن کان ڪهڙو ڪم ورتو ويو؟ جڏهن ته حڪمرانن جي جنگ و جدل ۾ ڪلهوڙن جي زماني کان وٺي يعني صدين بعد حاصل ڪيل آزاديءَ جي زماني کان وٺي انهيءَ نالي ماتر آزاديءَ جي خاتمي تائين (١٧٢٧-١٨٤٣ع) مسلسل هڪ صدي دؤران حڪومت جي پاليسي، سنڌ جي عوام سان دشمني ۽ ڌارين جي دوستي يا بالا دستي تي ناز ڪرڻ جي بنيادي اصول تي قائم رهي. ڪلهوڙن، سنڌي وڏيرن ۽ راڄن تي بي اعتمادي ڪندي ٽالپرن کي آڻي مٿن مسلط ڪيو ۽ پنهنجن پائرن ۽ قربتدارن کي صفحه هستيءَ تان مٽائڻ واسطي پٺاڻن جا ڦورو ٽولا پنهنجي مدد ۾ دعوت ڏئي سنڌ اندر آندا. ڪلهوڙا ۽ مير ڪابل جي حڪمرانن کي محض انهيءَ لاءِ ٻارنهن لک سال بسال

نذراني طور ادا ڪندا رهيا. ته جيئن هو ڪين پنهنجي خاندان ۽ عوام مٿان مسلط رکڻ ۾ مدد ڪندا رهن ۽ سنڌن حق ۾ حڪومت جو پروانو جاري ڪندا رهن. انهن توڙي مقامي طور تي گڏ ڪيل هٿيارن جي ذخيرن ۽ قيمتي هيرن جواهرن ڪين دائمي اقتدار ۾ رهڻ جا ڪوڙا ڏڍ ۽ دلاسا پئي ڏنا. ليڪن اقتدار جي سرڪش گهوڙي عوام الناس کي پنهنجي سنبن هيٺ چيپاڻڻ بعد آخر پنهنجي سوارن جو پڻ اهو خاتمو آندو، جو وري هڪ صدي انگريزن جي غلاميءَ جو دور سنڌ جو مقدر بڻجي آيو ۽ مقامي وڏيرا نئديرا سڀ انگريزن جا حاشيه بردار بڻجي ويا.

آزاد سنڌ جي آخري حڪمران ميان نصير محمد خان ولد مير مراد علي خان انگريزن جي قيد ۾ هڪ بيان فارسيءَ ۾ قلمبند ڪرايو، جيڪو مسٽر جيمس ڪارڪورن (James Corcoran) سنڌس استدعا تي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. انهيءَ بيان ۾ مرحوم مير صاحب فرمائي ٿو ته:

”اهو معاهدو جيڪو اسان جي محترم مرحوم والد صاحب (مير) مراد علي خان ۽ لارڊ وليم بينٽڪ (Lord William Bantick) گورنر جنرل وچ ۾ ٿيو هو، ان معاهدي هيٺ اسان جي والد صاحب تجارتي مقصدن لاءِ ڪمپني (برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني) جي حڪومت ۾ رهندڙ انگريز واپارين ۽ سوداگرن کي سنڌو ندي مان بغير محصول گذرڻ جو پروانو جاري ڪيو هو ۽ سيني کي انهيءَ حقيقت جي ڄاڻ آهي ته خاص منهنجي زور ڀرڻ تي منهنجي والد صاحب اهو پروانو جاري ڪيو هو. سمجهڻ گهرجي ته اهو واحد مثال نه هئو جنهن ۾ مون

انگريز سرڪار جي پاران پنهنجي والدصاحب تي پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪيو افسوس! جنهن وقت مان انگريز سرڪار جي مفاد خاطر پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪرڻ ۽ دلچسپي وٺڻ ۾ پيش پيش هئس، ان وقت مون نہ سوچيو تہ اِها سرڪار مون کي اهڙيءَ ريت انعام ڏيندي جيئن هيل تائين ڪيو ويو آهي" (٨).

هن دور جي صوفي بزرگن، شاعرن، معلمن ۽ عالمن جا سڏ سنيهاَ سنڌي عوام جي دلين ۾ گهڙندا ۽ جاءِ ٺاهيندا رهيا. جن جا اثرات اڄ بہ قائم آهن ۽ انهن جو ثبوت. هتي درازن ۾ رمضان شريف جي چوڏهين روزي ۾. هي ماڻهن جا هشام ۽ اديبن جو هي سميلن آهي. پر اُن دور جي حڪمرانن انهن آدرشن ۽ روحاني وسيلن کي ملائپ يا مذهبي جنون ۽ خام خيالي ڄاڻي نظرانداز ڪيو.

مير نصير محمد پنهنجي مٿي ڄاڻايل بيان ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو تہ

"جڏهن سر اليگزينڊر برنس (Sir Allexander burns) لاهور ويندي ڪراچيءَ مان، منهنجي والد صاحب کان سنڌ جي سهٽي درياهہ مان بغير محصول گذرڻ جي اجازت حاصل ڪرڻ لاءِ خطن ذريعي بار بار عرض پئي ڪيو، تہ اِها فقط منهنجي ئي ڪوشش ۽ دلچسپي هئي، جنهن سندس مراد پوري ڪئي" (٩).

ڄا مير نصير محمد جيڪو خود بہ هڪ وڏو عالم ۽ شاعر هو، ان وقت حضرت سچل سرمست رحہ جي هن بيت کان ناواقف هو تہ:

مـكـڙي ڏنـر مـوج ۾، تـنـهـن ۾ مـيـر مـلاح
مـڇيـون مـارن اوڇتـيـون، بـانـڪـا بـي پـرواهـ
لهر بحر جا حاڪم چاڻي، شوريا وتن شاهـ
وائـڙا رڪـن تـن مـتـان، ويـچارا ويـسـاهـ

تاريخ تي الزام آهي تہ اها پاڻ کي ورجائيندي رهندي آهي. دراصل تاريخ جي انهيءَ عادت جو اصل سبب خود انسان ذات جي تاريخ فراموشي آهي. جنهن سبب قومون ساڳيون غلطيون بار بار ڪنديون رهن ٿيون ۽ نتيجي ۾ ڏکيا ڏينهن ور ور ڪريو ڏسن ٿيون. ڪنهن قوم کي مستقل طور غلام رکڻو هجي تہ کيس سندس تاريخ کان بيخبر رکجي، جيئن اها قوم تاريخ جي سبقن ۽ ماضيءَ جي سيکتن کي ڌيان ۾ رکي، پنهنجي آزاديءَ جي حصول ۽ حفاظت جو ڪارگر انتظام ڪرڻ جي قابل نہ ٿئي.

جيڪڏهن شاهہ رحہ ۽ سچل رحہ جي زماني جا حڪمران، وڏيرا ۽ راڄ ڌڻي تاريخ مان ڪو سبق حاصل ڪن ها، تہ هوند سنڌ کي ٻيهر ڌارين جي غلامي ۾ وڃڻو نہ پوي ها ۽ سنڌن حالت ۾ تاريخ پنهنجو ظالمانہ دور ورجائي نہ سگهي ها.

حوالا

١. فرمان مغل شهنشاهہ محمد شاهہ بتاريخ ۴ محرم سنہ ١١۵٢هہ مطابق ٣-اپريل ١٧٣٩ع، تفصيلات لاءِ ڏسجي

Haig: The Indus Delta Country p. 11 Year 1894 Ad.

٢. غلام رسول مهر تاريخ سنڌ (عهد ڪلهوڙا) جلد اول، سنڌي ادبي بورڊ ڇاپو پهريون، ١٩۵٨ع ص ۴۵٨.

٣. ساڳيو ص ۴٢٧-۴٢٨

۴. -ساڳيو-

۵. مقالات الشعرا ص ۱۹۱

٦. جرنل، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، جنوري ۱۹۳۸ع، ص ٦٠-٦٣

۷. -ساڳيو- ص ٦۴

۸. E.B. Eastwick, A Glance at Sind Before Napier or Dry Leaves from Young Egypt: OUP, (Reprint), limp, 1975, p. 355.

۹. -ساڳيو- ص ۵۵-۵٦.

سَرمست ۹
1989ع

● گوبند مالهي

سچل سرمست جو سنيھو

سنڌي شاعرن جي امر ٽمورتيءَ، شاهہ سچل، ساميءَ کي اَبراهيم جويو ذات ۽ ڏاتاريءَ ۾ ٻنهي ۾ بي مثل ۽ بي بدل ٿو سمجهي. هو صاحب هُن کي سنڌي سماج جي نئين جنم جا نقيب، مفڪر، شاعر ۽ فنڪار بہ ٿو سڏي.

سچل سرمست صوفي لا ڪوفي تہ هو ئي، وحدت الوجود جي نظريہ جو علمبردار بہ هو ۽ اِن کان وڌيڪ هن منصوريءَ جي مؤج ۾ انالحق جو نعرو پڻ بلند ڪيو. اهو سڀ ڪجهہ هن کي سنڌي شاعريءَ ۾ ئي نہ، سنڌي مذهبي سوچ ويچار ۾ ئي نہ، بلڪ دنيا جي مفڪرن ۾ عظيم ۽ عزت ڀريو درجو عطا ٿو ڪري.

سچل، شاهہ ۽ ساميءَ جي ٻيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ ڪلام چيو آهي. ڪجهہ زماني جي گردش ۾ گم ٿي ويو، باقي جو سنڌي دنيا ۾ سلامت آهي، سو بہ ايترو آهي جو ٻئي ڪنهن هڪ شاعر جو ايترو موجود نہ آهي. هنکي مختلف ٻولين ۾ ماهريت حاصل آهي.

شاهہ کي سنڌي شاعرن جو سرتاج ئي نہ، سنڌيت جو روح بہ مڃيو وڃي ٿو. هو سامي ۽ سچل جي جمڻ کان اول ئي پنهنجي شاعريءَ پيغمبريءَ جي اوج تي هو. هن ننڍڙي عبدالوهاب کي ڏسندي ئي پيشنگوئي ڪئي تہ جا ڪُني اسان چاڙهي آهي تنهنجو ڍڪڻ هي لاهيندو. ۽ سچل بہ گويا اِن اڳڪٿيءَ کي سچو ثابت ڪندي شاهہ جو پيروڪار بڻيو تہ هن کان گوءِ بہ کڻي ويو. وچ

۾. شاھ جي ويساھن ۽ ويچارن کي دھرايائين، گويا انھن کي وڌيڪ صحيح ثابت ڪيائين. سچل جي ڪلام کي ٽن قسمن ۾ تقسيم ڪري ٿو سگھجي-ويچارن ۽ مواد جي لحاظ کان.

پھريون قسم اُھو آھي جنھن ۾ ھن شاھ جي پيروي ڪئي آھي يا ھنجي ويچارن جي پنيرائي ڪئي آھي. اھڙي ڪلام ۾ آھن تصوف جا نڪتا، الله جي ھيڪڙائي، وحدت مان ڪثرت ۽ ڪثرت مان ڪل ٻڌجڻ جي حقيقت، ناصحانو شعر، جوڳ ۽ جوڳين جي مھما، ساڳيا لوڪ قصا ۽ ساڳيا سر.

بيتن ۾ سچل گھڻو ٽڻو شاھ جو پيروڪار يا پنيرائي ڪندڙ رھيو آھي ۽ انھن ۾ جتي ڪٿي دھراءُ بہ آھي. ھن قسم جي ڪلام ۾ آخرين حد تي سچل بہ شاھ جيان الله سان ملي ھڪ ٿيڻ جي تشبيھ بہ ساڳي سسئيءَ جي پنھون ٿيڻ جي ٿو ڏئي. شاھ جي خيال "مون ۾ آھين تون" کي بہ سچل وڌيڪ چٽو ائين چوڻ سان ٿو ڪري تہ:

"مون ۾ آھين تون، تو ۾ آھيان مان
بجلي بادل سان آھي جيئن سپرين"

ٻيو اُھو ڪلام آھي، جنھن ۾ سچل شاھ کان گوءِ کٽي ٿو وڃي، جنس طور ڪي مثال پيش آھن:

شاھ چيو:

شاھ چيو:

"روزا نمازون اي؛ پڻ چڱو ڪم"

سچل چيو:

"وسريو روزو، ناھي ياد نماز مونکي"

شاھ چيو:

”هل هينئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار“

سچل صاف گوئي ڪئي:

”مون ڪان ٿئي نہ پنڌ، آري ڄام اچيج تون.“

شاهہ ڪتڻ جي اهميت ۾ ڪنبڻ جي ضرورت سمجهائي. سچل نہ مرڳو ئي پڙ ڪڍي بيٺو:

”ڪانهي ڪاڻ ڪتڻ جي سچل ڪي.“

۽ جتي شاهہ مارئيءَ جي ملڪي محبت جو ذڪر ڪندي، عمر تي اخلاقي زوربار آڻي ٿو، تتي سچل، عمر کي ست سُري ٿو سڻائي:

”نيت ٻڌ نياڻين سان، ڪم نہ خاصو خان،
نالائق ۽ نادان، سڏيندءِ سڀ سومرا.“

سچل ساميءَ کي ستگر جي مهما ٻڌائيندي گوءِ کڻي ٿو وڃي. ساميءَ جيان وڏي وڏائي ستگروءَ جي مڃيندي وڏيڪ چوي ٿو، منهنجي ستگروءَ مونکي چيو آهي،

”تنهنجو شاهي شان، ٻانهپ ٻولي ناهہ ڪا.“

تيون، مٿين ٻن قسمن کان وڏيڪ اهم اُهو ڪلما آهن جنهن ۾ سچل فقر جو فقير ٻڌجي پنهنجا ذاتي ۽ نجا ويچار ۽ انيؤ ظاهر ٿو ڪري. ڀرينديءَ ئي ٿو چوي:

حدين وڃي هر ڪو، لاحد وڃي پير،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.

حد لاحد لتاڙي ئي هن منصوريءَ جي موج ۾ اناالحق آلاپيو، ائين بہ چيو،

”چاڪر ٿيس نہ ڄاڻ ڄا ڪان، صحيح هيس سلطان.“

۽ اِها صلاح ڏنائين،

"سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻڌيجي."

صورت ۽ دم وچ ۾ نسبت به پنهنجي نجي ۽ خاص انداز ۾ سمجهائي اٿس؛

صورت ۾ جاءِ دم جي، دم ريءَ نه صورت ڪم جي،
دم ۾ جا لذت غم جي، وهه واهه ڳالهه خاصي.

هن جي نجي ڪلام ۾ اهم ترين آهي. اهو اعلان:

"سچ ٿا مرد چون، ڪنهن ڪي وٽي نه وٽي،
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم، ٻٽي نه ٻٽي."

۽ اڻ سڌيءَ طرح سچ چوندي منصور جيان ڦاهيءَ چڙهڻ لاءِ به تيار آهي.

اِن سچ جي انيؤ جي روشنيءَ ۾ هو نه صرف اِها حقيقت ٿو پروڙي ته مذهبن مُلڪ ۾ ماڻهو منجهايا آهن، بلڪ هو ملن، مولوين ۽مخدومن جو ڀھروپي پٽو ٿو جاچي ته هو پاڻ ته ڪاسا ٿا ڪائي وجن ۽ مفت جو مال هضم ٿا ڪري وجن، پر غريبن جي بک ۽ اُڃ کان بيخبر ۽ بي فڪر آهن. هو منهن ۾ فرشتن جهڙا آهن، پر اندر ۾ ابليس کان گهٽ نه آهن. اِها حقيقت به چڱيءَ ريت بيان ٿو ڪري.

ظالماڻي ريتين، رسمن ۽ رواج خلاف بغاوت جو پرچم لهرائيندي ئي هن للڪار ڪئي:

"ٿوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، جي مرد ٿئين مردانو."

سچل پنهنجي قول سان نباهيندي ته "جوئي آهيان سوئي آهيان" ڪٽرپڻي جا چوڏا لاٿا آهن، ۽ هندو جوڳين ۽ سنياسين جا ڳڻ ڳاتا آهن. هن هندو ديوين، ديوتائن جهڙوڪ شو ۽ شيام جي استتي به ڪئي آهي ته متُرا، بندرابن کي به ياد ڪيو آهي. هن جي

ڪنن ۾ مرليءَ جي مڌر تان ٻہ گونجي آهي ۽ ڪيس اُن مگن ڪيو آهي.

اڄ جي زماني ۾ سچل جي اهميت جيئن جو تيئن سلامت آهي.هن جي صوفيائي گفتن، سچن سخنن ۽ سهڻن ويچارن ڪري، مذهبي ڪٽرپڻي ۽ آتنڪواد ۾، ويرونجوڳ جي وايومنڊل ۾ هن جي پيغام جي اڄ تائين وڌيڪ ضرورت آهي. سيڪيولرزم کي برقرار رکڻ ۾ ڌرم نرپيکتا کي اوچ ڏيڻ لاءِ هن جو هيءُ ويچار ۽ چتاءُ هنئين سان هنڊائڻ جهڙو آهي:

وقــت اِهــا تــي ويــل، دوئــي دور ڪــرڻ جي،
ڪـڍ مـذاهـب مـن مـان، سـاجهـر سـاڻ سـويـل،
هـنـدو مـومـن سـان مـلـي، محـبـت جا ڪـر مـيـل،
مـتــان تـئـي اويــل،اولــهــ سـج نــ الــهـي.

اسان ٻہ دير سان ئي سهين، سچل سرمست جي شعر ۽ فڪر جو صحيح جائزو وٺڻ جي مجموعي ڪوشش شروع ڪئي آهي. شڪر آهي. سج اڃا اولهہ ۾ نہ الهيو آهي.

سرمست ١٠
1990ع

سچل جي موجوده وقت ۾ واسطيداري

سچل سنڌ جي اعليٰ شاعرن مان هڪ آهي. سچل جهڙو انساني آزاديءَ ۽ خود داريءَ جو علمبردار شاعر سنڌيءَ ۾ ٻيو ڪونہ ٿيو آهي.

واسطيداري پرکڻ جي ضرورت

عام مجتا موجب سچل جو جنم ١٧٣٩ع ۾ ۽ وفات ١٨٢٩ع ۾ ٿي. ان حساب سان سچل جو جنم اڄ کان لڳ ڀڳ اڍائي صديون اول ۽ موت لڳ ڀڳ ڏيڍ صدي اول ٿيو. حقيقت ۾ بہ اڍائي صديون قومن جي اتهاس ۾ ڪو اهڙو وڏو عرصو ڪونهي جو ڪنهن شاعر جي سماجڪ واسطيداريءَ کي وري پرکڻ جي ضرورت پوي، پر هنن ٻن اڍائي صدين جي اندر هندستان يا چئجي تہ اسان جي اُپ کنڊ جي اتهاس ۾ ڪافي گهٽي تبديلي ٿي آهي. هنن اڍائي صدين جي اندر ئي سنڌ سميت سڄي اُپ کنڊ تي انگريزن جو راڄ قائم بہ ٿيو ۽ ختم بہ ٿي ويو. رڳو گذريل ڇئن ڏهاڪن جي اندر پاڪستان ۽ بنگلا ديش جهڙا نوان ملڪ پيدا ٿي ويا آهن. سنڌين جي حوالي ۾ بہ تبديل جي رفتار ڪافي تيز رهي آهي. هڪ ملڪي گهيري ۾ رهندڙ سنڌي جتي ٻن ملڪن هندستان ۽ پاڪستان ۾ ورهائجي ويئي آهي. ان کان سواءِ سنڌس سَرِوَ ڏرمي روپ بہ بدلجي ويو آهي. هاڻي هندستان ۾ رهندڙ سنڌين جو مطلب آهي هندو سنڌي ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌين

جو مطلب آهي گهڻي ڀاڱي مسلمان سنڌي. اهڙي طرح ڏسجي ته سچل ۽ سچل کان پوءِ جي هن عرصي ۾ ڪافي ڦير بدل ٿي چڪي آهي. ان ڪري سچل جي موجوده وقت ۾ واسطيداريءَ جو سوال اُٿارڻ غير واجب ڪونهي.

واسطيداريءَ جي مراد ۽ مقصد

ڪنهن ساهتيڪار جي ڪنهن وقت ۾ واسطيداريءَ جو مطلب آهي، ان ساهتيڪار جي ويچارن جو واسطيدار وقت جي سماج تي اثر يا ان جي ويچارن جي اهميت. هن قسم جو سوال اُٿارڻ جي مراد اهو ڄاڻڻ هوندو آهي ته ان ساهتيڪار جا ويچار پنهنجي وقت ڪان پوءِ به سماج جي حوالي ۾ واسطيدار رهيا يا سماج جي بدلجندڙ حالت سبب مدي خارج بڻجي ويا. ان ڪري جڏهن سچل جي موجوده وقت ۾ واسطيداريءَ جو سوال اٿارجي ٿو ته ان جي مراد اهو ڄاڻڻ آهي ته سچل جي ويچارن جي اڄ جي سماج ۾ ڪيتري ضرورت ۽ اهميت آهي.

سچل جي موجوده وقت ۾ واسطيداريءَ جي سوال جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ هيٺين حقيقتن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

(الف) سچل جي وقت جو سماج ۽ اڄ جو سماج

(ب) سچل جو ويچار جڳت

(ڀ) سچل جي ويچار ڌارا جي پنهنجي وقت ۽ موجوده وقت ۾ واسطيداري

سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت

سچل جي وقت جي سنڌي سماج کي سمجهڻ کان اول سنڌ جي اتهاس خاص ڪري مسلمانن جي حڪومت واري عرصي تي هڪ نظر وجهڻ ضروري آهي.

عيسوي سن ٧١٢ ۾ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪري سنڌ ۾ اسلامي حڪومت جو پايو وڌو. سنڌ ۾ اول چڱو وقت عربن جي حڪومت رهي. ان کان پوءِ ٻن سنڌي گهراڻن سنڌ تي راڄ ڪيو. جن مان پهريان هئا. سومرا (١٠٥٠ کان ١٣٥٠) ۽ ٻيا هئا سما (١٣٥٠ کان ١٥٢٠) سمن کان پوءِ سنڌ تي اول ارغونن ۽ پوءِ ترخانن (١٥٢٠ کان ١٥٩٠) جو راڄ رهيو. ان کان پوءِ سنڌ دهليءَ جي مغل بادشاهن جي هٿ هيٺ آئي ۽ اورنگزيب جي موت تائين سنڌ مغلن جي هٿ ۾ رهي. مغلن کان پوءِ سنڌ تي ڪلهوڙن جو راڄ قائم ٿيو. (١٧٨٣ تائين) ۽ ان کان پوءِ سنڌ تي بلوچ ٽالپرن يا ميرن جو راڄ هو. ١٨٤٣ ۾ انگريزن ميرن کي هارائي سنڌ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. انگريزن جو راڄ ١٩٤٧ع ۾ پورو ٿيو جڏهن هندستان آزاد ٿيو. هندستان ۽ پاڪستان ٻه ملڪ بڻيا ۽ سنڌ پاڪستان جو حصو بڻي.

اهڙيءَ طرح ڏسجي ٿو ته ٻارهن صدين کان وڌيڪ عرصي لاءِ سنڌ تي مسلمانن جو راڄ رهيو. (هن وقت سڄي پاڪستان ۾ اسلامي راڄ آهي ۽ سنڌ پاڪستان جو ئي هڪ حصو آهي).

سچل جي وقت جي سنڌ

اهو اول ئي ٻڌايو ويو آهي ته سچل جو جنم ١٧٣٩ ۽ ديهانت ١٨٢٩ ۾ ٿيو. انهيءَ عرصي اندر سنڌ ۾ اول ڪلهوڙن (١٧٨٣ تائين) ۽ پوءِ ميرن جو راڄ هو. سنڌ جي تواريخ ۽ ان وقت جي سنڌي ادب مان حاصل حقيقتن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته ان وقت سنڌ هڪ غريب ملڪ هو، جنهن ۾ سدائين ڏڪر جو خطرو رهندو هو. ان وقت سنڌي سماج مکيه طرح سان ٻن طبقن ۾ ورهايل هو. هڪ هو زميندار يا امير طبقو ۽ ٻيو هو پورهيت يا

غريب طبقو. امير طبقي وٽ زندگيءَ جون مڙيئي نعمتون موجود هيون ۽ غريب طبقو زندگيءَ جي مڙني نعمتن کان محروم هو.

ڌارمڪ خيال کان ڏسجي تہ سورهين‌ءَ صديءَ کان پوءِ هندو پڳتين ۽ مسلمانن جي آزاد خياليءَ جي عناصرن مان سنڌي صوفي مت جو آغاز ٿي چڪو هو، جنهن مت جا پوئلڳ هندو خواه مسلمان ٻئي هئا، پر سنڌ ۾ اجا بہ تعصبي ۽ ڪٽر طبقو زور هو. تعصبي طبقي کي حاڪمن جي هُشي هئي. ڪلهوڙن شاه عنايت صوفيءَ کي مارائي ڇڏيو هو ۽ ٽالپر بہ هندن کي مسلمان بڻائڻ جو ڪوبہ موقعو هٿان ڪونہ ڇڏيندا هئا. ان وقت شريعت جون پابنديون وڌيڪ هيون، ان ڪري ميري سان گڏ پيري مرشدي، شيخي ۽ مخدوميءَ جو ملڪ ۾ زور هو. عام ماڻهو وهمن ۽ وسوسن جو شڪار هئا ۽ پاکنڊ پري پوئلڳي چوٽ تي هئي.

موجوده سماج

جيستائين موجوده سماج جو سوال آهي، اهو سچل جي سماج کان بدليل ضرور آهي، پر ان ۾ ڪيتريون ڳالهيون اجا ساڳيون آهن. عام سنڌي اجا بہ غريبيءَ ۾ گهاري رهيو آهي. هندستان ۾ سنڌي وشال ڀارتي سماج جو حصو بڻجي پيا آهن. هندستان ۾ سنڌين کي راڄنيتڪ ستا بلڪل ڪانهي، باقي بيحد غريب طبقو سنڌين مان هڪ طرح سان ختم ٿي ويو آهي. ٻن قومن جي سڌانت تي ٽيل ورهاڱي سبب هندستان خواه پاڪستان ۾ مذهبي جنون اجا قائم آهي. البت سنڌ خواه هند ۾ سنڌي ان جنون جو شڪار ڪونهن. ها، ڌرم، مذهب جي نالي ۾ پاکنڊ جو زور وڌيل آهي.

سچل جو ويچار جڳت

سچل بنيادي طرح سان شاعر نہ، پر هڪ صوفي سنت آهي. سچل جي شاعري سجاڳيءَ جي شاعري ڪانهي، اها سچل جي اندر جي بيخوديءَ جي عالم جو اظهار آهي. هوش ۽ سجاڳيءَ جي حالت ۾ ڪيل شاعريءَ جو ملڪ ۽ سماج جي جيون سان گهرو لاڳاپو رهندو آهي پر بيخوديءَ جي عالم ۾ ڪيل شاعري بنيادي طرح سان داخلي شاعري ٿيندي آهي، جنهن ۾ خارجيت يا ٻاهرين حالتن جو جزو گهٽ رهندو آهي. ان ڪري سچل جي شاعريءَ ۾ بہ سنڌ ۽ سنڌي جيون جو اهڙو گهٽو ۽ ڇٽو اظهار ڪونهي. سچل "براعظم جو پکيئڙو" آهي. ان ڪري سندس نظر ڌرتيءَ تي اوتري ڪانهي جيتري آڪاس تي آهي. هونئن بہ اعليٰ ادب جي هڪ وصف اها بہ آهي تہ اهو سَرِوَ ديسي (سيني ديش سان واسطيدار)، سَرِوَ ڪالي (سيني وقتن ۾ واسطيدار) ۽ سَرِوَ جني (سيني ماڻهن سان واسطيدار) ٿئي ٿو. ان قسم جو ادب ئي لازوال ادب جو درجو ماڻي ٿو. سچل جي ويچار جڳت جو وڏو حصو اهو آهي جنهن جو ڪنهن محدود ڌرتيءَ جي ڪنهن محدود وقت سان لاڳاپو ڪونهي. اهو لازمان ۽ لامڪان آهي. مثال طور سچل جو پاڻ سڃاڻڻ يا خود شناسيءَ جو ويچار، جنهن جو ڪنهن مڪان يا زمان سان ڪو سڌو واسطو ڪونهي. مان ڪير آهيان؟ ڪٿان آيو آهيان؟ ڇو آيو آهيان؟ وري ڪيڏانهن ويندس؟ وغيره اهڙا سوال آهن، جن تي انسان تڏهن کان سوچيندو آيو آهي، جڏهن کان هو سوچڻ سکيو آهي ۽ شايد تيستائين سوچيندو رهندو، جيستائين سندس سوچ قائم آهي. پاڻ سڃاڻڻ جي حوالي ۾ سچل جي من ۾ پڻ ساڳئي قسم جا سوال اُڀرندا رهن ٿا. سچل پڇي ٿو:

اسين آهيون ڇا؟ اسين آهيون ڇا؟

ٻيلي نتا ڄاڻون، ڇا اسين آهيون؟

سچل ڄاڻي ٿو تہ انسان جي هستي "هئڻ" ۽ "نہ هئڻ" جي وچ ۾ آهي. تڏهن تہ چوي ٿو:

"آهيان دي وچ ناهيان، ناهيان دي وچ آهيان"

سچل سوچي ٿو تہ ماڻهو هيءُ جسم ناهي. تڏهن چوي ٿو:

"آهيان هٿ نہ پير، ڇئو تہ آهيان ڪير؟"

يا

"شخص ڪو جامو ڪري، جامو نہ نالو سو سڏاءِ"

پر جي ماڻهو جسم نہ آهي تہ ڇا آهي؟ من آهي؟ خيال آهي؟ سچل چو ٿو:

"مئن تہ ڪوئي خيال هان، ليسان نال خيال دي"

جيو ۽ برهم جو سٻنڌ، هڪ سوڪيم سٻنڌ آهي. ان سٻنڌ کي لفظن ۾ اظهارڻ سولو ڪونهي. ان ڪري سچل سوچي ٿو تہ "مان پتلي آهيان جنهن کي ڏور هلائي ٿي: يا مان ئي ڏور آهيان؟ يا مان محل آهيان، جنهن ۾ شهنشاهہ ٻوليون ٻوليندو ٿو وتي. ڪڏهن ڪڏهن سچل کي لڳي ٿو تہ هو ان سج جيان آهي، جيڪو خود سج کي ڳولهي رهيو آهي، يا تہ برسات جي ان ڦڙي مثل آهيان، جو مينهَن کي ڳولهيندو هجي.

"بعضي يانيان پتلي يا آهيان گڏيءَ ڏور
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، وانگي وانگر زور"

•

"يا تا محل آهيان، جنهن ۾ ٻولي شهنشاهہ
ٻوليون ڪري ڪيتريون ٿو دورئون داناه"

•

"جيئن سج آهي پريشان، سو ئي ڳولي سج کي
ڦُري پڇي مِينهَن کي، شاهہ ڳولي سلطان"

ايترو سڀ ڪجهہ چوڻ کان پوءِ بہ سچل محسوس ٿو ڪري تہ پاڻ بابت ڪجهہ بہ چوڻ ممڪن نہ آهي: ان ڪري پڇاڙيءَ جو ائين چئي چپ ٿي ٿو وڃي تہ:

"مان جو ئي آهيان، سوئي آهيان"

هتي ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ پاڻ سڃاڻڻ يا خود شناسيءَ بابت سچل جيڪي ڪجهہ چيو آهي، اهو سندس وقت ۾ جيترو واسطيدار هو، اوترو ئي اڄ بہ واسطيدار آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ بہ واسطيدار رهندو.

موجوده وقت ۾ وڏيڪ واسطيدار ويچار

سچل جي ويچار جڳ جا ڪي اهڙا بہ نڪتا آهن، جيڪي لازمان، لامڪان هئڻ جي باوجود اڄ جي وقت ۾ خاص واسطيداري ٿا رکن. هتي انهن مان ڪن نُڪتن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

انساني آزادي ۽ خود داري

سچل جي ويچار جڳت جو هڪ اهم نُڪتو آهي انسان جي آزاديءَ ۽ خود داريءَ لاءِ للڪار، جنهن شخص کي خود داري ۽ آزاديءَ جهڙن اعليٰ جذبن جو قدر ڪونهي، ان شخص کي انسان سڏائڻ جو حق ڪونهي. اقبال جڏهن انسان جي خود داريءَ کي للڪاريندي چيو هو:

"خودي کو کر بلند اتنا کہ هر تقدير سي پهلے
خدا بندے سي خود پوچهے بتا تيري رضا کيا هے"

تڏهن بہ سندس حد اها هئي تہ انسان پنهنجي تقدير لکڻ ۾

پاڻ بہ حصيدار ٿئي؛ پر سچل انسان جي خود داريءَ کي ان کان گهڻو بلند ٿو سمجهي. هو انسان کي خود خدا بڻجڻ لاءِ للڪاري ٿو:

"الله الله چو چويـــن، پـــاڻ ٿـــي الله جاڻ"

سچل جي خيال موجب انسان کي پنهنجين ڪارگذارين سان اهڙو بلند پرواز ٿيڻ جڳائي، جو هو بندي مان خدا بڻجي پوي. ان ڪاڻ سچل چوي ٿو:

"سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بڻيجي"

آزادي ۽ خود داري هڪ ٻئي کان الڳ نہ ٿيندڙ شيون آهن. حقيقت ۾ خود داري هڪ ڌارڻايا ويچار آهي. آزادي ان جو ظاهر روپ يا وهنوار آهي. سچل کي انسان جي غلاميءَ کان سخت نفرت آهي. اُن ڪري هو انسان کي ٻانهپ جي وهم کان آزاد ٿيڻ لاءِ للڪاري ٿو:

"وهم سچل ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو"

هتي ڏيان ڏيڻ جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ سچل ٻانهپ کي "وهم" ٿو چوي. سچ پچ ٻانهپ ڪو جسماني ٻنڌن نہ آهي. اهو تہ خيال جو ٻنڌن آهي. اصلي غلامي دماغي يا روحاني غلامي آهي. ان ڪري سچل اول دماغي غلاميءَ کان آزاد ٿيڻ لاءِ ٿو چوي:

"اول پيري پيچ، هي بند خيالات جا"

هائي اهي خيالات جا بند ڇا آهن؟ خيالات جا بند آهن، رسمن ۽ رواجن جا ٻنڌن، انڌو وشواس، وهم، سنسا، پاکنڊ جي پوڄلڳي ۽ مُڪت چنتن کي تلانجلي. مردانو مرد ٿيڻ لاءِ انهن رسمن ۽ رواجن کي ٽوڙڻ لازمي آهي:

"ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون جي مرد ٿئين مردانو"

انسان جي آزادي لاءِ ڪيل سچل جي هيءُ للڪار پنهنجي وقت ۾ بہ واسطيدار هئي، پر اڄ جي زماني ۾ ان جي واسطيداري اڃا بہ وڌيل آهي. اڄ جيترا دادا، بابا، مهاتما، يوگي، ١٠٨ کان ١٠٠٨ تائين سوامي، آچاريہ ۽ ڀڳوان پيدا ٿي ويا آهن، اوترا شايد سچل جي ڏينهن ۾ بہ نہ هوندا ۽ اڄ اڻ پڙهيل، سادا سٻاجها، وسوڙيل ماڻهو ئي نہ، پڙهيل ڳڙهيل ۽ پاڻ کي دانشور سمجهندڙ سمجهو، سياڻا بہ پنهنجي سمجهہ ۽ سوچ کي تلانجلي ڏيئي انهن پاکنڊين جي پوئلڳيءَ ۾ لڳا پيا آهن.

عام ماڻهو ائين سمجهن ٿا تہ هٿ جي صفائي ڏيکاريندڙ اهي بابا ۽ ڀڳوان شايد پهتل پرش آهن، پر سچل صاف ٿو چوي تہ ان قسم جون ڪرامتون بہ هڪ قسم جو "هنر" آهي. اهڙي ڪرامت ۽ ڪيمياگيري ڪندڙ شخص، درويشيءَ کان دور محض دولت جا ديوانا آهن:

"چا تيو تين لطيفا جاري هي يي هنر بهانا
ڪشف، قلوب، قبور سيئي هي پڻ ڏوڙ ديوانا
لکن نقش، ڪمائين ڪيميا ميڙن مال خزانا"

(لطيفا = ساه لاهڻ چاڙهڻ جا آستان، ڪشف = ڳجهہ پروڙي ظاهر ڪرڻ، قُلوب = دلين پڙهڻ جو علم، قبور = دفن ٿيل شيون پروڙڻ).

سچل جي ان قول کي سمجهڻ جي اڄ ڪيڏي نہ ضرورت آهي، جو اسين ڏسون وينا تہ اڄ جا بابا ۽ ڀڳوان هوا ۾ هٿ لوڏي ڪڏهن ڀڀوت ڪڍي ٿا ڏين ۽ ڪڏهن اُهي پنهنجي ڀڳتن کي اَڻ منڌائتا ميوا ٿا کارائين. نہ رڳو ايترو پر اُهي ڪرامتي بابا پنهنجن وديشي (جپاني) درشن ڪرڻ وارن کي هوا مان جپان جون ٺهيل

سِيڪو واڇون هڻ ڪري سوڪڙي ڪري ٿا ڏين ۽ پڙهيل ڳڙهيل ودوان ماڻهو اهڙن نڙڪائو جادوگرن کي ڀڳوان جو پيو ڏيئي پوڄي رهيا آهن! ان ڪري اڄ ان ڳالهہ جي سخت ضرورت آهي، تہ اسين سچل جو قول دل سان هنڊايون تہ

"اول پـيـري پـچ بــنــد خيــالات جا".

سيڪيولر سماج جي رچنا

سچل جي ويچار جڳت جو هڪ ٻيو نڪتو آهي غير مذهبي، سيڪيولر يا ڌرم رهت سماج جي رچنا. اهو صحيح آهي تہ سچل رام ۽ رحيم کي هڪ مڃي ٿو ۽ اهو بہ سمجهي ٿو تہ هڪ ئي شيءِ کي ڪي "صوف" تہ ڪي "سيب" ٿا چون: سچل کي ان ۾ ڪوئي عيب نظر نہ ٿو اچي، پر ساڳئي وقت سچل، سچ ۽ حق جي راه حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ضروري شرط ٿو سمجهي تہ مسجدون ۽ مندر ويران ڪيا وڃن.

"جان جان مـسـجد مـنـدر مـنـاري ويـران، تِيـوَن
تـان تـان راه قـلـنـدر والا حـاصـل ڪـڏهـن نـہ ٿِيوَن"

يا

" ديـن ڪـفـر، اسـلام مـذاهـب اول ڇڏڻ درڪـار"

سچل جي هن قول جو مطلب ان وقت پلي تمثيلي رهيو هجي تہ جيستائين ماڻهو ڌرم جي ٻاهرين پابندين کان پاڻ کي پري نہ ڪندو، تيستائين هو سچ پروڙي نہ سگهندو.

سچل جي ڏينهن ۾ مذهب رڳو ماڻهو منجهايا هئا ("مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا. شيخي پيري بزرگي بيحد ڀلايا") پر اڄ تہ مذهبي جنون ماڻهن مان ماڻهپو ڪڍي کين جانور بڻائي ڇڏيو آهي.

اڄ نہ رڳو اسان جي اُپ کنڊ ۾ پر سڄي دنيا ۾ مذهبي جنون ڦهلجي رهيو آهي. اڄ ڪٿي هندو ۽ مسلمان تہ ڪٿي مسلمان ۽ احمدي: ڪنهن هنڌ سني ۽ شيعا تہ ڪنهن هنڌ ڪئٿلڪ ۽ پرو ٽيسٽنٽس هڪ ٻئي جي خون جا پياسا ٿي رهيا آهن. ڀڳوان ٻڌ جي اهنسا ڌرم جا پوڄاري بہ ٻڙچيون ڀالا کڻي غير ٻُڌين جي جان وٺڻ لاءِ تيار ٿي ٿا وڃن! ان ڪري اڄ هڪ سيڪيولر سماج جي سخت ضرورت آهي ۽ ان حوالي ۾ سچل جي موجوده وقت ۾ بيحد گهڻي واسطيداري آهي.

سچ جيون جو آدرش

سچل جي ويچار جڳت جو مرڪزي نڪتو آهي سچ. سچ چوڻ، سچ جي صدا هڻڻ، سچ جي راه وٺڻ. سچل دهل تي ڏونڪو هڻي چوي ٿو:

”سچ ٿا مرد چون، ڪنهن ٿي وٺي نہ وٺي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻٽي ٻٽي“

يا

مڙس ٿي منصو چؤ نہ تہ ڪيم پؤ منصو آن

سچل جي ان سچ جي صدا جي پنهنجي وقت ۾ بہ ضرورت هئي، پر اڄ جي زماني ۾ ان جي اڃا بہ وڌيڪ ضرورت آهي. اڄڪلهہ فرقي، ذات، قوم، ملڪ، ڌرم، پارٽي، گروه ۽ نہ ڄاڻ ٻين ڪيترن قسمن جي اوٽ ۾ انسان سچ کان ڪنارو ڪري رهيو آهي. اڄ جڏهن ڪوڙ کي ”ڊپلوميسي“ ۽ ”پاليٽڪس“ جو نالو ڏئي شخص جي جيون ۽ ديش جي راڄ ڪاروبار جو آدرش بڻايو ويو آهي: اڄ جڏهن وشواس پنهنجو وشواس وڃائي چڪو آهي، تڏهن اهڙن مردن جي سخت ضرورت آهي، جيڪي ڪنهن جي

SOORIH SINDHI ADAB

وٽڻ، نہ وٽڻ جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ سچ چئي سگھن ۽ منصور جيان سچ جي صدقي سِر بہ ڏئي سگھن.

ان چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ سچل ہيو ڪجھہ بہ نہ چوي ها، تہ بہ سچ لاءِ ڪيل هن مردائي للڪار سبب هو هر وقت ۾ واسطيدار بڻجي پوي ها. ڇو تہ سچ ۽ ڪوڙ جي لڙائي ازلي بہ آهي ۽ ابدي بہ.

پڇاڙيءَ ۾ رڳو ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو، تہ جيستائين انسان جي پاڻ سڃاڻڻ جي تلاش جاري آهي: جيستائين انسان خيال جا بند پيچي دماغي غلامي مان آزاد نہ ٿيو آهي: جيستائين مذهب ماڻهن کي منجهائيندو رهندو ۽ پاکنڊ جي پوڄا ٿيندي رهندي، تيستائين سچل جي هر زماني ۾ واسطيداري قائم رهندي.

حوالن لاءِ ڪم آندل ڪتاب

١. هسٽري آف سنڌي لٽريچر، پروفيسر لالسنگھہ اجواڻي
٢. سچل سرمست -ڄيٺمل پرسرام
٣. سچل -پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي
۴. سچل سرمست جو چونڊ ڪلام-پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي
۵. شاهہ، سچل ۽ سامي -گڏ ڪندڙ: اُتم

سرمست ۹
1989ع

SOORIH SINDHI ADAB

● ايڇ. آء. سدارنگاڻي

سچل - صوفي لاکوفي

سنڌي ساهت جي اتهاس ۾ پهريون شاعر جنهن ”صوفي لاکوفي“ اصطلاح ڪم آندو آهي. اُهو شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٿو ڏسجي. سُرَيمن ڪلياڻ جي پنجين داستان ۾ ”صوفي“ بابت پنج ست بيت چيا اٿس، جن مان هڪڙو آهي:

صوفي لاکوفي، ڪونہ پائينس ڪيرُ
منجهان ئي منجهہ وڙهي، پڌرو آهيس پيرُ
جَنين ساڻس وير، تي تنين جو واهرو

”لاکوفي“ بنا فرقي يا پنٿ واري کي ٿو چئجي. دراصل ڪوفي، عراق جي ڪُوفہ شهر جي رهواسي کي ڪوٺيندا آهن. مشهور آهي تہ هنن دوکو ڪري پهريائين حضرت عليءَ کي ۽ ان کان پوءِ انجامن اقرارن تان ڦري سندس پٽ امام حسين کي بہ شهيد ڪرايو. انهيءَ ڪري ڪوفي -عربي ۾ ”لايوفي“ يعني بيوفا ۽ دغاباز سڏجڻ ۾ آيا. اسان وٽ ”صوفي لاکوفي“ جي معنيٰ ٿي تہ صوفي، ڪوفي يا دغاباز نہ آهي. هو سچو ۽ قول تي پڪو آهي.مطلب تہ هو صاف دل آهي ۽ هُن جو ڪنهن بہ قوم يا فرقي سان واسطو ڪونهي:

جوئي آهيان سو ئي آهيان هندو مومن ناهيان
نا مين سُني نا مين شيعہ، سيد ڪيئن سڏايان

تاريخ گواهي ٿي ڏئي تہ سچل اجا سَتن اٺن ورهين جو هئو، جو پٽ ڏٺي سندس ڏاڏي ميان صاحبڏني فقير سان چار چشمي

ڪرڻ لاءِ درازا آيو. ٻالڪ جو مهڪندڙ مک ڏسي اڳ ڪتي ڪيائين تہ، "اسان جيڪا ڪُني چاڙهي آهي، اُن جو ڍڪڻ هي ٻالڪ لاهيندو" ٿيو بہ ائين. شاهہ صاحب جيڪي روحاني راز پنهنجي ڪلام ۾ لڪايا هئا، اُهي سچل ڪلم ڪلا پڌرا ڪندو ويو. مُلا قاضي، حاڪم وغيره ڪنهن ڪان ڪين ڊنو:

سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻٽي نہ ٻٽي

ٻالپڻي کان سچ ڳالهائيندو هو ۽ سچ جو واهپو ڪندو هو ان ڪري ڪيس سچو، سچل يا سچيڏنو ڪري ڪوٺيندا هئا. جن کي ڪلام ۾ تخلص ڪري ڪم آندو اٿس. شاهہ صاحب سان سندس پيٽ ڪري ڏسبو تہ ڀٽائي جو سچ ٿڌو، ڌيرج وارو، مٺو ۽ اڪيون ٺارينڊڙ آهي. گويا ڪڪر مان وسندڙ مينهن آهي، پر سچل جو سچ گرم، تکو ڪڙو ۽ هٿ ساڙيندڙ آهي، جيئن جهنگ جي باهہ آهي. هونئن تہ رومي، حافظ، جامي ۽ ٻين ڪيترن ئي فارسي شاعرن جو پنهنجي شعر ۾ ذڪر ڪيو اٿس. پر فريدالدين عطار کي گهڻي ۾ گهڻو ڳايو ۽ ساراهيو اٿس. منصور، سرمد، شاهہ عنايت الله جهوڪ ڌڻي (صوفي شهيد) ڏانهن بہ سندس ڪلام ۾ گهڻيئي حوالا ملن ٿا. منصور هُن لاءِ مثال ٿو ڏسجي ۽ "اناالحق" سندس نعرو:

منصوري آہ راهہ اهوئي، جوش تنهين ۾ جولان
منصوريءَ جي موج ۾ بہ تو "اناالحق" آلايان.

سچيڏنو ننڍڙو ئي هو تہ سندس پيءُ انتقال ڪيو ۽ پنهنجي چاچي صوفي فقير عبدالحق (سخي قبول محمد جو والد) جي سنڀال هيٺ رهيو. هن ڪيس فارسي عربي سکڻ لاءِ استاد رکي

ڏنو. ٻارهين ورهين جي ڄمار ۾ قرآن شريف به پڙهي پڄايائين. نمازون پڙهندو هو، روزا به رکندو هو، پر پوءِ ڪامل مرشد عبدالحق وٽان تصوف جا سبق سکندي اندر اجارڻ ڪي لڳي ويو:

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻٽيجي

•

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو
پاڻ بيگانو مول نہ ڄاڻين، آهين يار يگانو
وهم سچو ڪڍ ٻانهپ وارو، شَملو ٻَڌُ شهانو

•

عاشق! "اناالحق" آکيو پيو آکيج
هادي عبدالحق، حرف هدايت هي چيو

پنهنجي شعر ۾ شراب ۽ ساقيءَ جا ڪيترا بيت آندا اٿس، پر اُهي سڀ وحدت جي شراب جي معنيٰ ۾ آهن، انگوري شراب بابت نہ آهن.

ساقي! ڏيج سُئي، سُرڪ صراحيءَ مان ڪڍي
پِڪ پيارج، پارکُو! محبت جي مِٺي
پيڻ سان پُٺي، سچل! ڏيان جئن پاڻ کي.

صوفيءَ جي مذهب ۾ خودي يا پاڻپڻو وڏو گناه آهي. بقول شاه:

نابودي نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو

نفس جي نابودي عشق بنا ممڪن نہ آهي. پوءِ اُهو عشق حقيقي هجي يا مجازي.

صورت سڀ انسان جي، آئي عشق اصل
خلق الله آدم علىٰ صورته، جُزو جهڙو ڪُل

الانسان سِري و آنا سِره، سچ سچا پيو سل
يول نہ ہٿي ڪنهن پُل، هِتي هُتي هڪ آتي

صوفين جي راءِ ۾ ”المجاز قنطرة الحقيقة“ يعني تہ مجاز حقيقت ڏانهن پُل آهي. (جنهن تي بيهڻو نہ آهي بلڪ پار پهچڻو آهي). مجازي عشق ۾ انسان خود کي وساري معشوق کي ياد ڪندو ٿو رهي. اِئين ڏيري ڏيري پاڻ پليو ٿو وڃي ۽ اُن جي بجاءِ دلبر اچيو سندس دل ۾ ديرو ڄمائي. نہ فقط ايترو پر جانيءَ جو جمال ۽ ٻيون خوبيون هُن تي ايڏو تہ اثر انداز ٿيون ٿين، جو جيڪڏهن اُنهن جي ڪا جهلڪ ڪنهن ٻئي ۾ ٿو ڏسي، تہ اُن جو بہ نيازمند بڻجو پوي. مطلب تہ هڪ جو عشق، هُن کي اِنسان ذات جو عاشق بڻايو ڇڏي:

ڏسو عشق جو انصاف، سڀئي مذهب ڪيائين معاف

صوفين جي خيال موجب بي آغاز ازل (آناد) ۾ ذات پاڪ پنهنجي تنهائيءَ ۽ وحدت ۾ پاڻ تي جلوو پئي ڪيو. جئن سونهن جو اصلي سڀاءُ ٿيندو آهي پاڻ پڌرو ڪرڻ، تيئن نرگڻ کي بہ پاڻ سڃاڻائڻ جي سَڌ ٿي. پر جيئن تہ جيستائين شيءِ کي صورت نہ آهي تيستائين ان جو تصور ۾ اچڻ محال آهي، تئن ذات پاڪ جو تصور جي دائري ۾ اچڻ محال هو ۽ ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ شيءِ جي ڄاڻ ان جي ضِد (ابتڙ) مان پوندي آهي. جئن روشني جي اونده مان . تيئن مطلق هستيءَ کي جا مطلق جمال ۽ مطلق خير پڻ آهي. پنهنجو ضد عدم وجود، عدم حسن ۽ عدم خير پيدا ڪرڻ ضروري ٿي پيو. نيستي، هستيءَ جي مقابل ٿي تہ نيستي تي هستيءَ جي ڇايا پيئي. اِنهيءَ ڇايا (مايا) ۾ هستيءَ ۽ نيستيءَ جون وصفون موجود آهن. هيءَ بي بقا عالم ۽ انسان انهيءَ مايا جو حصو

آهن:

سهسين رنگن ۾ سهڻو، بيرنگي ٻڻ آئيو

شرعي تصوف موجب ذات پاڪ مخلوق کان جدا، برتر ۽ ”خارجي شيءِ“ آهي، پر سچل جي وحدت جو فلسفو آهي تہ الله تعاليٰ ڪائنات جي سلسلي کان الڳ نہ آهي. جو ڪجهہ موجود آهي اُهو حق آهي. ڪائنات جا روپ نرالا ۽ نظارا حقيقت جا رنگا رنگ پهلو آهن. ڦوٽو، بوند، لهر جا روپ مختلف آهن، پر حيقت ۾ مڙيئي پاڻي آهن. موجودات ۾ الله جي ذات آهي ۽ جيڪي بہ ڏسجي ٿو اُهو اُن جي صفات آهي:

هُو الاول، هـوالاخر، هُوالـظـاهـر، هُوالـبـاطـن
هِتي هُو آ، هُتي هُو آ، سچل! چؤ تون ڪٿي آهين؟

•

ذات صفات هڪ ئي آهي، پولو نہ وجهين پولي
سوئي اندر، سوئي ٻاهر، سوئي تُنهنجي چولي
تو ۾، مون ۾، هُن ۾، هر جا سچ سچو ٿو ٻولي

انهيءَ لحاظ کان ذات پات، اوچ نيچ، طبقي فِرقي وغيره جو اِمتياز انسان جي دماغ جو خلل آهي:

پاڻ ڀُنهنجو پاڻهي، صورت منجهہ سڃاڻ
الله الله جو چوين، پـاڻ ئـي الله جاڻ
ناهي شڪ گمان، سچُو سائين هيڪڙو

وحدت الوجود جو فلسفو ميل ميلاپ ۽ ايڪتا جو فلسفو آهي. بقول مولانا رومي:

تو برائي وصل کردن آمدي   ني برائي فصل کردن آمدي

سچل سائين مُلا ۽ قاضي جو فريب هيئن چٽيو آهي:

مسجد دي وچ ڪاڻ ٹُڪر دي ڏيوَڻِ بانگ صلواتان
منهن چِبي، ڏاڙهي ڏنگي، خام پڑهن خلواتان
عالم ليڪي روزي رکدي، هِن ڪاوَڻ دِيان آفاتان
سچل! راه نہ اِها سچ دِي، بِرهہ واليان پيان باتان

بيدل فقير سچو کي ”عشق جو اوتار“ ڪوٺيو آهي. هڪ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
مست سالڪ شَه سچُو عاشق اُتي اظهار هو
برهہ جي برسات جو تنهن ويرَ تي وسڪار هو
ظاهر ۽ باطن تَنهِين وٽ درد جو ڏڏڪار هو
وجد وحدت جو سدا خاصو تنهين خمار هو
مرد سو منصور وانگر عشق جو اوتار هو

واقعي هُو سراپا سوز هئو. سندس ڪلام، پوءِ اُهو سنڌي هجي، فارسي هجي يا سرائڪي. درد، تڙپ، ڪيف ۽ مستي آهي. قال سراپا حال آهي. ڳائيندو هو ۽ طنبورو بہ وڄائيندو هو. چون ٿا تہ ساز ۽ آواز تي سندس مٿي جا وار اُڀا ٿي پوندا هئا ۽ اکين مان آب جاري ٿي ويندو هوس. وجد ۾ اچي ڪلام چوندو ويندو هئو جو مريد لکندا ويندا هئا. ڪڏهين لفظ پوريءَ طرح جَهٽي نہ سگهندا هئا يا غلط لکي ويندا هئا تہ بعد ۾ سائين کان پڇندا هئا. جواب ملندو هون تہ ”ابا، چوڻ واري چيو آهي، پاڻ کي تہ خبر ڪانهي“.

راڳ سان گڏ ناچ بہ وڻندو هوس. چون ٿا تہ هڪ لڳا خوني اسهال سببان ڪافي ڪمزور ٿي ويو. ڪنهن مشهور ناچڻيءَ کي گهرايو ويو. گِهنگهرن جي ڇم ڇم تي تہ فقير اُٿي کڙو ٿيو ۽ بيهي

نچڻ لڳو. عجب نہ بيماري هڪدم غائب ٿي ويئي.

سچل ذات پاڪ جي جلون ۾ گم ٿيو وڃي ۽ هن کي حق کان سواءِ ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي. انهيءَ جذب ۾ پاڻ وڃائڻ واري عالم ۾، "مان" ۽ "تون" جو فرق ميٽجو وڃي. سالڪ پنهنجي قلبي واردات ۾ محو ٿيو وڃي، يعني تہ ذات جي مشاهدي سان سرشار ٿيو وڃي ۽ پنهنجي پاڻ جو احساس بلڪل نہ رهيس:

تون ئي ٻڌندڙ، تون ئي ڏسندڙ، شاهد آه قرآن
ناهي شڪ گمان، سچو سائين هيڪڙو

•

پَسي پِت پُليوس، تا آئون آدمي آهيان
وچان جان وِيوس، ساڳيو سچو آهيان

مان انهيءَ ويچار جو آهيان تہ سچل "اناالحق" چئي خدا هجڻ جي دعويٰ نہ ڪئي. پر پنهنجي وجود کي "الحق" ڪوٺيو يعني تہ مان حق جو وجود آهيان. منهنجي اندر حق آهي. منهنجو وجود حقيقت آهي. وهم خواب يا خيال نہ آهي. هيءَ خدائي جي دعويٰ نہ، بلڪ خدا پرستيءَ جي هڪ ادا هئي. توحيد سچل جو ايمان هئي ۽ هن جو سر ٻئي ڪنهن اڳيان جهڪڻ وارو نہ هئو:

روز ازل استاد اسان نُون، هڪ سٽ پريت دي پاڙهي
سا وَت دل دي تختي اُتي، چاهہ ڪنوُن لِک چاڙهي
سچل! عشق ٻُڌا نہ ٿيوي، ڪيا جو چِٽي ڏاڙهي!

مٿين بيان مان اهو انومان نہ ڪڍڻ گهرجي تہ سچل مست هئو، ان ڪري منجهس نياز نہ هئو. جنهن جي دل ۾ درد ۽ پيار هجي اُهو ڪيئن تو نياز ۽ نمائيءَ جي واٽ وساري سگهي؟ جتي عروج آهي، اُتي نزول بہ آهي. ان لاءِ سندس ڪافي جو هيءُ ٿلهہ

ئي ڪافي آهي.

ننگڙا نمالي دا، جيوين تيوين پالٽا
گهونگٽ کولٽا، ٻهه ٻهه ٻولٽا

سرمست ٩
1989ع

● ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

سچل جي شاعري ۾ مختلف سنڌي لهجا

شاعر، اديب ۽ محقق ڪهڙي به ذات سان ڇو نه ڪٿي ڪنهن کي ڪيترا اختلاف هجن، پر شاعر، اديب ۽ محقق جو دشمن به اها ڳالهه ضرور مڃيندو ته انهن ذات ـ ڏٽين جو قلم؛ زبان، ثقافت ۽ تاريخ جو خادم ۽ محافظ هوندو آهي. شاعرن لاءِ اڪثر ڪري اهو چيو ويندو آهي ته اها نڪمڻا ۽ سودائي ٿين ٿا. ٿي سگهي ٿو ته ڪيترا شاعر ائين به هجن. پر انهن نڪمڻن ۽ سودائي شاعرن ڪان وٺي وينديء عظيم شاعرن تائين، سمورن جي شاعري ٻولي ۽ ثقافت جو آئينو ٿئي ٿي ۽ وقت ۽ حالتن جو پڙاڏو ٿئي ٿي. شاه، سچل ۽ سامي ۽ ٻين اهڙن چوٽيءَ جي شاعرن جي ته ڳالهه ئي وري نرالي آهي. اهڙن شاعرن جو لافاني ڪلام ۽ پيغام ٻوليءَ جو صحيفو ۽ ثقافت جو آئينو ٿيندو آهي.

سچل سائين جا سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي آهي، اهو پنهنجي مٿي هڪ وڏو ۽ اهم موضوع آهي. اسان کي هتي رڳو اهو ڏسڻو آهي ته هن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي زبان جي ڪيترن لهجن کي جاءِ ڏني آهي ۽ ڪهڙن لهجن جو اثر قبول ڪيو آهي. سچل سائين سنڌيءَ ڪان سواءِ اردو، فارسي ۽ سرائڪيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. ان ڪري خارجي طور تي سندس سنڌي انهن ٽنهي ٻولين کان به متاثر ٿي آهي ۽ انهن تي اثر انداز پڻ ٿي آهي. منهنجي خيال ۾ سچل جي سنڌي شاعريءَ ۾ محسوس ٿيندڙ سمورا لهجا سندس فن، مطالعي ۽ ماحول جا طابع آهن. آئون انهيءَ سلسلي ۾

ڪي وضاحتون پيش ڪرڻ گهران ٿو ۽ مثال ڏيڻ چاهيان ٿو.

سچل سرمست جو تعلق هڪ اهڙي خاندان ۽ اهڙيءَ درگاهه سان هو، جنهن جا سجاده نشين سڄي ڄمار "لوڙهائي بزرگ" ٿي رهيا ۽ ڪوشش ڪري ٻاهر پير نه ڏريائون. جيڪڏهن سچل سرمست به سجاده نشين مان هڪ هجي ها ته سندس شاعري معياري اترادي سنڌي لهجي تائين محدود هجي ها. پر سچل سائين خليفو هو، ان ڪري درازا ۾ لوڙهائي ٿي رهڻ واري مٿس پابندي ڪانه هئي. ان ڪري پاڻ پنهنجي سر درازن کان ٻاهر نڪري سنڌي ٻوليءَ جي ٻين لهجن وارين حدن ۾ وڃي ٿي سگهيو، انهيءَ ڪري ئي سندس ڪلام ۾ اسان کي هڪ کان وڌيڪ لهجا نظر اچن ٿا. "هڪ کان وڌيڪ لهجا" چوڻ مان منهنجي مراد هيءَ آهي ته سچل جي ڪلام ۾ سنڌي ٻوليءَ جا سمورا لهجا موجود ڪين آهن. اهي گهٽي ۾ گهٽ سرائڪي گاڏڙ، شڪارپوري، معياري اترادي ۽ لاڙي لهجن تائين محدود آهن. انهن محدود لهجن هئڻ جا به ڪي سبب آهن.

گهڻ لهجن هئڻ جو پهريون سبب هي آهي ته سچل سرمست جيڪڏهن "لوڙهائي بزرگ" نه هئو ته "سيلاني بزرگ" به ڪونه هو، هن جو سير سفر گهڻو ڪري خيرپور، سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن تائين محدود رهيو. ان ڪري ڪيس سرائڪي، گاڏڙ، شڪارپوري، ۽ معياري اترادي لهجن خواهه ننڍن لهجن تي مهارت حاصل رهي. باقي هن بزرگ لاڙي لهجي جو اثر ٻن طريقن سان قبول ڪيو، پهريون طريقو هئو لاڙ طرف کان ايندڙ سريلن ۽ معتقدن سان رابطو ۽ ٻيو طريقو هو لطيفي لات سان چاهه. بقول لطيف سچل سندس فن ۽ فڪر جو وارث هئو ۽ اها شاهدي اسان

ڪي ٻنهي شاعرن جي ڪلام جي تقابلي مطالعي مان ٻه ملي ٿي. سچل سرمست فن خواه فڪر جي لحاظ کان لطيف سائين جو اثر قبول ڪيو آهي. فن جي سلسلي ۾ ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي شاهدي ٿي سگهي ٿي ته جيئن ڏوهيڙن يا بيتن ۾ لاڪيڻي لطيف ٻئي ۽ ٽين تڪ ۾ هم قافيا الفاظ استعمال ڪيا آهن، تيئن سچل به سندس پيروي ڪئي آهي. حالانڪ ٻين شاعرن اڪثر ڪري پنهنجي دوهن جي ٻي ۽ چوٿين تڪ جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو استعمال ڪيو آهي. فڪر جي لحاظ کان ته ٻنهي شاعرن ۾ ڪٿي ڪٿي اهڙي مشابهت نظر اچي ٿي، جو ٻنهي شاعرن ساڳي ڳالهه چڻ ساڳين لفظن ۾ ڪئي آهي.

لطيف ٿو فرمائي: ”وڃين چو وٽڪار هت نه ڳولهين هوت ڪي“ ته سچل ٿو لات لنوي: ”ڳولهي لهج پاڻ مؤن، چو ٿو وڃين وٽڪار“

لطيف سائين پنهونءَ پڇاڻان پنيور ڪي باهه ڏيڻ جون ڳالهيون ڪري ٿو ته سچل سرمست وري ساڳي ڳالهه هئن ٿو ڪري ته:

”سچو“ پوءِ پرين ڪؤن، آهي پنيوران بس، ميان!

مطلب ته لطيفي فڪر ۽ فن جي اثر هيٺ لاڙي لهجو سچل جي سنڌي ڪلام ۾ وڏي جاءِ وٺي بيٺو آهي.

سچل جي ڪلام ۾ مختلف لهجا فن جي طابع به رهيا آهن. يعني ته فني لوازمات ڪٿي ڪٿي سچل کان مختلف لهجن ڪي ڪم آڻڻ جي به تقاضا پئي ڪئي آهي.

مثال طور ”بوند“ جو اترادي لهجي ۾ جمع ”بوندان“ ۽ لاڙي لهجي ۾ ”بوندون“ ٿيندو. ساڳي نموني سان اترادي لهجي

۾ "عيد" جو جمع "عيدان" ۽ لاڙي لهجي ۾ "عيدون" ٿيندو. هاڻي سچل سائين جي "وحدت نامو" جون هي ٻه مصرعون ملاحظه فرمايو. پهرين مصرع ۾ اُترادي لهجو ته ٻي مصرع ۾ لاڙي لهجو نظر اچي ٿو:

ان جي اکين آگم ستيا، بوندان بس نه ڪن،
آهه لقاءَ لطيف جو، عيدون عاشقن.

هن مصرع ۾ وري تجنيس حرفي جي تقاضا پوري ڪرڻ لاءِ "چل" لفظ استعمال ڪيو اٿس: جيڪو سنڌيءَ تي سرائڪيءَ جي اثر جي نشاندهي ڪري ٿو.

"پنيءَ چيچ نه چل، منجهه تماشي نه پوين،

هن مصرع ۾ وري "ڪؤن" ۽ "ڪان"، ساڳي معنيٰ وارو لفظ مختلف صورتن ۾ استعمال ڪيو اٿس:

"جي فڪر ڪؤن فارغ ٿيا، ٿيا دنيا ڪان دور

انهيءَ پس منظر کي پيش نظر رکي اچو ته سچل جي ڪلام جي مختلف لهجن جي جهلڪ ڏسون.

١- لاڙي لهجو:

سچل جي ڪلام ۾ لاڙي لهجو ٻن صورتن ۾ نظر اچي ٿو، پهرين صورت ۾ سچل سائين اهڙي نج لاڙي لهجي جا لفظ ڪم آندا آهن، جيڪي اڪثر ڪري اترادي يا ٻين غير لاڙي لهجن ۾ گهٽ استعمال ٿيندا آهن. جيئن "اُتو"، "نگيا"، "وسهڻ"، "ري" "اپٽڻ"، "سهس"، "اوڏڙو"، "اُڻاسي"، "مچڻ"، وغيره انهن لفظن مان ڪن جو استعمال سچل سائين ڪثرت سان ڪيو آهي.

جي ادب ڪان نڱئيا، سي ئي ٿيا الله،

جي مون وسهو جيڏيون، آئون آهيان آري.

•

عاشق اکيون اُپٽي ڏسين، آهي مڙيوئي يار ميان

•

اڇي اوتڙياءُ، گهڙيس گهوري جندڙي.

ٻئي صورت ۾ سچل سائين، صوتيات، صرف ۽ نحو جون ترڪيبون ۽ اصول اهي ئي رکيا آهن، جيڪي لاڙي لهجي ۾ موجود آهن. مثال طور:

(الف) گڏيل سٽاءَ وارين جري ترڪيبون:

شاه ڪريم کان وٺي شاه لطيف تائين ۽ ان کان پوءِ ڪيترن لاڙي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ گڏيل سٽاءَ وارين جري ترڪيبن تي ٻڌل لفظ ڪم آندا آهن. جيئن "ينيوران" يعني "ينيور کان" يا "ينيور مان" ۽ "لوڪان" يعني "لوڪ کان" سچل سائين جي ڪلام جي ڪيترن لفظن ۾ اهڙي قسم جون گڏيل سٽاءَ وارين جري ترڪيبون موجود آهن. جئن "توڙئون"، "اصلؤن"، "پرتئون" وغيره. سچل "پرتئون" جو لفظ هيئن ڪم آڻي:

"پنهنجي پر ۾ پاڻ ڪي، ٿا پرتئون پڇائن"

يا هيءُ ڏسو:

"سل سوداگر يار ڙي، ميان کهڙي ديسئون آئين"

(ب) سرن کي گهٽائڻ:

اها لاڙي لهجي جي خصوصيت آهي ته ان ۾ سرن کي گهٽائڻ جو عام رواج آهي. ان ڪري "اُهي" کي "اوءِ"،

"مٺاهن" کي "مٺائڻ"، "آهين" کي "آنءِ"، "تنهن کان" کي "تنهان"، "ڳالهہ" کي "ڳال"، "ڪالهہ" کي "ڪال"، چيو ويندو آهي. سچل سائين بہ لفظن جو استعمال اهين لاڙي صورت ۾ ڪيو آهي. مثال:

تنهان پوءِ همراهي، آهي هيءَ هدايت جي."
آءٌ ڪانگا ڪا ڪر ڳال پَريان سندي پار جي

(ت) ضمير:

اتر سنڌ ۾ "جهڙي، تهڙي" چيو ويندو آهي. مگر لاڙي لهجي ۾ انهن صفتي ضميرن کي "جيهي"، "تيهي" جي آوازن ۾ اچاريو ويندو آهي، سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ لاڙي لهجو ڪم آندو آهي.

"جيهي تيهي در دوستن جي، عاشق هئي اگهائي".

(ث) مضارع:

اترادي لهجي ۾ مضارع "ڪيان" کي لاڙي لهجي ۾ "ڪريان" ۽ مضارع "هجن" کي لاڙي ۾ "هئن" چيو ويندو آهي. سچل سائين پنهنجي ڪلام ۾ لاڙي لهجو ڪم آندو آهي:

"راتو ڏينهان ٿي ڪريان، زاريون منجهان زيل

اهڙي نموني سان "ظرف" ۽ "عدد" جي صورت ۾ بہ سچل جي ڪلام ۾ آندل سنڌي لاڙي لهجي جو اولڙو آهي.

٢- اترادي/سري لهجو:

پر جيئن تہ سچل سائين جو پنهنجو واسطو اتر سنڌ سان هئو، ان ڪري سندس سنڌي ڪلام تي انهيءَ لهجي جي ڇاپ نظر اچي ٿي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سچل سرمست جو ڪلام اترادي لهجن جي لغت ۽ لفظن جو ڀنڊار آهي. نہ رڳو ايترو

پر ٽلهي ليکي صرف ۽ نحو جي انهن ئي قاعدن جي پيروي ڪئي ويئي، جيڪي اترادي لهجي ۾ موجود ۽ مروج آهن. سچل پنهنجي ڪلام ۾ اترادي لهجي جي ڀرپور طريقي سان عڪاسي ڪئي آهي. سندس ڪلام ۾ شڪارپور واري سيڪ ۽ سوادي ٻوليءَ جو ساءُ ٻہ نظر اچي ٿو تہ غلط العام جي اصول جا تجربا ٻہ نظر اچن ٿا. اسم تصغير جو اڪثر استعمال ٻہ نظر اچي ٿو تہ سرن وڌائڻ جو سلسلو ٻہ نظر اچي ٿو.

●

سرمست . ۵
1985ع

انساني عظمت ۽ سچل سرمست

قومن جا عظيم ۽ ڏاها انسان بہ انهيءَ سماج ۾ جنم وٺندا آهن، جنهن ۾ هڪ عام انسان جنم وٺندو آهي. اهڙو سماج، جنهن ۾ انسان ذات جي جذبن حقن ۽ تشخص کي لتاڙيو ۽ چيپاٽيو ويندو آهي، اهو ڪنهن کي بہ پسند ڪو نہ هوندو آهي. هر ڪو انسان ظلم ۽ ڏاڍ کان نفرت ڪري ٿو. جنهن سان بہ ظلم ۽ جبر ٿيندو آهي، اهو انکان نجات جي راهہ بہ تلاش ڪندو آهي. پر ڇاڪاڻ تہ هر انسان جي ذهني سطح ايتري ڪونہ هوندي آهي، جيتري قوم جي ڪنهن داناءَ ۽ ڏاهي انسان جي هوندي آهي.ان ڪري هر ڏاهو انسان نہ رڳو عام انسان لاءِ، پر پوري قوم جي لاءِ نجات ۽ آزاديءَ جون راهون کوليندو آهي. اهوئي سبب آهي، جو قومون پنهنجي ڏاهن جي قولن کي قومي دستاويز سڏينديون آهن. اسان کي ائين چوڻ گهرجي تہ قومن جا ڏاها انسان، فطرت جي سوغات هوندا آهن. ڏٺو ويو آهي تہ هوڏانهن انسان ذات جي مونجهاري ۽ گهٽ جو وقت آيو نہ آهي، ۽ هيڏانهن مها پرش جو جنم ٿيو نہ آهي. تاريخ جي مطالعي مان لڳي ٿو، تہ اهڙن انسانن جي پنهنجي وقت سان ڪا ٿيت بدل رهي آهي، جو هر پرآشوب دور ۾ ڏاها انسان جنم وٺندا رهيا آهن.منصور حلاج، مخدوم بلاول، شاهہ عنايت شهيد، سرمد، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل

سرمست ان ڳالهہ جو ثبوت آهن. سچل سرمست جو جنهن دور ۾ جنم ٿيو، اهو سنڌ ۾ پر آشوب دور هيو. تاريخي اعتبار کان ڏٺو وڃي تہ سچل جي نوي سالن جي ڊگهي زندگي مذهبي ڪٽرپڻي واري دور ۾ گذري. سندس فڪر مان چٽي شاهدي ملي ٿي تہ سرمست جي سموري حياتي ملائيت جي عروج واري دور سان ٽڪر ۾ گذري.

ڪلهوڙا حاڪم پيري مريديءَ جي آڙ ۾ حڪومت ڪندا هئا. ۽ جڏهن ٽالپرن جو وارو آيو، تہ انهن بہ ملائٽي سگهہ مان فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ اهو وجهہ هئن بہ هٿان نہ ڇڏيو. اڪثر ڪري مذهبي ڏانوَ جون حڪومتون حقوق العباد کان وڌيڪ حقوق الله تي زور ڏينديون آهن.هو عوامي مسائل حل ڪرڻ جي بجاءِ مذهبي ريتن رسمن ۽ مناظرن تي زور ڏينديون آهن. جنهن ڪري عوام جي فلاح ۽ خوشحاليءَ جا موقعا معدوم ٿي ويندا آهن.اهڙيءَ طرح عوام جو وڏو طبقو مصيبتن ۽ صعوبتن کي "شڪرالحمدلله" چئي قبول ڪندو آهي.بدقسمتي تہ وري اها هوندي آهي، جو مُلو ۽ قاضي مذهبي حڪومتن جو ساٿياري هوندو آهي. ڏرين جي گڏيل سازشي منصوبن سان سيني جا جاوا هوندا آهن. يعني حاڪم جو جاه و جلال قائم هوندو آهي، تہ مُلي ۽ قاضيءَ جو وري سٺيو ٽڪر سندن دسترخوان تي هميشه تيار هوندو آهي.

سنڌ جي تاريخ جا سڀ ورق اها شاهدي ڏين ٿا، تہ مذهبي حڪومتن نہ رڳو عوامي سگهہ کي نيست و نابود ڪيو، پر ملڪ جي هڪ وڏي طبقي کي، جنهن جي هٿ ۾ ملڪ جي تجارت ۽ خوشحاليءَ جون چاٻيون هيون، هميشه ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان

حراسان ۽ خوفزده پئي رکيو آهي. جڏهن بہ ڪنهن لٽيري حاڪم پنهنجي جابرانہ حاڪميت کي مستحڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، يا پنهنجي خزاني کي ڀرڻ گهريو آهي، تہ هن مُلي ۽ قاضيءَ جو سهارو حاصل پئي ڪيو آهي. جنهن ڪري هن جي ساٿ سان تاجر طبقي کي زير ڪرڻ ۾ حاڪم کي ڪابہ ڏکيائي ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي آهي. سچل سرمست پنهنجي ڪلام جو وڏو حصو مُلا جي مخالفت ۾ انڪري ڪونہ پيش ڪيو، تہ ڪو ملن سان سرمست جو ڪنهن جاگير تي تنازعو هيو. پر هن ڏٺو تہ مُلو هر ناجائز ڪم ۾ حاڪم جو ساٿياري رهيو آهي. ۽ حاڪم جي ڪڌن ڪرتوتن کي پناهہ ڏيندو رهيو آهي. انڪري هن مهاپرش انسان پاڻ تي واجب سمجهيو تہ هو دين جي ٺيڪيدارن کي چِٽي ڏئي تہ:

قاضي، مين سچ آکان تينون، ڇوڙ مسائل مصلا،
آءُ پيون هڪ سرڪ مئي دي، مول نہ ٿيوين مُلا،
"سچل" جنهن حق حاصل ناهين، راهہ ڪنون او ڀُلا،

اها قطعي حقيقت آهي، تہ صحت مند ۽ سگهارو سماج تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو آهي، جڏهن انسانيت جي عزت ڪئي وڃي ۽ فرد جو احترام ڪيو وڃي. نفرت، تعصب، خودغرضي، لٽ مار ۽ عقوبتن واري ماحول ۾ نہ ملڪي خوشحالي ممڪن ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ئي وري ڪنهن انسان کي سماج جو ڪارگر فرد بڻائي سگهجي ٿو. انسان بہ ٻئي انسان جي عزت ۽ تڪريم تڏهن ڪندو آهي، جڏهن ڪيس بہ پنهنجي احترام جو يقين ملندو آهي. سچل سرمست هڪ عالم انسان هيو. هن پنهنجي ماحول ۾ جڏهن انسان کي ويڳاڻو، ملول ۽ لاچار ڏٺو تہ هن دانشور جي حساس دل

۽ ذهين دماغ کيس اهڙي ڪلام چوڻ تي مجبور ڪيو. جنهن ۾ انسان جي وقار ۽ عزت جو درياهه مؤجزن نظر ٿو اچي، سچل جي ڪافيءَ جي هيٺين بند تي ٿورو غور ڪيو. توهان کي يقين ان ڳالهه جو اعتراف ڪرڻو پوندو ته اهڙو مانُ ۽ عزت انسان ذات کي شايد ئي ڪو سياستدان ۽ ڪو ڏاهو ماڻهو ڏئي سگهندو.فرمائي ٿو:

چوڙ گمان گدائي والا، شملا چا بڌ شاهي دا،
مار نغارا وحدت والا، فڪر ڪرين پاتشاهي دا.

سچ پچ ته سياسي افراتفري، معاشرتي بدحالي، سماجي ناهمواري ۽ حاڪم جي ناعاقبت انديشي واري پاليسيءَ کي جيترو دانشور طبقو محسوس ڪندو آهي، اوترو ٻيو ڪو به نه ڪندو آهي.جنگي جنون، معاشي گهوٽالو ۽ عوامي پريشاني، جيڪا ڪلهوڙا ۽ ٽالپور دور ۾ ملڪ اندر ايري، اها تاريخ کان لڪل ڪانهي. ڪلهوڙا حاڪميت جي ناعاقبت انديش حاڪم ميان عبدالنبيءَ جڏهن ٽالپرن کي مات ڪرڻ لاءِ مدد خان پٺاڻ کي سنڌ ۾ مدد لاءِ گهرايو، ته ان جي اچڻ سان سنڌ اندر جيڪو ڪهرام ڪڙو ٿيو، اهو تاريخ ڪٿي ٿي وساري سگهي! ڪلهوڙا تاريخ جو مصنف لکي ٿو ته: ”هندستان جي مختلف حصن ۾ وقت بوقت ڏڪار پوندا رهيا، ليڪن سنڌ کي فقط ان زماني ۾ ڏڪار سان واسطو پيو، جڏهن مدد خان پٺاڻ فوج وٺي عبدالنبيءَ جي مدد لاءِ آيو. هن چؤ طرف باهه جو طوفان ڪڙو ڪري ڇڏيو. نه ڪنهن جو سرسلامت هو، ۽ نه ڪنهن جي عزت ۽ آبرو. ڳوٺن ۽ فصلن کي ناس ڪيو ويو.جتان به هي وحشي گذريو، خون جي راند ڪيڏندو ويو.“ سوال آهي ته ڇا سچل جهڙي داناءَ انسان انهيءَ خوني

طوفان ۾ جلندڙ انسانن جون آهون ڪونه ٻڌيون هونديون؟ سچ ته سچل جي ڪلام جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته هن سمورو ڪلام، اهڙين تباهه ڪارين ۾ پيڙيل انسان جي عزت ۽ وقار کي وري اجاگر ڪرڻ لاءِ چيو آهي. خوف ۽ هراس جي ڪري جيڪو عام انسان جو ذهن غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي چڪو هو، سچل جو ڪلام ان لاءَ نجات آهي.

حيرت جي ڳالهه آهي، ته انسان جي عزت ۽ وقار جي وڌائڻ واري ڳالهه ته مٿس ڪفر جون فتوائون به ڏنيون. پر هن مرد مجاهد ان جو ڪوبه خيال نه ڪيو. سرمست کي انسان لاءِ ايتري ته عزت آهي، جو هو نه رڳو انسان کي انسان جو ٻانهو ڏسڻ قبول نٿو ڪري، پر انسان جو خدا سان تعلق به غلاميءَ وارو روا نٿو چوي، انهيءَ ئي سوچ شايد کيس "اناالحق" جي نعري هڻڻ تي هرڪايو هجي! فرمايائين:

"آپ سڄاڻ، "اناالحق" آکين، ماڻين عشق الاهي دا."

يا چيائين

احد احمد هڪڙو، آهي پاڻ الله،
ساڳيو اتو پاڻ سو، چئو جو ارواح،
سچو سچيءَ ڳالهه ۾، ڪهڙو ڪيم گناهه.

مطلب ته سنڌ ۾ جيڪي وهيو واپريو، سچل سرمست پنهنجي حياتيءَ ۾ اکين ڏٺو ۽ انهن برائين جي خلاف جهاد به ڪيو.انسان جي عزت نفس کي پيڙڻ مان جيڪي نتيجا نڪري سگهن ٿا،سچل انهن تي ٻيليءَ ٻت غور ڪيو ٿو ڏسجي. اهوئي سبب آهي، جو هن پنهنجي ڪلام جو چڱو حصو ماندي ۽ ملول انسان کي مٿي اڀارڻ لاءِ چيو آهي، هو ڏاڍو ڏاهو انسان هو.

انسانيت جو خيرخواهہ هو. هو جو ڪجهہ پنهنجي ڪلام ۾ چئي ويو آهي، اهو اسان لاءِ هدايت آهي. اسان جو فرض آهي، تہ انهيءَ آفاقي ڪلام تي سوچي، زندگيءَ جي ڪا راهہ متعين ڪيون.

سرمست ـ ١٥
1995ع

● آغا سليم

سچل سرمست ۽ سماع

وچولو قد، ڏوتل رنگ، وڏيون ۽ سهڻيون اکيون، ڳورا ڇپر، ڊگها وار، اڇو اجرو ويس، مٿي تي سائي ٽوپي جنهن کي درويشن جي ٻوليءَ ۾ تاج چوندا آهن. پيرن ۾ سنڌي جتي ۽ هٿ ۾ لٺ! سارو ڏينهن عبادت ۽ ورد وظيفي ۾ مصروف رهندو هو. پر جڏهين دهل تي ڏڪ لڳندو هو، سارنگيءَ جا سر سڏ ڪندا هئا ته پاڻ بيتاب ٿي ويندو هو، نيڻ ٿهه ٿهه ڪري ٽمندا هئس. ڪڏهين ته بيتابيءَ مان پڙڪو ڏيئي اٿندو هو ۽ يڪتارو ڪڇي وچ ميدان ۾ نچندو ۽ ڳائيندو هو.

جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مست و مست مدام

اها سچ جي سرمستي ۽ سرمستيءَ وارو سچ هو جنهن سچل سرمست جي صورت اختيار ڪئي هئي. ان ڪي سرمستيءَ واري ڪيفيت چوندا آهن. راڳ ٻڌڻ سان دل ۾ جيڪا ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي ۽ جنهن جي ڪري عضون ۾ چرپر ٿيندي آهي ان ڪيفيت کي وجد سڏيو ويندو آهي. ان وجد واري رقص جي باري ۾ امام غزاليءَ چيو آهي ته: وجد ۾ جيڪڏهين عضون جي چرپر ابتي سبتي هجي ته ان کي اضطراب چئبو آهي ۽ جيڪڏهين موزون هجي ته انکي رقص چئبو آهي. حضرت داتا گنج بخش ان رقص کي اهڙو حال چيو آهي جنهن کي زبان سان بيان ڪري نٿو سگهجي، اها ته نسوري جان گدازي آهي.

وجد واري حالت ۾ ڪيل ناچ کي صوفين انساني عضون جي گفتگو ۾ سڏيو آهي. هيءَ اها ڪيفيت آهي، جڏهين زبان اظهار

ڪان عاجز ٿي ويندي آهي ۽ انسان جو هر هڪ سنڌ زبان بڻجي مستي ۽ سرشاري واري ٻوليءَ ۾ گفتگو ڪندو آهي. ان مستي ۽ سرشاريءَ ۾ صوفي ساري ڪائنات کي قدمن ۾ لتاڙي، ستين آسمان تي پير رکندو آهي. وقت ۽ فاصلي جا سڀ ويڇا مٽجي ويندا آهن. ۽ صوفي هيڪڙائيءَ سان هڪ ٿي ويندو آهي. هڪ دفعي حضرت نظام الدين اوليا وجد جي حالت ۾ نچڻ لڳو. ان محفل ۾ حضرت رڪن عالم بہ موجود هو. هن حضرت نظام الدين جي دامن کي جهليو ۽ ڇڪي ويهاري ڇڏيائينس. ٻيو دفعو وري حضرت نظام الدين اٿي نچڻ لڳو. حضرت رڪن عالم وري کيس ويهاري ڇڏيو. ٽيون دفعو جڏهن حضرت نظام الدين اٿي نچڻ لڳو تہ هن پيري هن کي دامن ڇڪي ويهارڻ جي بدران حضرت رڪن عالم نفل پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويو. نفل پڙهي جڏهن واندو ٿيو، تڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ڪانئس پڇيو تہ: پهريون ٻہ دفعا جڏهن حضرت نظام الدين رقص لاءِ اٿيو تہ اوهان کيس ويهاري ڇڏيو، پر ٽيون دفعو جڏهن پاڻ رقص لاءِ اٿيا تہ اوهان نفل پڙهڻ شروع ڪري ڏنا. انجو سبب ڇا هيو؟ حضرت رڪن عالم جواب ڏنو تہ: پهريون دفعو جڏهن حضرت نظام الدين اٿيو ۽ رقص لاءِ پير کنيائين تہ سندس پير پهرين آسمان تي پيو. مون هنجي دامن کي ڇڪي کيس ويهاري ڇڏيو. ٻيو دفعو جڏهن اٿيو تہ سندس پير ستين آسمان تي پيو. منهنجو هٿ ستين آسمان تائين پڇي تي سگهيو ۽ مون هٿ وڌائي، سندس دامن کي جهلي، کيس ويهاري ڇڏيو پر جڏهن ٽيون دفعو هو رقص لاءِ اٿيو تہ هو ساري ڪائنات ۾ مونکي ڪٿي بہ نظر نہ آيو ۽ مان نفل پڙهڻ لڳس.

صوفي هميشہ تمثيلي ۽ علامتي انداز ۾ گفتگو ڪندا آهن.

حضرت رڪن عالم جو جواب بہ تمثيلي ۽ علامتي هو تہ پهرين دفعي حضرت نظام الدين اولياءَ کي پهرين آسمان واريون روحاني بلنديون حاصل هيون. ٻيو دفعو ڪيس ستين آسمان واريون بلنديون حاصل ٿيون هيون ۽ ٽيون دفعو سندس هستي ميٽجي هيڪڙائيءَ سان اهڙي هڪ ٿي وئي هئي، جو هو مون کي ڪٿي بہ نظر نہ آيو.

زاهدن ۽ صوفين ۾ سماع هميشہ اختلافي مسئلو رهيو آهي. زاهدن سماع کي حرام سڏيو آهي. جڏهين تہ صوفين سماع کي عبادت ۽ خدا سان ملاقات جو سڌو سنئون وسيلو سمجهيو آهي. هڪڙي ڏينهن امام رازيءَ تلاوت ٿي ڪئي تہ هڪڙو قوال وٽس آيو. امام رازيءَ پڇيس تہ: تو کي ڪو قول ياد آهي؟ قوال چيو: ها سائين، ياد آهي. امام چيس تہ چڱو مونکي ڳائي ٻڌاءِ. قوال قول ڳائي ٻڌايو ان قول جو مطلب هو تہ: ”مان ڏسان پيو تہ تون مونسان لاڳاپا ڇنڻ جو لڳاتار بنياد وجهي رهيو آهين. جي تون سمجهہ وارو هجين ها تہ ان بنياد کي ڊاهي ڇڏين ها.“ قوال جو قول ٻڌي امام رازيءَ جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ قوال کي چيائين تہ نماز جي وقت کان مون قرآن جي تلاوت ٿي ڪئي پر تلاوت ڪندي منهنجي اک مان هڪ لڙڪ بہ نہ لڙيو، پر تنهنجو قول ٻڌي مون لاءِ قيامت برپا ٿي وئي.

قرآن مجيد کي خدا سان ملاقات جو وسيلو چيو ويندو آهي ۽ ڪڏهين ڪڏهين صوفيءَ جو تنبورو بہ وسيلو ٿي پوندو آهي. انڪري ئي بابا بلهي شاهہ چيو آهي تہ:

ويچ قرآن تنبور ڳڌوسي، ڪيا راز تنبور ڏکايا
الا الله دي پردي وچون. ساکون ميم محمد، نظر آيا.

چئي ٿو سگهجي تہ اسلامي تصوف ۾ سماع جي روايت ڪڏهين کان پئي. عربي ٻوليءَ ۾ هڪڙو قول آهي تہ جيڪڏهين تون شعر چوندو آهين تہ شعر کي هميشہ غنا سان پڙهندو ڪر، ڇاڪاڻ تہ غنا شعر لاءِ جولان گاهہ آهي. حضور جن جو فرمان آهي تہ قرآن مجيد کي پنهنجي آوازن سان سينگاريندا ڪيو ڇاڪاڻ تہ سٺي آواز سان قرآن جي خوبي وڌندي آهي. حضور جن جو ٻيو فرمان آهي تہ هر شيءِ جو زيور هوندو آهي. قرآن جو زيور مٺو آواز آهي. حضور جن جو هي بہ فرمان آهي تہ: خدا ڪنهن بہ شيءِ کي ايڏي ڌيان سان نہ ٻڌندو آهي. جيترو قرآن کي ٻڌندو آهي، جڏهين ڪو قرآن کي مٺڙي آواز سان پڙهندو هجي.

ٿي سگهي ٿو تہ شروع شروع ۾ صوفين جي محفلن ۾ روحاني معنائن وارا قول ڳايا ويا هجن ۽ پوءِ اڳتي هلي ان سماع جي روايت جي صورت اختيار ڪئي هجي. ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ ايران جو مشهور صوفي شاعر ابو سعيد ابوالخير (وفات ۴۴۰هہ) پهريون صوفي هو، جنهن تصوف ۾ وحدت الوجود جي فلسفي سان گڏ سماع جي روايت بہ وڌي ۽ مولانا رومي عارفاڻي ڪلام سان گڏ رقص کي شامل ڪيو. امام غزالي جي دور ۾ شايد سماع ۾ ساز بہ شامل ٿي ويا هئا، ڇاڪاڻ تہ امام غزالي سماع ۾ سازن جي استعمال جي باري ۾ بحث ڪندي ڪن سازن کي مباح ۽ ڪن کي حرام سڏيو آهي.

هن ننڍي کنڊ ۾ حضرت خواجہ اجميريءَ لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن سماع جو رواج وڌو. حضرت بهاؤالدين زڪريا جي باري ۾ "معدن الموسيقي" جي مصنف لکيو آهي تہ: ڪين موسيقيءَ جو پورو علم هو ۽ هو ڪامل موسيقي دان ۽ موسيقي جا رهنما هئا.

مخدوم صاحب، ڏناسري ۽ ملتاني راڳڻين جي ميلاپ سان ملتاني ڏناسري راڳڻي ايجاد ڪئي. سنڌ ۾ بہ شايد چشتيہ ۽ سهروورديہ سلسلن سان گڏ سماع جو سلسلو شروع ٿيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحبَ جي تحقيق موجب انهن سلسن کان اڳ سنڌ ۾ اويسي طريقي جي سماع جو رواج هو. مولودن جي محفلن مان اندازو لڳائجي ٿو تہ سنڌ ۾ سماع جي روايت تمام پراڻي آهي. سنڌ ۾ مختلف درگاهن تي جيڪو سماع يا راڳ ٿئي ٿو، تنهن مان خبر پوي ٿي تہ سنڌ ۾ سماع ۽ ذڪر جي روايت پاڻ ۾ ملي سماع جي هڪ نئين روايت کي جنم ڏنو آهي ۽ ذڪر جي روايت نہ رڳو سماع کي، پر سنڌي راڳ کي بہ متاثر ڪيو ۽ سنڌي ڪافي ڳائڻ ۾ بہ الا، الو ۽ الوميان جا الاپ شروع ٿيا، جيڪي ذڪر جي روايت جي نشان دهي ڪن ٿا. ڪن صوفين تہ سماع جي راڳ کي بہ ذڪر سڏيو ۽ "ذڪري" راڳ ۽ شاعريءَ جي هڪڙي صنف بڻجي وئي.

شاهہ ڪريم جي زندگيءَ جي احوال مان بہ خبر پوي ٿي تہ سندس دور ۾ سماع جو رواج عام هو ۽ شاهہ ڪريم سماع جو شوقين هو. شاهہ عنايت پنهنجي ڪلام کي راڳن ۾ ترتيب ڏيڻ جي روايت جي شروعات ڪئي. شاهہ لطيف جو سارو رسالو ڪلاسيڪي راڳن ۽ مقامي ڌنن ۾ ورهايل آهي. سچل سائينءَ بہ پنهنجي ڪلام لاءِ ڪي راڳ ۽ سر مقرر ڪيا آهن. اها ڳالهہ مڃڻي پوندي تہ سندن ڪلام سماع جي روايت جو ڪلام آهي ۽ ڳائجڻ لاءِ لکيو ويو آهي، پر افسوس آهي جو اڄ تائين اسانجي صوفي شاعرن جي ڪلامن تي تہ محققن وڏو ڪم ڪيو آهي پر سندن ڪلام جي موسيقي واري رخ تي ايڏو ڪم نہ ڪيو آهي. اسانکي

گهرجي تہ اسين سنڌي موسيقيءَ تي بہ ڌيان ڏيون. ۽ انومانن ۽ اندازن ۽ ڏڪن جي بدران Documentation ڪريون. سچل جا فقير جنهن انداز سان سچل جو ڪلام ڳائن ٿا، انجي ريڪارڊنگ ڪري انکي آرڪائيوز ۾ محفوظ ڪيو وڃي. انهن ڳائڻن جي راڳن جي نوٽيشن ڪئي وڃي. ۽ ڏٺو وڃي تہ راڳ ڳائڻ مهل هو ان راڳ جي اصولن کي قائم رکن ٿا يا نہ، جي نٿا رکن ۽ ان راڳ مان ٿوري ڦير گهير آڻي ٿا ڳائن تہ اهو سبب سنڌي راڳ کان بي خبري آهي يا ان راڳ ۾ نواڻ ۽ انفراديت پيدا ڪرڻ جي شعوري ۽ علمي ڪوشش. جي انجو سبب سنڌي بي سمجهي آهي تہ هنن کي انهن راڳن جي باقاعدي سکيا ڏني وڃي ۽ ائين پنهنجي ثقافتي ورثي جو تحفظ ڪيو وڃي.

سرمست . ١١

٢٠٠١ع

سچل سائين جي ڪلام جون ڪجهہ خوبيون

جيتوڻيڪ سنڌ جي تاريخ تي اجا ايترو ڌيان ۽ گيان سان ڪم نہ ٿيو آهي. جو ڪجهہ حاڪمن جي شجرن، ڪجهہ ولين جي ڪرامتن، ڪجهہ وقت جي چنبي ۾ اچي سڻجي پڙپانگ ٿيل شهرن جي نالن تجويز ڪرڻ کان ٿيي سنڌ ۾ گذريل پنجن هزارن سالن ۾ ٿيل فڪري ارتقا ۽ تبديلين جي سلسلن متعلق ڪا اهڙي خاطر خواهہ تحقيق ڪانہ ٿي آهي جو ڪا ڳالهہ اکيون پوري ۽ پير ڪوڙي چئي سگهجي. پر ان هوندي بہ ٿوري حد تائين گذريل صديءَ جي پوئين اڌ ۽ هن صديءَ جي پهرين اڌ ۾ انگريز خفتي محققن جي ڪيل ڪم، ڪجهہ هڪ اڌ اسان جي پنهنجي محنتي
محققن جي ڪيل ڪم، ڪجهہ هڪ اڌ اسان جي پنهنجي محنتي
تاريخدانن جي ماضي قريب جي تاريخ تي ڪيل سڌي سادي ڇنڊ ڇاڻ ۾ وڏيءَ حد تائين گذريل ڪجهہ سؤ سالن جي پراڻن شاعرن جي بچي ويل ڪلام ۽ موجوده دور جي عام سنڌي پوڙهي ماڻهوءَ جي فلسفيانہ رويي ۽ ٿڌن ساهن مان اهو ضرور معلوم ٿئي ٿو تہ هتي گذريل پنجن هزارن سالن ۾ ٻين علائقن جي بنسبت وڌيڪ فڪري اُٿل پٿل رهي آهي. هتي وڏا وڏا ڪن پٽ ڪاپڙي ٿي گذريا آهن، جن سوچ جي زهر جا مٽ پيتا آهن، جن علم جو آسمان پنهنجين ڇاتين تي لاٿو آهي، جن جي اکين ۾ اُپ جا تارا اٿين ٽمڪيا آهن، جيئن پوئين پهرن ۾ پتين جي ڳڙڪن ۾ ڏيئا ٽمڪندا آهن. هن علائقي ٻاهرين عالمن، فاضلن، صوفين ۽ شاعرن

ڪي ائين چڪيو آهي، جيئن سياري جي مند ۾ ڪونجون چڪجي اچي هتان نڪرنديون آهن. وڏن وڏن بزرگن جون مزارون وڪ وڪ تي پرديسين جا مقام انهيءَ جا شاهد آهن. هتي مون ڪي جڳ مشهور ڊاڪيومينٽري فلمن "چولستان" ۽ "صبح لاهور" جي فقير منش خالق شيرين پاشا جي چيل ڳالهه ياد ٿي اچي ته "سنڌو ماٿر جي ماڻهوءَ جي نبضن ۾ رت جي جاءِ Pathos ٿي ڊوڙندو آهي. ۽ سندس هٿ جي ليڪن ۽ قسمت جي بدران فن ۽ فڪر جي تاريخ لکيل آهي." ڪي ائين به چون ٿا ته سڄيءَ دنيا کي رئي ڪري ڇڏيندڙ سڪندر بادشاه جي ڪنوڻ تجليون گهوڙن جي گوڏن ۾ ڦريون پيرو جن ماڻهن رسا وڌا، اهي ماڻهو لڪي شاه صدر جي جبلن جي چوٽين تي ويٺل دانشور ٿي هئا. مطلب ته جيئن اينٽرا پالاجي جي نقطه نگاهه کان سنڌو ماٿر مختلف نسلن جو ڇوڙ رهي آهي، تيئن فن ۽ فڪر جي درياءَ جو ڇوڙ به هتي ٿي ٿيو آهي.

فڪر ۽ فن جي انهيءَ گهري، ڦهليل، رخ مٽائيندڙ درياءَ جي غوغاءَ ۾ جيڪي وڏيون ڀوڙان ڀوڙ لهرون اٿيون آهن. انهن لهرن مان هڪ لهر "سچل سرمست" به آهي. بلڪ ائين ڪٽي ڇئجي ته سچل سائينءَ جي فن ۽ فڪر ۾ گذريل تجربن جو تت به شامل آهي. اها خوشقسمتي رڳو سچل سائينءَ جي نه آهي، جنهن اڳ ۾ آيل مسافرن جا پيرا ڏٺا، پر اڳ ۾ آيل مسافرن جي به آهي جن جو فن ۽ فڪر سچل سائينءَ جي معرفت اڄ به گهريءَ نظر سان ڏسجي ته ڏسڻ ۾ اچي ٿو:

اهوئي ڪارڻ آهي جو مختلف انساني ڪيفتون سچل سائين جي فن ۾ ڏجا ڏينديون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سندس ڪلام ۾ هڪڙي پاسي محبوب جي اک جي گهور جهڙي گهرائي ڏسڻ ۾

اچي ٿي. ٻئي پاسي جهوليءَ جي ٿڌي ساهه يا ماءُ جي دل واري وسعت ته ٽئي پاسي ٻار جي مرڪ جهڙي سادگي، چوٿين پاسي سندس ڪلام ۾ اٿين مستي ٿي نظر اچي، جڻ سندس وارن ۾ وڏا وڏا ٻڙ ڦاٿل هجن ۽ سر جي سڏاپي ڏوڻجي رهيا هجن. پنجين پاسي اٿين ته Pathos ملي ٿو جو تر ۾ ايندڙ سڙيا ڏڪار ياد اچيو وڃن.

هر وڏو شاعر پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ پنهنجا هٿيار پنوهار ڪٽي پڙهڻ يا ٻڌڻ واري جي دل ۽ دماغ تي حملو ڪندو آهي ۽ پنهنجي انفراديت سان پاڻ ڪي مڃائيندو آهي. ادب ۽ شاعريءَ ۾ ڪي وقت اهڙا ايندا آهن، جن ۾ رڻ ڪي ويجهن ڏائڻ پوئن واري سڄ لڳي پئي هوندي آهي. جتي ڏينهن جو ننڍا ننڍا پتر ٻه وڏيون شيون تي ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن ۽ رات جو گدڙ اونائيندا آهن. اهڙي سڃي، ويران ۽ غير تخليقي ادبي وقت ۾ ڪو خوبصورت تخليقي آواز اُڀرندو آهي ته ان جي سڃاڻپ سولي ٿي ويندي آهي ۽ تخليق ڪار پنهنجو پاڻ ڪي ڏاڍيءَ سولائي سان مڃائي ويندو آهي. پر ادب جي دنيا ۾ ڪي ڪي وقت اهڙا ٻه ايندا آهن، جڏهن هڪ ٻئي پويان تخليقي جن جنم وٺندا آهن ۽ ادب جي زمين ڪي اک چنبي ۾ سائو ڪري ڇڏيندا آهن. سچل سائين جنهن زماني ۾ اُڀريو، اهو زمانو ۽ ان کان ٿورو اڳ وارو زمانو اهڙو هو، جڏهين نه رڳو سنڌ پر تهذيبي سطح تي سنڌ سان لاڳاپيل پنجاب ۾ سنڌي، سرائڪي، پنجابي زبانن ۾ اعليٰ تخليقي شاعريءَ جي پلٽان پلٽ ٿي هئي ۽ هن علائقي ۾ وڏا شاعر پيدا ٿيا. انهن شاعرن جا نالا سندن ڪلام ايترو ڳجهو نه رهيو آهي. شاعري پڙهندڙ عام ماڻهوءَ ڪي ٻه خبر آهي ته اهو وقت ادب ۾ ڪنوڻ جي

تجلين جو، وقت هو. ايترن وڏن نالن ۾ ايڏي وڏي پيماني تي تصوف جي آڌار تي ٽيل تخليقي پلٽان پلٽ ۾ انهي مقابلي جي شاعري تخليق ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن ادبي جبلن ۾ سڃاپو ڪرائي بيهارڻ جهڙي ٿهڙي ڳالهه نه هئي. مجوتيءَ جي ڏس ۾ اهو ڏکئي ۾ ڏکيو وقت هو جنهن ۾ سچل سائينءَ پنهنجين پورين تخليقي صلاحيتن سان،پنهنجيءَ سرمستيءَ سان، پنهنجي تاريخي تسلسل جي شعور سان، پنهنجي ردم واري ڪيفيت سان، بانس جي انهيءَ ٻوٽيءَ وانگر ايريو آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ننڍي ڪنڊ جي ڪڇه جهنگلن ۾ اهڙو بانس جو ٻوٽو ٻه ٽيندو آهي، جيڪو رات جي پيٽ ۾ ايڏيءَ ته تيزيءَ ۽ ٽڪائيءَ سان اوڙ ڪائيندو آهي، جو جيڪڏهين هن ٻوٽي اپرڻ واري جاءِ تي ڪو ماڻهو ستل هوندو آهي ته ان جي پٺن ڇاتيءَ مان چڙهي ويندو آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي ته سچل جي ڪلام جي وڏائي ۽ آفاقيت جو ان کان ٻيو وڏو ثبوت ڪهڙو هوندو، جو هن ادب جي خيال کان ڀرپور وقت ۾ اهڙي شاعري ڪئي، جو سندس نالو انهن وڏن شاعرن ۾ اچي ويو. ۽ اڄ به جيئن ان دور يا ان کان ٿورو اڳ جي ٻين شاعرن جو ڪلام اهم آهي، تيئن سچل جو به آهي.

سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ اهي خوبيون ڪهڙيون آهن جن سندس شاعريءَ کي اها عظمت ۽ مقبوليت بخشي آهي. انهن سڀني خوبين جي اپٽار، ڪي سنڌي ادب جا ماهر نقاد ۽ شاعر ئي ڪري سگهن ٿا ۽ هن محفل ۾ به وڏا وڏا پارکو ۽ ڄاڻو وينا آهن. اهي انهيءَ ڳالهه کي سمجهن ٿا. آئون ته پنهنجي ننڍڙي ۽ معمولي ذهن آهر ٻن ٽن خوبين جو ذڪر ڪندس.

• سچل جي ڪلام جون وڏي ۾ وڏيون خوبيون آهن، سچائي، سادگي ۽ چٽائي. سچل سائين جڏهين ڳالهه ڪري ٿو، تڏهن هو ڳالهه ۾ نه اجايو وٽ وجهي ٿو ۽ نه اهڙا اکر استعمال ڪري ٿو جو ماڻهو ڊڪشنريءَ سان پنهنجو متو هڻي. نه سندس ڪلام ۾ ايترو ابهام آهي، جيڪو شعر کي ڳجهارت بنائي ڇڏي. سندس ڳالهه صاف، چٽي ۽ گز ڪمان وانگر سڌي هوندي آهي. ۽ سڌي ڇاتيءَ ۾ اچي لڳندي آهي. سچل سائينءَ کي ڳالهه ڪندي نه ڊپ ڊاءُ آهي، نه اهو خيال اٿس ته ڪير ڇا ٿو چوي. چوڻ وارا ڀلي پيا چون، جيڪي چوٽو هجين سو پيا چون، اسان کي ڳالهه سڌي ڪرڻي آهي. شاعريءَ ۾ اظهار جي انهيءَ رخ سان نيائڻ رت جا ڏڪ پيئڻ جي برابر آهي بيشڪ سچل سائين پنهنجي رت جا ڏڪ ڀريا آهن ۽ پوءِ به نوي سال عمر ماتائين. سندس جيئڻ جي انهيءَ انداز کي ڇا چئجي! چئجي ته چٽي ڪٽي بس ڪجي. ڳالهه ٻوڙڪان چڙهيل آهي. شاعر جڏهن به ذهني تحفظات، عام جي ڊج ڊاءِ، پنهنجي علم جو رعب جمائڻ، سامهينءَ ڌر کي ڦيريون ڏيارڻ جي چڪر ۾ ايندو آهي، ته سندس شاعري ڪرنڊڙ پت جي سرن هيٺان اچي دبجي ويندي آهي. بلڪ ڪن حالتن ۾ مري به ويندي آهي ۽ سچل سائين انهن Com-plexes کان آجو هو، هٺ پير، دل دماغ صاف هوس. عشق جي سڌي چوٽ آيل هئس، عام سماجي زندگيءَ، انساني ذهن توڙي جسم جي چڱاين مٺاين جو بخوبي احساس هوس. ننڍين ننڍين ڳالهين کي گهاگهر ۾ وٺي وڃڻ جي بدران ان جي تجلن جهٽڻ واري اک ڏاربندو هو. نڪ کي ڪنڌ جي پويان ٻانهن ڦيري جهلڻ سندس دين ڌرم ۾ناجائز ڳالهه هئي.

سندس ڪلام جو ٻيو وڏو عنصر آهي، تک، مستي ۽ حملو. اهو عنصر سندس سرائڪي شاعريءَ ۾ نسبتن وڌيڪ ملي ٿو. اکر اکر ۾، خيال خيال ۾ ائين جڙيل آهي جو رنگ کي رنگن کان ڌار ڪرڻ به مشڪل آهي. اکر ۽ خيال ائين هڪ ٻئي پويان سڌ ۾ جوڙن ٿا. سندس محبوب جون اکيون ائين حملا آور ٿين ٿيون جيئن منگولن جا گهوڙا يا درياءَ جي ڪپر تي بيٺل وڏي وڻ جي چوٽيءَ تان پڙڪو ڪائي اڏندڙ باز سندس شعر به انهيءَ ساڳيءَ رفتار ۽ ڏهڪاءَ سان پڙهندڙ جي ذهن تي حملو ڪري ٿو. جيئن شڪار پرزا پرزا ٿئي ٿو تيئن پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ به پرزا پرزا ٿيو وڃي. سندس سرمستي جنهن به رخ ۾ وڃي ٿي ته سڌ وٺي وڃي ٿي ۽ اک هڪڙي هنڌ اٽس. آسپاس ڪيڏا به طوفان ٻوڙندا هجن، انهن کي سچل سائين جي سرمستيءَ کان ڪو وڏو طوفان آئي ئي ڪونه.

سچل سائينءَ لاءِ آخر ۾ ائين چوڻ بهتر رهندو ته سچل سائين سنڌ جو شهباز شاعر آهي، ائين جيئن سندس محبوب جون اکيون.

•

سرمست ـ ٣
1983ع

● سيد خضر نوشاهي

آشڪار ۽ عطار جي ڪلام جو تقابلي مطالعو

سنڌ پيار محبت، خلوص ۽ درد و سوز جي سر زمين آهي. هن خوش نصيب سرزمين کي نئين ڪنڊ ۾ "باب الاسلام" هجڻ جو شرف حاصل آهي. هن پوميءَ وڏن وڏن نامور انسانن کي جنم ڏنو اهي. اڄ اسين جنهن اهم شخصيت جي باري ۾ گفتگو ڪري رهيا آهيون اهو هن خطي جو هڪ منفرد ۽ ممتاز شخصيت جو مالڪ آهي. فارسيءَ جي حوالي سان جيڪڏهن سنڌ جي شاعرن جو مطالعو ڪيو وڃي ته پوءِ ابن عربي، منصور حلاج ۽ شيخ عطار نيشاپوري جي فلسفه ۽ فڪر کي پنهنجي سخن جو موضوع بڻائڻ وارو هڪ ئي اهڙو شاعر نظر اچي ٿو، جنهن کي سچل سرمست جي نانءَ سان ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. فارسي شاعري ۾ سچل پنهنجو تخلص "آشڪار" ۽ "خدائي" اختيار ڪيو. سندس ڪلام ۾ اخلاق و محبت جا درس، سوز و گداز جي ڪيفيت ۽ خاص طور سان وحدت الوجود جي فلسفي جي اهڙي جهلڪ نظر اچي ٿي، جيڪا بيمثال ۽ لازوال آهي. "آشڪار" جي ڪلام تي گهڻو ڪري "عطار" جي ڪلام جي ڇاپ نمايان آهي. انهيءَ لحاظ کان جڏهن اسان عطار ۽ آشڪار جي ڪلام جو تقابلي جائزو وٺون ٿا ته ٻنهي جي ڪلام ۾ گهڻي قدر فڪر جي يڪسانيت نظر اچي ٿي. مگر ان کان اڳ جو اسان هي جائزو پيش ڪيون، بهتر ٿيندو ته ٻنهي بزرگن جو مختصر تعارف ڪرايو وڃي.

(۱) حضرت سچل سرمست

حضرت سچل سرمست ۱۱۵۲مطابق ۱۷۳۹ع ۾ پيدا ٿيو. سندس اسم گرامي تہ ”عبدالوهاب“ هيو. مگر سندس صداقت ۽ راست گوئي سبب سندن مرشد ”حضرت عبدالحق“ کين سچل جو لقب عطا ڪيو. ۽ پوءِ پاڻ انهيءَ نالي سان معروف ۽ مشهور ٿيو. اها روايت اسلامي تاريخ ۾ پهريائين بہ موجود آهي تہ مرشد ڪامل پنهنجي طالب جي ڪنهن خاص خصوصيت جي مناسبت سان جڏهن ڪو لقب عطا ڪري ڇڏيو تہ پوءِ اُهو طالب ان ئي لقب سان مشهور ٿي ويو. بلڪل اهڙي طرح جو مثال سلسلہ نوشاهيہ ۾ بہ ملي ٿو جو نوشاهيہ سلسلي جي باني نوشہ گنج بخش قادري (متوفي ۱۰۲۴هہ) پنهنجي مريد پير محمد کي ”سچيار“ لقب عطا ڪيو تہ اڄ سوڏو پنجاب ۾ سندس سلسلہ طريقت کي ”سچياري“ ئي چيو ويندو آهي. جيڪو ”سچيار“ جي نالي سان ئي مشهور آهي.

مير علي شير قانع ٺٽويءَ (م۱۲۰۲هہ) فارسي شاعرن جو تذڪرو ”مقالات الشعراءِ“ جي نالي سان ۱۱۷۴هہ ۾ مرتب ڪيو. ان وقت سچل سرمست جي عمر ۲۲ سال هئي. مگر قانع جي انهيءَ تذڪري ۾ سچل جو نالو بحيثيت هڪ فارسي شاعر جو نٿو ملي. گمان ڪري سگهجي ٿو تہ ان وقت تائين شايد سچل جو ڪلام ايتري قدر معروف نہ ٿيو هجي. مگر اهو گمان اُتي هلي حيرت انگيز تعجب ۾ بدلجي وڃي ٿو، جڏهن اسان ڏسون ٿا تہ تڪملہ مقالات الشعراءَ“ ۾ بہ سچل جو ذڪر نہ ٿو ملي!! حالانڪہ ”تڪملہ مقالات الشعراءَ“ جو مصنف سچل جي وفات ۱۲۴۲هہ کان بہ هڪ سال پوءِ ۱۲۵۳هہ ۾ پيدا ٿئي ٿو! ابراهيم

خليل هي تڪملو ١٣١٧هه ۾ لکيو. ان وقت تڪملہ جي مصف جي عمر ٦۴ سال هئي ۽ سچل جي وفات کي ٦٥ ورهيہ گذري چڪا هئا. اِهو تہ ممڪن ئي ناهي تہ ڪو ان وقت تائين سچل سائين جو ڪلام ايا غير معروف رهيل هجي! بهرحال هي هڪ علحدي صورت حال آهي جيڪا تعجب انگيز بہ آهي تہ تحقيق طلب بہ آهي. حضرت سچل سرمست جو وصال ١۴ رمضان المبارڪ ١٢۴٢هه / ١٨٢٧ع ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ درازا شريف ضلع خيرپور ميرس سنڌ ۾ زيارت گاهہ خلايق آهي.

(٢) شيخ فريد الدين عطار

عطار تخلص، نالو ابو حامد محمد بن ابي بڪر ابراهيم بن اسحاق نيشاپوري ۽ لقب فريدالدين هيس. سندن ولادت ٥١٣ هجري ۾ ۽ وفات ١٠ جمادي الاول ٦١٨هجري ۾ ٿي.

شيخ عطار ڇهي صدي هجريءَ جي انهن عارفن ۽ صوفي شاعرن مان آهي، جن وجداني ۽ روحاني طور سان لوح ڪائنات تي اهڙا نقش ڇڏيا جيڪي اڄ سوڌو تازه ۽ تابنده آهن.

لغت نامہ دهخدا ۾ "عطار" تخلص وارن ٻارهن (١٢) شاعرن جو ذڪر ڪيل آهي.مگر اهي سڀ عطار نيشاپوري کان پوءِ شاعر آهن. تنهن هوندي بہ انهن بعد جي شاعرن ۾ هڪ نالو اهڙو بہ آهي، جيڪو جيتوڻيڪ نيشاپوري، عطار کان ٽي سو ورهيہ بعد پيدا ٿيو، مگر سندس ڪلام کي ماڻهن عطار نيشاپوري سان منسوب ڪري ڇڏيو. اُهو هيو "عطار توني". عجيب اتفاق وري اهو بہ آهي جو سندس نالو بہ "فريد الدين محمد بن ابراهيم" هيو. نالي ۽ تخلص جي انهيءَ هڪجهڙائيءَ تمام وڏو اشتباهہ پيدا ڪيو آحي. سندس منظوم ڪيل اڪثر مثنويون اڄ بہ شيخ عطار سان

منسوب ملن ٿيون. تفصيل لاءِ ڏسو (تاريخ نظم و نثر در ايران و در زبان فارسي از استاد سعيد نفيسي مطبوعہ تهران، ١٣٤٤ خ جلد اول ص - ٣٢٠ بعنوان "عطار توني").

بهرحال شيخ عطار نيشاپوري جي پنهنجي هڪ علحدي منفرد سڃاڻ آهي. سندس فلسفي، فڪر ۽ ڪلام جي اثرات جو اندازو اِن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ مولانا رومي، مولانا جامي، شيخ محمود شبستري،بابا ڪمال خجندي، نعمت ولي الله، سلمان سائوجي، خواجہ ابوالوفا خوارزمي، ڪاتبي نيشاپوري ۽ ڪمال الدين حسين خوارزمي جهڙن معروف ترين بزرگن ڪانئس متاثر ٿيڻ جو اعتراف ڪيو آهي. مثلا مولانا رومي چئي ٿو:

من آن مولاي رومي امہ کہ از نطقم شکر ريزد
و ليکن درسخن گفتن غلام شيخ عطار

يعني: مان اهو مولائي رومي آهيان جنهن جي زبان ڪنڊ جهڙي مٺي آهي، مگر سخن گوئي يعني شعر چوڻ ۾ شيخ عطار جو غلام آهيان.

هڪ ٻي هنڌ فرمائي ٿو:

هفت شهر عشق را عطار گشت
ما هنوز اندر خمِ يک کوچہ ايم

يعني: عطار عشق جا ست شهر ڏنا آهن. جڏهن تہ مان اڃا هڪ گهٽيءَ جي موڙ ۾ ئي بيٺل آهيان.

مولانا جامي جو چوڻ آهي:

بوي مُشک گفتہ عطار عالم را گرفت
خواجہ مزکوم است ازان منکر شود عطار را

يعني: عطار جي ڳالهين جي خوشبو ساري دنيا ۾ پکڙجي

ويئي آهي، خواجه زڪام جو مريض آهي، انهيءَ لاءِ عطار جو منڪر آهي. مطلب ته جيڪو عطار جي فڪر جو منڪر آهي اُهو ذهني مريض آهي.

بابا ڪمال خجندي فرمائي ٿو ته:

يار چون بشنيد گفتارت ڪمال
گفت حق گوئي تو چون عطار ما

يعني: اي ڪمال! جڏهن يار تنهنجي گفتگو ٻڌي ته چيُئه ته تنهنجي، حق گوئي به اسانجي عطار وانگر آهي.

شيخ ڪمال الدين حسيين خوارزمي جو هڪ شعر آهي ته

ڪشاف وهدايه هرڪه خواهد او را
يڪ بيت زگفته هاي عطار مرا

يعني: جنهنکي تفسير ڪشاف يا فقه جو مشهور ڪتاب هدايه کپي ان کي ڏئي ڇڏيو. مونکي ته بس عطار جي ڪلام جو هڪ بيت کپي.

اِهو ئي فلسفو، صوفين جي فڪر ۽ عمل جو بنياد رهيو آهي. ميان محمد بخش کڙي شريف ضلع جهلم وارو پنهنجي ڪتاب "سيف الملوڪ" ۾ انهيءَ ڳالهه کي هن ريت بيان فرمائي ٿو ته:

قطره وچ پوي دريا دي فير اوه ڪون ڪهاوي
جس تي اپڻا آپ وڃاوي اوهون بن جاوي

پنجاب جي ئي هڪ ٻئي صوفي شاعر بُلي شاهه ساڳي خيال کي هيٺين طرح بيان ڪيو آهي:

رانجها ڪردي ني، مين آپ رانجها هوئي
رانجها مين وچ، مين رانجهي وچ، غير نه آکهيو ڪوئي

انهيءَ ساڳي فڪر کي سچل سائين به پنهنجي ڪلام ۾

جابجاءِ بيان ڪيو آهي. هيءَ ئي اُهو بنيادي فلسفو آهي جو اڪثر صوفين وٽ ملي ٿو تہ صوفي آخرڪار فنافي الله ٿي ڪري بقا بالله جي مزل تي پهچي وڃي ٿو.

اچو تہ هاڻي سچل ۽ عطار جي ڪلام کي ڀيٽي ڏسون تہ سرزمين سنڌ جي هن عظيم صوفي شاعر عطار جي ڪلام ۽ فلسفي کان ڪيتري قدر استفادو ڪيو آهي.

هيٺ آشڪار ۽ عطار جا ڪجهہ هم وزن ۽ هم رديف اشعار پيش خدمت آهن، جن ۾ نہ صرف قافيہ ۽ رديف ساڳيا آهن بلڪہ فڪر ۽ خيال بہ هڪ جهڙو آهي:

عطار: چشم بکشا، کہ جلوه ديدار
متجليست از در و ديوار

آشڪار: بنگر چہ جلوس کرد ديدار
حُسنش شد بہ هر کجا پديدار

عطار نحن اقرب اليہ آمده است
دور افتاده اي تو آن پندار

آشڪار: خواندي ز قرآن نحن اقرب
تو دور شدي ز خيال و پندار

عطار: ذره دوستي آن دمساز
بهتر از صد هزار سال نماز

آشڪار: عاشقان باشند در سوز و گداز
زاهدان هستند در روزه نماز

هم رديف ۽ هم قافيہ ڪجهہ شعر هي بہ ڏسو:

عطار هر ولي کز عشق او آگاه نيست
گو، برو، کو مرد اين درگاه نيست

آشکار: اي بجز دروازه احمد راه نيست
گرنمي داني دلت آگاه نيست

عطار: چون شرابِ عشق در دل کار کرد
دل ز مستي بي خودي بسيار کرد

آشکار: عشق اندر دل هر آنکس کار کرد
از کفر او را ز دين بيزار کرد

عطار: جامۀ دريوزه در آتش نهاد
خرقۀ پشمينه را زنار کرد

آشکار: شيخ صنعان را درون کفر آوريد
از محبت در گلو زنار کرد

عطار ۽ آشکار جي فکر ۽ خيال جي هم آهنگيءَ لاءِ هيءُ شعر ملاحظه فرمايو:

عطار: ثم وجه الله آيدت بنظر
وهو معکم نمايدت اطوار

آشکار وهو معکم اينما کنتم شنو
از خيال ما و من خود شو به در

آشکار ڪجهه جڳهن تي عطار جي ڪتابن جا نالا حوالي طور لکيا آهن. مثلا:

بين کوچه و بازار نيشاپور پر از درد
مشهور همانجا شد عطار بود مرد
در "منطق" در" وصلت" او کرد بياني
"عشاق همان است رُخش روي شد زرد"

يعني: ڏسو نيشاپور جون گهٽيون ۽ بازارون درد سان پريل آهن. مشهور آهي ته اتي عطار جي نالي سان هڪ مرد ٿي گذريو

آهي جنهن پنهنجي ڪتاب "منطق الطير" ۽ "وصلت نامہ" ۾ بيان ڪيو آهي تہ "عاشق اُهو ئي آهي، جنهنجي چهري جو رنگ زرد هجي"!

اهڙيءَ ريت آشڪار پنهنجي ديوان ۾ ڪن جاين تي عطار جي ڪلام جا حوالا بہ ڏنا آهن.يعني عطار جا الفاظ حوالي طور لکيا آهن. مثال طور مٿي بيان ڪيل شعرن ۾ آخري مصرع عطار جو ئي آهي:

"عـشـاق هـمـان اسـت رُخش روي شـده زرد"

عطار هڪ هنڌ چيو آهي تہ" در راه خدا رنج بہ از گنج" الله جي راهہ ۾ رنج يا تڪليف سهڻ دنيا جي خزاني کان بهتر آهي. اهڙي طرح آشڪار ان ڳالهہ کي پنهنجي هڪ مصرع ۾ هن طرح آندو آهي:

"فـرمـود ڪـہ "در راهِ خدا رنـج بـہ از گـنـج"

هن مصرع ۾ وري آشڪار، عطار جي حوالي سان چوي ٿو تہ:

."عـطـار چنـان گـفـت "بـخور جام مي عـشـق"

يعني عطار هيئن چيو آهي تہ شراب عشق جو جام ڀي ڇڏي.

اها بہ حقيقت آهي تہ عطار جي فڪر کي عام ڪرڻ ۾ سچل سائين جو ڪردار عطار کان بہ وڌيڪ وسعت پذير آهي. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ عطار تہ صرف فارسي زبان کي ئي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي. جڏهن تہ سچل سرمست فارسيءَ سان گڏوگڏ ٻين زبانن (سنڌي، اردو ۽ سرائڪيءَ) ۾ بہ پنهنجي فڪر کي آشڪار ڪيو آهي.

عطار ۽ آشڪار جي حوالي سان پنهنجي گفتگو کي ڪٿائيندي

آخر ۾ هڪ لطيف نڪتو بيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ سيني صوفي بزرگن پنهنجي سموري رندانہ گفتگو جي باوجود هڪ حد تائين انتهائي محتاط رويو اختيار ڪيو آهي ۽ اُهو آهي "مقام محمدي" صلي اللهعليہ وآله وسلم، ڇوجو انهيءَ مقام جي باري ۾ چيو ويو آهي تہ:

ادب گاهيست زير آسمان از عرش نازک تر
نفس گم کرده مي آيد جُنيد و بايزيد اينجا

انهيءَ ڪري ئي چيو ويندو آهي تہ:

"با خدا ديوانہ باش و با محمد هوشيار"

اهڙيءَ طرح حضرت آشڪار وحدت الوجود ۽ بين صوفيانہ ۽ رندانہ ڳالهين جي هوندي بہ انهيءَ مقام تي هن پنهنجو پاڻ کي انتهائي احتياط ۽ ادب سان هلڻ جي هدايت ڪئي آهي، فرمايو اٿائين.

اي دلا در بارگاهِ مصطفيٰ هوشيار باش
گر تو عاشق صادقي از غير او بيزار باش

مددي ڪتاب

1. سعيد نفيسي: تهران: تاريخ نظم و نثر در ايران و در زبان فارسي
2. ابراهيم خليل: تکملہ مقالات الشعراء بتصحيح سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد 1985ع.
3. قاضي علي اڪبر درازي: ديوان آشڪار مع اردو ترجمہ، حيدرآباد 1981ع جلد اول.
4. د نفيسي: تهران: ديوان فريدالدين عطار، 1339 خ.

5. مير علي شير قانع ٺٽوي؛ مقالات الشعراءِ،مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
6. لغت نامہ دهخدا "عطار".

سرمست . ١٧
1997ع

سچل جي شاعري تاريخ جي روشنيءَ ۾

سنڌ جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ سچل سرمست رحہ جي دور (١١٥٢هہ/١٧٣٩ع. ١٢٤٢هہ/١٨٢٦ع) ۾ ۽ ان کان ٿورو اڳ ۽ پوءِ سنڌ جي سر زمين تي جيڪي جنگيون لڳيون، جهيڙا جهڳڙا ٿيا، فساد ۽ وڳوڙ ٿيا، تن جو چڱو تعداد آهي. اٽڪل روءِ ننڍيون وڏيون ۴۵ کن جنگيون لڳيون. جن مان ڪن جا نالا ڳڻائڻ ضروري سمجهان ٿو:

سچل سائين جي ولادت کان ڪجهہ سال اڳ هن ڌرتيءَ تي هيٺيان دردناڪ واقعا پيش آيان.

١. خان قلات جو سنڌ حملو	١٨٣٠-٣١ع
٢. ڪلهوڙن جو کهڙا شهر تي حملو (١)	١٧٣٢-٣٣ع
٣.ڏاريجن ۽ ڪڪرالن جي وچ ۾ جنگيون	١٧٣٩ع
۴. نادر شاهہ جي سنڌ تي قهري ڪاهہ	١٧٣٩-۴٠ع
۵. احمد شاهہ جو سنڌ تي حملو	١٧۵۴ع
٦. ميان مراد ياب ۽ ميان غلام شاهہ جي جنگ	١٧۵٧ع
٧. ميان غلام شاهہ ۽ سندس ڀاءُ عطر خان جي وچ ۾ جنگ	١٧۵٨ع
٨. ڪڇ جي راجا جا سنڌ تي حملا	١٧٦٣-٦۴ع
٩. مير بهرام ۽ مير صوبدار جي شهادت ۽ سنڌ ۾ سرد جنگ جي شروعات	١٧٧۵ع

۱۰. ميان سرفراز جي معزولي ۽ ميان
غلام نبي جي تخت نشيني- گهرو لڙائي
۽ عام وڳوڙ ۱۷۷٦ع
۱۱. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ گهرو لڙائي ۱۷۷٦ع
۱۲. هالاڻيءَ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن
جي وچ ۾ جنگ ۱۷۸۱ع
۱۳. عزت يار خان پٺاڻ ۽ ميان عبدالنبي
جي لکي ۽ شڪارپور جي وچ ۾ جنگ ۱۷۸۱ع
۱۴. تيمور شاه بن احمد شاه جي سنڌ
تي ڪاهه ۱۷۷۱-۸۲ع
۱۵. مدد خان پٺاڻ جو سنڌ تي هيبتناڪ حملو
کهري ڪوس، باهيون، لٽ ڦر ۱۷۸۱ع
۱٦. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وچ ۾ جنگ ۱۷۸۲ع
۱۷. ميرن جي پهرين چوياري، جنهن ۾
سنڌ پاڳا تي ۱۷۸۲ع
۱۸. مير عبدالله ۽ مير فتح خان جي
شهادت (۲) ۱۷۸۳ع
۱۹. دلاور خان پٺاڻ جو سنڌ تي حملو ۱۷۸۸ع
۲۰. شاه شجاع جو سنڌ تي حملو ۽ ڪرڙي
واري جنگ ۱۸۰۳ع
۲۱. سکن جو سنڌ تي پهريون حملو ۱۸۲۳ع
۲۲. سکن جو سنڌ تي ٻيو حملو ۱۸۲۵ع

نادر شاهه جڏهن سنڌ تي ٿهري ڪاهه ڪئي، تڏهن سنڌ جا

شهر، ڳوٺ ۽ وسنديون ويران ٿي ويون. هو هڪ ڪروڙ روپيا جنگ نہ ڪرڻ جو جنگي تاوان ۽ ويهہ لک روپيا ساليانو خراج وٺي وجي ايران ۾ آرامي ٿيو. مگر پويان جيڪا تباهي ۽ بربادي ڪري ويو، تنهن جو داستان دل ڏاريندڙ آهي. لاشن جا ڍير، زخمين جون دانهون، رنن زالن جون ريهون، يتيمن جون دانهون، ڪوڪون، مظلومن جون عرش تي پهچندڙ آهون، سڙندڙ شهرن، ڳوٺن ۽ وستين ۾ دونهان! اهڙيءَ ريت سندس ظلمن سبب سڪي، سائي ستابي سنڌ ۾ سچ ٿي وئي.

سنڌ اڳ دهليءَ جي دٻڙ دونس هيٺ هئي، پر پوءِ وري ايران جي اري ۾ اڙجي وئي. اڳ ڪوس دهليءَ ۾ ٿيندو هو تہ ان مصيبت جو ٿورو گهڻو اثر سنڌ تي ضرور ٿيندو هو. دارا شڪوه جڏهن آگري ۾ اورنگزيب جي لشڪر هٿان شڪست کائي مظلوميءَ جي حالت ۾ دربدر ٿيو تہ، ان دوران سنڌ پڻ اورنگزيب جي ظلمن هيٺ اچي وئي. سيد حسام الدين راشدي مرحوم ”هشت بهشت“ جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ، ”دارا جي دردناڪ داستان جا ڪيترا واقعا سنڌ جي سرزمين تي مرتب ٿيا. آگري واري پهرين شڪست کان پوءِ دارا ويري لشڪر جو ڪٽڪ ڪڍ لاتيون، پنجاب کان ٿيندو بکر پهتو، سيوهڻ آيو ۽ ٺٽي ۾ پڻ اچي ڪي چار پهر پگهر سڪايائين. هي هلندو رهيو، پٺيانس عالمگيري گهل گهوڙن جي سنبن سان نہ ڇڙو سنڌ جي سيني کي لتاڙيندا، چيريندا ۽ چچريندا رهيا، بلڪ هنڌين ماڳين معرڪا مجادلا ڪري خون جي سرخيءَ سان واقعن جا عنوان بہ سنواريندا ۽ سينگاريندا آيا. تبرن ۽ تلوارن جا چمڪاٽ تہ ٿيا جتي ڪٿي، پر بکر جي اوسي پاسي ۾ وڄن جا جيڪي ڪڙڪا ۽ بادلن جا جيڪي وسڪا ٿيا، اهي وسارڻ جهڙا ڪونہ آهن.“ (٣)

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته سنڌي جوڌا ١٥٢٠ع کان ١٧٣٧ع تائين پورا ٻه سو سترهن سال گوريلا جنگ لڙندا رهيا. پوريون ڇهه پيڙهيون هڪ ٻئي پٺيان ان باهه جو ٻک ٿيون. سنڌين ان ڏکهي جنگ ۾ سوين سور سٺا. ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا. گهاڻن ۾ پيڙيا ويا. برجن مٿان جيئرا جاڳندا درياهه ۾ اڇلايا ويا. جمع ۽ عيد نمازن جي موقعن تي ماريا ويا. قرآن شريف وچ ۾ ڏيئي، ساڻن دوکا ۽ دغائون ڪري ڪين شهيد ڪيو ويو. چوڪنيا ٻڌي تتل ڪڙاهن ۽ ٻرندڙ پاڻيءَ ۾ اڇلايا ويا، سوريءَ جو سينگار بڻيا. پر ان هوندي به پنهنجي مقصد کان نه مڙيا. سنڌن سورهيائي ۽ سرويچي جي داستانن سان تاريخ جا ڪيترائي صفحا سينگاريل آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه انهن ئي سورمن جي سورهيائي بيان ڪندي فرمايو آهي ته:

سر جدا، ڌڙ جدا، دوڳ جنين جا ديڳ ۾

•

اڳيان اڏن وٺ، پوئين پير سنباهيا

شاهه لطيف جون اهي مصراعون ان دور جي دردناڪ داستان کي بيان ڪن ٿيون.

اها ڏکهي جنگ جاري هئي جو شاه عنايت جي شهادت جو دل ڏاريندڙ سانحو پيش آيو.

ڏکهي جنگ ۽ وڏين قربانين کان پوءِ ١٧٣٧ع ۾ جڏهن سنڌ ۾ قومي حڪومت قائم ٿي، تڏهن به سنڌين ويچارن سک جو ساهه نه کنيو. ڇاڪاڻ ته فقط ٻه سال پوءِ يعني سچل سائين جي ولادت واري سان ٤٠-١٧٣٩ع ۾ نادر شاهه سنڌ تي وڄ بڻجي ڪڙڪيو. مطلب ته ارغونن ۽ مغلن خلاف ٻه سو سترهن سالن واري ڏکهي جنگ کان پوءِ

ايراني، افغاني حملن، گهرو لڙاين، هڪ ٻئي خلاف سازشن، سنڌي قوم کي ذهني ۽ اعصابي طور مفلوج ڪري ڇڏيو هو.

اڳي ديني مدرسا، مسجدون ۽ علماءَ سڳورا سنڌي عوام جي اخلاقي قدرن، روحاني سڪون ۽ سياسي مونجهاري کي سلجهائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا. پر اهي بہ پنهنجو اعتماد وڃائي ويٺا هئا. جڏهن تغلقن سنڌ تي حملو ڪيو تہ ڪيترائي سنڌي عالم تغلقن جا طرفدار ٿي ويٺا ۽ سنڌ جي فتح لاءِ دعائن ۽ وظيفن ۾ جنبيا رهيا. سنڌ، سندن دعائن جي ڪري فتح تہ ڪونہ ٿي، پر عام راءِ سندن خلاف ٿي وئي. سچل سرمست اهڙن ئي انسانن جي طرف اشارو ڪندي فرمايو آهي تہ:

ڪي ڪمائن ورد وظائف، ڪي ٿيا نفلاتي،
ڪي وڃي پيا زهد عبادت، ڪي ٿيا دعواتي
گوشي نشيني ڪن ڪي پانئي، ڪن وٺي رجعاتي،
ڪن جي منزل پٽ پاراتو، ڪي ڪامل ڪراماتي،
ڪيئي ڪشف اندر ڦاٿا، دانهہ ڪي درجاتي،
سچا! لکن مان ڪوئي ڪندو، عشق اثباتي.

يا هيءُ شعر:

خيال بزرگي ريٺي ڇڏ تون، منگ نہ تون مخدومي،
نڪي پير مشائخ ٿج تون، نڪي ٿج نجومي.

جڏهن ارغونن سنڌ تي حملو ڪيو، تہ اڳ ۾ سيد شڪرالله کي موڪليو ويو، جنهن سان ٿي عالم بزرگ پيا بہ هئا. جي ٿي سيد سڳورا هئا، اُهي وقت جا وڏا عالم ۽ زاهد هئا. پنجون ساٿي سنڌ جو وڏو عالم قاضي قادن هونِ، پوءِ هنن سنڌين سان جيڪي ظلم ۽

زيادتيون ڪرايون، سي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهن.

مغل دور ۾ جيڪي عالم، زاهد، شيخ ۽ بزرگ دهلي دربار سان وابستا رهيا، تن جي به چڱي لسٽ آهي. انهن جي سنڌ ۾ پيري مريدي هئي. اهڙيءَ ريت سنڌن چڱو اثر رسوخ هو. ڪي ڪاني ڪرامت ۾ مشهور هئا. سنڌن ڪاني ڪرامت جي مشهوري ڏارئي جي ايجنٽ هئڻ جو ثبوت آهي. جو ته وقت جي حڪومت جا ڪارندا ئي، ڪنهن بزرگ جي ڪاني ڪرامت کي مشهور ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. اهوئي سنڌن مفاد کي مضبوط ڪرڻ جو بهترين ۽ مفيد ترين طريقو هوندوآهي. ان ڪان علاوه ڪن عالمن سڳورن پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ذريعي تفرقي بازي کي هوا ڏني، ته جيئن گهڻائي مذهبي ٽولا وجود ۾ اچن، پاڻ ۾ وڙهندا رهن. منجهائن ايڪو ۽ ٻڌي ختم ٿي وڃي. جڏهن شيخ مشائخ پير ۽ بزرگ اهڙي تعليم ڏيندا رهيا، تڏهن سچل جهڙو سچار وڏي واڪي عوام کي ٻڌائيندو رهيو ته:

مذهبن ملڪ ۾، ماڻهو منجهايا
شيخي، پيري، بزرگي بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

•

مرشد اڪيو عاشق ٿين تا، منڪر ٿيءَ مشاخي،
شيخي، پيري، ٻه بزرگي، اٿي سڀ هلاڪي،
عشق امانت خاص الله جي، دل کي ڏي فراخي،
سچا! سوز گداز سوا سچ، ٻيا سڀ چور طباخي.

احمد شاه ابدالي شاهه فقير الله علوي جو مريد هو. هو جڏهن

SOORIH SINDHI ADAB

سنڌ ۾ داخل ٿيندو هو تہ پيرين اگهاڙو هوندو هو، نہ صرف سندس پير اگهاڙا هوندا هئا، پر هٿ ۾ تلوار بہ اگهاڙي هوندي هئس، هو جڏهن سنڌين جو قتل عام ڪندو هو، ڳوٺن ۽ شهرن کي باهيون ڏيئي ساڙائيندو، لٽ ڦر ڪرائيندو هو. تڏهن بہ مرشد جي ادب کان پيرن ۾ جتي نہ پائيندو هو. ۽ ديندار وري ايڏو هو، جو جتي بہ مولوي، مدرسو ۽ مخدوم ڏسندو هو تہ اتي ادب سان هلي ويندو هو ۽ ان مدرسي، مولوي ۽ مخدوم جي مالي مدد خاطر هڪ وڏي رقم نذراني طور ڏيندو هو. هو اهي پئسا افغانستان مان ڪٽي نہ ايندو هو، پر سنڌ ۾ ڦرلٽ ڪري هٿ ڪندو هو. مختصر تہ سنڌ جي انهيءَ ڦرلٽ ۾ اڪثر، شيخ، مشائخ، ملان، معلم مولوي، مخدوم ۽ مرشد، احمد شاهي پناڻن سان گڏ هڪ جهڙا ڀاڱي ڀائيوار هئا: سچل سرمست کهڙو نہ سُهڻو ۽ صحيح فرمايو آهي:

بزرگ، شيخ مشائخ، يا رنا مخدوم ٿياسي،
نڪي قاضي،نڪي ملا، معلم پير بڻياسي،
نڪي ٺاهہ ٺڳيءَ جا ٺاهي، رنگ رساءَ رکياسي،
سچا ٻاجهون عشق الله جي، ڪوئي هنر نہ سکياسي.

سچل سائين ڏاهپ، ڏات ۽ ڏانوَ جو ڏٺي هو. هو ان قسم جي ملائڪي ماحول، ۽ انسان دشمن ريتن رسمن جو پوئلڳ نہ هو. سندس شاعريءَ جو هڪ هڪ اکر سماج جي روايتي ۽ اڏنگن اصولن، انسانيت کي ڇيهو رسائيندڙ رسمن ۽ رواجن جي خلاف اعلان بغاوت نہ پر اعلان جنگ هو.

بادشاهن جي چاڙتن اهو مشهور ڪيو هو تہ مسلمان بادشاهہ کي ستن ولين جيتري طاقت هوندي آهي. پوءِ ڀلي اهو ڪنهن تي ايترو ظلم

SOORIH SINDHI ADAB

ڪري، جو اها قوم سڄي پيڙهين تائين سڻن نہ اچي سگهي. بادشاهہ سلامت، "ظل الله" سڏيو ويو. پوءِ پلي اهو خدائي پاڇو جيڪڏهن عوام جو ڪوس ڪرائي، تہ بہ جائز ۽ مباح! الله تعاليٰ کي فقط سجدو ڪيو ويندو آهي، پر بادشاهہ سلامت آڏو سجدو ڪندي، زمين کي چمي ڏيڻ پڻ لازمي ٺهرايو ويو هو. اتفاق سان جيڪڏهن ڪنهن شهزادي يا امير جي گفتگو دوران ظل الله جي منهن مبارڪ تي سڌي نظر پئجي ويئي؛ تہ بغاوت جي ڏوهہ ۾ سندس سر قلم ڪيو ويندو هو.

بادشاهہ تہ بادشاهہ هو، پر سندس چاڙتا بہ پنهنجي پر ۾ گهٽ ڪونہ هوندا هئا. هنن پڻ انسانن کي انتهائي حقير ۽ ذليل ٿي سمجهيو. هنن کي اهو تاثر ڏنو ويو تہ اُهي ٻانها ۽ غلام آهن.

سچل سرمست رحہ انسان جي عظمت جو پرچارڪ ۽ حامي هو. اهوئي سبب آهي جو هن انسانيت کي ڇيهو رسائيندڙ رسمن ۽ رواجن خلاف نہ صرف اعلان بغاوت، بلڪ پير تي ڏوڪو هڻي جنگ جو اعلان ڪيو. انسان کي پاڻ سڃاڻڻ وارو سبق ڏيندي غلامي ۽ ٻانهپ واري ذلت ڀري زندگيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياري ڪين صحيح مان ۽ مرتبو، عزت ۽ عظمت عطا ڪئي. سرمست فرمائي ٿو:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
پاڻ بيگانو مول نہ ڄاڻين، آهين يار يگانو،
وهم "سچل" ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

هڪ هنڌ ساڳئي ڳالهہ سرائڪي مصرع ۾ هن ريت ٻڌائي اٿس فرمائي ٿو:

ڇوڙ گمان گدائي والا، شملا ٻڌ چا شاهي دا

يا وري هيءَ مصرع:

ٻانهو ڀانءِ م ڀاڻ، تون تہ آهين مالڪ ملڪ جو.

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ لڳاتار جنگين سنڌ واسين کي هيسيل، ڀيڙيل، ڏتڙيل، نڌڻڪو ۽ بي واهو بڻائي ڇڏيو هو. سندن شخصيت ڄڻ سندن وجود کان الڳ ٿي وئي هئي. هنن پاڻ کي حلال جانور وانگر هر موقعي مهل تي ڪسندو محسوس ٿي ڪيو. سندن بچاءَ جا سڀ در بند ٿي ويا هئا. اهڙي ڏکئي وقت ۾ درازي درويش وٽ ڪين ٿاڪ ۽ ٽان مليو. ڪين اجهو ۽ آسرو مليو. عزت ملي، احترام مليو، هنن ڏکهي گهٽ ۽ ٻوسٽ کان پوءِ سڪون جو ساهہ کنيو. ڪين پنهنجي گم ٿيل شخصيت موٽي ملي. نئين سوچ، نئين لوچ، نوان رند، نيون راهون مليون، جن جي ذريعي ڪين پنهنجي منزل ويجهي نظر آئي.

سچل سائين پنهنجي سماع واري محفل ۾ سنڌين کي جديد سنڌي قوميت جا اصول ڏنا.جن جو بنياد حب الوطني، مذهبي رواداري، قومي غيرت ۽ خودشناسي تي رکيو ويو.

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل،
الف مؤن آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل،
هندو مومن سو ٿيو، ڀول نہ ڀئي ڪنهن ڀل،
تہ گلابي گل، م مارنئي منصور جان.

حوالا ۽ واڌارا

(١) مخدوم عبدالرحمان ۽ سندن ٢٢٢ مريد ۽ معتقد مسجد شريف ۾ مراقبي جي حالت ۾ ماريا ويا. ان کان علاوه عورتن جي بيحرمتي ڪئي وئي ۽ عوام جو قتل عام ٿيو.

(٢) مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان سان قرآن مجيد وچ ۾

ڏيئي واعدو ڪيو ويو هو تہ ڪين ڪو نقصان نہ پهچايو ويندو. پر عبدالنبي ڪين دغا سان شهيد ڪرايو. شهادت وقت ٻئي مير صاحبان قرآن مجيد پڙهي رهيا هئا. جڏهن ظالم، مير عبدالله کي شهيد ڪيو، تڏهن سندس سسي قرآن پاڪ جي پاسي ۾ ڪري پئي ۽ قرآن شريف جا ورق رت ۾ لال ٿي ويا.

(تاريخ خيرپور - مرزا قليچ بيگ ص ٢۴) سنہ ١٩٢٢ع.

(٣) هشت بهشت (مقدمہ) ص -٨-١٠٧-١٠ سنڌي ادبي بورڊ سنہ ١٩٦٣ع.

• عالمگيري دور جي عظيم پشتو شاعر خوشحال خان خٽڪ پنهنجي ڪلام ۾ اورنگزيب جي ظلمن جو ذڪر ڪيو آهي. هتي نموني طور ٻہ چار شعر سنڌي ترجمي سان پيش ڪجن ٿا، جي "هشت بهشت" جي مقدمي تان ورتل آهن:

جنهن چاقوءَ سان قلم گهڙي قرآن شريف لکي ٿو، انهيءَ چاقوءَ سان پنهنجي پيءُ جي شهہ رڳ ڪپي ٿو - رڪوع ۾ پيءُ جي موت لاءِ دعائون گهري ٿو، ۽ سجدي ۾ پنهنجي وڏي ڀيڻ کي پٽي ٿو، اي زمانا! تون مون کي ڪيڏو نہ بي انصاف پيو ڏسڻ ۾ اچين، آخر عمر ۾ اهڙا عبرتناڪ واقعا پيو ڏيکارين، شاهہ جهان جهڙي بادشاه کي تہ قيد ۾ وجهين ٿو، ۽ اورنگ کي محي الدين جي خطاب سان نوازين ٿو.

سرمست ـ ۴
1984ع

• سيد نبہ سيد ڪمال ۽ سيد عبدالله

سچل سارو سچ

سچل سرمست پنهنجي ڪلام ڪي سچ جي لفظ ۽ حقيقت سان ايترو سينگاريو آهي، جو اڪثر سچو ۽ سچ ٻه نه ڌار ٿيندڙ لفظ ٿي ٿا پون. اهو سچ ڇا آهي؟ سچ ڇاکي ٿو چئجي؟ اهو سمجهڻ ڌاران "سچل سارو سچ" کي سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو.

سچ ڇا آهي؟ سچ مان مراد اها ڄاڻ يا معلومات آهي، جا ايجاد نه ڪئي وئي هجي، جيئن ته سائنسي معلومات. سچ جي ڄاڻ انساني زندگيءَ جي صدين جي سوچ جي تجربن ۽ عملن مان ئي پيدا ٿئي ٿي. عام رواجي زبان ۾ ائين به چئي سگهجي ٿو ته سچ سچ آهي؛ فريب نظر، فريب خيال، خود فريبي ۽ ڪوڙ جي ابتڙ! جا مدعا ۽ حقيقت اصل زندگيءَ ۾ وجود نه رکندڙ هجي سا سچ ٿي نٿي سگهي. انساني ڄاڻ يا سوچ بذات خود سچ يا ڪوڙ نه آهي، پر اُن جي حقيقت سان ويجهڙائي ۽ ڏوري ئي سچ ۽ ڪوڙ ٿين ٿا. سچ خود هڪ فطري لقاءُ يا نيم آهي، جو انساني ڄاڻ سان واسطو رکندي به انسان ذات کان الڳ سلڳ ان ڪري ٿو چوان جو، اها حقيقت يا ڄاڻ انساني خواهشن، ارادن ۽ آرزوئن تي مدار نٿي رکي ۽ نه ئي انهن سان معرض وجود ۾ اچي ٿي. ڪاٻه ڄاڻ يا سوچ انسان جي چوڻ، سمجهڻ يا خواهش ڪرڻ سان سچ يا ڪوڙ نٿي ٿي سگهي. اهڙي ڄاڻ يا معلومات پنهنجي جاءِ تي، انساني خواهش کان ڌار، الڳ مجيل ڪائناتي ۽ آفاقي حيثيت رکي ٿي.

هاڻي سوال اٿندو تہ پوءِ ائين ڇو آهي جو، جا ڄاڻ ڪالهہ سَچ هئي، سا اڄ ڪُوڙ آهي، ۽ جا ڪالهہ ڪوڙ هئي سا اڄ سچ آهي؟ ان بحث فلسفي ۾ نسبتي سچ (Relative Truth) ۽ قطعي سچ (Absolute Truth)“ جي نظريي کي جنم ڏنو. حقيقت جي پوري ۽ مڪمل ڄاڻ، جا مستقبل ۾ بہ غلط ثابت نٿي ٿئي، سو قطعي سچ آهي. جا ڄاڻ ۽ معلومات تجربي، وقت ۽ ڄاڻ جي اوسر سان بدلبي رهي، سو نسبتي سچ آهي. اها حقيقتن بابت مڪمل ۽ پورڻ (Perfect) معلومات نہ آهي. سائنسي سچ يا ايجادون بہ ان زمري ۾ اچن ٿيون. نسبتي سچ قطعي سچ کي رسڻ يا سمجهڻ لاءِ هڪ ڏاڪو يا وڪ هوندو آهي. قطعي سچ معروضي Objective حقيقت آهي، ڇو جو اهو انسان يا موضوع (Subject) جي خواهش يا ارادي تي مدار نٿو رکي. ان جي ابتڙ نسبتي سچ موضوعي (Subjective) ڄاڻ آهي، ڇو جو اهو انساني خواهشن ۽ ارادي مان اپمن ٿئي ٿو، ۽ ان جي ارمانن، ريتن ۽ رسمن جي پيداوار آهي. ان ڪري ان کي ٻطرفو سچ (Two-fold Truth) بہ چئبو آهي.

انساني سوچ ۽ شعور جي سفر ۽ سڦل تجربن جو ٻيو نالو سچ آهي، ان ڪري سچ کي انسان ذات کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. پر ان جو مدار انسان جي خواهشن ۽ ارادي تي نہ، بلڪ زندگي جي حقيقت تي آهي. سچ ماڻهوءَ جي نلهي سوچ جي اظهار کي نٿو چئجي، پر ان جي سوچ جو، معروضي حالتن سان ٺهڪندڙ حقيقت جي صورت ۾ اظهار جو نالو سچ آهي! ڪي فيلسوف وري ان خيال جا آهن تہ جو بيان يا ڳالهہ ڪنهن مقصد سان هجي، يا انسان جي مفاد وٽان هجي، سو سچ آهي! پر غور

سان ڏسبو تہ اهو موضوعي سچ آهي نہ ڪي معروضي يا قطعي. ڪنهن هڪ ماڻهوءَ، ماڻهن جي طبقي، گروهہ يا ٽولي ۽ فرقي جي مفاد واري ڳالهہ ٻي ماڻهوءَ، ماڻهن جي طبقي، ٽولي، گروهہ يا فرقي جي وروڌي (Antagonestic) ٿي سگهي ٿي. اهڙو سچ موضوعي آهي، ڇو جو اهو هڪ ماڻهوءَ، طبقي، ٽولي، گروهہ يا فرقي جي خواهشن ۽ آزمائش جو طابع آهي. اهو سچ عمل ۽ تجربي جي آڏو ثابت قدم بيهي نہ سگهندو، ۽ نہ ئي عام انسان ذات جي زندگيءَ جي معروضي حقيقتن سان ٺهڪي ايندو. ان مجيل ماڻ ماپي سان ڏسبو تہ اهو سچ سچ نہ ثابت ٿيندو. سچ جو سفر ۽ ان جي ڄاڻ يا معلومات زمان ۽ مڪان، طبقي ۽ فرقي، فرد ۽ قوم جي فاصلن ۽ فيصلن کان آجا هوندا آهن. سچ، جيئن متي چئي آيا آهيون، الڳ، آزاد، ۽ علحدي ڪائناتي ۽ آفاقي حقيقت آهي.

سچل ڄاڻ ۽ علم جي انهن سيني عملي ۽ نظرياتي تجربن مان گذريو، ۽ نسبتي سچ جا ڏاڪا اورانگهيندو وڃي قطعي سچ جي ماڳ ڪي رسيو. سندس شاعريءَ جي موضوع جو وڏو حصو تصوف جو فلسفو آهي، جو دنيا ۾ انسان ذات جي اهڙي سماجي ۽ سياسي دور واري زندگيءَ جي حقيقتن جي سڌي تجربي جي پيداوار ۽ رد عمل آهي، جنهن مان سچل پاڻ بہ گذريو هيو. اها هڪ مجيل ۽ تاريخي حقيقت آهي تہ جاگيرداري دور ۾ استحصالي طبقي جي ڏاڍ ۽ جبر، زور ۽ ستم کان نفرت، ڌڪار ۽ ان خلاف وروڌ جو اظهار صوفين تصوف جي فلسفي سان پئي ڪيو آهي. ان دور جي حقيقتن سان ٺهڪي ايندڙ ڄاڻ ۽ معلومات جو اظهار صوفي شاعريءَ جو مکيہ موضوع رهيو آهي. حاڪم جو جبر، ڏاڍ ۽ پرماريت، ۽ ان سان مذهبي اجاري دار جو هٺ ٺوڪيو ٿيڻ ۽ ان

عيوض استعمال ۾ پاڳي پائي ٿيڻ، جاگيرداري دور وارن جون اهڙيون حقيقتون آهن، جي اڄ بہ غلط ثابت نٿيون ٿين. ان حقيقت جي چاڻ سچل اجهو هنن لفظن ۾ ٿو بيان ڪري:

ملان قاضي حڪم چليندي، حاڪم ڪردي جور جور،
نفس ڪتي دي رشوت کاندي، مار تنهان دي گور گور.

اهڙي حقيقت جو ٻيو اظهار وري سچل هيئن ٿو ڪري:

هتي رتي رهڻ ناهہ ڪا، چاٽي هڪ ڏٺي،
جا عادت زور ظلم جي، هيءَ حمير وٺي،
رعيت جي رنجڻ جي، ٿيس گهرج گهٽي،
هاٺي برسر هيءَ ٻٺي، سنگهارن تي سومرا.

انساني جيون جي اها هڪ سماجي سياسي حالت جي تلخ حقيقت آهي تہ حاڪم ۽ ان جا هٿ وٺ ٻانهن ٻيلي استحصالي طبقا، پنهنجي ڦرمار ۽ پرماريت جو ڪاروبار، مذهبي منافرت، دڪانداري، ۽ طبقاتي درجي بندي، ذات پات جي مت ڀيد ۽ سماجي حد بندين جي آڌار ۽ ٻلي پيا هلائيندا آهن. اهڙي ريت نفاق ۽ ٻيائي جي تلوار سان سماج ۽ خلق کي نستو ڪري، منجهن تفرقا پيدا ڪري، هو پيا جاوا ڪندا آهن. سچل بہ ان حقيقت کان چڱيءَ ريت واقف هيو، ۽ مظلوم ۽ محڪوم طبقي کي اها چاڻ ڏيندي کين چوٽڪاري جي عمل لاءِ هيئن ڪوٺ ڏئي ٿو.

وقت اها ٿي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪڍ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اولهہ سج نہ اُلهي.

انهن سماجي ۽ سياسي حالتن ۾ پنهن جي لاءِ هو هي

اظهار ٿو ڪري؛

نا مئين سني، نا مئين شيعا، نا مئين ڏوهہ ثواب.

مذهبي منافرت ۽ اجاره داري خلاف تہ سچل جو سارو ڪلام وڏي واڪ حق جو نعرو آهي. ملا ۽ قاضيءَ جي ڪردار ڪشي جا سچل وٽ آهي، سا سندس همعصر شاعرن وٽ گهٽ آهي. هو رڳو اتي بس نٿو ڪري، پر ان منافرت ۽ مذهب رستي استحصال خلاف خلق کي عمل لاءِ بہ سڏي ٿو. اهو عمل جو رستو وٽس محبت جي صورت ۾ ملي ٿو. هو پاڻ ۾ ملي محبت ۽ ميٺ ۾ زندگي گهارڻ جو درس ڏئي ٿو، تہ جيئن استحصالي ۽ ظالم طبقي جون سازشون سڦل نہ ٿين. ان حقيقت جو بي باڪ اظهار بہ سچوءَ جي ڪلام جو اهم موضوع آهي. مثال طور سندس بہ شعر هت پيش ڪريان ٿو.

محبت پاريو مچ، سيني ۾ سچوءَ جي.

•

آءُ تہ پيئون پڪ پريمي، مور نہ ٿج تون ملا،
سچل حق نہ حاصل تن، جي راهہ انهيءَ کان رلا.

محبت جي مام تي مڙس ٿي بهجي. ذات پات ۽ امير غريب واري تڪبر ۽ ڪيني نفرت کي ڏکي پري ڪجي، تہ سماج جي صورت بدلجي سگهي ٿي. سچل ان سچ کان بہ واقف ڪيو:

سچو ڪج صبر، متي خيال ڪڙو رهين،
ڪينو ۽ ڪبر، پري ڪرين پاڻ کان.

زندگيءَ جي حقيقتن سان نهڪي ايندڙ هڪ بي ڪائناتي ڄاڻ ۽ معلومات تي اچو. جڏهن بہ، جتي بہ، جنهن بہ سچ جو

اظهار ڪيو آهي، تہ اهو مورد الزام قرار ڏنو ويو آهي. ڪٿي هن کي ڪافر ۽ ملحد سڏي تعزير ڏني ويئي آهي، تہ ڪٿي ديش دشمن ۽ غدار چئي سزاوار بڻايو ويو آهي. سچ کي سدائين سوريءَ چاڙهيو ويو آهي، يا دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. زندگيءَ جي اهڙين حقيقتن آڏو ڪي تہ سورهيہ ٿي منصور جيان سچ جي سين هٽي سوريءَ سزا وار ٿيندا آهن، جنهن جي پيروي سچل بہ ڪئي. پر ڪي وري ماڻ ٿي ڪچڻ جي همت نہ ڪندا آهن. اها ماڻ بہ پنهنجي جاءِ تي ڏوهہ ۽ پاپ آهي. ان ڄاڻ کي لڪائڻ ڪالهہ بہ ڏوهہ هو ۽ اڄ بہ ڏوهہ آهي. ويٽ نام تي تيل ڏاڍاين ۽ ظلمن خلاف بين الاقوامي ٽربيونل ۾ هلايل مقدمي ۾ مشهور اديب ۽ عالمي دانشور برٽرنڊ رسيل چيو تہ "اسان کي ماڻ ڪري ويهڻ جو ڏوهہ نہ ڪرڻ گهرجي" (Let us not comit the crime of silence) اهڙوئي سچ جو اظهار سچل سرمست رسيل کان گهڻو اڳ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

ماڻ ڪيان تان مشرڪ ٿيان، ڪڇان تان ڪافر،

انهيءَ وائيءَ ور، ڪو سمجهي سچيڏنو چوي.

انساني زندگي ۽ سماج جي اوسر جي تاريخ، صدين جي تجربي بعد، اها حقيقت ثابت ڪري چڪي آهي تہ جنگ جدل اسان جي حياتيءَ ۽ معاشري لاءِ مهلڪ ۽ مڪروه عمل ۽ لقاءَ آهن. ان ڪري هر سچ جي ساڪي شاعر جيان سچل بہ ان ڄاڻ جو اظهار پنهنجي شعر ۾ جا بجا ڪيو آهي. هن کي جنگ کان نفرت آهي ۽ صلح سان محبت. هو امن جو پيغامبر آهي.

سندس سچ جي اهڙي اظهار جا ڪجهہ مثال ڏسو:

نہ مان حاڪم، نہ مان ظالم، آهيان امن جو امير

جوڳين آهہ نہ جنگ، هن سلوڪي سڀ سين.

●

صلح پوي وچ دين ڪفر دي، سڀ ڳالهہ وڃي هڪ ٿيوي.

مذهبي رواداري، انسان دوستي، ڀائيچارو، ايڪو ۽ اتفاق، ۽ امن ۽ صلح آهي. معلومات ۽ سوچون آهن، جي زندگيءَ جي حقيقتن سان ٺهڪي ٿيون اچن، ڇو جو سياسي ۽ سماجي، انتظامي ۽ اقتصادي افراتفري ۽ ڏقيڙ، بحرانن ۽ گهوٽالن جي حالت ۾، آهي ڄاڻون ۽ معلومات ئي انسان لاءِ صحيح آدرش ۽ اصول ٿي سگهن ٿا. انهن موضوعن تي سچل جو ڪجهہ ڄاتو ۽ سوچيو آهي سو ڪافي اپٽار سان مٿي بيان ڪري آيو آهيان. انهن ڪان علاوه بہ ڪي ٻيون اهڙيون حقيقتون آهن، جن جي ڄاڻ سماجي ۽ نجي زندگيءَ ۾ سچ جو روپ ڌارڻ ڪري ٿي. سونهن، سلڇڻائي، نيڪي ۽ محبت ان قسم جي سچ جو نمايان نمونو آهن. انهن جو ماڻهوءَ جي خارجي حالتن وارين حقيقتن بجاءِ، اندروني حالتن، يعني دلي ڪيفيتن ۽ جذبن وارين حقيقتن سان گهڻو نالو ۽ رابطو رهي ٿو. سونهن، ماڻهو ڪٿي بہ، ڪنهن روپ ۾، ڪنهن بہ وستوءَ ۾ پسي سگهي ٿو. سلڇڻائي، نيڪي ۽ چڱائي، انساني رشتن ناتن لاءِ، ۽ مجموعي سماجي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ اهم ۽ ضروري خاصيتون آهن. عشق تہ اڻ ٽر ۽ لافاني عمل ۽ نظريو آهي. عشق ۽ محبت ڪان ڪير وانجو ٿي سگهي ٿو. عشق ڪنهن سان بہ ٿي سگهي ٿو. دل گهري دلبر يا دوست سان، ان جو دائرو تمام وڏو وسيع ٿئي ٿو. انساني زندگيءَ لاءِ عشق ٻارڻ (Fuel) جو ڪم ڏئي ٿو. ان عشق ۽ لگن ڌاران ماڻهو ڪوبہ جيون جو آدرش ماڻي نہ ٿو

سگهي.

سونهن ۽ حسن تي تہ سچل دفترن جا دفتر ڀري ڇڏيا آهن. سنڌي توڙي سرائڪي ڪلام ۾ محبوب جي حسن، منهن، لب، رخسار، زلف ۽ زيبائش جو ايترو تہ تفصيلي ۽ خوبصورت اظهار ملي ٿو، جو ڪنهن ٻئي هم عصر صوفي شاعر جي ڪلام ۾ گهٽ آهي. نيڪي ۽ سلڇڻائي بابت جا سوچ سچل وٽ آهي، ان جو معيار ۽ ماپو ساڳيوئي آهي، جو هن دنيا جي خطي جي تصوف جي فلسفي ۾ ملي ٿو، پر عشق ۽ الفت بابت سچل ڪجهہ سرس ۽ سوائي نظر اچي ٿو. سندس سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام مان، اهڙي اظهار جا چند نمونا هيٺ ڏجن ٿا:-

عشق ٻاجهون ٻيا راه نہ ڪوئي، اينوين آکيان متوالي،
هيئي سچا راهہ اهوئي، لهسين اٿان هون سرسيوئي.

•

سچل ڳالهہ عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا.
عشق لڳا گهر وسرڳيو، سڀ مطلب سڌ ٿيوسي.
عشق عقل کيا لڳي لڳي،، سُڻ وي قاضيا.
دوڙ عقل دي ڪتلي تائين، عشق دي منزل اڳي اڳي.

ستايل ۽ ڏتڙيل انسان ذات جي نجات ۽ ڇوٽڪاري لاءِ هن مهل تائين ڪيل جدوجهد ۽ جاکوڙ اها حقيقت آشڪار ڪري ڇڏي آهي تہ سوچ، لوچ ۽ پاڻ پتوڙڻ سان ئي ان ڏس ۾ ڪاميابي ماڻي سگهجي ٿي. سچل اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. هن پاڻ پنهنجي ڇوٽڪاري ۽ نرواڻ لاءِ جاکوڙ ۽ جستجو جو ڏگهو سفر طئي ڪيو آهي. تجربن جي ڪسوٽيءَ تي هن ان ڄاڻ کي پرکي، سچ پرجهي ان جو اظهار ڪيو آهي:

اٿــي ڪــمــر ٻــنــڌ، لــوچ تــہ لــهــين ســپــريــن،
هــوتــاڻــن جو پــنــڌ، ڏســين اڪــڙيــن ســان.

ان جستجو ۽ ڪشمڪش ۾ سچل صحيح ڪري چاتو تہ انڌي تقليد ۽ فرسوده خيالن ۽ نظرين جي پيروءَ سان ڇوٽڪارو ۽ نرواڻ نہ ٿو ملي سگهي. هن پنهنجي سر سوچڻ ۽ لوچڻ تي گهڻو اصرار ڪيو آهي.

پــنــيءَ ڄج ۾ ڄل، مــنــجهہ تماشــي نــہ پــويــن،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامون هل،
پــول نــہ ڪــنــهــن ٻــئي پــل، وٺج حال حلاج جو.

سچل پــنــهــنــجي ڄاڻ ۽ مــعــلــومــات، ســوچ ۽ لــوچ واري جستجو ۽ جاکوڙ سان، زندگيءَ جي انهن حقيقتن کي پرکيو ۽ پرجهيو هيو، جي ڪائناتي ۽ آفاقي سچ جو ٻيو روپ آهن. سچ هڪ ڪائناتي ۽ ڪُل وقتي لقاءُ ۽ فطري نيم يا اصول آهي. اهو ڪنهن بہ زبان ۽ مڪانَ فرد يا قوم ملڪ يا ماڳ جو پابند نہ آهي. سچل جي لفظن ۾ چئجي:

سچ ڪڏهين مول نہ ويڪي، پاڪ پليتان جائين

سچل جي ان ڄاڻ ۽ معلومات جي انتها اها آهي جو نہ رڳو هن سچ کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بڻايو، پر پنهنجو تخلص بہ سچو، سچل ۽ سچيڏنو ڪري ڪتب آندو. موضوع جي مناسبت سان، مضمون جي پڇاڙي، سچ ۽ سچل جي پاڻ ۾ ناتي سان ٺهڪي ايندڙ، سچوءَ جي هڪ سٽ سان ٿو ڪريان.

سچو سائين سڀ سچ هي ٻولينداٰ، سچ ڪنون نهين نسدا اي.

سرمست ـ ۴

1984ع

عوام اناالحق آهي

يورپ جي تاريخ پڙهائي ٿي تہ اتي تاريخ جو وچولو زمانو تمام وڏين پليگن، جنگين ۽ تباهين تي ختم ٿيو، تہ سڄي ڪنڌ جا دانشورانا بنياد ڏڏي ويا. ماڻهن روحانيت جي شڪل ڪي مذهب جي شڪل ۾ ڏٺو ۽ هو سونيون صليبون ڳچين ۾ وجهي پنهنجي مڪارين سان روزانو ڪيئي ڀيرا عيسيٰ عليه السلام کي صليب تي چاڙهيندڙ پادرين، رياستي اقتدار تي ڪڏهن سڌو تہ ڪڏهن اڻ سڌو قبضو جاري رکيو، نواڻ، ترقي ۽ ڀلائي جا سڀ رستا بند رکيا ويا هئا ۽ ان عذاب جو وڏو عرصو خلق کي پلئہ پيل هو. ڪليسا خلق جي روحانيت کي کوکلو بنائي ڇڏيو هو سياسي اقتدار جنگين ۽ تباهين جي صورت ۾ جيئڻ جون سڀ واٽون ڊاهي ڇڏيون هيون.

تڏهن عظيم بازنطيني سلطنت جي خاتمي يورپ جي سڄاڳيءَ لاءِ ڪيئي سببن سان ملي خلق کي ڪن تاريخي نتيجن تي پهچڻ ۾ مدد ڏني. ١٤٥٢ع ۾ قسطنطنيہ شهر تي ترڪن جي قبضي ڪانپوءِ هزار سالن جي بازنطيني تهذيب جا رکوالا دانشور، ڪاريگر اڏاوتن جا ماهر ۽ ڏاها اٽلي ۽ پوءِ سڄي يورپ ۾ ٻکرجي ويا. المين مان گذري اولهہ پهتل هنن ماڻهن يورپ کي تباهي ۽ وڏن گهوٽالن ۾ ڏٺو، جن وٽ سماجي ۽ روحاني طرح جيئڻ جون ڪي متبادل واٽون نہ هيون. پادرين جي روحاني جبر ماڻهن کي مايوس ڪري ڇڏيو. تڏهن سماجي ۽ شعوري اڏاوت جي ڪم ۾ مصروف ماڻهو، جن کي سچ سان عشق هيو، تن کي يوناني فلسفي جي صورت ۾

هڪ روشن ماڳ نظر آيو. عين انهيءَ وقت صدين کان موجود يوناني فلسفو هڪ جي حالت سان ٺهڪي آيو، جنهن ذهن ۾ سوالن ۽ تلاش کي جنم ڏنو ۽ جيئن پوءِ تيئن سگهارو ڪيو. سوالن جا جواب لهڻ، شڪن کي ظاهر ڪرڻ ۽ تلاش لاءِ موجود منزلن کي مدي خارج سڏيندڙ الائي ڪيترا ڏاها منصور ٿي ٻاهين ۾ ٻري ويا ۽ ڪرڻ سان ڪٽيا ويا. باغين، سرڪشن ۽ ارڏن ماڻهن هڪ عظيم پهه ڪيو هو، جنهن پراڻ ۽ دقيانوسيت جا تختا وچائي ڇڏيا.

پنهنجي هينئر به لڳ ڀڳ ساڳي صورتحال آهي. مادي طرح خلق وڏي ڏول ۾ آهي. سرڪاري ادارا عوام جا خدمت گذار هئڻ بدران جبريت تي ٻيٺل مشنري جا پرزا آهن. عوام ٿوري به چرپر ڪري ٿو، ته سندن اقتدار جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڪرڻ لڳن ٿا ۽ خلق جي ٿوري ڳالهه ڪٽي ٿي هلي، ته اونداهي دور جي پوپن، ٻاون ۽ پوپن ۽ ملن جون نندون حرام تي ٿيون وڃن. گادين ۽ حويلين جي اوچين پٽين ۾ ڏار پئجي ٿا وڃن. آدم بو، آدم بو جا هوڪرا مچي ٿا وڃن.

اڄ اسان وٽ "اناالحق" چوڻ وارو ڪو به ڪونهي، پر جنهن رڳو "حق" چيو، سو به برداشت کان چڙهيل ۽ خوفناڪ راڪاسن جي وچ ۾ اڏاري حياتي گهاريندڙ آهي.

صدين جي غلاميءَ منجهان نڪرڻ اسان لاءِ جيئڻ مرڻ جو مسئلو بنجي ويو آهي، تڏهن به اسان "اناالحق" تائين پهچي نه سگهيا آهيون ۽ ڏجي ڏجي ڪو حرف زبان مان نڪري ٿو، ته ان جو پڙاڏو به سونگهي ٿا وٺن ته ظلم جو گهاٽو ڦرڻ لڳي ٿو. اسان جا

دانشور ۽ سياستدان رڳو وضاحتن ۽ترديدن ۾ آهن، تہ نہ نہ اناالحق ڪير ٿو چوي، اسان تہ رڳو حق چئون ٿا. عوام اناالحق آهي، پر ان کي مڃڻ جو جوکو ڪير کڻي، ڪير پنهنجي جند تان آسرو کڻي.

بس اهو ئي سچوءَ سان اسان جي رشتي جو بنياد آهي.

”ماٺ ڪيان تہ مشرڪ ٿيان ڪڇان تان ڪافر“

ساڳي حالت اڄ جي دانشور جي آهي. هڪ صدي اڳ واري يورپ جي رڳو هڪڙي ليڪڪ، اناطول فرانس جا ٻہ ڪتاب ترجمو ڪرڻ جو ست بہ ٽتا ساري سگهون ۽ نہ اهڙي ڪنهن تحرير کي تخليقڻ جي باري ۾ سوچي سگهون ٿا. هڪڙي تمام وڏي سينسر شپ سماجي طرح سچل تي بہ مڙهيل هئي ۽ اسان بہ ان ۾ جڪڙيا پيا آهيون. آئيني طرح فرقيواريت ۾ قاتل آهيون. جنهن جي اڳيان اسان جو وڏو انساني حق جڪڙيو پيو آهي. اسان تہ ڪنهن انسان کي بہ ملڪ جو سربراهہ چوندي نہ ٿا سگهون، جو آئين چوي ٿو تہ ان جو مسلمان هجڻ ضروري آهي. پوءِ ڀلي اهو محمد شاهہ رنگيلي جهڙو يحيي خان هجي، يا ضيا جهڙو ڪو آمر. اسان تہ ڀٽائي جي ساٿي تمر فقير کي بہ ووٽ نہ ٿا ڏئي سگهون، جو هو اقيلت قرار ڏنل آهي. بس انهيءَ هچا جهڙي حالت ۾ هجڻ ڪري ئي سچل کي اسان پنهنجو دوست سمجهون ٿا ۽ سندس اڳوائي ۾ هلڻ قبول ڪريون ٿا. سچل پنهنجي ”وائيءَ جي ور“ ۾ رچي ريٽو ٿي ويو هو. جو مٿين ڳالهہ ڪيائين، پر پوءِ ان مان نڪري، بہ ويو ۽ ”مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا“ جهڙي وڏي ڳالهہ ڪري اڳتي وڌيو. ان مونجهاري مان نڪرڻ ڪانپوءِ اقتدار ۽ ان جي حمايتي پنڊتن جي سياسي مقصدن هيٺ ڪم ايندڙ خدا جي تصور جي

تشريح ڪي ڇڏي، خدا سان سڌو ڳانڍاپو ڳنڍيائين ۽محبوب جي صورت من ۾ پچائي، رچي ريٽو ٿي ويو.

سچل سرمست منصوري روايت کي اڳتي وٺي ويندڙ آهي. مون پنهنجي هڪ مضمون ۾ اڳ بہ حوالن سان لکيو آهي تہ منصور حلاج ڪرمتين جي اهڙي هلچل جو همدرد ۽ ساٿي هيو ۽ ان تحريڪ سان لهہ وچڙ جون ڪجھہ ثابتيون هڪ هندستاني دانشور علي اصغر انجنيئر ڇاڻايون آهن. سچل جا ڪي تنظيمي ۽ سياسي ڳانڍاپا نہ ٿا ملن، پر سندس فڪري دائري ۾ بغاوت، سرڪشي ۽ سڌيون ڳالهيون ٿيل ملن ٿيون. سندس اهوئي انداز کيس انسانيت جو شاعر بنائي ٿو. انسان، مذهب، رنگ ۽ نسل جي ڀيد ڀاوءَ کانسواءِ خدا جو حصو آهي ۽ خدا کي محبوب سمجهي ٿو. سندس ان تانگھہ رکڻ جو حق مذهبن جي چوواٽي تان ڪونہ ٿو گذري. تڏهن ئي تہ هو چوي ٿو، ”هندو مومن ناهيان يار“ محبوب جو جلوو ڪن جاگرافيائي حدبندين ۾ قيد ڪونهي:

”جاڏي تاڏي جلوو تنهنجو، عجب تنهنجا چمڪار
هي ڀي، هو ڀي هڪ، ديس تنهنجو چئني ڪندين چوڌار

•

”سچو“ سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل،
الف مؤن آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل
هندو مومن سو ٿيو، ڀول نہ ڀئي ڪنهن ڀل،
”خلق الاشياءَ فهو عينها،“ اهو آڻ عمل
تہ ڳلابي گل، مر مارنئي منصور جان.

هاڻي جڏهن اسان پنهنجي مستقبل کي آزاد، محفوظ ۽ خوشحال بنائڻ جي رٿابندي ڪنداسين ۽ پنهنجي تخليقي آزادين

جي نين منزلن ڏانهن وڌنداسين، جڏهن اسان جي سفر جو هڪ مضبوط حوالو سچل سرمست به هوندو، ۽ عوام اناالحق جو نعرو بلند ڪندو، تڏهن سمورا رجعت پسند، ڪٽر، جنوني، تنگ نظر ۽ فرقيوار ٽولا سخت پريشان ٿي ويندا، ڇو ته اسان جي هلچل جي ايجنڊا تي هڪڙو سڌو مطالبو آهي: اسان گهر ڪريون ٿا. ته اسان کي اهو آئين کپي، جيڪو سنڌو ماٿريءَ ۾ درياهه جي ڪنارن تي وسندڙ دانشورن، ڀٽائي، بابا فريد ۽ سچل جي فڪر کي پنهنجو جوهر ۽ سرچشمو بڻائي. جيڪو:

”دوزخ دڙڪو بهشت دلاسو، ڏاهه ويا سڀ ڏهي ڏهي“

جي اقرار تي ٻڌل هجي. جنهن سان بنا فرق جي انسان جي احترام واري هڪ مهذب صورتحال پيدا ٿئي. اسان کي پنهنجي تهذيبي بقا ۽ ترقيءَ لاءِ مُلن هٿان سٽيل روحانيت جو متبادل سچل ۾ ملي ٿو، جنهن پاڻ کي عبدالوهاب بدران سچو سڏڻ کي ترجيح ڏنيءِ پنهنجو اهوئي تعارف ڪرايو.

اسان، اسان جا باغي صوفي دانشور، انساني حق جو عالمي پڌرنامو، جديد سائنسي ترقي ۽ عوام سڀ گڏجي اناالحق جو نعرو هڻون ٿا. اناالحق هنن سيني ڳالهين جو مڪمل اظهار آهي. اسان جي منزل اسان جو محبوب-خدا آهي. جتي ڪنهن به طرح جي جبر جو وس نه هلي سگهي.جتي اختلاف جي شڪلين ۽ اظهارن کي شڪ، تعصب ۽ ڪيني سان ڏسڻ بدران محبوب جي چمڪار جا ڪرٽا سمجهون ۽ جيڪا صورتحال انسان کي سک ڏانهن وٺي هلي.

اسان جو اهو مسئلو ئي ڪونهي ته هڪ رٽيل پٽيل دائري جي اندروني بحثن ۾ ماٿهن کي منجهائي ماريون. اسان سچل جي سنت

تي هلندي. نين ڏاهپن جي واٽ وٺنداسين. وجود کان عدم - وجود تي پهچي نوان وجود قائم ڪري. مرڻ جي ڊپ خوف مان نڪري هلنداسين.

"عاشق مرندا ڪينڪي، رهندا ڪين مڪان ۾"

"ڪين مڪان" عاشقن جي پهچڻ کانپوءِ مڪان ۾ تبديل ٿيندو ۽ عاشق اڃا اڳتي "ڪين مڪان" جي گهراين ڏانهن روانا ٿيندا ۽ اهو ازل ۽ ابد جو اڻ کٽ سفر جاري رهندو. انسان ان ئي هڪ بنيادي تضاد جي مڪيه ڌر آهي. خلائون، ۽ پولار "ڪين مڪان" آهن ۽ سائنسدان ۽ اڄ جا ڏاها انسان کي ايڏانهن نيئي رهيا آهن، جنهن سان ماڻهوءَ جو ذهن ڪائنات جيڏي ڊيگهه ويڪر ۽ پکيڙ ۾ وڌندڙ رفتار سان وک ملائڻ لڳو آهي.

ان رفتار سان اڳتي وڌڻ جو ڪارڻ منزل، محبوب- خدا جو شعور ۽ ان جي چڪ آهي. منزل محبوب ان ڪري آهي، جو ان جا چمڪار گهڻ پاساوان آهن. جيڪڏهن ڌيان ۽ يڪسوئي جو مرڪز محبوب ناهي،يا محبوب پوري طرح سان ناهي، ته اتي وڇوٽي پوي ٿي. يڪسوئي ۽ مڪمل ڌيان جز وقتي نه، پر ڪل وقت عمل آهي. محبوب ۽ ڳولائو هڪ آهن، پر شرط آهي ته ڳولائو پنهنجي ڳولا ۾ ڪوبه کوٽ نه ڳڏائي، يا ٻين تعصبن ۽ لالچن جو شڪار نه ٿئي. جو ته ايئن ٿيڻ جي حالت ۾ وحدت جو تصور مڪمل نه ٿيندو. جتي وحدت نه هوندي، اتي ٻيائي ۽ دوئي هوندي اها ماڻهوءَ جي تلاش کي گمراهه ڪندي. ڏسون ته سچل اها ساڳي ڳالهه پنهنجي هڪ ڪافي ۾ ڪهڙي طرح ٿو ڪري:

هي ڇڏيج هو وٺيج، متان ڪا ٻي ڳالهه پڇيج
ڊُئي واري دام ڪٺون، پهريون طالب پاڻ ڪڍيج،

مرشد جيئن فرمائيو، واقف سو تان ڏس وڃيج،
سر سهي ڪر پانهنجو، پئا آڏاٽا ڪيم اڏيج،
لاري لڳ نہ ڪنهن پئي، عاشق انهيءَ پنڌ پئيج،
ويسهہ واري واٽ تي ”سچو“ ڙي تون سر سٽيج.

سچل اڄ جي ترقي پسند دانشور جو عوام جي اندر، ذهن ۽ دلين ۾ پاتال تائين پيهي ويل هڪ بنياد آهي. سچل جي ڏس ۾ تاريخ دشمن، سندس طبعي زندگيءَ ۾ توڙي پوءِ وڏو ڏک ڪاڏو آهي. پهريائين هنن مٿس فتوائون ڪيون، ڪيس ڪافر سڏيائون، پر پوءِ جڏهن هنن ڏٺو تہ عوام ۽ عوامي ڪلچر سچل کي پنهنجو لازم حصو بڻائي ڇڏيو آهي، تڏهن هنن سندس احترام ڪرڻ شروع ڪيو. ڪهڙن جي مخدومن سچل تي فتوائون ڪيون ۽ اڄ درازا ۾ ساڳي درگاهہ جا سجاده نشين، سچل جي ساراهہ جا ڏُک اسٽيج تي اچي پرين ٿا. سچل ۽ ان جي فڪر جي مخالفن ان طرح پنهنجي موقعي پرستين سان پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو آهي. هو جيڪڏهن خلوص سان سچل تي باغي ۽ ڪافر واري فتويٰ تي قائم رهن ها ۽ حڪمران سندس مزار تي چادرون نہ چاڙهين ها، تہ سچل جي بحاليءَ جو ڪم ڪجهہ ڏکيو ٿي پوي ها. پر هنن سوڙهہ مغزن انساني تاريخ جي سمورن سوڙهہ مغزن وانگر تاريخي منافقيءَ کان ڪم ورتو، جيڪا ڳالهہ بہ سندن فائدي ۾ نہ وئي. پاڻ سچل جي ڏاک قائم ٿي. هاڻي پنهنجو ڪم هي آهي، تہ ڏاک قائم ڪيل، بحال ٿيل سچل ۽ عوام ۾ پيهي ويل سچل جي فڪر کي ڦهلايون ۽ ۽ پنهنجي منزل جو سامان سگهارو ڪريون.

سرمست . ١١
1991ع

● ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

سچل جي شاعريءَ ۾ ڪانگ جي علامتي حيثيت

سچل سائين جي عظمت مشرق توڙي مغرب ۾ تسليم ٿي چڪي آهي. پر ان جي شاعري ۾ علامتن جي حوالي سان خاطر خواهه ڪم اڃان تائين ٿي ڪونه سگهيو آهي. هن جي شاعري سنڌس منصوري ۽ سرمستي جي گونج ۾ ٻڏجي ويئي آهي انهيءَ حقيقت کان ته ڪوبه انڪاري ڪونهي ته منصور حلاج روحاني آزادي جو علمبردار ۽ پنهنجي دور جي روايتن جو باغي هو ۽ نه وري انهي حقيقت کان انڪار ڪيو ته عشق جي آخري منزل سرمستي آهي. پرهتي صرف اهو ڏسڻو آهي. ته شاعرانه انداز ۾ جيڪي ڪوڙ ساريون خوبيون سچل ۾ موجود هيون، انهن مان هڪ انداز علامت نگاري به آهي.

سچل کي ڪنهن رومان پرور سڏيو، ته ڪنهن ڪلاسيڪل ادب جو ڄاڻو ته ڪنهن وري حقيقت پسند ڪوٺيو. دراصل سچل ۾ اهي ٽئي خوبيون موجود آهن. ڪلاسيڪيت ئي انساني زندگي جي مڙني شعبن جي اصولن کي ترتيب ڏنو، خوبصورتي، جماليات ۽ فن کي ڳوليو ۽ ڏاهپ ۽ اصول پرستي کي عام ڪيو. انهن سيني ڳالهين جي باوجود سچل ۾ رومانيت پسندي جو رجحان وڌيڪ ۽ نمايان آهي. ۽ انهي ڪري ئي هن کي پنهنجي ماضي سان محبت آهي. چوي ٿو:

سومل سان سمهڻ جا، ڏاڍا ڏنم ڏک،

سوڍي وارا سک، ملڻ مون مشڪل ٿيا. (سُر راڻو)

جنهن شاعري ۾ علامتن جي آميزش نہ هوندي، اها شاعري زندگي جي رنگيني ۽ رعنائي کان خالي هوندي. سچل جي شاعري جون علامتون سڀ سماجي نفسيات جي ترجماني ڪندي حال مطابق مطلب ۽ معنيٰ ظاهر ڪن ٿيون.

جيئن تہ سچل هڪ صوفي بہ هو ان ڪري سندس صوفيانہ علامتون پڻ اظهار خيال جو بهترين ذريعو ثابت ٿيون آهن. اهي سڀ، ڪنهن رازداري بدران اظهار جي اهڙي قوت بڻجي نروار ٿيون آهن، جنهن سان نہ صرف شاعري ۾ فني پختگي آئي آهي پر معنوي حيثيت ۾ بہ اضافو آيو آهي. سچل پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي علامتون استعمال ڪيون آهن، اهي سڀ سماجي سطح تي اظهار جو وسيلو ۽ معنوي صورتگري جو نمونو آهن. پر ڪي علامتون لڪل ۽ پراسرار بہ آهن. هتي اسين ڪانگ جي علامت تي بحث ڪنداسين.

ڪانگ ظاهر طور تي ڪارو، بدآواز، ڪِنُ ڦِتُ کائيندڙ ۽ ڪراهت وارو پکي آهي. پر هتي اسان جو ڪانگ جي رنگت سان ڪو بہ واسطو ڪونهي. ڇو تہ رنگ جو تصور هڪ جدا حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو. جڏهن تہ ڪانگ جي علامت هڪ اهڙي مٿانهين حقيقت آهي، جنهن تائين رسائي لاءِ اسان کي جدا تصور ذهن ۾ رکڻو پوندو. ڇو تہ سنڌي ادب ۾ ڪانگ جي حيثيت هڪ پيغام پهچائيندڙ، گند کان روڪڻ ۽ سچائي ڏانهن مائل ڪندڙ شخصيت، هڪ مرد مومن، هڪ انقلابي انسان، هڪ ڏاهي ۽ هڪ سالڪ جي بڻجي پيئي آهي. اهڙا انسان پنهنجي سماج ۾ ٿيندڙ انيائن، ڪرمن، ڪوتاهين، مونجهارن تي نہ صرف تڙپي اٿن ٿا

پنهنجو سنيهو ٻـ [illegible] پهچي، [illegible] انهيءَ [illegible] لاءِ [illegible] کي [illegible] پر انهن
ڏين ٿا، اهڙن مقصدي ماڻهن جي حيثيت کان تہ ڪو بہ انڪاري ڪونهي، پر تاريخ ۾ اهڙي ماڻهن سان وڏا انبياءَ ٿيا آهن. انهي ڪري ئي اسان جا شاعر ۽ اديب اهڙن شخصيتن جي عزت، عظمت ۽ ڪم تي گهري نگاهہ رکن ٿا ۽ انهن جي ڪارنامن ۽ ڪارڪردگي جو بہ رڪارڊ رکن ٿا. اهڙائي شاعر سماجي سچائي کي ظاهري طريقي سان بہ ماڻهن تائين پهچائن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو پيغام لوڪان لڪائي اشارن ڪناين ۾ بہ عوام تائين پهچائيندا آهن. سچل بہ پنهنجي ڪلام جي هڪ باب ۾ ڪانگ جي علامت استعمال ڪري پنهنجو پيغام پهچايو.

سچل چاڻي پيو تہ ڪانگ هڪ اهڙو پکي آهي جنهن ۾ ايڪي اتحاد، اجتماعيت، تيز، ذهين ۽ سخت جان هجڻ جا گڻ موجود آهن، ۽ انهن خوبين ڪري ڪانگ جي علامتي حيثيت کي سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ ڏنائين. اهوئي سبب آهي جو سچل سائين ڪانگ لاءِ هڪ پورو سر مالڪونس لکيو آهي. جنهن ۾ ڪانگ جي حيثيت مقرر ڪري، هن نہ صرف پوئين دور جي ماڻهن جو، پنهنجي ڏاهن ۽ عظيم انسانن جي صلاحن ۽ مشورن ڏانهن ڌيان ڇڪايو، پر گڏوگڏ انهي ادبي روايت کي بہ برقرار رکيو، جيڪا هندي شاعري ذريعي، پڻائي وٽ آئي ۽ ان بعد سچل ان کي استعمال ڪيو.

سچل وٽ، ڪانگ اهڙن انسانن جي علامت آهي، جيڪي پوري انساني سماج کي هڪ وجود سمجهندا آهن ۽ اُهي ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي وجود جي ورڇ ڪرڻ ڪونہ چاهيندا آهن. سندن خواهش هوندي آهي تہ سماج ۾ ڪا تفرقي جي تحريڪ نہ هلي ۽ نہ تون ۽ مان جو ويڇو پيدا ٿئي. حاڪم ۽ محڪوم ۾ پيءُ

پٽ جو رشتو رهي ۽ ملڪ ۾ آزادي خوشحالي ۽ پيار جو وهنوار عام ٿئي.

سچل سائين جي ڪلام تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن پنهنجي شروعاتي شاعري ۾ ئي ڪانگ جي علامت استعمال ڪئي آهي. ڇو تہ اهيئي ڏينهن هئا، جڏهن سچل سرمست جي رهبريءَ هيٺ سنڌي عوام تصوف ۽ حب الوطني جي وهڪري ۾ هڪ پاسي وڃي رهيو هو تہ ڪلهوڙا خاندان ۽ سندن منحرف مريد ٽالپر امير، سنڌ تي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ۽ پنهنجي مخالفن کي نابود ڪرڻ جي مهم ۾ مشغول هئا. ڪلهوڙا ۽ مير ڪابل جي حڪمرانن کي محض انهي لاءِ سال بسال بارنهن لک نذراني طور ادا ڪيا هيا، تہ جيئن هو کين پنهنجي پنهنجي خاندان ۽ عوام مٿان مسلط رکڻ ۾ مدد ڪندا رهن ۽ سندن حق ۾ حڪومت جو پروانو جاري ڪندا رهن.

سچل سائين حڪمرانن جي اهڙي حالت تي ڏاڍو ارماني آهي ۽ هن سان گڏ پاڻ جهڙا توڙي آتڻ ۾ ويٺل سيئي ماڻهو بہ اُنهي ڏکي حالت تي پريشان آهن ۽ اهڙي صورتحال جو سربستو مذڪور سٽائڻ لاءِ سچل ڪانگ کي ڏاهو ڪوئيندي اها علامت استعمال ڪئي.

ڏاهــي چڙهــي ڏارتــي، ڪــا جا لــنــوي لات،
ڏک ڏنــائــين ســب ڪــي، وائــي آٺــي وات،
پــيــون ۾ هــيــهــات، آتــڻ واريــون اتــهــين.

هتي ڪانگ جي آواز کي هڪ ڏاهي جي آواز سان علاميو ويو آهي. ڇو تہ ڪانگ ئي هڪ اهڙو پکي آهي، جيڪو ڏاهپ ۽ حساس طبعيت جي ڪري پنهنجي نفاق ۽ تفرقو ڏسي پريشان ٿئي

ٿو.

اندروني اختلافن جو اثر سڌو سنئون عوام تي پوي ٿو حڪمرانن جي اهڙي صورتحال کي سچل سائين فارسي ديوان آشڪار ۾ چٽو ڪيو آهي. چوي ٿو ته مان بادشاهن جي حڪمراني ۾ غريبن تي بي پناهه ظلم ٿيندي ڏٺا آهن. وقت جي حاڪمن جي در تي عابد ۽ زاهد ماڻهن کي خوار ۽ بدحال ٿيندي ڏٺو آهي. حڪمرانن جي خوف کان عوام جا چهرا زرد ٿي ويا آهن. مون هر هنڌ تي هر زنده شيءِ کي پريشان حال ۽ دانهون ڪندي ڏٺو آهي. شاعر جو اهو مشاهدو کيس مجبور ڪري رهيو هو، ته حڪمران پنهنجي چال چلت ۽ ڪاروهنوار ۾ تبديلي آڻين. هن هڪ ڏاهي جي حيثيت ۾ اِنهي اميد سان کين پيغام ٿي ڏنو، ته موٽ ۾ کيس مثبت جواب ملي. اهڙي صورتحال سٽائيندي چوي ٿو:

لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڙهي چوي،
آندو اٿم پاڻ سان، نينهن پريو نامو،
توڏي ساريو سڄڻان، ڪيم راتيان روانو،
پڙهي پروانو، مونکي جلد جواب ڏي.

سچل سائين کي ان ڳالهه جو ارمان آهي ته سندس ڏيهه جو ڪو به حاڪم يا سرڪردو امير، اهڙي شخصيت، قومي سوچ رکندڙ ۽ سماجي هلچل هلائيندڙ ۽ انيائن کي مِٽائيندڙ مرد مومن کي سڃاڻڻ وارو ڪونهي. سڀ اکيون ٻوٽيو، اينڌڙ وقت کان بي خبر وٺ وٺان ۾ پورا آهن. پر سچل جي اها خواهش آهي ته اهڙي لافاني ڪردار جي عزت ۽ توقير هن طرح ٿيڻ گهرجي.

سڀ ڪنب ڪريان تانهنجا، ساڻ جواهر جڙاءُ،
عطر ڪٿوري اوتيان، پيا ماٺڪ تو مٿاءُ.

پکيئڙا پويانءِ، لڙهان موتين سنديون،

آءُ اڏامي اوڏڙو، تا جهولي‌ءَ ۾ جهُوليانءِ،
سيئي کنب ڪتوري ۾، لاکيڻان لوئيانءِ،
پوءِ سارو سمهوريانءِ، هڪ هڪ ڪري هٿن سان.

وقت جا حاڪم نہ سچل جي پيغام تي ڪن ڌرين ٿا ۽ نہ پنهنجن جهيڙن ۽ تفرقن کان جان ڇڏائن ٿا.

سچل چوي ٿو تہ مون بي ننگ ۽ بي ناموس پٽ کي ٻيءُ سان جنگ ڪندي ڏٺو آهي. هن شعر ۾ خيرپور جي ميرن جي هڪ اهم تاريخي واقعي ڏانهن اشارو آهي. جڏهن مير سهراب خان پنهنجي پٽ مير رستم خان جي حق ۾ 1811ع دست بردار ٿي ويو. پر بعد ۾ مير علي مراد خان جي ڪري پيءُ پٽ ۾ زبردست سياسي ڪشمڪش شروع ٿي ويئي هيءَ جڪتاڻ پيءُ پٽ نہ بلڪل ٻن ڀائرن مير رستم، مير علي مراد جي وچ ۾ ٿي هئي. جيڪا مير رستم خان جي معزولي تي ختم ٿي. سچل اهڙي صورتحال تي سخت غمگين ۽ پريشان آهي.

قاصد ايندي ئي، پيو شوڪارن ۾،
نياپا ڏيندي ئي، ساٿي ساهہ مٿي ويو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب انهي واقعاتي بيت لاءِ لکي ٿو تہ: سچل سرمست انهي صورتحال کي جدا جدا اشارن سان بيان ڪيو آهي، سندس بيان ۾ قاصد ۽ واچيندڙ (خط پڙهندڙ) بہ اهم ڪردار آهن. جيڪي مورڳو عاشق ۽ معشوق کان بہ جذبات ۾، روئڻ پٽڻ ۾، اهون ۽ شوڪارا ڀرڻ ۾ اڳرا آهن.

ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب هتي انهي ڳالهہ کي مڃيو آهي تہ

ڪانگ جذباتي طور تي پنهنجي مقصد سان واڳيل ۽ سماجي سوچ رکندڙ ڪردار جو تصور آهي.

سنڌ جي صورتحال تي جيڪي ٻہ انهي سماجي مهم سان واڳيل انسان هئا، انهن جو پاڻ ۾ هڪ زنجيري ڳانڍاپو هو. انهن چاهيو پئي تہ وقت جا حاڪم سندن هلچل کي سمجهن ۽ شل سندن سوچون ۽ رويا تبديل ٿين. اهڙا انسان جڏهن پنهنجي هم خيال مقصدي ماڻهن کي، حاڪمن جي روين ضد ۽ سادگي جي ڄاڻ ڏيندا هئا تہ اهي سياڳا انسان اهو ڀاسيندا ها تہ شايد هن خط ۾ اهڙا سنديش هجن، جو حاڪم پنهنجي ماضي واري روش تي نظر ثاني ڪرڻ لاءِ آماده ٿيا آهن. پر ان جي ابتڙ جڏهن خط جو مضمون پڙهندا هئا تہ ڪين خبر پوندي هئي تہ "ساڳيا لاتون ساڳيا چڳهہَ" وارو معاملو آهي. اهڙي صورتحال کي سچل هئين سٽايو آهي.

هن ڀانيو نامو، پر شعلو هئڙو شوق جو،
جند سارو جامو، تنهن جو سڀ سڙي ويو.

سچل سائين جي حياتي ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي سياسي تبديليون اچي چڪيون هيون، جنهن ڪري ڪيس سدائين سنڌ جي آزادي ۽ ماڻهن جي خوشحالي جو اونو رهندو هو. 1818ع ۾ ملتان ۾ سکن قبضو ڪيو، يعني سچل جي وفات کان 9 (نو) سال اڳ ۾ اهو واقعو پيش آيو. ان کان اڳ ۾ شاه شجاع، محمود شاه کان شڪست کائي سنڌ ۾ وارد ٿيو. اهي اهڙا واقعا هئا، جن سچل سائين جهڙي مدبر ۽ ڏاهي شاعر کي ميرن جي ذهني مدد ڪرڻ لاءِ اُتساهيو. پر افسوس صد افسوس جو مير صاحبن سندس صلاحن تي ڪن ڪو نہ ڌريو. سچل سائين انهن واقعن ڏانهن اشارو

ڪيو آهي، جيڪو علامتي شاعري جو هڪ بهترين انداز آهي، جنهن موجب شاعر جيڪي عام شيون ڏسي ٿو انهن جو بيان اهڙي طرح ڪري ٿو جو اهي خاص حقيقت ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. جيئن هن بيت ۾ چئي ٿو:

مڪڙي ڏنم موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح،
مڃيون مارن اوڇتو، بانڪا بيپرواه،
لهر بحر جا حاڪم ڄاڻي، شوريا وتن شاه،
وائڙا رڪن تن مٿان، ويچارا ويساه،
آسرو اڙين جو، آهي منجهه الله،
ڏيئي پاند پناهه، رکي ونندو راج ڪي.

سچل سائين انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان صرف سورنهن سال اڳ وفات ڪئي. هن ڪي مير علي مراد خان ۽ وليم بينٽڪ گورنر جنرل جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جي به خبر هئي. جنهن موجب برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني جي انگريزي واپارين کي سنڌوندي مان محصول کان بغير گذرڻ جو پروانو جاري ڪيو هو. هو مير نصير خان جي انگريز دوست واري روش جي به خلاف هو. هن جي اينڌڙ وقت تي به نگاهه هئي، ته ڪيئن آهستي آهستي انگريز سنڌ جي ذريعن تي قابض ٿي رهيا آهن. اها ڳالهه هن ڪلئي عام به ٿي ڪئي ته لوڪان لڪائي اشارن، ڪناين ۽ علامتن ذريعي به پئي ڪئي، پر افسوس جو حاڪمن ۽ اميرن اهڙن مقصدي پيغامن ڏانهن ڪو توجهه ڪونه ڏنو.

پنني ۾ پيغام، ڪي لکي مڪا سڄڻين،
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتان.

حوالا:

١. عباسي، تنوير: شاه لطيف جي شاعري - ١٩٧٦ع

٢. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ١٩٩۴ع

٣. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر: سچل سارو سچ - ١٩٨٩ع

۴. انصاري، عثمان علي: رسالو سچل سرمست - ١٩٧٨ع

۵.آشڪار - ٣ - ١٩٩٣ع

٦. آشڪار - ۴ - ١٩٩۴ع

٧. مولوي حڪيم محمد صادق راڻيپوري: سچل جو سرائڪي ڪلام - ١٩۵٩ع

٩. ديوان آشڪار - ١٩٨١ع

١٠. آشڪار - ١ - ١٩٨٩ع

سرمست ١٨

1998ع

موجوده دور ۾ سچل سرمست جي ڪلام جي اهميت ۽ افاديت

ادب ۽ آرٽ جي سلسلي ۾ ٿيندڙ بحثن ۽ ويچارن جو هڪ طويل سلسلو آهي. ان ڏس ۾ رايا ڌار ڌار ٿي سگهن ٿا، پر بنيادي سچائيون ساڳيون هونديون آهن، جن کان انڪار ممڪن ناهي. ڪن وٽ فن، حسن ۽ جماليات جو نالو آهي ته ڪي فن کي فن واسطي سمجهن ٿا، ته ڪن جو زور مقصديت تي هوندو آهي. مجموعي طور ڏٺو وڃي ته ڪنهن به شاعر جي سموري شاعريءَ جو فڪر ۽ محور هڪ جهڙو نه هوندو آهي، پر ان ۾ مختلف احساسات هوندا آهن، جن مان هر ماڻهو پنهنجي ذهني لاڙي مطابق ڪجهه نه ڪجهه حاصل ڪري ٿو.

هر دؤر جون پنهنجون سچائيون هونديون آهن، اهو ضروري ناهي ته ماضيءَ جون سچائيون، مستقبل ۾ به پنهنجي ساڳئي حيثيت برقرار رکي سگهن. هر تخليقڪار ان کان انڪار نه ڪندو ته، هن پنهنجن تخليقن ۾ سچ بيان نه ڪيو آهي، سچائي کي بيان ڪرڻ جا انداز به پنهنجا پنهنجا آهن. ڪٿي ان کي لڪائي، ويڙهي سيڙهي بيان ٿو ڪيو وڃي، ته ڪٿي ان جو لهجو تڏو ۽ نرم آهي، پر ڪي سچائيون آفاقي هونديون آهن، جن ۾ هڪ للڪار هوندي آهي، جن جي سگهه هر دؤر ۾ ساڳئي رهندي آهي.

اهڙيون سچائيون مصلحتن جون محتاج نه هونديون آهن. ساڳئي نموني سان، تصوف جو رنگ سنڌي شاعريءَ ۾ عام جام

آهي، جو تہ تصوف ۾ انسان ذات جي برابري ۽ محبت جي ڳالهہ آهي ۽ اهو تعصب کي رد ڪري ٿو، رواجي سچائين وانگر. اسان وٽ رسمي تصوف بہ موجود آهي، جنهن ۾ عمل جي پيٽ ۾ نماءُ وڏيڪ آهي. اهوئي سبب آهي جو مشهور جرمن شاعر گوئٽي پڻ رسمي تصوف جو قائل نہ هو، هو مشهور فلسفي اسپنوزا (١٦٣٢ - ١٦٧٧) جو مداح هو، جيڪو وحدت الوجود جو قائل هو. گوئٽي جي آڏو پنهنجي دؤر جي راهبن، پادرين ۽ عيسائي صوفين جي مصنوعي زندگي هئي، جيڪي ظاهري طرح پاڻ کي صوفي سڏائيندا هئا. پر عملي طرح تصوف کان پري هئا.

اديب ۽ شاعر دنيا ۾ هزارين پيدا ٿين ٿا. پر سڀ مڃتا جون منزلون ماڻي نٿا سگهن. هر هڪ جي فڪري شعور جي سگهہ پنهنجي پنهنجي آهي. ڪن جو فڪر فقط پنجاهہ سالن جي پنڌ ۾ ٿڪجي، پنهنجي اهميت ۽ افاديت وڃائي ٿو ويهي تہ ڪن جي شعور جون لاٽون وقت ۽ حالتن جي ڪوهيڙن کي چيريندڙيون، هر دؤر ۾ پنهنجي اهميت مڃرائينديون آهن، اهڙا تخليقڪار جينيس هوندا آهن. سچل سرمست بہ جينيس (Genius) شاعر هو.

جنهن وٽ نہ تہ رسمي تصوف جو تصور هو ۽ نہ ئي رواجي سچ جو. هن جي شاعري ۾ اهڙي آفاقي سچائي آهي، جنهن جي للڪار هر دؤر ۾ ساڳئي رهي آهي. موجوده دؤر ۾ جڏهن انسان، نفرت تعصب، فرقي بازي، دوکي ۽ مڪاريءَ جي چار ۾ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ جڪڙبو ٿو وڃي، تہ سچل سرمست جي انهيءَ للڪار جي اهميت اڃا بہ وڌي وڃي ٿي. ڪن دانشورن اڄوڪين حالتن ۾ تصوف کي فراريت جو نالو ڏنو، ان کي رد ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ انهن پنهنجي اها راءِ رسمي تصوف جي ظاهري ڏيکاءَ جي

ڪري ڏني آهي. جڏهن تہ تصوف جي وات عالمي اتحاد، يائيچاري ۽ محبت ڏانهن وجي ٿي. ڊاڪٽر لئيق بابري پنهنجي مقالي Mysti-cism and the Challenges of: the Modern World ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ؛

The sufi centres played the role of schools and universities. They discharged, their role of healers of physical maladies. Their "zawias" and "Dairas" served as hospitals and clinics of psychothraphy (1).

(صوفي مرڪزن، اسڪولن ۽ يونيورسٽين جو ڪردار ادا ڪيو. اُهي جسماني ۽ اخلاقي روڳن کان نجات ڏيارينڌڙ بڻيا. اُنهن جي زاوين ۽ دائرن روحاني مونجهارن کان ڇوٽڪارو ڏيارينڌڙ شفاخانن وانگر ڪم ڪيو).

صوفي مرڪز موجوده حالت ۾ جيتوڻيڪ پنهنجو ڪردار ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ عملي طرح سان ڪونہ ڪري رهيا آهن، پر اُتان جو فڪري اثاثو اڄ جي ذهني ۽ روحاني طور ٿڪل ۽ هارايل انسان کي سهاري ڏيڻ ۽ ان کي نئين راهہ ڏيکارڻ جي اڄ بہ صلاحيت رکي ٿو. هن وقت بہ ادب ۾ تصوف واري تصور کي عام ڪرڻ جي ايتري اهميت آهي، جيتري هر دؤر ۾ رهي آهي. اسان جڏهن اڄوڪين حالتن جي حوالي سان سچل سائينءَ جي ڪلام جو مطالعو ڪريون ٿا تہ سندس شاعري، موجوده دؤر جي شاعرن کان وڌيڪ مزاحمتي ۽ مثالي سچ سان سينگاريل نظر اچي ٿي. اڄ جڏهن مذهب جو سماجي رواداري وارو تصور ڌنڌلو ٿي رهيو آهي ۽ هڪ ئي مذهب جا پيروڪار وحدانيت جي تصور کي ٽوڙي ٽولن ۾ ورهائجي، پنهنجي فرقن جي نالن سان پنهنجون ڌار مسجدون

ٿاهي، هڪ ٻئي تي ڦٽڪار ڪري رهيا آهن ته اِن راءِ کي وزن مليو رهيو آهي ته اڄ خوبصورت ۽ مضبوط مسجدن ۾ ڪمزور ايمان وارا پنهنجي تنگ نظريءَ ۽ ڪم عمليءَ سبب اسلام جي انقلابي امن ۽ ڀائيچاري واري وسيع تصور کي ڀاڱ ڏي نقصان پهچائي رهيا آهن. اهڙين حالتن ۾ اڄ جو سادو انسان وڏيڪ فرسٽريشن جو شڪار ٿي رهيو آهي. "شيعا ڪافر ۽ سُني ڪافر" جي صدائن انهن کي ويڳاڻپ جي راهه اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي. صوفين جي ڌرتيءَ تي اهڙا نعرا ڇو گونجي رهيا آهن. اهڙن نعرن جو پيرو ڪڍجي ٿو ته اُهي وڃي اورنگزيب جي دربار تائين پهچن ٿا.

"برصغير جي تاريخ ۾ پهريون دفعو اورنگزيب جي ئي وقت ۾ شيعا سُني فساد ٿيا. هن ڏکڻ هندوستان جي حڪومتن کي به برداشت نه ڪيو. ان کان اڳ ننڍي کنڊ ۾ ڪٿهن به شيعا سُني تعصب جو نشان نه ٿو ملي" (٢)

انهيءَ ڪري ته سچل سائينءَ فرمايو

نامين سني نامين شيعا، نامين ڏوهه ثواب

اسلامي دَرسُ نه صرف اندروني فرقي پرستي کي رد ڪري ٿو پر ٻين ڌرمن جو احترام پڻ سيکاري ٿو. صوفين اِن ڳالهه تي عمل ڪري ڏيکاريو. پر ملان جي محدود ذهن ان ڳالهه کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اڄ مسجدون ۽ مندر سڙي رهيا آهن. انهن جي ظاهري باهِ ته نظر اچي رهي آهي پر انسانن جي اندر جا آتشڪده ڪوبه نٿو ڏسي. انهن حالتن ۾ نفرتون طاقتوَر ٿي رهيون آهن ۽ امن ڀائيچارو ۽ محبت ڏيهون ڏينهن هيٺا پوندا وڃن ٿا. تڏهن ته اڄ به سچل رحه اسان کي چئي ٿو ته:

وقــت اِهــا تــي ويــل، دوئــي دور كــرڻ جي
كــڏ مـذاهـب مـن مـان، ســاجهر ســاڻ ســويـل،
هـنـدو مومن سـان ملي، محـبـت جا كـر مـيـلَ
مــتــان تــئــي اويــلَ اولــهــ سـج نــ اُلــهــي.

سچل مُلان جي مذهب جو انكاري آهي. هُو تعصب ۽ ٻيائي كي رد ٿو كري. ناميارو اديب رشيد ڀٽي پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو ته:

”سچل جي دور انديش نظرن ڏٺو پئي تہ مذهبي ٻيائي، منافرت ۽ تعصب، سنڌ كي كهڙي سياسي سيلاب جي شكار بنائڻ ۾ كوشان رهيا. هن سمجهيو پئي تہ جي سنڌين ۾ اِهائي مذهبي منافرت ۽ مت ڀيد رهيو تہ اُن جو فائدو ايرندڙ انگريز قوت (يعني ٻاهرين استعماري طاقتن) كي ئي ملندو“ (٣)

اِن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سچل سرمست پنهنجي دؤر جي سياسي ۽ سماجي حالتن كان كيتري قدر باخبر هيو. سندس انهيءَ دؤر جي سوچ اڄوكين حالتن ۾ بہ اسان جي ساڳئي ريت رهنمائي كرڻ جي صلاحيت ركي ٿي. جو تہ اڄ بہ عام رواجي سچائي جي ڀيٽ ۾ بي مثال ۽ لازوال سچ جي اهميت آهي ۽ اهڙو لازوال سچ سچل جي فكر ۾ موجود آهي. تنهنكري هُو اڄ بہ اسان جو مزاحمتي سرواڻ آهي.

فقير محمد لاشاري پنهنجي مقالي ۾ هك هنڌ لکي ٿو تہ:

”سچل جا كي تنظيمي ۽ سياسي ڳانڍاپا نہ ٿا ملن، پر سندس فكري دائري ۾ بغاوت، سركشي ۽ سڌيون ڳالهيون ملن ٿيون. سندس اِهو ئي انداز كيس انسانيت جو شاعر بڻائي ٿو. اڄ اسان وٽ اناالحق چوڻ وارو كوبہ كونهي، پر جنهن رڳو حق چيو

سو بہ برداشت کان چڙهيل ۽ خوفناڪ راڪاسن جي وچ ۾ اڏاري حياتي گهاريندڙ آهي." (۴)

فقير محمد لاشاريءَ جي اِن راءِ جو تجزيو ڪندي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ تي نظر ڊوڙائبي تہ، سچل سرمست جي فڪري للڪار جو پڙاڏو هر دور ۾ محسوس ڪبو ۽ اِهوئي سبب آهي جو سچل جو فڪر اڄ بہ عوام جي ذهنن ۽ دلين تي اثر انداز آهي. هُو چوي ٿو:

بزرگ شِيخ مشائخ يارو، نامخدوم ٿياسي،
نڪي قاضي، نڪي ملا، معلم، پير بڻياسي
نڪي ناهہ نڳي جا ناهي، رنگ رساءِ رکياسي.

شاعِرُ وقت جي رائج غير انساني نفرت پريل قدرن جو نہ فقط انڪار ڪري ٿو، پر انهن خلاف وڙهي بہ ٿو. شاعر جي اِن فڪري جهاد ڪانسواءِ ان جو ٻيو ڪارنامو ٻوليءَ جو مختلف حالتن ۾ بچاءُ آهي. ڇو تہ شاعر پنهنجي شاعريءَ ذريعي ٻولي کي جيئرو رکن ٿا. مشهور انگريز نقاد ٽي ايس ايليٽ پنهنجي مقالي "شاعريءَ جا معاشرتي فرض" ۾ لکي ٿو تہ:

"ڪنهن ڏاري ٻوليءَ ۾ سوچڻ سولو آهي، پر ان ۾ محسوس ڪرڻ ڏکيو آهي. اهوئي سبب آهي جو لطيف فنن جي ڪا بہ ٻي صنف شاعري وانگر قوميت ۾ بدل نہ هوندي آهي. اِهو ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن قوم کان ٻولي کسي وڃي. ان کي ختم ڪيو وڃي ان جي ٻدران اسڪولن ۾ ڪا ٻي ٻولي مڙهي وڃي. توهان جيسين ان قوم کي نئين ٻوليءَ ۾ محسوس ڪرائڻ نہ سيکاريندا، تيسين پراڻي ٻوليءَ جون پاڙون برقرار رهنديون ۽ اُها ٻولي شاعري ۾ وري جنم وٺندي" (5)

ان راءِ مان ظاهر ٿيو تہ شاعري نہ صرف ٻولي لاءِ پناه گاه آهي، پر ان کي نئين سر جنم ڏيڻ جي صلاحيت پڻ رکي ٿي. ان حوالي سان لطيف، سچل، سامي ۽ ٻيا سوين شاعر اسان جي ٻوليءَ جا امين آهن. تنگ نظر نقاد ڪيترو بہ انڪار ڪن، پر سچل سرمست جي شاعري هر دؤر ۾ پنهنجي اهميت ۽ افاديت مڃرائي چڪي آهي. سچل جو آواز بلند ۽ سگهارو تہ آهي ئي، پر هن پنهنجي فن ۽ نئين صنفن وسيلي سنڌي ٻولي جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن جي شاعري نہ صرف اسان جو فڪري اثاثو آهي، پر اسان جي ٻولي جي بچاءَ جو مورچو بہ آهي. اسان سندس فڪر جي تازگي اڄ بہ ڀرپور نموني سان محسوس ڪريون ٿا. اڄ جڏهن عظمت، عزت، شرافت، حق ۽ انصاف جون چادرون لتاڙجي رهيون آهن. تعصب طاقتور ٿي رهيو آهي. اخلاق، علم ۽ مذهب جا ادارا پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن. تڏهن سچل جي شاعري اهڙي انسان جي تياريءَ ۾ مصروف آهي، جيڪو ذهني طرح هر قسم جي تنگ نظري ۽ تعصب کان پاڪ هجي.

حوالا

1. Dr. Laeeq Babree: "Mysticism and Challenges of the modern world", Paper presented at International Conference of Writers and Intellectuals. Nov: 30 to Dec: 3, 1995, Islamabad.

2. تنوير عباسي: "شاهہ لطيف جي شاعري" صفحو 63 روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1995ع.

3. رشيد ڀٽي؛ ”سچل جي فن ۽ فڪر جو پس منظر ۽ محرڪ“ صفحو 69 سرمست 7 ,1987ع، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور.
4. فقير محمد لاشاري؛ ”عوام اناالحق آهي“ صفحو 23 سرمست 11. 1991ع سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور.
5. ٽي ايس ايليٽ؛ ”ادب اور اديب“ صفحو 87 تاليف ۽ ترجمو، فاخر حسين. نگارشات لاهور 1988ع.

سرمست ١٧
1997ع

● محمد علي حداد

سچل سائينءَ جو اصلوڪو اردو ڪلام

جهڙي طرح گڏيل قومن واري اداري طرفان هڪ سال ڪنهن نہ ڪنهن نالي سان منسوب ڪيو ويندو آهي، تهڙيءَ ريت جيڪڏهن سال ١٩٨٢ع کي مان سنڌي ادب ۾ "سچل جو سال" سڏيان تہ شايد ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو.

هن سال سچل نيشنل سيمينار ٿيو. هن سال هن ميلي جي موقعي تي ٽن اديبن لاءِ سونا ميڊل مخصوص ڪيا ويا آهن. غالبن ملڪ نقبن ياڪستان ۾ هي پهريون واقعو آهي جو هتان جي انتظاميہ جي فراخدليءَ سبب هڪ ئي موضوع تي، هڪ ئي وقت ٻن اديبن کي سونا ميڊل ڏنا پيا وڃن. هن سال سچل اڪيڊمي وجود ۾ اچي چڪي آهي.

ڪتابن جي ڇپائيءَ جي لحاظ کان بہ هن سال سچل سرمست تي گهٽا ڪتاب شايع ٿيا آهن ۽ ڪجهہ ڇپجڻ وارا آهن. سچل نيشنل سيمينار ڪميٽي پاران "سچل سرمست تي ببلوگرافي"، سنڌي ادبي بورڊ طرفان مرحوم انصاري وارو "سچل سرمست جو سنڌي رسالو" ۽ مرحوم محمد صادق راڻيپوري وارو "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام". سچل يادگار ڪميٽي طرفان "سرمست ـ ٢" اوقاف کاتي طرفان مرحوم قاضي علي اڪبر جي ترجمي سان "ديوان آشڪار". اطلاعات کاتي طرفان "سچل سرمست" نالي سان ماهوار "پيغام" جو اسپيشل نمبر هن سال جي اڌ تائين شايع ٿي چڪا آهن. اميد تہ ڪافي پبليڪيشنز

طرفان مرحوم استاد "حامي" جي منلوم ترجمو ٿيل سنڌي مثنوين جو مجموعو " نينهن جا نعرا" ۽ ٻين ادارن طرفان ڪجهه ٻيا ڪتاب ۽ بروشر وغيره عنقريب منظر عام تي اچي ويندا.

ان ڪانسواءِ قومي يا علاقائي اخبارن ۾ به ڇپيل مضمونن جي وچور جي آثار تي مان چئي سگهان ٿو ته هن سال سچل سرمست تي تمام گهڻا مضمون ڇپيا آهن.

مٿين حقيقتن کي مدنظر رکندي اسان بلاخوف ترديد چئي سگهون ٿا ته هي ١٩٨٢ع وارو "سچل جو سال" آهي جيئن جو هي سال سچل جي سوانح ۽ ڪلام جي تحقيق جو سال آهي، انهيءَ ڪري مان هڪ عرض اهو ڪندس ته سچل جي معياري رسالي جي ترتيب لاءِ ڪو عملي قدم کنيو وڃي، هن سال سچل جي ٽن پانڌيئڙن (قاضي علي اڪبر، ڊاڪٽر عطا محمد حامي ۽ پير حسام الدين راشدي) جي وفات حسرت آيات سبب قدرتي طور سان اسان کي اها شايد تنبيهه ٿي آهي ته عملي ڪم سر انجام ڏيڻ لاءِ مستعد ٿيڻ گهرجي.

انهيءَ ضمن ۾ مان سچل سرمست جي اردو شاعريءَ متعلق هڪ اهم گذارش ڪرڻ جي اجازت وٺندس. پنهنجي گذارش عرض رکڻ کان اڳ، مان هيءَ ڳالهه بلڪل واضح لفظن ۾ چوڻ ٿو گهران ته بخدا، بخدا منهنجو ڪنهن به معزز فرد يا فعال واري اداري کي اجايو لوڙڻ جو ارادو نه آهي، بلڪ منهنجو اصل مقصد هي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخصيت کان ڪا غلطي ٿي ويئي آهي ته ٿڌي سيني غور ڪري، انهيءَ کي درست ڪيو وڃي.

سچل سرمست جي اردو شاعريءَ تي جن معزز اديبن لکيو

آهي تن مان صرف پروفيسر احسان احمد بدوي ۽ ڊاڪٽر عطا محمد حامي اهڙا محقق هئا، جن پنهنجي مثالن ۾ سچل سرمست جي اصل اردو ڏني، باقي سيني بزرگن سچل جي اردو شعر جو نمونو يا تہ نسيم امروهوي جي لکيل اردو ڪتابڙي "سچل سرمست" يا وري مرحوم مولوي محمد صادق واري ترتيب ڏنل اردو ڪلام منجهان ڏنو آهي. پهريون ڪتابڙو اطلاعات کاتي خيرپور طرفان ۽ ٻيو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد پاران شايع ٿيو. هي ٻئي تصنيفون لڳ ڀڳ هڪ ئي عرصي ۾ شايع ٿيون.

نسيم امروهوي جي تصنيف ۾پنجن غزلن جا تبيدل ٿيل اقتباسات ڏنل آهن.(١) ۽ حڪيم مولوي محمد صادق راڻيپوري مرحوم جي رسالي ۾ ڦيرايل پنجاهہ غزل درج آهن.(٢)

نسيم امروهوي صاحب سچل جي اردو شاعريءَ تي لکڻ مهل ڪهڙي ماخذ کي سامهون رکيو، تنهن جو پتو ناهي. سندس مقالي ۾ هڪ هنڌ سچل جي هڪ اردو غزل جي ٻن شعرن ڏيڻ بعد ڏنگين ۾ لکيل آهي (از ديوان آشڪار) (٣) مگر ديوان آشڪار جي ڇپُن ئي ڇاپن مان ڪنهن ۾ بہ اهو اردو غزل درج ٿيل ڪونہ آهي!

افسوس جو مولانا محمد صادق راڻيپوري مرحوم بہ پنهنجي رسالي جا ماخذات ڪونہ ٻڌايا آهن. جڏهن جو مرزا علي قلي بيگ وارو "رسالو سچل سائين جو" (١٩٠٢ع) سندس پيش نظر هو(۴) جنهن ۾ سچل سائين جون پنجاهہ کان وڌيڪ ريختہ ڪافيون ڏنل آهي، ايتري ساري ڇپيل ذخيري هوندي بہ سچل جي اردو ڪلام سان دست اندازي ڪرڻ جو ڪهڙو سبب هو! ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ مولانا مرحوم تہ پنهنجي متن ۾ اصل ريختہ

ڪافيون درج ڪيون هيون مگر سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ ڪارڪن پنهنجي هٿرادو هٿي سچل جي سنڌي . اردوءَ کي هندستاني اردو بڻائي ڇڏيو!!

نموني طور مان نسيم امروهوي صاحب ۽ مولانا رائپوري مرحوم جي تبديل شده اردو ڪلام مان چند مثال پيش ڪري ان جي ڀيٽ ۾ مرزا علي قلي بيگ جي ڇپيل رسالي سان گڏوگڏ خيرپور پبلڪ لئبريريءَ واري قلمي نسخي ۽ حيدرآباد جي مير صاحبن واري قلمي نسخي جي اردو ڪلام جا نمونا بہ پيش ڪريان ٿو.

نسيم امروهوي طرفان اصلاح ٿيل غزل جا ہِ شعر ملاحظہ فرمايو:

پکڑ کر تیغ لاہوتی سرِمیدان آئوں گا
گلی اب چھوڑ دلبر کی طرف دیگر نہ جائوں گا
دوئی کا دین باطل کر نکل باہر مذاہب سے
حکم یہ ایک ایکا کا بہ ہر جا میں چلائوں گا.(٥)

هاڻ ساڳيا شعر مولوي محمد صدق واري رسالي ۾ وري هن طرح لکيل آهن:

انا الحق جب کہوں گا میں سر میدان آئوں گا
گلی اب چھوڑ دلبر کی طرف دیگر نہ جائوں گا
دوئی کا دین باطل ہے نکل باہر مذاہب سے
یہ وحدت کا ہے حکم، اب وار چھکے سے چلائوں گا (٦)

مگر مرزا علي قلي بيگ واري رسالي ۾ متين غزل کي سرڪلياڻ جي ڪافي ڄاڻايو ويو آهي ۽ مٿيان شعر هن صورت ۾ لکيل آهن:

کہا کر سر انا ہو کا سرِ میدان آئوں گا
گلی اب چھوڑ دلبر کی طرف دیگر نہ جائوں گا
دوئی کا دین باطل کر نکل باہر مذاہب سوں
حکم یہ ہیکڑائی کا چپ وارسے چلائوں گا(۷)

ساڳي طرح خيرپور پبلڪ لئبريري واري قلمي نسخي، حيدرآباد جي مير صاحبن واري قلمي نسخي ۽ مرزا علي قلي بيگ واري ڇاپي رسالي مان سُر بروي جي هڪ ڪافي جا ٽي شعر مثال خاطر ڏجن ٿا:

تیرے ملن کے کیتے میں منتظر ہوا ہوں
بے زر غلام تیرا ہم سر بسر ہوا ہوں
روون تیرے ہجر میں دن رین ہم نے ہوتا
"حبل الورید" سیتے ہم بے خبر ہوا ہوں
فریاد اے سریجن سن ناں، خدا "سچو" کی
آ دیکھ حال میرا کہ اندر شرر ہوا ہوں (۸)

هاڻي ڏسو تہ مٿين ڪافيءَ کي مولوي صاحب واري رسالي ۾ غزل بڻائيندي ڪهڙيءَ ريت پنهنجي اصلاح جي رندي سان گهڙيو ويو آهي.

ملنے کو تیرے دلبر میں منتظر ہوا ہوں
بے زر غلام تیرا میں سر بسر ہوا ہوں
فرقت میں تیری رونا دین رینمجھ کو حاصل
"حبل الورید" سے بھیمیں بے خبر ہوا ہوں
فریاد سن سریجن بہرِ خدا سچل کی
آ دیکھ حال میرا میں پر شبر رہوا ہوں (۹)

اهڙيءَ طرح حيدرآباد جي مير صاحبن واري قلمي نسخي ۽

مٿايو ويو آهي:

دل ناز سے نینوں نے لوٹا اور کیا اسرار ہے
بس اب تو آجاؤ صنم تیرا ہی یہ بیمار ہے
یہ تار تیری زلف کا عاشق ہے اس میں پھنس چکا
اب چھوٹنا مشکل "سچل" شکر صد بار ہے (۱۳)

مٿين چند مثالن مان بخوبي طور هي حقيقتون ظاهر ٿين ٿيون ته:

۱. سچل سرمست جي اردو سنڌ جي لساني مزاج سان متطابقت رکندڙ اردو آهي. اڄ به اسان جا ڳوناڻا جيڪا اردو ڳالهائن ٿا، سا سچل واري سنڌي اردو آهي. مگر افسوس جو نسيم امروهوي صاحب ۽ مولوي محمد صادق مرحوم وارن غزلن ۾ سچل واري سنڌي - اردو لهجي کي ڦيرائي دهلوي ۽ لکنوي اردوءَ وارو لهجو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي.

۲. سچل سرمست پنهنجي اردو ڪلام ۾ "سچو" تخلص استعمال ڪيو آهي، مگر ادبي بورڊ واري رسالي جي سيني غزلن ۾ سچل تخلص استعمال ٿيل آهي.

۳. سچل سرمست اردو ۾ ڪافيون چيون آهن. انهيءَ لحاظ کان اسان سچل سائين کي اردو ڪافيءَ جو موجد به سڏي سگهون ٿا. مگر سچل جي اڪثر اردو ڪافين کي غزل نما ڏسندي ڪجهه محقق حضرات سچل جي انهيءَ ڪلام کي اردو غزليات ۾ شمار ڪيو آهي ۽ وزن جي گهٽ وڌائي ڏسندي اصلاح جو رندو گهمائي ويٺا آهن.

مٿايو ويو آهي:

دل ناز سے نینوں نے لوٹا اور کیا اسرار ہے
بس اب تو آجاؤ صنم تیرا ہی یہ بیمار ہے
یہ تار تیری زلف کا عاشق ہے اس میں پھنس چکا
اب چھوٹنا مشکل "سچل" شکر صد بار ہے (۱۳)

مٿين چند مثالن مان بخوبي طور هي حقيقتون ظاهر ٿين ٿيون ته:

١. سچل سرمست جي اردو سنڌ جي لساني مزاج سان متطابقت رکندڙ اردو آهي. اڄ بہ اسان جا ڳوٺاڻا جيڪا اردو ڳالهائن ٿا، سا سچل واري سنڌي اردو آهي. مگر افسوس جو نسيم امروهوي صاحب ۽ مولوي محمد صادق مرحوم وارن غزلن ۾ سچل واري سنڌي - اردو لهجي کي ڦيرائي دهلوي ۽ لکنوي اردوءَ وارو لهجو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي.

٢. سچل سرمست پنهنجي اردو ڪلام ۾ "سچو" تخلص استعمال ڪيو آهي، مگر ادبي بورڊ واري رسالي جي سيني غزلن ۾ سچل تخلص استعمال ٿيل آهي.

٣. سچل سرمست اردو ۾ ڪافيون چيون آهن. انهيءَ لحاظ کان اسان سچل سائين کي اردو ڪافيءَ جو موجد بہ سڏي سگهون ٿا. مگر سچل جي اڪثر اردو ڪافين کي غزل نما ڏسندي ڪجھ محقق حضرات سچل جي انهيءَ ڪلام کي اردو غزليات ۾ شمار ڪيو آهي ۽ وزن جي گهٽ وڌائي ڏسندي اصلاح جو رندو گهمائي ويٺا آهن.

هيءَ جيڪا بہ مون گذارش پيش ڪئي آهي ان جو اصل مقصد هي آهي تہ سچل سرمست جي اصلي اردو ڪلام جي اشاعت جو بندوبست ڪيو وڃي. ڇو جو سچل سرمست جي اردو شاعريءَ تي، جن بہ سنڌي اديبن يا سنڌ کان ٻاهر جي اديبن، جيڪو ڪجھہ لکيو آهي. سو ادبي بورڊ واري رسالي جي آڌار تي ئي لکيل آهي (١۴). هن ئي سال سيمينار جي موقعي تي انهيءَ رسالي جو ٻيو ڇاپو نهايت سهڻي نموني سان شايع ٿيو آهي. انهيءَ ڪري آئنده بہ جيڪي اديب يا محقق سچل جي اردو شاعريءَ تي لکندا تہ انهن جي پيش نظر اهوئي رسالو هوندو. جڏهن جو مٿي پيش ڪيل مثالن جي بنياد تي اسان ڏنوسي تہ سنڌي ادبي بورڊ واري رسالي ۾ سچل جي اردو شاعريءَ ۾ تدريف ڪئي ويئي آهي.

انهيءَ ڪري اسان جي لاءِ لازمي آهي تہ جلد کان جلد سچل جي حقيقي اردو شاعريءَ يڪجا ڪري شايع ڪرايون تہ جيئن غلط فهمي دور ٿئي.

مون سچل سرمست جي اردو ڪلام ڪي چند قلمي نسخن ۽ مرزا علي قلي بيگ واري رسالي تان پيٽي يڪجا ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪوبہ ادارو انهيءَ کي شايع ڪرڻ جي ذميداري کڻي تہ اهو سمورو بخوبي ان اداري جي نذر ڪيو ويندو.

حوالا

١. نسيم امروهوي: "سچل سرمست" ڊويزنل انفارمشن آفيس خيرپور، ١٩٥٧ع، ص: ٧-١٢

٢. مولوي محمد صادق: "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٥٩ع.

٣. نسيم امروهوي؛ "سچل کي اردو اور فارسي شاعري"، سہ ماهي "اردو نامہ" ڪراچي، جولائي ١٩٦١ع، ص؛ ٢٠

٤. مولوي محمد صادق: "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" ايضا، ص ـ ١٠

٥. نسيم امروهوي: "سچل سرمست"، ايضا، ص ـ١٠٩٠

٦. مولوي محمد صادق: "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" ايضا، ص ـ ٣٢٠٠

٧. مرزا علي قلي بيگ: "رسالو سچل سائين جو" هريسنگ بوڪ سيلر سکر، ١٩٠٢ع، ص ٢١٢.

٨. مرزا عيل قلي بيگ: "رسالو سچل سائين جو" ايضا، ٢٠٢، ٢٠٣، خيرپور پبلڪ لئبريري وارو قلمي نسخو، ص ـ ٢٢٠، حيدرآبادي ميرن وارو نسخو قلمي، ص ـ ٢٠٤.

٩. مولوي محمد صادق: "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" ايضا، ص ـ ٣٦٢

١٠. علي مراد: "حيدرآباد جي ميرن وارو نسخو" قلمي ١٢٩١هہ، ص ـ ١٩٦، مرزا علي قلي بيگ: "رسالو سچل سائين جو" ايضا، ص ـ ١٩٩٠

١١. مولوي محمد صادق: "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" ايضا، ص ـ ٣٤٧٠

١٢. مرزا علي قلي بيگ: "رسالو سچل سائين جو" ايضا، ص ـ ١٠٧

١٣. مولوي محمد صادق: "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" ايضا، ص ـ ٢٧٢٠

۱۴. مثال طور صرف هينيان اردو ڪتاب ڏسي سگهجن ٿا:

۱. بلوچ، نبي بخش خان: "سنده مين اردو" مهران آرٽس ڪائونسل حيدرآباد، ۱۹٦۷ع.
۲. جميل جالبي، ڊاڪٽر: "تاريخ ادب اردو"، جلد اول، مجالس ترقي ادب لاهور، ۱۹۷۵ع.
۳. شاهده بيگم، ڊاڪٽر: "سنده مين اردو" اردو ڪيڊمي سنده ڪراچي، ۱۹۸۰ع.
۴. شفقت تنوير مرزا: "سچل سرمست" لوگ ورثه ڪا قومي اداره، اسلام آباد، ۱۹۸۰ع.
۵. لاشاري، رشيد احمد: "سچل سرمست" سلطان اينڊ سنز ڪراچي، ۱۹٦٦ع.

•

سرمست - ۳
1983ع

سَچُو سَچُ ٿيو!
سچل جي ڪلام ۾ حقيقت جو اظهار

"حقيقت" عربي زبان جي لفظ "حق" جي صفاتي صورت آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو جمع حقيقتون آهي. جامع سنڌي لغات جلد ٣ ۾ ان جي معنيٰ ڄاڻايل آهي: "اصليت،ماهيت اصل، جڙَ، پيڙهه، بنياد، حالت،حال ڪيفيت، ڀيد، سچي واقفيت يا معلومات، سچو احوال، سچي ڳالهه، سچائي، سپ، صداقت، خبر، پروڙ، معلومات، ڄاڻ، ڪهاڻي، ماجرا،بيان احوال، حق ملڪيت، حقداري، صوفين جي اصطلاح ۾ سلوڪ جي هڪ منزل".!

"دائرة معارف" ۾ حقيقت جو جمع حقائق آهي ۽ معنيٰ آهي: "ڪنهن شيءِ جي اصليت، ماهيت، داخلي مطلب ۽جوهر وغيره". وسيع مفهوم ۾ ان جي سمجهاڻيءَ مان مراد آهي ته، "جنهن شيءِ جي حقيقت نه هجي،ان کي لاحقيقةَ له چئجي". هڪ مفهوم هي به آهي ته: "ڪنهن شيءِ جو ٻين شين سان فرق ڪرڻ. انهيءَ کي ذاتي حقيقت به چئبو آهي يا ڪاشيءِ يقيني طور موجود آهي."

تصوف ۾ اَهل الحقيقت صوفي اهي آهن، جي ذات باري تعاليٰ جي حقيقت کان واقف آهن. "حقيقت" هر صوفيانه طريقي جي آخري منزل آهي. خدا کي "حقيقت الحقائق" به چيو ويندو آهي. ڄاڪاڻ ته توحيد جو اهو مقام ۽ مرتبو آهي، جو سڀني حقيقتن تي گرفت رکي ٿو.

"دائرة معارف" ٻين لفظن ۾ ان کي "حضرت الجمع" يا

"حضرت الوجود" ڄاڻيو آهي. صوفين "حقيقت الله" ۽ "حق الله" ۾ فرق ظاهر ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ حقيقت سان الاهي صفتن جو اظهار ٿئي ٿو ۽ حق سان ان جي ذات جو.

تصوف ۾ محي الدين ابن عربي جي فڪر جو سلسلو ظاهر ۾ وڃي انهن تعريفن سان ملي ٿو. جيئن حقيقتن مان مراد الله تعاليٰ جي ذات ۽ ان جي موجودات عالم سان گڏ علائقن جو تعين ۽ تشخص آهي. موجودات سان گڏ حقائق سان تعلق، يعني لامتناهي صفتن جي باعث وحدت اوليٰ ڪثرت ۾ ورهائجي ٿي. جيئن شاهہ لطيف چيو آهي تہ:

وحدتان ڪَثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُ
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي ۾ ڀُلُ
هو هُلاچو هُلُ، ٻاالله سندو سڄڻين.

حضرت سچل سرمست چيو آهي تہ:

جيڪي آهي هِتِ، هُت ٻي اُهوئي آئي،
ٻَج اهائي ٻِتِ، تان تون اهوئي رهين

ائين ئي حقيقت المحمدي بہ اهو الاهي جوهر آهي، جنهن جو ظهور بہ ابتدا ۾ ئي ٿي چڪو هو.

حقيقت جو اشارو ڪنهن اهڙي عبارت ڏانهن بہ آهي، جا پنهنجي موضوعي معنائن ۾ مستعمل هجي. ان جي برعڪس مجاز آهي. جڏهن ڪوئي مجاز گهڻي واهپي ڪارڻ عام ٿئي ٿو. تڏهن ان عبارت کي ابن تيميہ جي بقول "حقيقة العرفيۃ" چيو وڃي ٿو.

فلسفي ۾ حقيقت کي ٻن معنائن ۾ ڪتب آندو ويو آهي. هڪ وجودياتي ۽ ٻي منطقي. وجودياتي معنيٰ: حقيقة الشيءِ يعني هر شيءِ جي حقيقت هوندي آهي. جنهن سان اِها اُها هوندي آهي،

جا آهي -هي اها آهي، جنهن کي الوجود الخاص چئجي ٿو. جرجاني حقيقت الوجود کي "ذات الشيءِ" سان تعبير ڪيو آهي. حقيقت کي انهيءَ مفهوم ۾ هرگزنه ورتو وڃي ته اها ڪا شيءِ موجود آهي.مگر ان مان مراد ڪنهن شيءِ جو "من حيث الوجود" جوهر آهي. ان جو جيڪو تصور پيدا ٿئي ٿو، اهو جوهر جي مطابق آهي.ليڪن ان سان گڏ ماهيت جو مفهوم به پيدا ٿئي ٿو.

منطقي معنيٰ الحقيقت العقلية - حقيقت، اها، جا شيءَ جي صحيح تصور سان ذهن ۾ ثابت ٿئي.

تصوف ۾ حقيقت جي اصطلاح کي فلسفيانه مفهوم سان ڪنهن ڳوڙهي عقلي تجربي جي تسلسل ۾ داخل ڪيو ويو آهي. نڪلسن جي بقول، "حقيقت سڀ نوس اصليت (Reality) آهي. جنهن تائين رسائي واصل باالله يا وصال باالله جي ئي سگهي ٿي".

The Idea of Personaltiy in Sufisom-P-59

شيخ اڪبر محي الدين ابن العربيءِ سندس متاخرين وٽ حقيقت جو مفهوم وحدت الوجود ۾ آهي. حقيقت ڳجهي رهي ۽ دنيا حقيقت الله آهي. جنهن جو اظهار سندس صفتن ۾ ٿئي ٿو. ائين وصال يا اتحاد جو تجربو بي مثال حقيقت جو هڪ انوکو تجربو هوندو آهي.

صوفي وٽ "حقيقت الحقائق" جي ترڪيب الله تبارڪ وتعاليٰ لاءِ مستعمل آهي. سيني حقيقت جي ڪُلي حقيقت کي "حضرت الجمع"يا "حضرت الوجود" چيو ويو آهي. هتي لفظ "حقائق"- اسرار جو هم مفهوم لفظ آهي. اهڙيءَ طرح "حقيقت الحق" حق جي ذات حقيقت، جا هڪ لمحي ۽ لحظي ۾ ايمان کي يقين تائين رسائي ٿي.

SOORIH SINDHI ADAB

حقيقت (Reality) ۽ حق (Real) يعني خدا- اگر حقيقت حق جي آهي. تہ بقول منصور حَلاج، ”هر حقيقي شيءِ جي ذاتي حقيقت آهي. حقيقت جي مفهوم ۾ هڪ اثرائتو ۽ گهرو تجربو گڏيل آهي“.

حَلاج ۽ هجويريءَ وٽ حقيقت مان مراد: الله تعاليٰ جي وصل جي محل ۾ بندي جو قيام ۽ پاڪائيءَ جي محل ۾ ان جي راز کان واقيت آهي. اهڙيءَ طرح لفظ ”الحق“ ذات الاهي کي ظاهر ڪري ٿو ۽ لفظ الحقيقت صفات باري تعالي کي. ان جي ذاتي حقيقت ۾ وحدت الوجودي صوفي پاڻ کي اهل حقيقت چوندا آهن. ڪن فقيهن شريعت کي بہ حقيقت چيو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ بہ حڪم ۽ امر سان ملڻ آهي. ڪن وري چيو تہ، ”جڏهن حقيقت جو حال منڪشف ٿئي ٿو، تڏهن شريعت جو اختتام ٿئي ٿو.“ تڏهن تہ علي هجويريءَ چيو تہ، ”حقيقت جي وجود کانسواءِ شريعت جو قائم رهڻ ناممڪن آهي ۽ نہ شريعت جي پابنديءَ کان سواءِ حقيقت جو قائم رهڻ ناممڪن آهي ۽ نہ شريعت جي پابنديءَ کان سواءِ حقيقت کي قائم ڪري سگهجي ٿو. انهن مان هر هڪ ٽن رڪنن تي قائم آهي. حقيقت علم آهي، الله تعاليٰ جي ذات ۽ وحدانيت جو. ان جي صفتن جو. ان جي افعال ۽ حڪمتن جو. ۽ شريعت علم آهي، قرآن حڪيم جو، سنت جو ۽ اجماع جو. نتيجو اهو نڪتو تہ حقيقت ۽ شريعت جو پاڻ ۾ بدن ۽ روح وارو تعلق آهي.

عثمان علي انصاريءَ، ”رسالو- سچل سرمست“ (سنڌي ڪلام) جي ترتيب وقت حقيقت جي سري سان بہ داستان تشڪيل ڏنا آهن. جن مان هر هڪ ۾ چوڏهن بيت ۽ ايڪيهہ

SOORIH SINDHI ADAB

ڪافيون ڏنل آهن، اهڙيءَ طرح الاويهہ بيت ۽ ٻائيتاليهہ ڪافيون ٿيون، جن ۾ سچل سرمست جي اهم صوفيانہ منزل "حقيقت" جي اپٽار ٿيل آهي. انهن ٻن داستانن کان سواءِ بہ ٻي ڪلام جي ذخيري ۾ پڻ حقيقت جو بيان ملي ٿو. مگر اهو موضوع جي مطابقت موجب اتي ئي موزون ڄاتو ويو آهي. انهيءَ ڪلام ۾ علامتن کي نظر ۾ ڪونہ رکيو ويو آهي. جيئن هيٺرو مثال هي آهي تہ:

جان پروڙيم پاڻ کي، تا آءُ پنهون آهيان
ڪنهين طرف ڪاهيان، جو طرف مڙئي تم ٿيا.

•

سائر منجهہ سهس، گهيڙا گهڙڻ آئيا،
ڪو سر سيٽاهيون ڪڍي، ماني ڪوئن مَس
سچو لنگهي لس، شرط وجي پيو شهہ ۾.

•

اڇي اوتڙياءُ، گهڙيس گهوري جندڙي
چڙهيس ڏاڍي چاهہ مؤن مستي موج متاءُ
تڙ لهي ترياءُ، شرط لنگهي پيس شهہ ۾.

سچل سرمست چوي ٿو تہ: اهو بي اعتمادي جو درياءُ ئي آهي، جو لسان ۽ پرين جي وچ ۾ وَهي ۽ رَهي ٿو.اهو اُڪرڻ لاءِ بہ هاديءَ جي همراهي درڪار آهي. هو جڏهن واهر ڪندو،تڏهن ئي وچ وارو وهندڙ واهہ ٽپي وجبو.

اسان پرين وچ ۾، وهي ٿو درياهہُ
آهي ڪو نہ اسان جو، هاديءَ ريءَ همراهہُ
سپريان تؤن ساهہ، سَچُوءَ تان صدقي ڪيو.

ڏاها ڏوريون پنڌ، متان پائين پرين جو،
حبيباڻو هَنڌُ، وجي ڏسج اکڙين سين.

هُو ڪثرت مان ئي وحدت ڏانهن وَري ٿو ۽ ڀريائين پنهنجو پاڻ ڦولڻ ۽ خودشناسيءَ جي هدايت ڪري ٿو. ”من عرف نفسه فقد عرف ربه“ تصوف جو اهو اولين ۽اهم نُڪتو آهي، جو شريعت ۽ حقيقت جي سنگم جي ساڄاهه ٿو ڏئي. سچل سرمست چوي ٿو:

اهو ڏاهيون ڏس آهه، سانول اِتي وَسي ٿو
ڦولهي لهج پاڻ مَون، پري نه پيرا پاءِ
دائم آهي دوست جي، تنهنجي جيءَ ۾ جاءِ

سچل سرمست دُوئيءَ واري دام ڪان پري رهي، پنهنجو سر سهي ڪرڻ جي ڳالهه نهايت آسان انداز سان ٻڌائي آهي. چوي ٿو:

هي ڇڏيج هو وٺيج، متان ڪا ٻي ڳالهه پُڇيج،
دُئيءَ واري دام ڪَون، ڀرين طالب پاڻ ڪَڍيج،
سر سهي ڪر پانهنجو، ٻيا آڏاٺا ڪيم اڏيج،
لاري لڳ نه ڪنهن ٻئي، عاشق انهيءَ پنڌ پئيج،
ويسهه واريءَ واٽ تي، سچوڙي تون سر سٽيج.

وري ٻي هنڌ چوي ٿو ته:

جاڏي تاڏي جلوو تنهنجو، عجب تنهنجا چمڪار،
هِي يي، هوبي هڪ ديس تنهنجو، ڇَئين ڪُندين چوڌار،
اچي تئين هڪ سچوءَ سان، لاهي ٻيائيءَ بارُ.

ابن عربيءَ جي مطابق حقيقت جو مفهوم وحدت الوجود ۾ آهي ۽ حق جي حقيقت ڳجهي رهي جو دنيا حقيقت الله آهي، سچل

سرمست بہ ان ئي آدرش جي گرد گهمي ٿو. چوي ٿو:

آءٌ تـــ "مـــان" "تـــون"وڃي يـــار
بـــي ڳالـــهہ كـــر مَ كـــائـــي
ڳجهـــي ڳالـــهہ هـــاديءَ دل تـــي دائـــم
فـــرامـــوش تـــي بـــي ورونـــهـــن وائـــي،
آهـــي ســـچو ســـچ تحـــقـــيـــق ڄاڻـــين،
جنـــهـــن مـــســـت مـــاريـــو دمہ خدائـــي

مددي ڪتاب

١. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: "جامع سنڌي لغات" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ج، ٣، ١٩٨۴ع ص ١١١٧

٢. انصاري، عثمان علي: "رسالو سچل سرمست" (سنڌي ڪلام): سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي/ حيدرآباد/١٩٥٨ع

٣. دائره معارف اسلاميہ، دانش گاهہ پنجاب لاهور: جلد. ٨

۴. سَنديلو، عبدالڪريم ڊاڪٽر: "سچل لغت": سچل يادگار ڪميٽي خيرپور ١٩٨۴ع

٥. مثنوي بوعلي قلندر: محمد عبدالقيوم تاجر ڪتب ڪلڪتو.

٦. ديوان منصور حلاج: مکتبہ دانيال ڪراچي ١٩٩٦ع.

● تاج جويو

سچل سرمست جي انفراديت ۽ عظمت

سنڌي سماج جي تاريخ تي نظر وجهجي تي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ فڪري، تهذيبي، قومي ۽ سماجي لحاظ کان هڪ نرالي نگري ۽ انوکو ديس محسوس ٿئي ٿو. موهن جي دڙي واري دور کان وٺي موجوده دور تائين سنڌ جي مختلف دورن ۾ قيامتون پئي ڪڙڪيون آهن، جن هتي تهذيب ۽ فڪري اُٿل پٿل ۾ وڏو ڪردار پئي ادا ڪيو آهي.

مون پنهنجي مختصر مطالعي ۽ معلومات ذريعي اهو محسوس ڪيو آهي تہ سر زمين سنڌ ۾ تبديليءَ جي رفتار ۾ سُستي ۽ دير جو وڏو ڪارڻ، هي پلاري پونءِ جي هر ميدان ۾ زرخيزي، سرسبزي ۽ پاٽيرائپ پئي رهي آهي. سنڌ معدني وسيلن کان وٺي زرعي پيداوار تائين هڪ شاهوڪار خطو پئي رهي آهي. فڪري ۽ تهذيبي طور بہ هن ڌرتيءَ جي تاريخ سگهاري، صحتمند ۽ خود ڪفيل پئي رهي آهي. نتيجي طور هيءَ ڌرتي، هر دور ۾ طامائن جي تاڪ سان گڏ بوڪڙن جو بَکُ جلد پئي تي آهي. اها فطري ڳالهہ آهي تہ سک سانت، آباديءَ ۽ آزاديءَ،هنر منديءَ ۽ تخليقڪاريءَ جي جنت جا رهواسي بي اونا ۽ بي فڪرا وڏيڪ ٿيندا آهن. سنڌن هر وسنءَ ۽ وٿ تي بکئي ۽ چتي جي نظر جهٽ پوندي اهي ۽ اوچتو جهن سک ۽ سانت جي بستيءَ، آباديءَ ۽ آزديءَ جي بهشت جا رهواسي ڏسندا آهن. تہ سندن وستي، وحشين جي وَر چڙهي وئي اهي، سندن علم ۽ ڏاهپ جي ذخيرن

تي ڏاڍا هنيا پيا وڃن، سندن پاٺشالائون ۽ درسگاهون، گهوڙن جي طنبيلن ۾ تبديل ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن تہ هڪڙا فرد سڄ ترڻ تي رکي ميدان ۾ ڪُڏي پوندا آهن، ۽ ٻيا دانشمند ۽ دور رس نگاهہ رکندڙ ڏاها پنهنجي تخليق، هنر سرمائي ۽ ذخيري کي لڪائڻ ۽ بچائڻ جا جتن ڪندا آهن، ۽ سمجهندا آهن تہ اُن املهہ وٿ کي بچائڻ بہ ايترو ئي ضروري آهي، جيترو جنگ جي ميدان ۾ سورهيائيءَ سان ڪناڪيڙ ۽ تلواري تجلي ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي.

دراوڙن تي آرين جي ڪاهہ هجي يا راءِ سهاسيءَ ڪان راجا ڏاهر تائين عربن جا حملا هجن، هتان جي هڪڙن جوش ۽ جذبي سان سرشار سرفروشن، وطن جون جاگرافيائي حدون بچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ٻين علم، دانش، هنر ۽ فن جي وارثن، پنهنجي علم ۽ دانش، فن ۽ هنر جي شاهڪارن کي بچائڻ جاجتن پئي ڪيا آهن. هر عمل جا ٻہ رُخ هوندا آهن. بچاءِ واري اِن پوئين لاڙي، جتي پنهنجي تهذيبي ۽ فڪري ورثي کي بچايو آهي. اُتي ارتقا ۽ اوسر جي رَوَ ۽ وهڪري کي ٻُندا بہ پئي ٻڌا آهن، ڪنهن بہ علم، هنر، فن يا ڪلا کي وهڪري واري صورت وٺائڻ بدران مائي ڍنڍ جي شڪل ڏياربي تہ اُن جو سينوارجڻ يقيني بنجي ويندو آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي اِن تحفظ ۽ بچاءَ واريءَ سوچ ۽ ڏاهپ پڻ ٻن نمونن سان اوسر ڪئي آهي. هڪ هنر، فن، ڪلا ۽ علم، خانداني، نسلي،قبائلي ۽ علائقائي دائري ۾ رهي جونءَ جي رفتار سان ترقي ڪئي. نتيجي طور سنڌ جي فڪري،تهذيبي ۽ لوڪ ڏاهپ، ڪن ياڳو يانن، جمن چارڻن ۽ سگهڙن، دودي چنيسر جي داستان ۽ قبائلي شجرن وانگر سيني بہ سيني سلامت پئي رکي

آهي. جنهن جي ضايع ٿيڻ جو وڏو امڪان، خطرو ۽ خدشو آهي. ٻيو نمونو، فڪري، تهذيبي ۽ ادبي ڏاهپ جو اهو رهيو تہ مختلف دورن ۾ فڪري حوالي سان ڪن سگهارن شخصن جنم ورتو ۽ هنن سياسي ۽ اقتصادي مورچو، حاڪمن جي حوالي رهڻ ڏنو ۽ پاڻ ثقافتي ۽ فڪري مورچي جا اڳواڻ ۽ داعي بنجي، ميدان تي نڪري آيا، ۽ ائين مخدوم بلاول، شاهہ حيدر سنائي، شاهہ عنايت شهيد، شاهہ لطيف، روحل فقير، سچل سرمست ۽ شيخ اياز پيدا ٿيا، جن پنهنجي پنهنجي دور ۾ هڪ وڏو ڇال ڏنو، فڪري ۽ تهذيبي اوسر ۾ "بريڪ ٿرو" ڪيو.

جيستائين سچل سرمست ۽ سندس دور جو تعلق آهي، تہ ان دور ۾ سچل جا سهيوڳي ۽ همعصر ٻيا شاعر بہ وڏا هئا، پر سچل جي عظمت، بلنديءَ ۽ وڏائيءَ جا سبب، منهنجي نظر ۾ هيٺيان هئا.

١. اظهار جو بيباڪ اظهار،
٢. ڪلاسيڪي روايت ۾ انفراديت،
٣. وحدت الوجودي فڪر جو انوکو روپ،
۴. هيئت ۽ گهاڙيٽن ۾ نواڻ،
۵. ٻوليءَ جو نئون، عوامي ۽ تخليقي انداز،
٦. موسيقيءَ ۾ نئين اسڪول کي متعارف ڪرائيندڙ.

اچو تہ ان هڪ هڪ نقطي تي مختصر روشني وجهون:

(ا) اظهار جو انداز

پٺائي ۽ سچل سرمست جي شاعري جو مطالعو ڪنداسون تہ اسان کي پٺائي وٽ "جمال" نظر ايندو ۽ سچل وٽ "جلال". پٺائيءَ وٽ علامتي انداز ۽ فڪري اونهائي وڌيڪ آهي، سچل وٽ

بيباڪي، رندي ۽ مستي وڏيڪ آهي. پٺائيءَ وٽ غور و فڪر ۽ منهن موڻ ۾ وجهي سوچڻ واري منزل آهي، جڏهن تہ سچل نغاري چوٽ تي الائي ٿو؛

اول پـــيـــري پـــڇ، بــــنـــــد خيـــالات جا،
تـــنـــهـــن پـــڇاڻـــون وچ، حـــلاجي حـــيـــرت ۾.

*

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻڻيجي،
مـــار نـــغارا انـــاالحـــق دا، ســـوريءَ ســـر ڏريـــجي

اظهار جي بيباڪي، سچل جي شاعريءَ جو معراج آهي.

(٢) ڪلاسيڪي روايت ۾ انفراديت

ڪلاسيڪي شاعريءَ جي اپياس مان ڄاڻ پوي ٿي تہ لطيف سائينءَ کان وٺي خليفي نبي بخش تائين لوڪ ۽ نيم تاريخي داستانن ۽ سُرن جو تاڃي پيٽو گهڻي ڀاڱي ساڳيو آهي، پر سچل وٽ ساڳيائپ سان گڏ انفراديت بہ آهي. سندس انفرادي شاعراڻي رنگ جو اندازو سندس رسالي ۾ سُرن جي ترتيب مان لڳائي سگهجي ٿو. مثال طور: سچل وٽ ”سُر پهاڙي“ ملي ٿو، جنهن ۾ ”روجهن سان رهاڻ“ جو موضوع کنيو ويو آهي، جيڪو سُر لطيفي روايت ۾ موجود نہ آهي. پٺائيءَ وٽ جوڳين ۽ ڪاپڙين جو ذڪر سُر رامڪليءَ ۾ ملي ٿو. جڏهن تہ سچل وٽ سُر جوڳ ۾ ”جوڳين جو جنسار“ موجود آهي. پٺائيءَ وٽ سُر ڏهر ۾ ڪونجن جو ذڪر آهي ۽ سُر پورب ۾ ڪانگ / ڪانگل جو ذڪر آهي، جڏهن تہ سچل وٽ بہ ”ڪانگ“ قاصد آهي، پر اُهو سُر مالڪوس ۾ ”مرغ نامي“ هيٺ بيان ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح سچل وٽ سرءُ نامو پڻ آهي، جيڪا روايت پٺائيءَ وٽ نہ آهي. تنوير عباسيءَ جي

راءِ آهي تہ سچل ڪلاسيڪي موسيقيءَ جا تمام گهڻا سُر استعمال ڪيا آهن ۽ هن وٽ سُرن جو تعداد شاهہ کان بہ وڌيڪ آهي. هيٺ سُر پهاڙي (روجهن سان رهاڻ) سُر جوڳ، سُر مالڪوس (مرغنامي) ۽ سَرءُ نامي مان هڪ هڪ بيت ڏيان ٿو، جنهن مان معلوم ٿيندو تہ سچل سرمست ڪلاسيڪي شاعريءَ جي روايت ۾ انفراديت پيدا ڪئي هئي.

پَلر پهاڙين پلٽيا، واجد ڪين وَس،
لنگهي ويون لَس، روجهڙيون ريجاڻن تي!
(سُر پهاڙي: روجهن سان رهاڻ)
پورب سندا پير، لاهوتي لڏي ويا،
ڳِناري ڳُنير، سچا ڳم ڳُرڳِيات سان.
(سُر جوڳ: جوڳين جو جنسار)
لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڙهيو چوي،
آندو اٿم پاڻ سان، نينهن پريو نامو،
توڏي ساريو سڄڻا، ڪيم روانو،
پڙهي پروانو، مون کي جلد جواب ڏي!
(سُر مالڪوس: مُرغ نامو)
آئٽ اُيريو اُپ ۾، ماهہ اَسُو آيو،
سَريي سِٺا ڪديا، ساڻوڻ سيڏايو،
رنگُ تان ريجاڻن تي، لُئيءَ، ڪُنگوءَ لايو،
ڇينهري سان چرسو، چارو چمايو،
سهسين سبزيون ساوَلون، تَلن ٽُلايو،
آڪيري مان ڪانو ۽، آل اُڏايو،
ڪانهن ڪڪوريا سرسري، ڪونجن ڪرڪايو،

اوهان ٻاجهون سُپرين، هت سُرن سِجهايو،
ساجن ڪر سايو، ميان! هاڻ ميلاپ جو!

(سرءُ نامو)

هن بيت ۾ موسم جو منظر، پيش ڪيو ويو آهي. شاهه صاحب وٽ سرن نسرڻ ۽ لوهيڙن ڦيجڻ، جو ذڪر آهي، پر اُهو سر سامونڊيءَ ۾ بيان ٿيل آهي، پر سچل جو "سرءُ نامو" بنهه منفرد ۽ ڪلاسيڪي روايت ۾ انفراديت سان گڏ جدت جو اُهڃاڻ آهي.

(٣) وحدت الوجودي فڪر جو انوکو روپ

شاهه لطيف وانگر سچل سرمست پڻ وحدت الوجود جي فلسفي جو قائل آهي ۽ شاهه جيان قادري مڪتبئه فڪر جو پوئلڳ آهي، جيڪي موسيقيءَ ڪان ونءُ ويندا آهن. پر حيرت جو مقام آهي ته شاهه ۽ سچل ٻئي راڳ جا دلداده هئا، ۽ ٻنهي جي درگاهن تي موسيقيءَ جا باقاعدا ادارا موجود آهن. شاهه لطيف وحدت الوجودي اظهار ۾ ڳوڙهو ۽ عميق آهي. جيئن:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سُور هئا!

پر جيئن ته سچل جو انداز رندي ۽ بيباڪيءَ وارو آهي، اُن ڪري سندس وحدت الوجودي اظهار به برملا آهي، ان ۾ ڪو به لڪ لڪاءُ نه آهي:

فرق ڪُفر اسلام نه ڪوئي، ڄاڻ اهوئي ڄاڻين،
ڪافرُ مومن هڪ هِڪا، غير نه غازي آڻين،
ڪُل شيءِ هُوالله، سڀ صورت هڪ ڄاڻين.

(۴) هيئت ۽ گهاڙيٽن جي نواڻ

سچل وٽ ڪلاسيڪي روايت موجب بيت موجود آهن، پر هن لطيفي روايت ”وائيءَ بدران ڪافيءَ“ جي صنف کي پنهنجو ڪيو ۽ هنَ قديم شهري صنف کي نوان گهاڙيٽا ڏنا ۽ ڪافي جي صنف ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. شاهه کان خليفي نبي بخش تائين وائي چندوديا يا موسيقيءَ جي ماترائن، تي لکي وئي آهي، پر سچل ڪافيءَ کي غزل جي ويجهو آندو ۽ هن ڪيترين غزل نما ڪافيون ۽ ڪيترا ڪافي نما غزل لکيا آهن. وٽس عروض ۽ ڇند جي ميل واربون ڪافيون هيئت ۽ گهاڙيٽي ۾ نواڻ جو خوبصورت مثال آهن. سچل سرمست جهولٽي ۽ گهڙوليءَ جون نيون صنفون ايجاد ڪيون، جيڪي هيئتي تجربن جو انوکو مثال آهن.

سسئي پنهون جي داستان ۾ سچل سرمست جو 50 بندن تي مشتمل جهولٽو آهي، بندن ۾ سٽن جو مختلف تعداد آهي، اڪثر بند 9 سٽن جا آهن، هڪ بند ستن سٽن جو ۽ 16 بند اٺن سٽن جا آهن ۽ جهولٽو بيت واري جوڙجڪ کان مختلف، ڇٺن ”فعلن فعلن فعلن فعلن“ يعني 16 ماترائن تي رچيل آهي، جڏهن ته بيت 11-13 ماترائن تي لکيو ويندو آهي. اهڙي طرح سچل سرمست وٽ هڪ ڪافي 25 بندن جي به ملي ٿي.

ڪافي ۽ هيئتي تجربن جا ٻه ٽي مثال ڏجن ٿا:

(۱) دم دم جا ديدار، اپر اسان جي نار تي!
ٻگا ڏاند ٻڌائون ٻيئي، تن جي ڳالهه ڪريان آءَ ڪيهي،
وهن ڏارون ڏار، ڳاڏيءَ جي ڳنڪار تي.........
نيسر، پڙڇ ۾ آيو پاڻي، ستگر تيڙم سچ ۾ ساٽي،
پوک پڇي ٿي تيار، ڪمُ سچل ڪلتار تي ....

(٢) عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گل سناسي،
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي
(٣) آ ادا سالڪ َ سهي ڪر تون هن طلسمات ڪي
يح دوئي تا ڪل پويئي، دور ڪر درجات ڪي!
(۴) آهي انهن اکين ڪي خاصو خمار تنهنجو،
وينو وئي آهيان هت، ڪامل قرار تنهنجو.
جهولٽي جو هڪ بند:

ظاهر سچ تہ سيکنهن جائين،
هي بي رمز تون دل سان لائين
تون تان آئينو تي آئين،
مئن ڪي چوڙ تہ تيوين، سائين،
پولو مُور نہ هن ۾ پائين،
توڪي صحيح سچ سڻائين،
ڪاشيءَ ناهہ بنا حق ڪائين
ڪُل شيءَ ناطق، ڳالهہ اها ڳائين،
هر جا پاڻ غني گفتاري.
٢۵. بندن واري ڪافيءَ مان ہ بند ڏجن ٿا.
تنهنجي حسن ماريا سوريءَ سوَ سينگاريا
انهن ڳالهين ڳاريا، هزارين هزار.
اُهي ياد آيا، نيزن جي نوايا، نيئي سر سلايا، تنين تو آهار....
سچل عشق ايندئي، اچي ڏاڻ ڏيندئي "من وما" نيندئي ڪندي گل بهار
(۵) پوليءَ جو نئون، عوامي ۽ تخليقي انداز
قاضي قادن، شاهہ ڪريم، لطف الله قادري، شاه عنات تائين ۽

شاه لطيف کان سچل سرمست ۽ خليفي نبي بخش تائين بيت جو ڪلاسيڪي رَچاءُ ۽ سٽاءُ ذري گهٽ ساڳيو آهي، پر سچل وائيءَ بدران ڪافي لکي آهي. البت سچل وٽ بيت، وائيءَ توڙي ٻين صنفن ۾ ٻوليءَ جو آزاد، عوامي ۽ تخليقي انداز ملي ٿو. عوامي انداز ۽ استعمال کي ٻين لفظن ۾ اترادِي لهجو، سڌي سگهجي ٿو. جنهن ۾ حرف جر، حرف جملي، ضمير ۽ فعل جو منفرد استعمال نظر ايندو.

جاتي نقطو نينهن جو، تاتي عقل نہ القاب

*

سر ڪرڻ صدقي اوهان تئون، آهي سچل تي فرض هي

*

تي پاڻ ڪئون پري تون، فرمائيو اوهان جو،
آهي جميل اصل ڪئون، هي اعتبار اوهان جو.

*

جانـ چوڻ جهڙي، سا مون چوان ڪيئن،
قصو آهي هيئن، هُو ۽ هي، تيو هيڪڙو!

*

ريگستاني راج ڏنهن، قاصد آيو ڪون،
خيال نہ هيڏهن هون، مارن مون کي مُئو ڪيو.

مٿين شعرن ۾ جاتي، تاتي، تئون، ڪئون، مون، ڏنهن، هيڏنهن لفظن جو معياري استعمال، جتي تتي، تان، ڪان، مان، ڏانهن ۽ هيڏانهن ٿيڻ گهرجي، پر سچل سرمست انهن کي عام لهجي ۽ عوامي انداز ۾ ڪم آندو آهي، جيڪو شعر ۾ مٺاج ۽ رواني‌ءَ جو ڪارڻ بنجي ٿو.

سچل سنڌي ۽ سرائيڪي زبانن جو، پنهنجي دور جو سڀ کان وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. ٻنهي زبانن جي استعمال تي کيس عبور حاصل آهي، پر هن ڪٿي ڪٿي سنڌي ۽ سرائيڪي ميل سان خوبصورت ڪافيون چيون آهن، جن کي عواميءَ سان گڏ ٻوليءَ جو تخليقي استعمال ڪوٺي سگهجي ٿو. مثال طور سنڌي، سرائيڪي ميل واري هيءَ ڪافي ڏسو.

مون اکين کي پرچايو، سمجهايو،
پر جهليو پليو نہ رهندو، وي ميان!
آکڻ ميڏي اُتي لڳنديان ناهين
انهن کو پور پرايو،وجود وڃايو!
جتان پکيان دا وي پيرا ناهين،
عشق اکين اُتان لايو، ورهہ وسايو!
حال سچل دا لڳا اُتاهين،
جتان تنهن هينئڙو کسايو، مطلب پايو!

سچل پنهنجي شاعري مختلف ٻولين ۾ ڪئي آهي، جنهن ۾ سنڌي، سرائيڪي، پنجابي، فارسي، اردو، هندي، اڇي وڃن ٿيون. هتي هڪ مثال پيش ڪجي ٿو.

عشق هي امام ميرا، ديگر امام کيا هي،
ميخانہ خود بنا هون، اک جرعہ کا جام کيا هي!

شاهہ ۽ سچل جي وچ وارن شاعرن ۾ صرف روحل ۽ مراد فقير اهڙا شاعر ملن ٿا، جن سنڌيءَ کان سواءِ ٻين زبانن ۾ شاعري ڪئي آهي ان حوالي سان بہ سچل سرمست باقي ڪلاسيڪي شاعرن کان منفرد آهي،جنهن مختلف زبانن ۾ شاعري ڪئي آهي.

(٦) موسيقي جون نئون انداز ۽ نئين اسڪول کي متعارف ڪرائڻ.

هندستاني ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ امير خسرو ۽ تانسين اضافا ڪيا ۽ ڪلاسيڪي موسيقي هندستان اندر درٻارن، مندرن ۽ بادشاهن جي سرپرستيءَ ۾ ترقي ڪئي. سنڌي موسيقي بنيادي طرح عوامي هئي. لوڪ گيت ۽ سنڌي راڳ سنڌ ۾ عام هلندڙ هئا. شاهه لطيف ڪلاسيڪي، لوڪ ۽ سنڌي راڳن جي ميلاپ سان سنڌي موسيقيءَ کي نئون موڙ ڏنو ۽ موسيقيءَ جو نئون "اسڪول آف ٿاٽ" ترتيب ڏنو. شاهه جي راڳ ۾ سنجيدگي، ماٺائي، فڪري، اونهائي، ميناج، ڌيرج، نرمي ۽ منهن مونن ۾ وجهي استغراق جو عمل وڌيڪ آهي.سچل سرمست وٽ ڪلاسيڪي ۽ سنڌي راڳ جي روايتن جو سهڻو ميلاپ آهي، پر سچل وٽ شاهه جي مقابلي ۾ جلال، بيباڪي، رندي، مستي، ناچ ۽ رقص وڌيڪ موجود آهي.

ائين چوڻ ۾ ڪو به وڏائي نه ٿيندو ته سچل وٽ راڳ جو پنهنجو اسڪول آف ٿاٽ آهي ۽ ائين شاهه ۽ سچل جون درگاهون راڳ جا به وڏا ادارا آهن. شاهه ۽ سچل جي راڳ تي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ، سچل چيئر پاران ڪرايل ليڪچر "صوفي، سنڌ ۽ موسيقيءَ" ۾ تفصيلي روشني وڌي آهي.تنوير چواٽي "سچل سرمست جو لهجو شاعريءَ ۾ کلم کلا (Straight Forwad) رهيو آهي. وٽس ڪابه لڪ لڪوٽي ڪانهي...... اهڙي طرح سندس موسيقي به والهانا آهي ۽ وجد آفرين آهي، ان ۾ وجداني ڪيفيت آهي، ان ۾ نرت ۽ تال آهي، ناچ جو رنگ آهي. سچل جو ڪلام ٻڌڻ وارو چپ ڪري ويهي نه سگهندو، ان جا هٿ پير چرندا، ۽

لڏندا. پر شاهہ لطيف جو ڪلام ٻڌڻ وارو چُپ ڪري،مُنهن مونن ۾ وجهي ويهندو." سچل، موسيقيءَ ۾ ڪافيءَ جي گائيڪيءَ جا نوان انداز متعارف ڪرايا، ونس راڳن ۽ سُرن جو تعداد وڌيڪ آهي.

حاصل مطلب تہ سچل سرمست، ڪلاسيڪي شاعرن ۾ بيباڪ انداز وارو شاعر آهي، جنهن وٽ اهڃاڻيت (Sybolism) گهٽ ۽ کلم کُلا اظهار وڌيڪ آهي.

عشق دي ٻاجهون ٻيا سڀ ڪوڙ، سولي تي منصور،
نا ڪوئي دوزخ نا ڪوئي ٻهشت، ناڪوئي حور قصور،
من اساڏا نهين منيندا،مُليان دا مذڪور.

سرمست - ٢٥
2004ع

● انعام شيخ

جنني ماڻهن ميڙ آهي، آئون تنني ناهيان

سچل وٽ شخصيت جو تصور

انسان جي زندگيءَ ۾ سوين شيون ۽ هزارين دلچسپيون اهڙيون آهن، جن جي باري ۾ هو وڌ ۾ وڌ علم رکڻ گهري ٿو، پر انهيءَ ڳالهه ۾ ذري برابر به وڌاءُ ڪونه ٿيندو ته هر ماڻهو جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو حصو پاڻ ۽ پنهنجي آسپاس موجود ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ هڪٻئي تي شخصيتن جي پوندڙ اثر جو مشاهدو ڪرڻ ۾ صرف ٿئي ٿو. تنهنڪري جيڪڏهن ائين چئجي ته سماجي حقيقتن کان آشنائي ۾ سڀ کان پهرين خود شخصيت بابت بنيادي معلومات رکڻ، اهم ترين ڳالهه آهي ته به غلط ڪونه هوندو. اهوئي سبب آهي جو سچل جي سڄي ڪلام ۾ جيتري شخصيت، وجود يا خودي ۽ ان جي مختلف رجحانن ۽ مونجهارن تي روشني وڌي ويئي آهي، اوتري شايد ئي ڪنهن ٻئي موضوع کي اهميت ڏني وئي هجي.

پر سچل جي شخصيت واري تصور کي سمجهڻ کان پهرين اهو ضروري آهي ته انهي موضوع بابت مختصر ئي سهي پر بنيادي معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. ظاهر آهي ته انهيءَ سلسلي ۾ پهريون سوال ئي اهو ايرندو ته شخصيت آخر چيز ڪهڙي آهي؟ ڪتابي علم موجب شخصيت جنهن کي انگريزيءَ ۾ (Personality) چيو وڃي ٿو، لاطيني زبان جي لفظ (Persona) مان

ورتل آهي. جنهن جو مطلب آهي؛ ٻهروپ ڪرڻ يا اهڙي شبيهہ جيڪا ڪوبہ اداڪار اسٽيج تي ايندي اختيار ڪري. پر وقت گذرڻ سان گڏوگڏ جيئن جيئن احساسن ۽ اظهارن ۾ نواڻ ۽ نفاست ايندي ٿي وجي، تيئن تيئن لفظ بہ پنهنجون معنائون مٽايو وجن، تنهن ڪري اڄوڪي دور ۾ (Personality) مان مقصد ٿيندو، ڪنهن بہ فر يا ذات جي خيالن، روين، احساسن، خواهشن ۽ انفراديت جو اندازو لڳائيندي سندس پوري ڪردار جو احاطو ڪرڻ. شايد انهيءَ ڪري ئي علم نفسيات جي هڪ وڏي عالم ووڊ ورٿ پنهنجي ڪتاب (Psychology) ۾ شخصيت کي "ڪردار جي مجموعي خاصيت" جو نالو ڏنو آهي.

اها "ڪردار مجموعي خاصيت" دنيا جي اندر رهندڙ ساڍن پنج ارب انسانن منجهہ ايتري تہ مختلف آهي، جو جينياتي سائنس (Genetics) موجب ايترن سارن ماڻهن جي هجڻ جي باوجود انهيءَ ڳالهہ جا تمام گهٽ امڪان آهن، تہ دنيا ۾ ڪي بہ ٻہ ماڻهو سود بود هڪجهڙي شخصيت رکندا هجن. يعني سندن مجموعي روين ۾ بالڪل فرق نہ هجي، پر شخصيت بابت پڪڙ پڇاڙ ڪندي اڃان بہ اڳتي وڌبو، تہ مشهور نفسياتدان ڊاڪٽر ڪارل يونگ جنهن کي عملي نفسيات جو پيل پائو سمجهيو ٿو وڃي، سو شخصيت جو ڇيد ڪندي ٻڌائي ٿو تہ ان جا ٻہ قسم ٿين ٿا. هڪڙو جنهن کي هن (Introvet) سڏيو آهي، يعني اهڙا ماڻهو جيڪي سڄي ڪائنات جو محور پاڻ کي ٻڌايو عمل کان لنوائيندي وجداني ۽ تخيلاتي وڻ ويڙهين جي حوالي ٿيا پيا هجن ۽ ٻيا جن کي هن (Extravert) ٿي سڏيو، سي اهڙا هئا، جيڪي "آءٌ تہ ڪانوان" کي اصول ٻڌائيندي

ناشا ماشا هٺندي گسا پيا. ڏٺا پوزيون ڏيندي، هينيون مٿيون
ٻڌائيندي خوش لڳا وينا هجن ۽ پيا ٽپن.

انهن مٿين پنهي وضاحتن جي چوڌاري اڄ تائين جي جديد نفسياتي سائنس پئي ڦري. انجو مطلب اهو ڪونهي تہ نئين تحقيق ۾ شخصيت جي عجيب غريب پهلوئن ۽ روين جي فرق کان آگاهي ڪونہ ٿي آهي، پر بنيادي طور تي اهائي لائين آهي، جنهن کي ڊيل ڪارنگيءَ تائين بہ اهڙي ئي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. شايد انهيءَ ڪري ئي هن پنهنجي ڪتاب (How to stop worrying and start living) ۾ شخصيتن جي بنيادي رجحانن بابت ڳالهائيندي هڪ شعر بہ نقل ڪيو آهي تہ:

Two men looked out of prison bars

One saw the dust, and other saw stars.

(ٻن قيدين جيل جي سيخن پٺيان نهاريو هڪ کي ڌوڙ ڇائي نظر آهي ۽ ٻئي کي ستارا).

جيتوڻيڪ هنن سڀني ذريعي هن ماڻهو کي پر اميد رهڻ جي تلقين ڪئي آهي، پر اصل مسئلو اهو آهي. تہ اولهہ جا اڪثر ڏاها شخصيت بابت رڳو ڪاڻو واڏو واري معاملي يا چڱي بري واري مسئلي ۾ ڦاٿل رهيا. اهو رجحان نہ رڳو نفسيات جي ماهرن تائين محدود رهيو، پر ادب ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ بہ اهي پڙاڏا ٻڌڻ ۾ ايندا. جوليس سيزر واري شيڪسپيئر جي ڊرامي ۾ ڪيسيس (Cassius) بابت چيل آهي تہ:

Let me have men about me that are fat

Sleak headed men as sleep o, night

You Cassius has a lean and hungry look

He thinks too much: Such men are dangerous.

(تلهي ۽ چمڪندڙ متي وارا ۽ اهڙا ماڻهو جيڪي سڄي رات ننڊ ۾ ڀڄريا پيا هجن، سي منهنجي چوڌاري هجڻ کپن. ڪيسيس سنهڙو سيپڪڙو آهي، تنهنڪري هو سوچي گهڻو ٿو ا ماڻهو ڏاڍا خطرناڪ ٿين ٿا).

هتي مسئلو اهو آهي ته جديد الهندي فڪر، حسابي ڪتابي معاملن ۽ Cause and effect (سبب ۽ نتيجي) کي اصل محرڪ ٻڌائيندي، انساني شعور ۽ روين جي ڪٿ بہ صنعتي ۽ ميڪانيڪي ترقيءَ جي طرز تي ڪرڻ شروع ڪئي. ها اهو سچ آهي تہ انهيءَ يورپ ۾ پاسڪل اتي سچ آهي تہ انهيءَ يورپ ۾ پاسڪل اتي Hearts have reasons wat the heads can never understand (دلين جا معاملا عجيب معاملا آهن جن کي سمجهڻ ذهن جي وس جي ڳالهہ ڪانهي) جهڙا نعرا بلند ڪيا، يا برونو ۽ ٿامس مور جي روپ ۾، حق جي علي الاعلان ڳالهہ ڪندي کي سورهيہ سر وڃائي وينا، پر مغربي علمي حلقن پوءِ بہ بهرحال تخليق تي صنعت کي وڏيڪ حيثيت حاصل رهي ۽ انهيءَ سڄي ڪار گذاريءَ ڪري صنعتي ترقيءَ جي باوجود انهن علائقن ۾ روحاني بحران ۽ ذهني پيچيدگين جي انتها انهيءَ حد تائين وڃي پهتي، جو ڪامو جهڙو ذهين سرجڻهار بہ ائين چوڻ تي مجبور ٿيو وڃي تہ:

Man has been condemmed to world (ماڻهوکي دنيا ۾ سزا ڏيئي موڪليو ويو آهي)

پر ٻئي طرف اوير ۾ شخصيت بابت تصور ڪجهہ مختلف قسم

جو ئي رهيو آهي. اها حقيقت آهي ته جيڪڏهن تاريخ جي ڪتابن تان تعصب جي رئي ڇنڊي ۽ نئين طريقي سان ڇنڊ ڇاڻ ڪبي ته اوير جون علمي فضيلتون ۽ سائنس جي مختلف رخن ۾ ڪاميابيون سڄي يورپ کي ڏنڊين آڱريون ڏيئي ڇڏينديون. پر اسان جهڙن ملڪن جي جيستائين حالت "آئون ڪا پاڻ وهيٺي، واڳ ڌڻي تنهنجي وس" واري رهندي، تيسائين حقيقتون سامهون ڪيئن اينديون. يعني هڙني تعصبن جي باوجود جان مارشل "موهن جي دڙي" کان آگاهي ڏيندو ۽ لطيف جي اهميت سورلي پيو ڏسيندو ته اسين سينو ساهي ڪيئن پنهن جي ڳالهه ڪري سگهندا سين؟

خير موٽي موضوع تي ٿا اچون: مسئلو اهو ناهي ته ڪو سچل کان پهرين اوير ۾ شخصيت بابت منفرد تصور ڪو نه هئو. بلڪ ٻڌ جي "شٽ مارگ" "يعني "موچاري راهه" واري ڳالهه کان وٺي لطيف جي پرين کي پسڻ لاءِ اوڪو ٻيو فهم" وارو اعلان ۽ خود مسلم فلاسافيءَ ۾ واصل بن عطا کان وٺي لطيف جي پرين کي پسڻ لاءِ "اوڪر ٻيو فهم" وارو اعلان ۽ خود مسلم فلاسافيءَ ۾ واصل بن عطا کان وٺي ابن رشد ۽ سرمد تائين هڪ چڱي خاصي ترتيب آهي، جيڪا شخصيت بابت هڪ مخصوص وضاحت ڏئي ٿي. پر سچل جو سڀ کان وڏو ڪم اهو آهي، ته هن پنهنجي خطي جي ماڻهن آڏو شخصيت بابت آفاقي حقيقتن کي ايڏي ته وزنائتي ۽ زور ڀريي انداز ۾ پيش ڪيو، جو سيڪو حيران ٿي ويو. برابر هن مختلف فڪرن کان اتساهه ته ورتو، پر پنهنجي ڳالهه تخليقي ۽ تعميري انداز ۾ ڪندي، خاص طور تي سنڌ جي سماج

توڙي ادب ۾ اساسي ۽ انفرادي حيثيت حاصل ڪري ورتي. هوندي به سچل بهرحال هڪ شخصيت هو ۽ هر شخصيت ماضي ۽ حال جو تاثر وٺڻ بنان اسري ڪونه ٿي سگهي. پر اتم شخصيتون انهيءَ سچي مرحلي گذرندي، مستقبل جي چهري تي ڪي اڻمٽ نشان ڇڏي ويندڙيون آهن ۽ سچل، سنڌ، بر صغير توڙي فڪر جي دنيا ۾ فني ۽ ٽيڪنيڪي حد بندين کان وڌيڪ اظهار ڪي تز انداز ۾ پيش ڪرڻ واري ڳالهه کي اهميت ڏيندي اهو ڪجهه ڪيو آهي، جيڪو ڪائنس اڳ ڪنهن به ڪونه ڪيو.

سچل جي ڪلام جي فهم ۽ فراست سان جائزو وٺڻ ڪانپوءِ محسوس ٿيندو ته جيتوڻيڪ وٽس لطيف جهڙا لفظ ۽ احساس ڪونه آهن، پر پوءِ به منجهس ڳالهه کي وڌي واڪي چئي ڇڏڻ جو پنهنجو انداز آهي ۽ اها ڇاپ سندس زندگيءَ بابت پنهنجي تصورن سان گڏو گڏ شخصيت بابت رائي تائين قائم آهي. حيرت جي ڳالهه آهي ته هو شخصيت جي وضاحت ڪندي:

جي مــجن تــا آدمــي، ســو نـــ مــجان مــان.
ڪوئي آهيان آن، جو ٻانهون ڪنهن جو نه ٿيان.

جهڙي ڳالــهـ تــ چوي ٿــو، پــر انــهــيءَ ۾ نـــٽـشـــي واري (Superman) يا علامه اقبال جي "مرد مومن" وارو احساس برتريءَ جو پاڇو به نظر ڪونه ٿو اچي. جنهن ڪري هو انڪار ڪندي ۽ بندگيءَ کان بيزار ٿيندي به هڪ گڏيل طاقت (General Will) سرجڻ جي ڪوشش ڪندي شخصيت کي جامع بنائڻ جو درس ٿو ڏئي ۽ حقيقت ۾ ته تور تڪ واري گورک ڌندي کان هٽي، انسان جي آزادي ۽ مڪمل تشخص جو هڪ بهترين خاڪو پيش ٿو

ڪري. هو چوڌاري رهندڙ ۽ ٿي ويلا ماني ڏٿي ڪائيندڙ ماڻهو ڪي، ماڻهو مڃڻ ڪان مڪمل انڪاري ٿيندي "ڪوئي آهيان آئون" واري اعلان هيٺ پنهنجي حيثيت ڪي ٺوس عمل ۽ ڪردار مان ڦٽندي ڏيکاري ٿو ۽ پوءِ انهيءَ ڪردار جي بنياد تي ٻيجهپي ۽ غلاميءَ ڪان بغاوت اختيار ڪري ٿو.

انهيءَ جو مقصد هي نہ آهي تہ سچل ازلئون ان اسرار ڪان واقف هئو. پر هو پڻ تجربن ۽ مشاهدن جا وڏا سفر ڪٽڻ ڪانپوءِ ڳوڙهن ويچارن ڪانپوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتو. جنهن جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

پسي پت پليوس، تا آءٌ آدمي آهيان
وچان جان ويوس، تہ ساڳيو سائين آهيان

هستيءَ جي احساس جي هن انوکي انداز کي اولهہ وارا پلي تہ روحينيت (Animism) جو نالو ڏيئي، مونجهارن جو شڪار قرار ڏيندي شخصيت جي ادراڪ لاءِ مناسب واٽ نہ سمجهن، پر حقيقت اها آهي تہ جيئن سونهن، عشق، خيال جي ڪا واضح تز وضاحت ڪونهي، تيئن صوفين جي آڏو ۽ خاص ڪري اسانجن صوفين وٽ شخصيت جي چٽي سڃاڻپ بہ فقط احساس ذريعي ٿئي ٿي ۽ احساس جي بيان لاءِ جن معيارن جي ضرورت آهي. تن کي مشينن ۽ مساوتن جي ذريعي ہڏائي سگهجي، اهو تقريبن ناممڪن آهي.

انهيءَ مسئلي کي سچل بيان ڪندي پنهنجي پهرين مشاهدي يعني "پسي پت پليوس" جي سطحي هجڻ جو اقرار ڪندي "وچان جو ويوس" چوندي جز ۽ ڪل يا انسان ۽ ڪائنات جي

وچ ۾ ايڏي تہ نفاست ۽ خوبصورتيءَ سان جوڙبندي مڪمل شخصيت جو تصور اجاري ٿو. جو ارسطو جو پهريون سبب First cause ۽ پويون سبب Final cause بہ اسان کي ايڏي ترتيب ۾ نظر ڪونہ ٿو اچي. البتہ يورپ ۾ مون کي هڪ فلسفي امانيوئل ڪانٽ اهڙو لڳي ٿو جنهن وٿ شين جي پرک هڪ خاص طريقي (Transcendental Aesthetics) جي ذريعي ٿئي ٿي، جنهن هيٺ تجربن کان هٽي ڪري ڇهائن ۽ احساسن ذريعي بہ علم حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ سچل پڻ اها ڳالهہ ڪري ٿو آهي پر حيرت انهيءَ تي آهي تہ سندس ادراڪ ۽ سوجهيءَ جو طريقہ ڪار ڪتابي علم کان هٽي ڪري ايڏو منفرد ڪيئن آه! ۽ انساني نفسيات جو ايترو گهرو مشاهدو انهيءَ ليبارٽرين ۽ تجزين کان وانجهيل دور ۾ ڪيئن ممڪن ٿيو؟ انهيءَ ڪري جو هن ڪائنات جي هڪ وٿ يعني انسان کي ايڏو تہ محترم ۽ معتبر بڻائي ڇڏيو جو خود ڪائنات جي سڄاڻپ جو اهڃاڻ بڻجي ويو، معلوم اهو ٿيو تہ سچل وٽ جيڪو شخصيت جو تصور آهي سو انفرادي، ڪٽيل يا مقرر ڪيل ڪونهي، پر اهو تہ مجموعي، ڪائناتي ۽ لاڳاپيل آهي. ۽ جيستائين ڪائنات جي اندر مختلف، رخن، پاسن ۽ لقاون کي نہ جاچبو تيسين شخصيت جي اصليت کان آشنائي بہ ڪونہ ٿي سگهندي يعني آسپاس کان ڪٽي پنهنجي جائزي وٺڻ بدران سڀ کي سمجهو، تہ جيئين پاڻ ۽ پنهنجي حيثيت کي سمجهي سگهو. بدمت موجب بہ تہ انسان تي سوچ ۽ پريشاني جا دروازا تڏهن ٿا کلن، جڏهن هو پنهنجي پيٽ ڪائنات سان ڪري ٿو. پر انهيءَ اضطرابي ڪيفيت مان گذرڻ کانپوءِ ئي اهو ممڪن آهي تہ حقيقت

ڪان آشنائي حاصل ٿئي - ۽ جڏهن پوءِ ڪل کي سمجهڻ ڪانپوءِ جز جي نئين روپ جي سڃاڻ ٿئي ٿي تہ اهو نئون جز، فرد يا شخصيت خاڪي معيارن مان نڪري نکري نروار ٿي بيهي ٿي ۽ ڪائنات ۾ سچ جي تري ۽ حقيقت جي حاصلات لاءِ هراول دستي جو ڪردار ادا ڪري ٿي. انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ ڪانپوءِ سچل بحيثيت هڪ شخص بي اختيار چئي ٿو ڏئي تہ:

تج گلابي گل، مر مارني منصور جان

اها تہ اسان سيني کي سڌ آهي تہ گل تہ ٻيا بہ گهڻا آهن ۽ منجهن خوشبو بہ آهي پر گلاب پنهنجي انفراديت ڪري جڳن ڪان مشهور آهي. ساڳي طرح سچل جي آڏو بہ ماڻهو تہ سڀ آهن، پر شخصيت ڪا ڪا آهي ۽ اها شخصيت آهي جيڪا پنهنجي احتساب، ڪائنات سان ٻيٽ ۽ عمل ۽ ڪردار ۾ صاف شفاف شيشي وانگر ٿي هر جلوي کي واضح رکندي دنيا مان ڪوڙ ڪثافت ۽ ڪوجهائپ جون پاڙون پٽڻ جي جستجو ڪري ٿي انهيءَ راهہ تي هلندي اها ايڏي تہ Perfection تي حاصل ڪري جو معاملو هن حد تائين پهچي وڃي ٿو.

بيرنگيءَ مون رنگ، پسو جو پيدا ٿو
ظاهر ۾ پئو زنگ، موسيٰ ۽ فرعون جو

ها هاڻ اها شخصيت انهيءَ هنڌ تي پهچي ٿي جو، سائنسي سنڌا، ليڪاءِ لڪيرون يا تحليل نفسير Psyclo analysis انهيءَ شخصيت کي سمجهي ڪونہ ٿيون سگهن، پر اهي احسان ۽ امنگون جنهن جون پاڙون صاف صالح عمل ۽ باطني پاڪيزگي سان سرجيل سچ جي سرزمين ۾ ڪتل آهن، سي آسانيءَ سان

شخصيت جو ڇيد ڪري سگهن ٿيون، تنهنڪري اهو چئي ٿو سگهجي تہ سچل جي آڏو شخصيت جو تصور مشاهداتي ۽ تجزياتي نہ، پر احساساتي آهي، جيڪو سندس ٻڌايل تصور جي مخصوص وصف تي عمل ڪرڻ ڪانپوءِ، ممڪن طور تي حاصل ٿي سگهي ٿو. پر شرط اهو آهي تہ روايتن، خاص قاعدن ۽ پابندين کان ٻاهر نڪري ڪي نوان ۽ ازلي معيار ڳولي لهجن، شايد تڏهن تہ سچل چيو هئو تہ!

جتي ماڻهن ميڙ آ، آئون تتي ناهيان.

سرمست ـ ١٢

1992ع

درگاهه درازن جي گاديءَ ڌڻين جو تعارف

١. ميان صاحبڏنو فاروقي (١١٠٢هه-١١٩٢هه)

درگاه درازن جو بنياد ميان صاحبڏني فاروقي وڌو ڪين موراڳي پڻ سڏيو ويندو آهي. ميان صاحبڏني جو جنم ١١٩٢هه مطابق ١٦٩٧ع ۾ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ ٿيو. سيد عبدالقادرجيلانيءَ جي اولاد مان شيخ عبيدالله جيلانيءَ جو مريد هو. ميان صاحبڏنو شاهه لطيف جو سهيوڳي شاعر هو ۽ شاهه لطيف سائٽس درازن ۾ ملاقات بہ ڪئي هئي. اسان جو عظيم صوفي شاعر سچل سائين سندس پوٽو هو.

ميان صاحبڏنو ڪافيءَ جي اوائلي شاعرن مان هڪ اهم، انوکو ۽ مکيہ شاعر آهي، سندس سمورو ڪلام تصوف جي رمزن سان پرپور آهي. سندس ڪافيون سليس ۽ عام فهم آهن. ميان چنيهه فقير اڄڻ سندس خاص خليفو هو. ميان صاحبڏني وڏي ڄمار مائي ١١٩٢هه مطابق ١٧٨٨ع ۾ وفات ڪئي

"ڪلام جو انتخاب"

ڪن جو نينهن نهر سان ڪن دہايا درياهه
"صاحبڏني" جي ساهه، سارا سمنڊ سمايا.

آدم آهي چوڻ ۾، نہ تہ آهي پاڻ الله،
سريرئون ساهه، "صاحبڏني" سهي ڪيو.

"ڪافي"

هڪ من جو موهن ملي ملي،

يلي خلق ساري پئي ڪلي ڪلي،

عيش خوشيون آرام سيئي، سي ڇڏيائون ڏيهہ ڪي ڏيئي،

برهہ ڪيو سي ٻلي ٻلي.

عشق ڍولڻ جو جهوليءَ پاتم، لوڪ ملامت سرتي چاتم

جيءَ جوشن منجهہ جلي جلي

سهڻا تنهنجا سوين سپاهي، شوخن سان تنهن جي هلي نہ شاهي،

ٿور عجائب ٿلي ٿلي

"صاحبڏنا" اڪسير اسان وٽ، تينهن وارن جا نظير اسان وٽ

سورنہ ڪنهن سان سلي سلي.

٢. ميان عبدالحق (١١٣٨ع-١٢١۴هہ)

ميان صاحبڏني ڪي ٻہ فرزند هئا هڪ صلاح الدين (سچل جو پيءُ) ۽ عبدالحق (سچل جو چاچو، مرشد ۽ سهرو) جيئن تہ ميان صلاح الدين پنهنجي والد محترم ميان صاحبڏني جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو، تنهن ڪري سندس ننڍو فرزند ميان عبدالحق مسند عشق تي جلوه افروز ٿيو. سچل پنهنجي ڪيترين ئي ڪافين ۾ پنهنجي مرشد ميان عبدالحق سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي هتي مثال طور هڪ شعر پيش ڪجي ٿو:

ڪو حق ڪو ناحق چوي، ڪو بات اها برحق چوي

مونکي هادي عبدالحق چوي، مان جوئي آهيان سوئي آهيان

جيئن تہ درگاهہ جا سجاده نشين لوڙهي ۾ رهندا هئا ۽ درازن کان ٻاهر ڪين ويندا هئا (اهي لوڙهي ڏيڻ جا فرائض چنيهہ فقير بجاءِ آڻيندو هو. جنهن جا پونير اهو ساڳيو فرض اڃا تائين بجا

آئيندا رهن ٿا.) تنهن ڪري ٻاهريان ڪم ڪاريون جاگير جي سنڀال (جا مير رستم ٽالپر ڏني هئي). سچل سائين پاڻ ڪندو هو.

ميان عبدالحق جي مسند نشينيءَ جي سلسلي ۾ مولوي محمد صادق پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي "سچل جو سرائڪي ڪلام" ۾ هيءَ روايت پيش ڪئي آهي "هڪ ڏينهن ميان صاحبڏني پنهنجي پٽن جو هن طرح امتحان ورتو، جو پنهنجي وڏي پٽ ميان صلاح الدين کي چيائين تہ: ڪبڙ وٽ پاڻيءَ جو ڪونرو پيو آهي، اهو کڻي اچ! هو ويو آڌو چا ڏسي تہ رت جو درياهہ پيو ٿو وهي، جنهن کي ڏسي موٽي آيو ۽ اها حقيقت اچي عرض ڪيائين. جنهن کان پوءِ پنهنجي ننڍي پٽ ميان عبدالحق کي چيائين تہ "تون وڃي اهو ڪؤنرو کڻي اچ! هو ويو ۽ هن بہ رت جو درياهہ ڏٺو پر همٿ ڪري، دل جهلي رت جي درياهہ ۾ ڪاهي پيو ۽ لنگهي وڃي ڪونرو کڻي اچي والد جي خدمت ۾ حاضر ڪيائين. انهيءَ امتحان وٺڻ مان ميان صاحبڏني کي پڪ ٿي وئي تہ فقيريءَ جي اهليت ۽ لياقت سندس ننڍي پٽ ۾ ئي آهي. انهيءَ ڪري پنهنجي وڏي پٽ ميان صلاح الدين کي وصيت ڪيائين، تہ مون کان پوءِ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي گاديءَ تي ويهارجانءِ! انهيءَ وصيت موجب ميان عبدالحق مسند نشين ٿيو " (١)

ميان عبدالحق بہ شاعر هو. مگر پوين جي عدم توجهہ سبب سندس ڪلام محفوظ رهي ڪين سگهيو. البت مولوي محمد صادق سچل جي سرائڪي ڪلام ۾ سندن هڪ 'مدح' ڏني آهي. جيڪا سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي شان ۾ چيل آهي. ميان عبدالحق ١٢١٤هہ ۾ وفات ڪئي.

٣. سخي قبول محمد (١١٨١هه ١٢٣٥هه)

خواجہ عبدالحق کي ٻہ فرزند هئا، هڪ سخي قبول محمد ۽ ٻيو زين العابدين، (وفات ١٢٤٢هه). ميان عبدالحق جي وفات (١٢١٤هه) کان پوءِ سائين قبول محمد اول مسند عشق تي ١٢١٤هه ۾ رونق افروز ٿيو. سخي قبول محمد نهايت سخي ۽ ٻاجهارو هو، تهنڪري کيس 'سخي' جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو.

سخي قبول محمد جو هڪ بيت بيدل سائينءَ جي تصنيف، "تقويت القلوب تذکرت المحبوب" ۾ ڏنل آهي.

جامن تي جامان، پرين پهري آيو،
ڪامان ڙي ڪامان، ڪيڏو لڪ ڪريم ڪيو.

لطف الله بدويءَ پنهنجي تصنيف "تذڪره لطفي" ۾ مذڪوره بيت خواجہ عبدالحق جو ڄاڻايو آهي. (٢) جيڪو سراسر غلط آهي. سخي قبول محمد سائين ١٢٤٥هه ۾ وفات ڪئي.

٤. ميان نظر محمد (١٢٠١هه-١٢٥٢هه)

سخي قبول محمد جي وفات (١٢٤٥هه) کان پوءِ سندس فرزند ميان نظر محمد 'نوري' جي لقب سان ١٢٤٥هه ۾ تخت نشين ٿيو. ميان نظر محمد توڪل جو صاحب ۽ سادگي پسند هو.هن پنهنجي ساري زندگي رشد و هدايت ۾ گذاري. ١٢٥٢هه تي سندس انتقال ٿيو.

٥. خواجہ نجم الدين (١٢٣٩هه-١٢٧٢هه)

ميان نظر محمد کي ٻہ فرزند هئا. هڪ خواجہ نجم الدين ۽ ميان محمد غوث محمد، خواجہ نظر محمد وفات کان پوءِ سندس ڀڳدار پٽ نجم الدين تخت ڏٽي ٻٽيو. پاڻ نهايت حسين هو، جنهن

ڪري ڪيس ’يوسف ثاني‘ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. خواجه نجم الدين جي ڏينهن ۾ جاگير مان جيڪو به اناج ايندو هو. اهو سمورو اناج شهر جي غريبن ۽ درگاهه جي فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. ڪچهريءَ لاءِ بنگلو به سندس ايام ڪاريءَ ۾ ٺهيو.

خواجه نجم الدين جي شادي سچل سائينءَ جي ٻالڪي نانڪ يوسف جي نياڻيءَ سان ٿي هئي. خواجه نجم الدين ٢٣ ورهين جي عمر ۾ ڦوهه جوانيءَ ۾ ١٢٧٢هه ۾ وفات ڪئي.

نانڪ يوسف جي ٻالڪي غلام حيدر فقير (وفات ١٢٩٤هه) پنهنجي عقيدت جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:

نجم الدين تي ننگ، آهي مون مسڪين جو

٦. سخي قبول محمد پيو (١٢٦٢هه-١٣٤٣هه)

خواجه نجم الدين جي وفات کان پوءِ سندس فرزند سخي قبول محمد ڏهن سالن جي ننڍڙيءَ عمر ۾ ١٢٧٢هه ۾ تخت تي ويٺو. سخي قبول محمد جي ايام ڪاريءَ ۾ تصوف جي تحريڪ کي نئين سر متحرڪ ۽ منظم ڪيو ويو.

سخي قبول محمد پنهنجي وقت ۾ سچل جون سڪون لاهيندو هو. سندس ٻاريل مچ تي هندو خواهه مسلمان اچي مڙيا. هندو مسلم ويچو مٽجي ويو. سخي سائينءَ جي ڄمڻ جي موقعي تي فقير نانڪ يوسف پنهنجي مرشد زادي ۽ ڏهٽي لاءِ هيٺين دعائيه ڪافي منظوم ڪئي.

عمر دراز تيري الهه نگهبان هو وئي.

مولا دي آمان هووي.

سخي قبول محمد جي پياري طالب سردار بهادر محمد بخش "ڪوجهيءَ" پنهنجي مرشد لاءِ پنهنجي عقيدتمنديءَ جي جذبن

جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:-

قبول محمد دولهہ دلبر، ڪوجهي دا هي راحم رهبر
ست گرسنت سجاڻ، بشري بيڪ بنايا هي، آپ درازي آيا هي.

سخي قبول محمد سائين وڏي ڄمار مائي. ١٣٤٣هہ ۾ وفات ڪئي

٧. ميان صاحبڏنو (١٣٠٨هہ ١٣٥١هہ)

سخي قبول محمد کي چار فرزند هئا. ميان محمد پريل، ميان محمد بچل، ميان صاحبڏنو ۽ ميان رستم علي.

سخي قبول محمد جي وفات کانپوءِ ١٣٤٣هہ ۾ ميان صاحبڏنو تخت نشين ٿيو. ليڪن خانداني اختلافن سبب درگاهہ جو اڳيون اوج نہ رهيو. ميان صاحبڏني ٤٣ ورهين جي عمر ۾ ١٣٥١هہ ۾ وفات ڪئي.

٨. ميان جان محمد (١٣٣٢هہ-١٣٧١هہ)

ميان صاحبڏني کي ٻہ فرزندا هئا. هڪ ميان جان محمد ۽ ٻيو عبدالحق. جيتوڻيڪ ميان جان محمد خانداني اختلافن کي گهٽائڻ جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش ورتي، مگر افسوس جو ڪو بہ خاص ڪڙ تيل نہ نڪتو. ميان جان محمد جو دور درگاهہ جو نهايت شهنشاهي دور هو. سائين صالح شاهہ وفات (١٩٤٣ع) راڻيپور وارو بہ سندس ڪچهريءَ لاءِ درازين کهي ايندو هو. ميان جان محمد١٣٧١هہ ۾ وفات ڪئي.

٩. ميان عبدالحق

جيئن تہ ميان جان محمد کي ڪو نرينو اولاد ڪونہ هو. تنهن ڪري ان جي وفات کان پوءِ سندس ننڍو ڀاءُ ميان عبدالحق گاديءَ تي ويٺو. ميان عبدالحق ٻهريون گاديءَ ڏٺي هو، جنهن

لوڙهي وارو اڳوڻو رسم رواج پيجي سنڌ ۽ هند جو سفر ڪيو. مياڻ عبدالحق ڪي مريدن خادمن مان لکين روپيہ نذراني طور ملندا هئا. مگر اهي سڀ فقيرن ۽ ورهائي ڇڏيندو هو. پاڻ سڄي عمر حويليءَ جي پرسان ڪبڙ هيٺ جهوپڙيءَ ۾ رهيو. دنياوي ٺٽ ٺانگر ڪڏهن بہ اختيار نہ ڪيائين. اميريءَ تي فقيريءَ کي ترجيح ڏنائين.

سخي قبول محمد "ٿيون"

مياڻ عبدالحق ڪان پوءِ سخي قبول محمد ٿيون گادي نشين ٿيو. هينئر سخي قبول محمد "چوٿون" گادي نشين آهي.

سرمست ـ ١٠
1990ع

سچل جي حب الوطني

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ حب الوطني انسان ذات جي هڪ قديمي، جمهوري ۽ عالمگير خصلت آهي، جنهن جي ڪري دنيا جون مختلف قومون ۽ انهن جون مخصوص تهذيبون، مختلف ملڪ ۽ انهن جون مقرر سرحدون، ڪيترن زمانن کان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي قائم ۽ برقرار آهن. اها ئي انساني وصف آهي، جيڪا ڪنهن قوم جي مخصوص اخلاقي نظام کي جنم ڏئي ٿي ۽ ان جي فردن ۾ قومي غيرت، شجاعت جدوجهد، خدمت، سخاوت، سچائي ۽ قرباني جي مقدس جذبن جي پرورش ڪري ٿي. حب الوطني انسان ذات جي عظيم ميراث آهي ۽ ان تي فخر ڪرڻ لاءِ، پنهنجي شعر ۽ ادب ۾، هر ملڪ وٽ اهڙا مثال محفوظ آهن، جيڪي حق ۽ باطل جي، تصادم جي تاريخ ۾، سندن ڪردار جي عڪاسي ڪن ٿا. جيتري تائين انسان ۽ ڌرتي جو لاڳاپو آهي حب الوطني جو جذبو سلامت آهي. هي جذبو پٺي پراٺو نہ ٿيندو، ڇو تہ هن جذبي انسان جي جسم ۽ جان ۾ جاءِ جوڙي آهي.

اسانجو سچل سرمست بہ، انهيءَ حب الوطني جي جذبي سان سرشار آهي. سندس رڳ رڳ، نس نس ۽ لؤن لؤن ۾، سائينءَ جي سڪ ۽ ملڪ جي محبت آهي، جڏهن هن جي نظر ديس جي ڪنهن بہ شئي تي پوي ٿي، تہ هو بي اختيار ٿيو وڃي. "حب الوطن من الايمان" جو جذبو، ڪر ڪڍي ٿو. سندس اسلوب بيان ۾ وطن لاءِ ايڏو جذبو، سڪ، تڙپ ۽ امنگ پيدا ٿيو پوي، جو ذهن ائين محسوس ڪرڻ لڳي

ٿو تہ سندس فڪر ۽ فلسفي جو بنياد ئي، وطن جي حب تي آهي. هن زندگي جي ٻين سيني داخلي پهلوئن کي، هن روشني ۾ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي. سندس هر شعر ۾، اهائي تنوار آهي. دراصل اسان جا صوفي شاعر، پنهنجي عوام جا شاعر آهن. هنن پنهنجي سموري زندگي عوام سان گڏ گذاري آهي ۽ انهن جي دکن ۽ دردن، سور ۽ پيڙا سندن شاعري ۾ اصليت پيدا ڪئي آهي، ۽ ان ۾ سُونهن بخشي آهي. ان ڪري ئي، ان ۾ مصنوعيت ۽ اجنبيت محسوس نہ ٿي ٿئي. اسان جي صوفي بزرگن وٽ پنهنجي جنم ڀومي سان محبت، اڻٽُٽ انگ آهي، اهوئي سندن شاعري جو تاجي پيٽو آهي. هنن بزرگن پيار ۽ محبت جو جيڪو درس ڏنو آهي، اهو سنڌ ڌرتي مان ڦٽل آهي. مسٽر ايم. ايم. صديقي ڪهڙو نہ سٺو چيو آهي تہ: "پيار، سهپ، ڪشاده دلي ۽ اهنسا، اهي سنڌي تهذيب جا بنيادي پٿر آهن. پر انهن سيني ۾، سنڌي ماڻهن جو، پنهنجي وطن سان پيار، مرڪزي ستون جي حيثيت رکي ٿو. ايترو درجو، سنڌ جي لاطمع صوفي درويشن بہ ان جي پٿن ۽ پٿن جو اهڙي اتساهہ سان ذڪر ڪيو آهي، جو، ڄڻ تہ اهي انهن لاءِ آسمان مان لٿل نعمتون هجن." بنگال جي هڪڙي پروفيسر جو چوڻ آهي تہ" "دنيا ۾ جتي جتي صوفي ازم ايريو آهي، انهيءَ انسان ذات سان، محبت ۽ ان جي فلاح ۽ بهبود جو درس ڏنو آهي، پر سنڌ اهو واحد خطو آهي، جتي جي صوفين انسان ذات جي خدمت ۽ محبت سان گڏ ڌرتي سان بہ محبت ڪرڻ جو درس ڏنو آهي." سچل سائين بہ اهو صوفي بزرگ آهي، جنهن جي شاعري جو تاجي پيٽو سائيهہ جي سڪ آهي. سندس اهڙا ڪيترائي داستان آهن، جن ۾ وطن سان محبت جو ذڪر ٿيل آهي. پر خاص ڪري، سر مومل راڻو، سر مارئي، سر سارنگ ۽ سر مالڪوس تہ آهن ئي هن موضوع تي. هنن

داستانن جي هر بيت، هر سٽ بلڪ هر لفظ ۽ اکر ۾، پنهنجي ملڪ جي مٽي سان محبت ڪرڻ جو پيغام ڏنل آهي. سچل جو ديس سنڌ آهي. سنڌ سندس ماتر ڀومي ۽ جمڻ جو هنڌ آهي. وطن ۽ ديس ته انسان جي سڃاڻپ آهي. اطاليه جو مفڪر مزيني لکي ٿو ته، ”خدا دنيا ۾، درياءَ ۽ پهاڙ، ان ڪري بڻايا آهن ته، هڪ قوم کي پنهنجي وطن جي جاگرافيائي حدن کي ڳولهڻ ۾، تڪليف نه ٿئي. وطن کانسواءِ نه ته ڪنهن قوم کي، دنيا جي آزاد قومن ۾ عزت ۽ آبرو ملي ٿي، نه ته وري ڪا اهميت ئي ملي سگهي ٿي. وطن ۽ وطن کان تڙيل ماڻهو، انسانيت جا لاوارث ۽ بنا پيءُ ماءُ جي مثل آهن، جيڪي يهودين وانگر، هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندا ۽ رلندا رهن ٿا.“ سو سائين، سچل رحه به، وطن جي اهميت کي نمايان ڪندي ور ور ڪري چئي ٿو ته:

هڪ جوءِ ٻيءَ جوءِ، مرد نه ڇڏيندا مينڌار،
تو پڻ پرين پوءِ، ڪوهه لڄايو ڪاڪ کي.

•

هڪ جوءَ، ٻي جوءِ، ڇڏين ڪين جوان،
اهي ڀي انسان،جي ننگن تي نثار ٿيا.

جُوءِ وسارڻ مڙسي نه آهي اها ته ٻاڙائپ ۽ بي غيرتي جي نشاني آهي. ڇو ته، ان جمڻ واري هنڌ ۽ ان مٽي سان ته، انسان جو ازلي ۽ ابدي تعلق آحي. جمڻ ۽ مرڻ ان سان آهي.ديس جي مٽي متبرڪ آهي. پوتر آهي، پاڪ آهي. مرڻ کانپوءِ، ان ۾ انسان جنهن زمين تي رهي ٿو، انهي زمين جي خزانن مان اهو ئهي، وڏي ويجهي ۽ پلي ٿو ۽ وري انهيءَ زمين جي خزانن ۾ موٽي وڃي ٿو. سو اهڙي ملڪ جي مٽي کي، وسارڻ عظيم گناهه آهي. سچل رحه چئي ٿو ته:

جو ڏاڏاڻو ڏيهه،مونهؤن مور نه وسري،

سو ڏاتر لئہ ڏيکارِ مون، سومرا سائيهہ،
رِي پنهونءَ پرڏيهہ،هي مڙيوئي پانيان.

سچل رحہ جي ديس سنڌ ڏاڍا سور سٺا آهن. تاريخ جي هر دور ۾ سنڌ ڏاڍ جو شڪار رهي آهي. ڊاڪٽر نواز علي شوق لکي ٿو تہ: ”سچل رحہ جي دؤر ۾ بہ، سنڌ سان جيڪي قهر ٿيا، اهي هن پاڻ اکين سان ڏٺا، لڳاتار جنگين، سنڌ وارن کي هيسيل، پيڙيل، ڏتڙيل، نڌڻڪو ۽ بي واهو بڻائي ڇڏيو هو. سندن شخصيت، جڻ وجود کان الڳ ٿي ويئي هئي. هنن پاڻ کي حلال جانور وانگر هر موقعي ۽ هر مهل تي ڪسندو ۽ بي وس ٿي محسوس ڪيو. سندن بچاءَ جا سڀ دروازا بند ٿي ويا هئا. اهڙي ڏکئي وقت ۾ درازي درويش وٽ کين ٿاڪ ۽ ٿان مليو. کين اجهو ۽ آسرو مليو. عزت ملي ۽ احترام مليو. هن ڏکهي گهٽ ۽ ٻوسٽ ڪانپوءِ، هنن سڪون جو ساهہ کنيو. کين پنهنجي گم ٿيل شخصيت موٽي ملي. نئين سوچ، نئين لوچ، نوان رند ۽ نيون راهون مليون، جن جي ذريعي کين پنهنجي منزل ويجهو نظر آئي. سچل رحہ پنهنجي سماع وارين محفلين ۾ سنڌين کي جديد سنڌي قوميت جا اصول ڏسيا. جن جو بنياد حب الوطني ، مذهبي رواداري، قومي غيرت ۽ خودشناسي تي رکيو ويو. هن سنڌي نوجوانن کي پاڻ سُڃاڻڻ جو درس ڏنو.“ ۽ ور ور ڪري چوي ٿو تہ:

سدا هون سڪيا، ماروئڙا ملير ۾،
شل نہ ڏينهن ڏکيا، اچن آجڙين تي.

•

سائين سنگهارن جو، رکج پن پڪي،
ڪوئي تا نہ لکي، هون سدائين سرها.

هڪ محب وطن وانگر، سچل رحہ، پنهنجي شاعري ۾، سنڌ جي

عام مروج تاريخي، توڙي نيم تاريخي داستانن ۽ لوڪ ڪهاڻين کي علامتي طور بيان ڪيو آهي، جن ۾ عمر مارئي، سسي پنهون ۽ مومل راڻو اهم حيثيت رکن ٿا. جناب قاضي خادم لکي ٿو تہ: "شاعر جي عظمت جو اندازو، ان امر مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن پنهنجي شعر ۾، پنهنجي ديس واسين جي بنيادي انساني ۽ اخلاقي قدرن جي بقا ۽ سلامتي لاءِ اهڙو عمل ڪيو آهي، جنهن ڪري، هن جا ديس واسي، پنهنجي ماضي سان ڳنڍجي ويا آهن. ان ڏس ۾ هنجي شعر جا ڪردار، ٻولي ۽ پس منظر ئي هن جي حق ۾، شاهدي طور پيش ڪيا ويا." سچل رحہ بہ پنهنجي ڪلام ۾ وطن جوڻن، واهن، ندين، جانورن، پکين، ڏنڍن، ميون، ٻاڄين ۽ موسمن جو ذڪر ڪري هڪ طرف محب وطن شاعر جو ڪردار ادا ڪيو آهي، تہ ٻئي طرف سنڌ جي ثقافتي پهلو کي نمايان ڪيو آهي.

جهانگي جهڻ پياڪ، ناهن شربت هيروان،
ڳاڙهيون ڪاريون لوئيون، پهرڻ تن پوشاڪ،
ڪارڻ پرور پاڪ، مونکي ميڙئين مارئين.

•

جيڪي هُتِ هونديون، ساهيڙيون سائيهہ ۾،
سي پيرون چوندن پاڻ، گڏ ڪيو گونديون،
ساريو مونکي سومرا، رات ڏينهان رونديون،

•

جڏهن هيس اباڻين، محل ماڙيون مون نہ ڏنا،
لوئي ۽ لاڻين، هيون پيهون پنهوارن جون.

سچل رحہ پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي سماج جو مڪمل نقشو چٽيو آهي. هتان جون ريتون رسمون ۽ سنڌ جي ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي کي

پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي. سندن فڪر، نظرين، عقيدن، سوچ، ويچار ۽ سنڌ جي هر شئي ڪي محبت سان پيش ڪيو آهي. اهڙو اظهار ڪٿي سنئون سڌو، ڪٿي اشارن، ڪٿي ڪناين، علامتن ۽ تمثيلن سان ڪيو آهي:

پوتيون پتايم جن لاءِ، اهي مؤلا ملايا.

•

جنهن جي ڪارڻ مون تي فالون وجهايون،

•

نهائين ڪنئون نينهڙو، سڪيو سامئيڙن،
مچ مچايو من ۾، ٻاڦ نه ٻاهر وجهن
عاشق منتون آڳ جي، اولارا ڏين.

هڪ محب وطن شاعر جي هي به خاصيت آهي ته هو پنهنجي ديس جي تاريخ کان چڱي طرح واقف هوندو آهي ۽ هر تاريخي واقعي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏيئي ايندڙ نسل کي تاريخ شناسي جو درس ڏيندو آهي اهڙو طرح وطن جي سالميت،آزادي، خودمختياري ۽ عوامي حقوق جي حاصلات لاءِ قربانيون ڏيندڙن جي عظيم ڪردار کي زنده جاويد بڻائي ڇڏيندو آهي. هڪ طويل بيت ۾ ڏسو ته هن ڪيئن نه سنڌ جي ٻن سورمن ۽ سرويچن جو ذڪر ڪيو آهي، جن وطن جي سالميت ۽ غريب عوام جي حقن، فلاح ۽ بهتري لاءِ سر قربان ڪيا. مخدوم بلاول رحه، ارغونن جي دور ۾، سر ڏيئي سرهو ٿيو ۽ پنهنجي جٺري سنڌڙي ڌارين جي حوالي نه ڪئي ۽ شاهه عنايت، سنڌي هارين ۾ "اجتماعي پورهئي" جو رواج وجهي، هنن جي غريب عوام ۾، انقلابي شعور ۽ قومي جذبو پيدا ڪيو. سچل رحه هنن ٻنهي سورهين جي هن تاريخي ڪارنامن کان چڱي طرح واقف آهي ۽ هو چوي ٿو ته:

گهائي ۾ بلاول پيڙايئي، عنايت ميدان مارايئي
ڪرمل کي هن حڪم هلايئي، ڦيرو ڪنڌ ڪپائين تون.
عشق پلي ڪري آئين تون.

سچل رحه هڪ محب وطن فرد وانگر زماني شناس ۽ تاريخ جو وڏو ڄاڻو هو. هن وقت جي حالتن کي محسوس ڪندي، سنڌ جي حڪمرانن ۽ عوام کي "انگريزن" جهڙي مڪار قوم جي سنڌ ۾ آمد کان اڳ ۾ ئي واقف ڪيو. ١٧٩٨ع ۾ انگريزن، سنڌ جي حڪمرانن کي ريجهائڻ خاطر، آغا ابوالحسن کي، مير فتح علي خان ٽالپر جي دربار ۾ موڪليو ۽ معاهدو ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي مفاد خاطر وقت به وقت معاهدا ڪندا رهيا. تانجو ١٨٤٣ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪري ١٨٤٧ع تائين انکي ڦريندا لٽيندا رهيا. خود سنڌ جي فاتح چارلس نيپئر لکيو ته، "هن ملڪ کي فتح ڪرڻ جو خاص مقصد صرف دولت هئي. چيو وڃي ٿو ته سٺ ورهين جي مدت ۾ ڏهن ڪروڙن پائونڊن کان به وڌيڪ رقم، هن ملڪ کي پيڙي حاصل ڪئي ويئي آهي. انهي رقم جو هر هڪ شلنگ اتي جي بيگناهه ماڻهن جي خون مان ڪڍي انهيءَ کي اگهي سگهي خونين جي ڪيسن ۾ وڌو ويو آهي. پر انهن پئسن کي ڌوئي ڌوئي صاف ڪريو پر انهن تان لعنت جو ٽڪو ڪڏهن به نه لهندو سچل رحه کولي ٻڌايو ته:

اولهه سج نه اُلهي متان ٿئي اوير،
ميڙي ويندءِ "مغربي" تاريڪي ۾ تير،
ڇڏي ويندءِ ڇپرين، ڊوندين سندا ڊير،
مرد ڏين تا مام ۾، ماٺيڪي مير،

هن مان صاف ظاهر آهي ته، سچل رحه جي وطن پرستي، تاريخ جي هڪ حقيقت آهي ۽ هن جو پنهنجي وطن سان ناتو ۽ اتان جي

عوام سان لاڳاپو بہ تاريخ جو حصو آهي. پاڻ چئي ٿو تہ:

سڱ اسان جو سومرا، چنڻ جيهو ناھ،
نير هي نينهن جا، ڪبر سگهي لاھ.

۽ جڏهن وطن جو نينهن چڙهندو آهي، پنهنجن سان پيچ پوندو آهي، ڌرتي سان عشق ٿيندو آهي، جنم ڀومي سان محبت ٿيندي آهي، تہ پوءِ انسان ۾ قومي شعور ۽ وطن يا وطن واسين لاءِ جيئڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. دراصل اهو جذبو ۽ لاڙو ئي انسان جي بقا ۽ سالميت جو راز ٻڌائي ٿو. ڇو تہ اسان جو سڀ ڪجھ وطن ۽ ديس سان آهي. وطن سلامت آهي تہ اسان بہ سلامت آهيون. انسان جي ٻولي ۽ ثقافت بہ سلامت آهي. جيڪڏهن وطن کي ذري برابر بہ نقصان رسيو، تہ پوءِ اسان بہ ختم آهيون.انهيءَ ڪري سچل رح چيو تہ:

وس نہ وسريام، سُرها وڻ ساٿيھ جا،
اهي هيڪند ڏينهڙا، تي گڏجي گذاريام.

آخر ۾، سچل رح سنڌ کي سک، سڪون ۽ خوشحالي جي دعا جو کهڙو نہ مؤثر لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي. سندس دلي ڪيفيت، خلوصِ دل ۽ انداز بيان تي نظر ڪريو:

سدا سرها هون، ماروئڙا تہ مليرِ ۾،
مٿي پنو هارن پون، مهر جا شل مينهڙا

•

ميان ماروئڙن تي،مهران وسن مينهن،
شل نہ ڏکيا ڏينهن، اچن آجڙين تي

•

سداسي سائيھ ۾، سکيا هئن سنگهار،
پکي منجھ پنوهار، شل هون هميشه سرها.

مددي ڪتاب

١. سنڌي شاعري جو اڀياس -شمشير الحيدري
٢. رمزايمان (اردو) ڊاڪٽر غلام جيلاني برق
٣. تفهيم القران ڇهون. مولانا ابوالاعلي مودودي
٤. ادب ۽ روايتون. قاضي خادم
٥. تاريخ جنت السنڌ. مولائي شيدائي
٦. ڏيئي ڏنم ڏڏن. دادا سنڌي
٧. سرمست جا مختلف پرچا.

سرمست - ١٥

1995ع

سچل ۽ سچ

سچ هڪ اهڙو تجريدي خيال آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ اوائلي وقت کان فلسفين جاکوڙ پئي ڪئي آهي. "سچ" بابت مفڪرن جا مختلف رايا رهيا آهن، سچ جي هڪڙي وصف هيءَ ڄاڻائي وئي آهي تہ "جيڪي بہ حقيقتون ڏسي وائسي سگهجن ٿيون، ان بابت ڄاڻ يا راءِ، سچ آهي" ڪنهن غير جذباتي، غير جانبدار ۽ بامقصد سچائي (Objective reality) فراريت طرف ڇڪيندڙ آهي. سچ جي ٻي وصف موجب "سچ جي فطرت جو هڪ مسئلو آهي، هڪ بيان جو ٻئي لاڳاپو رکندڙ بيان سان مقابلو ڪرڻ." سو ايئن ڪٿي چئجي تہ سچ انهن باربڪ بيانن (Coherent Statements) جي سلسلي جو چار آهي، جن ۾ حقيقتن جو ذڪر ۽ بيان هجي. تنهنڪري ڪوبہ بيان تڏهن ئي سچ ڄاتو ويندو، جڏهن اهو سچين حقيقتن يا بيانن جي طريقي سان رابطو رکندو هجي. سچ جي ٽين ۽ مک وصف عملي نقطہ نگاهہ واري آهي، جيڪا ٻڌائي ٿي تہ سچ اهوئي آهي؟ جيڪو ڪجهہ ڪم ڪري ٿو. جو تہ عمل کان خالي حقيقت يا سچ جو اظهار بي مقصد آهي ۽ حقيقت بہ اها آهي تہ ڪوبہ بيان پنهنجي عمل سان ۽ پنهنجي سچائيءَ جي سڃاڻپ ڪرائي سگهي ٿو. ماحول ۾ موجود ڪيترائي سچ انڪري اڻچٽا آهن. جو اسان آڏو ان جو ڪو واضح عمل ڪونہ رهيو آهي. پر ٿالٽ بريخت جي تصنيف گليـــلو ۾ بہ ايئن چيو ويو آهي "سچ وقت جي پيداوار

آهي تہ سنڌ جي" (ص ٥٦). مولانا ابوالڪلام آزاد بہ سچ ۽ وقت جي ڳانڍاپي جي ڳالهہ ڪئي آهي "اگر سچائيءَ ڪي ان جي ضرورت جي وقت پيش نہ ڪيو وڃي تہ ان جي وجود جو اعتراف بيڪار آهي. ڇو تہ ڏيئا سج لهڻ کان پوءِ ٻرندا آهن، نہ ڪي ٻهريان.... انسان جي آس پاس ۽ انسان جي اندر واري دنيائن جي لاڳاپي ۽ ٽڪراءَ جي لاڳيتي عمل هيل تائين ڏاڍيون ڇٽايون ڪيون آهن نہ تہ حق ۽ ناحق جي ڪسوٽي جڙڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ها. انسان لاءِ وقت، حالتن، ماحول ۽ غيرتاريخي واقعن کي سمجهڻ جو قاعدو وجود ۾ نہ اچي ها ۽ منجهس هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ جي قوت يا احساس جنم نہ وٺي ها. جڏهن کان انسان کي سچ جي ساڃاه ٿي. تڏهن کان دنيا جي نقشي تي ڪي قدر وجود ۾ آيا. ڪي اصول ۽ نظريا نهيا. تاريخي دنيا جي ڪيترن شخصن دنيا جي مستقل قيام جي سلسلي ۾ انهن اصولن ۽ نظرين کي بنياد جي حيثيت ڏني ۽ اهي شخص زندگيءَ کي انسانيت ڏانهن امانت سمجهندا آهن، سچ جي نظريي لاءِ جان گهورڻ عيب نہ ڄاڻندا آهن. ڇو تہ انساني سماج جي وڏي کان وڏي گهرج آهي تہ انسان سچ کي سمجهي ۽ سڃاڻي. سچ زندگيءَ جي اهم حقيقت آهي. جنهن شخص بہ ان حقيقت کي ڄاتو آهي، تنهن زندگيءَ کي پروڙيو ۽ پاتو آهي، سچ کي سڃاتو آهي ۽ سچ کي عام ڪيو آهي. سنڌ جو صوفي بزرگ سچل سائين بہ سچ جي راهہ جو راهي رهيو. هن پنهنجي شاعري سچ ڏانهن ارپي ڇڏي. سچ جي ڳولا، حق جي جستجو سچل جي ڪلام جو اهم موضوع آهي. هو ڪڏهن بہ ڪٿي بہ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي سڀ ڪجهہ چئي ڇڏي ٿو.

سچ تہ مرد چون، کنهن کي وٽي نہ وٽي

سچل سچ جو پوئلڳ هو. سچائي جو پرچارڪ هو. سچ لاءِ سندس چت ۾ چاهہ هو.

سچو سچي ڳالهڙي، چت اهائي چوريان

سچ لاءِ جيئڻ، سچ لاءِ مرڻ ان جي انيڪ مقصدن مان هڪ هو سچ سندس نعرو هو.

مار نعرا حق دا "سچل" سولي سر آ چڙهيس

سچ سچل جي وجود ۾ سمايل هو. هو سچ جو متوالو هو ۽ سچ جو پانڌيئڙو هو. سچ جي ماڳ تي رسڻ جي اڇا، سچل جي سرير ۾ سموئيل هئي.

سچو تي سچ آئيو، ماڳ انهيءَ مهمان

سچ ڪڏهن مارئي تي ڪوٽ ۾ ڳوڙها ڳاڙهي تہ ڪڏهن سسئي تي ڏونگر تو ڏاري. هر دور ۾ "سچ ۽ ڪوڙ" ٻہ جدا طاقتون هڪٻئي سان پئي ٽڪريون آهن ۽ هر وقت جي شاعر سچ کي سهارو ڏئي ڏنو آهي. سچل سچ جو ساٿ ڏنو. هن سچ جي سرهاڻ کي ڦهلايو. سندس حياتي جو اهم آدرش سچ هو. سندس شاعري انمول سچ آهي، دائمي ۽ لافاني پڻ. سچل جي هر سٽ ۾ حقيقت جو اظهار ملي ٿو ۽ هر حَقيقت جو بي باڪيانہ بيان آهي. سچل پنهنجي شاعريءَ کي سچ جي ڳولا لاءِ، هڪ مهم طور ورتو. سچل جي اها مهم نوان لاڙا ڪٽي آئي آهي، خاص طور تي سچل صوفي ازم کي جيڪي طريقا ڏنا، اُهي نئين صوفي ازم جو بنياد سمجهيا وڃن ٿا. سچ گوئي صوفين جي ان نئين طريقي يا مهم جو مکيہ پرزو هئي. جنہن سچل چيو آهي.

سچو وچ سچ دي، ڪيتا اناالحق اقرار

سچل وٽ سچ جي سار سرس آهي. هو سچ جي ساز تي پيار، امن ۽ نيڪيءَ جون ڳالهيون ڳائيندي، ڪوبہ عيب يا گناھ محسوس نٿو ڪري.

سچو سچي ڳالھ ۾، ڪھڙو ڪيم گناه؟

روشني جي ڦهلاءَ لاءِ اونداهين سان الجھڻو پوندو آهي. سچ جي اجراءَ لاءِ اڳ ۾ پنهنجي اندر جو ڪوڙ، ڪينو ۽ ڪروڌ ڪڍي ڇڏڻو آهي، پاڻ سان جهيڙڻو آهي. اسين پاڻ سان ڪيترا سچا آهيون ۽ اسين ٻين سان ڪيترا سچا آهيون. اهو ڄاڻڻ ضروري هوندو آهي. سچل سچ جي مهم جي شروعات بہ پاڻ کان شروع ڪري ٿو.

رک "سچو" سون سيني ۾، تان تون سچو ٿئين

ڪوڙ تہ انسان جي اندر مان ئي جنم وٺي ٿو. ڪٿي بہ ڪابہ شيءِ غلط ناهي ڇو تہ هر غلطي پاڻ مان ئي پيدا ٿئي ٿي. ان ڪري سچل پهريان پنهنجي مذمت ڪري ٿو.

ساري جھوٺي سچو صحيح ڪر، ٿي آپ ڪنون بيزار
۽ پوءِ ڪجھ پرکي سگھي ٿو.

ڪوڙيون ۽ ڪُوڙا، سچا سڀ سهي ڪيا.

شيڪسپيئر جو چوڻ آهي، "مون کي سچائي ۽ صداقت سان ايترو ئي پيار آهي. جيترو پنهنجي زندگيءَ سان اتم" ۽ حقيقت ۾ هڪ ذميدار شاعر وٽ "سچائي" فرض جي حيثيت رکي ٿي. سچ هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن ۾ جيڪا يگانيت ۽ سرمستي آهي سا سر ڏيڻ کان بہ نہ ٿي روڪي. سچل وٽ اهڙي ئي سرمستي آهي بلڪل منصور حلاج وانگر. سندس ئي الفاظن ۾:

سچو سائين سڀ سچ ٻوليندا، سچ ڪنون نهين نسداوي

يا

تخت هزاري، وچ جاءِ رانجهن دي، سچل سچ اڪيسان

سچل سائين سچ ٻولي ٻہ ٿو تہ ڳولي ٻہ ٿو. هن جي اظهار ۽ عمل ۾ هڪجهڙائپ آهي. هن جي سوچ ۽ لوچ ۾ ساڳيائپ آهي. هو پنهنجي اظهار ۽ عمل ۾ پڪو پختو آهي. سچ ڳولڻ جيتوڻيڪ جونڪائتو ڪم آهي تہ بہ سچ جي تلاش جاري رکڻ جو جذبو سچ جي ويجهو ضرور آڻي ٿو. قرآن ۾ فرمايل آهي.

قل جاءَ الحق و زهق الباطل ان الباطل ڪان ذهوڪا

”چؤ سچ اچي ويو آهي ۽ ڪوڙ غائب ٿي ويو آهي ۽ ڪوڙ هميشہ غائب ٿيڻ واري شيءِ آهي.“

سچ جي وجود سان ڪوڙ جي موجودگي اصل ڪان آهي. سچ نالو آهي، پيار، امن، نيڪي، سونهن ۽ سهپ جو ۽ ڪوڙ نالو آهي ڪلفت، ڪينو، وروڌ، ظلم، ڏاڍ ۽ برائيءَ جو .... سچ جو هميشہ حالتن سان ٽڪراءُ رهيو آهي، هن ۾ اوک ڏوک ترڦ ۽ جستجو هوندي آهي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ مملڪت آڏو متو نہ ٽيڪيو اٿس، ڪوڙ هميشہ وقت ۽ حالتن جو غلام هوندو آهي ۽ مصلحت جو گولو ٿيندو آهي. ڪوڙ کي ڪڏهن بہ پير نہ ٿيندا آهن، جنهن ڪري ٻين جي اميدن آسرن ۽ دولابن جي آڌار تي بيٺل هوندو آهي. سچل بہ ڪوڙ جي ڪشيدگين وارين حالتن ۾ جنم ورتو. هن هڪ دور جي ڪوڙ خلاف بغاوت ڪئي ۽ انسانن جي اندر ۾ سچ لاءِ اتساهہ اڀاريو. احمد نديم قاسمي صاحب جي الفاظن وانگر: شاعر مستقبل ڏي وڃڻ لاءِ سچو ۽ تخليق جا پر هٽي اڏري ٿو يا ٿوري ٿوري ڳالهہ کي غير معمولي شدت سان

محسوس ڪري ٿو، هو ان آخري سچ (صداقت) جي دائري ۾ رهي. جنهن کي شاعرائو سچ بہ چون ٿا. ماده پرستن ان کي سماجي سچ جو نالو ڏنو ۽ وري صوفين ان کي واحد سچ سڏيو. سچل سائين جيئن تہ هڪ سچو صوفي هو تنهن ڪري سچائي کي هن پنهنجي شاعري جو سونهون بنايو.

خدا ۽ منهنجو مرشد هڪ ئي آهي.
ٻنهي جو نالو حق (سچائي) آهي.
پوءِ آءٌ پنهنجي مرشد پنهنجي خدا کان
ڪيئن انڪار ڪري ٿو سگهان.

سچل جون اهي سٽون سچ جو اپٽار ڪن ٿيون ۽ خاص طور سچل جي سچ کي چٽو ڪن ٿيون. پاڪستان جي سابق وزير ماليات غلام محمد خان ساڳي خيال بابت پنجاب يونيورسٽي جي ٽيهترين ساليانی اجتماع ۾ اظهار ڪندي چيو هو:

In Islam Allah and truth are used as indentical terms. the same word has been used for God.

امن پسند مذهبن ۾ سچ جو اتم درجو ٿئي ٿو. ڇوتہ سچ سندر حيات جي جياپي جو سنيهو آهي. سچائيءَ سان گذاريل حياتي ماڻهپي جي نشاني هوندي آهي. Pall carace پنهنجي مذهبي ڪتاب Gaspal of Buddha ۾ بہ سچ جي پرچار ڪئي آهي ۽ سچ کي انساني ذهن جو آفاقي حصو سڏيو آهي. هو لکي ٿو تہ جيڪڏهن اسان پنهنجن روحن کي خصيص نفساني خواهشن کان آزاد رکون ۽ ٻين لاءِ برائي نہ سوچيون تہ اسان چمڪندڙ هيري وانگر ٻڌجي وجون ۽ ان جي روشني جيڪا سچ جي روشني آهي، تنهن ۾ هر تصوير کي ان جي اصل حيثيت ۾ ڄاڻي سگهون ۽ هر

شيءِ اسان پنهنجي انداز يا روپ ۾ نظر ايندي. سچل سائين بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ سچائيءَ لاءِ جذباتي پرچار ڪيو آهي ۽ لوڪ کي جاڳائڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي.

جاڳو جاڳو
اڄوڪي ڏينهن جي هن گهڙي ئي جاڳو
روشنين جي شهر ڏانهن ڏيان ڏريو
گناهن سان رغبت نہ رکو
ڪنهن ٻئي جي ڪڏاين تي نہ سوچيو
مضبوط بڻجو
دنياوي وڏائيءَ لاءِ پاڻ نہ پتوڙيو
بلڪ سچائي پاڪائي ۽ جوانمرديءَ لاءِ جاکوڙ ڪريو.

سچل سچ جي امر ريت ۽ اڻ ٽٽ سلسلي کي قائم رکيو ۽ پنهنجو پاڻ کي سچ جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو.

"سچو" منجهؤن ٿيو سچ پيدا، ڪيهون ڪوڙيون ڳالهيون ڳايان
۽
سچو سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل

•

سرمست ـ ٣
1983ع

• الطاف اثيم

سچل سائين جي ڪلام ۾ پهاڪن جهڙا جملا

سنڌي لوڪ ادب ۾ پهاڪن، چوڻين يا ضرب المثل جي حيثيت مستحڪم ۽ مجيل آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي روز مره جي گفتگو، ڪچهري يا وري ڇيڙي نبيري دوران ڳالهه ٻولهه کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ خاطر پهاڪن يا چوڻين جو چڱو خاصو استعمال ڪندا آهن. انهن پهاڪن يا چوڻين ۾ جتي نصيحت پريا نقطا سمايل هوندا آهن اتي منجهن سچ، سياڻپ، تجربن ۽ مشاهدن جي موجودگي جا اهڃاڻ پڻ نظر ايندا آهن. اڪثر اوقات پهاڪي ڏيڻ کان اڳ ماڻهو اهي لفظ چوندا آهن ته ”ادا سياڻن سچ چيو آهي“ ....! يعني اڻ سڌي طرح يا سڌي طرح پهريان پهاڪي جوڙيندڙ کي سچائو تسليم ڪيو ويندو آهي توڙي جو ڪين سندس نالي نشان جو ڪوبه پتو ڪرو ڪونه هوندو آهي.

سنڌي لوڪ ادب ۾ پهاڪن جوڙيندڙن ڪن ٿورڙن ڏاهن جا نالا ملي سگهندا، مگر پهاڪن ۽ چوڻين جو هڪ وڏو ذخيرو موجود ۽ مروج آهي. اسان وٽ جن عظيم شاعرن عوامي ٻوليءَ ۾ پنهنجو ڪلام چيو تن کي عوام ۾ بيحد ۽ دائمي قبوليت حاصل ٿي. ايتري تائين جو سندن سخن کي سچو ڄاڻي ماڻهن سندن بيتن جون سٽون پهاڪن طور استعمال ڪيون ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪندا اچن ٿا.

SOORIH SINDHI ADAB

سونهاري سنڌ اندر جن شاعرن جي ڪلام ڪي ماڻهن اقوال زرين، نصيحت پرين نقطن يا پهاڪن جي درجي تي پهچايو تن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سائين سچل سرمست ۽ حمل فقير وغير جا نالا اڳ ۾ اچن ٿا.

هن مضمون ۾ سڀ کان پهريان لاڪيٽي لطيف ۽ سچل سائين جي شعرن تي ٻڌل انهن چوڻين يا پهاڪن کي مثال طور پيش ڪندس جيڪي هر هڪ سنڌي سياڻي ڪنهن نه ڪنهن موقعي تي ضرور استعمال ڪيا هوندا ۽ ان ڪانپوءِ وري وچور پيش ڪندس فقط سچل سرمست جي سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو ڪلام جي اهڙن جملن جي جيڪي چوڻين طور استعمال ٿيندڙ آهن ۽ اڳي به ٿي سگهن ٿا يا ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته ماڻهون پنهنجي مدعابيان ڪرڻ وقت انهن جملن ذريعي پنهنجي گفتگو کي وزنائتو ۽ اثرائتو بڻائي سگهي ٿو.

شاهه سائين جي شعرن جون سٽون:-

١. آئين ۽ چاڙهين ڏٽ ڏهاڙي سومرا

٢. اگهي ته پاءِ نه ته مٽن کي ئي موٽ آ

٣. ڏک سکن جي سونهن گهوريا سک ڏکن ريءَ

٤. وياسي وينجهار هيرو لال ونڏين جي

٥. واڪا ڪرڻ مون وس ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو

٦. اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي

سچل سائين جي شعرن جون سٽون:

SOORHI SINDHI ADAB

١. (مور نہ محبت ڪان مڙان هتي اچي هاڻ)
ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ ڳڻون چاريون سي ڳوٺ جون
٢. ماڻ ڪيان تہ مشرڪ ٿيان، ڪچان تان ڪافر
٣. ننگڙا نمائي دا جيوين تيوين پالڻا
٤. اهو بر ٻيي بازر آهہ جتي ديرو دوست جو
٥. محبت ڳڌي نہ ليي، خرچين لک هزار

اهڙي ريت پيش ڪجن ٿا شعر وار ترتيب سميت اهڙا جملا جيڪي منهنجي نظر ۾ يڪجاءِ ڪرڻ سان لوڪ ادب جي انهيءَ صنف جي خزاني ۾ هي بہ هڪ قدر لائق اضافو ٿيندو.

"سنڌي ڪلام"

داستان	عنوان	سُر	بيت نمبر	ڪافي نمبر	جملا
پهريون	وحدت	--	--	٢	توڙي رنگون رنگيني، چيني جي مٽ نہ ڪاسي
ٻيون	وحدت	--	--	--	فرقاءِ فرق، شلا نہ پوي جيڏيون
"	"	--	--	١٣	دم غنيمت جا هت آهن، ڏينهن دنيا ۾ چار
پهريون	حقيقت	--	--	١	فنا کان اڳي بقا نہ ٿيندين، جيئن پارو ۽ پاڻي
"	"	--	--	١٦	فنا ڪيو فراق کي ويجهو ڪيو وصال
"	"	--	--	١٩	جانالو ولندي نينهن جو تنهن کي ايندي شهر نڪاري
ٽيون	سسئي	--	٤	--	سکيون ڪوهہ پڇن، سنڌيون ڏکن خبران
چوٿون	"	--	١٤	--	وار نہ سي ويهن جنين مٿي مامرو
"	"	--	٢٦	--	ڪينو ۽ ڪبر پري ڪرين پاڻ کان
"	"	--	--	٤	دوست دلاسو ڏجي، ڏاها ڏکوين

داستان	عنوان	سُر	بيت نمبر	ڪافي نمبر	جملا
"	"	--	--	٧	ڏونگر سي ڏوريندئون،محبت جن جي من ۾
ائون	"	--	٥	--	مارگ مرن جي، ور تنهن کي ويجهڙو
نائون	"	--	--	١۴	علم عقل ويو اڏري عين عشق جي آئي
نائون	سسئي	--	--	٢۴	دانهون ڪرين درد مان برهه نه ڪر بدنام
ڏهون	"	--	--	٦	تون ڪيئن وسارين تن، جي تو گهڻو پچن
يارهون	"	--	١٨	--	ائي ڪمر ٻنڌ، لوچ ته لهين سپرين
"	"	--	--	٥	وجهج ڪم ڪريم تي ٻي ڳولج ڪام ڳلي
ڀريون	نوري	--	٦	--	جي ڪائن پيڻ پييون، سي چُوري تي چريون ٿيون
ٻيون	"	--	١٣	--	اگلا جي سگلا، سمي نانو سجاڻبا
ٽيون	"	--	٧	--	ڪاريون ٽيون ڪڏن، سمي جي سهاڳ تي
چوٿون	"	--	١٣	--	هٿي مهاڻي ماڻس، پرهن سان ڪرم ڪريم ڪيو
ڀريون	مارئي	--	٢٦	--	اهي هميشه هون، جي سُڌ لهن سپ حال جي
ٽيون	"	--	٥	--	ڏسي عيش انعام، اهي ويلا ويٺڙي وسري
چوٿون	"	--	١٣	--	جهانگي جهڻ پياڪ، ناهن شربت هيروان
ڀريون	مومل لاڻو	--	٢	--	جوڻن کي جواب مرد نه ڏين مينڌرا
"	"	--	١٣	--	ڪر اها ڪائي، جو ڪارنهن لهي ڪاڪ تان
"	"	--	١٨	--	ظاهر زلالڻو، پر باطن بره بلي هيو
"	بيت پورب جا	--	٣	--	جوڳي جال ڏنام پر ڪو ڪو ليي ڪاپڙي
"	بيت روجهن جا	--	٣٠	--	قسمت ڪنگال نه ته حاڪم هو هزار جو
ڀريون	هير رانجهو	--	١٦	--	جهنگ سجو جهيڙو نه ٻه رانجهن منهنجي روح ۾
ڀريون	جوڳ	--	۴	--	طالب تياڳي لکن ۾ ڪو هڪڙو

داستان	عنوان	سُر	بيت نمبر	ڪافي نمبر	جملا
پنجون	مالڪوس	--	٢۴	--	لکن منجهہ ليي ڪا سورائتي سار ساه
	متفرق	--	--	١١٣	آه هنيان ڪي ڪانگ اڏرياه
	"	--	--	١۴١	جنهن دوست ڪسايو دم، ست انهيءَ سينگار ڪي
	"	--	--	١٦٦	پچن ڪوه طبيب سوز واروه سرتيوه

"سرائڪي ڪلام"

ڏوهيڙا	حسن ۽ عشق	--	٨٨	--	مار ڪهاڙا هستي دا وه،سچل صاف ڪيمچي
"	--	پهاڙي		--	داناوان ديوانہ ڪردا، اکيان دا اسرار
"	--	بروو	٧١	--	علم عقل تي شرم حيا ڪنوه عشق ڪيتي بيرزاي
"	--	ڏناسري	٨۴	--	منزل ڏور اڳانگيان پتيان، حب والي نهيں هٽي
"	--	"	٨٧	--	چرخي ڪتڻ دي ڪار ڪريجي نہ تہ رهسن پاندڙياه
"	--	ڪوهياري	١١٦	--	جڏهن برهہ بجائي مستي، لٽ نيتس ساري هستي
سہ حرفي	هير رانجهو	"مصرع"			دل ڏتي رانجهون يار ملي، سڏان نال نہ برها لڳدا جي
	"	بلاولي	١٠٨	--	دائم دل وچ پاوين جهاتي،رمز لهيں روحاني
	"	ڪوهياري	١٢٦	--	عشق اڳانگا، تلڪڻ بازي
	تصوف	--	٣٢	--	سچ ڪيڏاهيں مول نہ ويکي، پاڪ پليتيان جائيں
	"	--	٣٧	--	مخدومي، مجزوبي ڏوهيں ڪڏان گڏ نہ ٿيسيں
	--	پهاڙي	١٠	--	علم حقيقي عاشق جاڻن، ڪيا جاڻ ملان قاضي
	--	ڏناسري	--	٦٢	جس تن لڳڙي سوتن جاڻي ڪيا ڪوئي جاڻي هور
	--	بروو	--	١۴٠	ملان دي دوڙ مسيتيں تائيں عشق دي منزل اڳي

اهي هيا سنڌيءَ سرائڪي ، ڪلام مان چونڊيل ڪجهہ جملا، يقين سان چئي سگهبو تہ اهڙا بامعنيٰ ۽ مفيد محاوره

سچل سائين جي فارسي ڪلام ۾ بہ بي انداز هوندا جن کي پڻ يڪجا ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ کان علاوه جيڪا اشد ضرورت آهي سا آهي سچي سائين جي ڪلام کي عام ڪرڻ جي تہ جيئن وڌ ۾ وڌ ماڻهو . سندس سوچن جي-رهاڻ مان سگهنڊ حاصل ڪن ۽ وايو منڊل پڻ واسجي وڃي.

مددي ڪتاب

۱. عثمان علي انصاري: سچل سرمست جو سنڌي ڪلام

۲. مولانا محمد صادق راڻيپوري: سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام

سرمست ۷

1987ع

سچل جو نظريو

شعور وارو هر ماڻهو بنيادي طور تي نظرياتي ٿئي ٿو، پر هڪ شاعرُ جيڪو عام ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ گهڻو حساس ۽ ڏاهو آهي سو پنهنجي فڪر ۽ ڏاهپ جي حوالي سان گهڻو منفرد ۽ مختلف ٿيندو آهي.

شاعر جيئن شاعريءَ ۾ پنهنجي دؤر جو سچو ترجمان آهي، تنهنڪري هو پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي وقت جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي چٽي عڪاسي پيش ڪندو آهي ۽ سماجي زندگيءَ کي سُڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ پنهنجو الڳ فڪر ۽ فلسفو گهڙي ويندو آهي.

شاعر هڪ سچو مبلغ ۽ مورخ ٿئي ٿو، سندس نظريو ۽ سوچ پنهنجي دؤر سان همرڪاب، متحرڪ ۽ سائنسي هوندي آهي.

هڪ سچو شاعر پنهنجي شاعريءَ جي ناتي ڪنهن مخصوص گرُوهه يا ٽولي سان ٻڌل نه هوندو آهي يا ائينءَ ڪٿي چئجي ته سندس ذات کي ڪنهن گروهه جي خاص مقصدن يا سياسي حڪمت عملين جي لاءِ استعمال نٿو ڪري سگهجي.

جڳ مشهور اديب سيفرٽ چيو آهي ته "جيڪڏهن ٻيو ڪوئي سچ جي باري ۾ خاموش رهي ته اها هُن جي حڪمت عملي ٿي

سگهي ٿي، پر اديب يا شاعر لاءِ سچ تي ماٺ ڪرڻ ڪوڙ جي برابر آهي."

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ شاعر يا اديب غير جانبدار نٿو رهي سگهي ۽ ظاهر آهي تہ اهو پنهنجي وقت جو ڏاهو. سماجي پيچ ڏاهہ ۽ نظرياتي اُٿل پُٿل کان الڳ نٿو رهي سگهي، پر ان هوندي بہ هڪ شاعر هڪ پڪي نظرياتي ورڪر يا سياسي ليڊر کان مختلف هوندو آهي.

هڪ سچي شاعر جي شاعري جتي سندس ذاتي تجربن ۽ امنگن جو اولڙو هوندي آهي، اُتي زمان ۽ مڪان جي قيد کان نڪري، سڄي انسانذات ۽ ساري جڳ جي احساسن ۽ آدرشن جي ترجمان بڻجي ويندي آهي.

هڪ سچو ۽ سچاڻ شاعر جانبدار هوندو آهي پنهنجي، ضمير سان، حق ۽ سچ سان ۽ پنهنجي پوتر آدرشن سان. هُو سچ جو ساٿاري هوندو آهي ۽ سندس ذات پنهنجي، صحتمند قدرن سان سماج کي گهُٽ ٻُوسٽ، مونجهاري، وسوسن ۽ وَهمن مان ڪڍي اڳتي وٺي هلندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هڪ سچو نظرياتي شاعر پنهنجي وقت جو ويج بڻجي، سماج جي ناسُور کي نروار بہ ڪندو آهي ۽ ان جي خاتمي لاءِ علاج بہ ڏسيندو آهي. اهڙيءَ طرح سندس شاعري پنهنجي دؤر جو سَڏ، پُڪار ۽ نعرو بڻجي پوندي آهي، جيئن محترم شيخ اياز لکيو آهي تہ:

"منهنجو هر لفظ هڪ گولي آهي جا دشمن جي سيني مان پار وڃي ٿي. منهنجي ٻولي منهنجو اسلحہ خانو آهي."

انهيءَ ڪسوٽيءَ تي جڏهن اسان سچل جي شاعريءَ تي نظر وجهون ٿا ته هو هڪ سچو ۽ سچاڻ شاعر نظر اچي ٿو ۽ سندس شاعري فڪري لحاظ کان صحتمند ۽ سچن قدرن سان سگهاري آهي.

سچل نظرياتي طور تي هڪ سچو صوفي، سيڪيولر، ترقي پسند، وطن پرست ۽ آفاقي شاعر آهي، جنهن جي شاعري موجوده حالتن سان ٺهڪندڙ ۽ سُيان ڪان سُيان جي شاعري آهي.

سچل پنهنجي دؤر ۾ صوفين جو سرواڻ هو ۽ صوفي ازم، پنهنجي وقت جو ترقي پسند نظريو تي ايريو هو. هن ڌرتيءَ جي ڏاهي محترم محمد ابراهيم جويي هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

”سنڌي سماج جو هر مذهب سان ان جي فاتحانه حيثيت ۾ واسطو پيو آهي. سنڌي سماج ۾ مذهب جي هن صدين کان هلندڙ غلبي ۽ ڪٽرپڻي سنڌ جي ذهني دنيا ۾ هڪ ردِ عمل کي جنم ڏنو، جنهنڪي مذهب کان مايوسي ۽ بيزاريءَ جي روش چئي سگهجي ٿي.“

انهيءَ رد عمل جو اثر سچل جي فڪر تي به پيو ۽ هن بيباڪيءَ سان مذهبي ڪٽرپڻي کي پنهنجي ڪلام ذريعي وائکو ڪيو:

مذهبن مُلڪ ۾، ماڻهو منجهايا
شيخيءَ، پيريءَ بزرگيءَ بيحد پلايا
اوڏا ڪين آيا عقل وارا عشق جي.

•

منجهہ ڪفر اسلام مذاهب، عاشق مور نہ اڙندا
ماري نعرو حق جو سچا، سوليءَ سر ڏريندا.

اسان وٽ هر دؤر ۾ مُلن ۽ هٿ ٺوڪي مذهبي مبلغن مذهب کي پنهنجي نموني پئي پيش ڪيو آهي ۽ سندن ڪوڙين فتوائن هڪ عام ماڻهوءَ جي نظرياتي آزاديءَ ۽ احساسن کي پئي گهٽيو آهي.

اُهي صوفي ئي هئا، جن اهڙن ڪُوڙن مذهبي آقائن جي ناهيل طلسم کي ڊاهي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي سچي ڪلام جي ذريعي عوام جي دلين تيَ حڪمراني ڪئي.

سچل کي بہ اهڙين ئي حالتن سان منهن ڏيڻو پيو. سندس خلاف ان دؤر جي مذهبي آقائن ۽ رياستي وحشين هڪ الڳ مورچو ٺاهيو، پر سچل هڪ سورهيہ شاعر جيان انهن جو مقابلو ڪيو. هن پنهنجي نظريي تان هٿ نہ ڪنيو، ڪڏهن بہ موقعي پرست نہ بڻيو ۽ سدائين بيباڪيءَ کان ڪم ورتو.

سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وٺي نہ وٺي

•

ماڻ ڪريان تہ مشرڪ ٿيان ڪچان تان ڪافر
انهيءَ وائيءَ ور، ڪو سمجهي سچيڏنو چوي

•

جا نالو ڪٺندي نيهن جو، تنهنکي ايندي شهر نيڪالي

سچل نظرياتي طور تي سيڪيولر آهي. هُو مذهب، رنگ، نسل ۽ ذات پات ۾ ويساهہ نہ ٿو رکي. هنجو مذهب ماڻهپو آهي ۽

پاڻ ساري جڳ جي امن، پريم ۽ ڀائيچاري جو امين آهي.

وقت اها تي ويل، دوئيءَ دور ڪرڻ جي
ڪڍ مذاهب مَن مان، ساجهر ساڻ سويل
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل.

•

ڪافر مومن هڪڙو سچو ڀوڙ ڀيائي

•

هندو مومن هڪ ٿيو، ڀول نہ ڀي ڪنهن ڀُلُ

’وحدت‘ صوفين جو اهم تصور رهيو آهي. متحرم الهداد ٻوهيو هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: ”وحدت جي تصور ۾ هڪ تہ اها ايڪتا ۽ يڪجهتي موجود هئي، جيڪا سنڌ جي ڀنتي ڀيل سماج جي لاءِ اميد جو واحد وسيلو بڻجي تي سگهي.“

انهيءَ نظريي مطابق سچل ڀڻ انسانن جي بين الاقوامي ٻَڌيءَ ايڪائيءَ ۽ وحدت تي زور ڏئي ٿو.

چاڻ نہ تفاوت، عبد ۽ الله جو
هو آهي امرت، هي بہ ڏور نہ ان ڪان.

•

ملڪن تي سجدا ڪيا واه متي تنهنجو مُلُ

•

ٻانهون ٻانءِ مَ پاڻ، تون آهين مالڪ ملڪ جو

برک دانشور رشيد ڀٽيءَ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: ”ترقي پسند اصطلاح مان مراد ۽ مقصد آهي سماج جي جامد مشنريءَ کي

متحرڪ ڪري، ان مان خاميون ۽ نقص ڪڍي اڳتي ترقيءَ جي راهه تي وڌي وڃڻ."

انهيءَ ڪسوٽي تي پرکڻ سان سچل جي شاعري ترقي پسند ۽ حالتن سان همرڪاب نظر اچي ٿي.

سچل پنهنجي سماج جي بيمار سوچن ۽ ريتن رسمن تي تنقيد ڪئي آهي ۽ معاشري کي پنهنجي صحتمند ۽ نڪور فڪر جي ساڻ سان اڳتي وڌي ويو آهي.

اول پيري پڇ جي بند خيالات جا
تنهن پڇاڻان وَڃُ، حلاجي حيرت ۾.

●

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو
وهم سچل ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻَڌُ شاهانو.

برک ڏاهي محترم محمد ابراهيم جويي لکيو آهي ته: "سچل سنڌي سماج جي بحراني دور جي پيداوار آهي. سچل جي دؤر ۾ سنڌي سماج پنهنجي اجتماعي وجود جي بحاليءَ ۽ بقا جي جدوجهد ۾ مصروف هيو."

اهڙي صورتحال ۾ جڏهن سچل جي شاعريءَ کي پڙهجي ٿو ته ثابت ٿئي ٿو ته سندس سوچ پنهنجي ڌرتيءَ جي بقا جي جدوجهد ۽ سماجي بحرانن ۾ شامل رهي آهي. سچل جي فڪر ۾ وطن دوستي ۽ انقلابيت ليئا پائيندي نظر اچي ٿي. هڪ سچاڻ شاعر جي ان سندس ذات جون پاڙون پنهنجي ڌرتيءَ ۾ کُتل آهن.

تو جا پانئين موج، سا مڙيئي مهراڻ تي

هي انهن جا اوج، جن سنبت سوليءَ پار ڏي

•

متان ويهين ماٺ ۾، منجهه جلديءَ ڄُلُ
هتي ويهه نه، هَلُ، تان کي پڄين پنڌ کي

•

ووءِ ووءِ تان مَ وسار، متان ماٺ ڪري ويهين
ٿيو پِرُ تنهن پار، جاتي ٻيو ناهه ڪي

•

شال نه لقب سومرا، هن لوئيءَ کي لايان
سون برابر سڳڙا، آءُ مور نه مٿايان
ڪتي ڪيت ڏٿيءَ جي، آءُ پليري پانيان
مري ملهايان سارو ملڪ ملير جو

•

پورب سندي پار جا، ڪڪر ڪارونيار
اُيي کي آ بيندي، لڏئون سنڌڙيءَ سار
ساوا ٿيا سنگهار موليٰ سندي مهر سان

•

سچل سائي سنڌ جي، وري ورتائون واٽ
لاٿي اُڄ اساٽ، سارنگ سنگهارن جي

سچل نظرياتي طور تي عدم تشدد جو حامي ۽ امن جو پوڄاري رهيو آهي. موجوده دور جي جڳ مشهور ڪتاب "پيرسترائڪا" ۾ لکيل آهي ته: "اسانکي اهڙي دنيا گهرجي جنهن

۽ جنگ نہ هجي، هٿيارن جي ڊوڙ نہ هجي ۽ ايٽمي آفتون نہ هجن"

اسانجي سچل ڪيترائي سال اڳ جنگ کان نفرت جو اظهار ڪيو آهي.

جوڳين آهہ نہ جنگ، هن سلوڪي سڀ سين

مطلب تہ سچل سنڌ ڌرتيءَ جو سچو ۽ سڄاڻ شاعر آهي، سندس آفاقي، وطن دوست ۽ صحتمند فڪر جي ڪسوٽيءَ تي اسان دنيا جي شاعرن کي پرکي سگهون ٿا.

حوالا:

* "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" عثمان علي انصاري
* "شاهہ، 'سچل' سامي" محمد ابراهيم جويو
* 'پيرسٽرائڪا' جو مهاڳ گورباچوف
* "خط، تقريرون، انٽرويو" جو مهاڳ رشيد ڀٽي
* "شاهہ لطيف جي شاعري" تنوير عباسي
* "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" شيخ اياز
* 'سرمست' جا ڪجھ پرچا

سرمست ـ ١٠

1990

مقالا نگارن
جو مختصر تعارف

پير حسام الدين شاهه راشدي

پير حسام الدين شاهه ولد محمد حامد شاهه راشدي جي ولادت 20 سيپٽمبر 1911ع تي ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ بهمڻ ۾ ٿي. پاڻ پير علي محمد شاهه راشدي جو ننڍو ڀاءُ هو. سنڌ جي تاريخ ۾ اهي ٻئي ڀائر "راشدي برادران" جي گڏيل نالي سان مشهور آهن.

سيد حسام الدين شاهه راشدي ويهين صدي جو بين الاقوامي شهرت رکندڙ اهو سنڌي سپوت ٿي گذريو آهي، جنهن جي شخصيت تي سنڌ واسي جيترو ناز ڪن اهو گهٽ آهي. پير صاحب مايه ناز اسڪالر محقق، مورخ، اديب، صحافي ۽ ٻين لاتعداد خوبين جو مالڪ هو.

سيد حسام الدين شاهه راشدي جي تعليم ۽ تربيت خانگي نموني سان سندس وڏي ڀاءُ پير علي محمد شاهه راشدي سان گڏ ٿي. هن ابتدائي تعليم مولوي محمد سومار ڏکڻ کان ورتي، پوءِ مولوي محمد الياس پنوهر کان درس ورتو. آخر ۾ مولوي سيد علي شاهه لڪياري ساعدي وٽ پڙهيو، انهن استادن کان چار درجا سنڌي ۽ فارسي تعليم سڪندرنامه تائين حاصل ڪيائين ۽ پوءِ نصرت ريلوي اسٽيشن جي اسٽيشن ماستر وٽ ڪجهه وقت انگريزي جي تعليم خانگي طور حاصل ڪيائين.

راشدي صاحب 18 سالن جي عمر ۾ صحافت جي ميدان ۾ پير پاتو، سڀ کان پهرين اخبار "جاڳڻ" جو نامه نگار ٿيو. 1930ع ڌاري ماهوار رسالي "المنار" سکر جو ڪجهه وقت لاءِ ايڊيٽر ٿي رهيو. 1930ع کان 1934ع تائين پاڻ ۽ علي محمد شاهه راشدي گڏجي هفتيوار اخبار "ستاره سنڌ" جاري ڪئي. انهي کان علاوه الوحيد، قرباني، مهراڻ وغيره ۾ پڻ ڪم ڪيو. پاڻ انجمن ترقي اردو جو باني ۽ ماهوار نئين زندگي بورڊ جو صلاحڪار ٿي رهيو، پاڻ ڪيترن سماجي ثقافتي ۽ تعليمي ادارن جو

سرگرم ميمبر ٿي رهيو. انهن مان سنڌي ادبي بورڊ، اردو ڪاليج، اردو ٽرسٽ، يادگار غالب، اقبال اڪيڊمي، سينٽرل اردو ڊيولپمينٽ بورڊ لاهور، سنڌ يونيورسٽي، نيشنل ميزيم حاجي عبدالله هارون ڪاليج پنجاب يونيورسٽي، سنڌالاجي، پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن، ڪراچي ريڊيو اسٽيشن ۽ يونيسڪو جي صلاحڪار ڪميٽي وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. تنهن ڪان سواءِ سوين ادارا اهڙا آهن جن ۾ سندس ڪيل خدمتون اڻ وسرندڙ آهن.

تاريخ جي حوالي سان پير صاحب سنڌ جي تاريخ بابت ڪيترو ئي مواد ايڊٽ ڪري حاشيا ۽ واڌارا لکي شايع ڪيو. خاص ڪري فارسي مخطوطن ڪي روشنيءَ ۾ آندائين ۽ ايڊيٽنگ جو پورو پورو حق ادا ڪيائين.

راشدي صاحب جملي ايڪيتاليهه ڪتاب اسان وٽ ڇڏيا آهن، جن ۾ ٻارهن سنڌي ۾، پنجويهه فارسيءَ ۾ ۽ چار اردو ۾ لکيل آهن. سندس ايڊٽ ۽ تصنيف ڪيل ڪتابن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

تاريخ مظهر شاهجهاني، مڪلي نامہ، ترخان نامہ، حديقۃ الاولياءَ، دود چراغ محفل، تحفۃ الڪرام، مقالات الشعراءَ، مهراڻ جون موجون، مثنوي چنيسر نامہ، مير محمد معصوم بکري، مثنوي مظهر الآثار، مرزا غازي بيگ اور اسڪي بزم ادب، تذڪره امير خاني، قصائد و مثنويات قانع، روضۃ السلاطين، هو ڏوٿي هو ڏينهن، وغيره ان ڪان علاوه سندس مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل هڪ ڪتاب ”ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون“ انجمن تاريخ سنڌ 1981ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي ۽ هڪ ٻيو ڪتاب ”ڳالهيون منهنجي سنڌ جون“ 1992ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو آهي. جنهن ۾ محترم غلام محمد لاکي صاحب راشدي صاحب جا انٽرويو، تقريرون ۽ مقالا ترتيب ڏنا آهن.

پير حسام الدين راشدي جي دل انسانيت ۽ علم و ادب جي خزاني سان پر

هئي، سندس سوين مضمون، تحقيقي مقالا ۽ ڪتاب تاريخي حيثيت جا مالڪ آهن. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي قدرداني ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ خوب ٿي. هن پنهنجو پاڻ ڪي علم ۽ ادب جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو ئي سندس زندگيءَ جو معراج هو. سندس علمي صلاحيتن جو قدر ڪندي تهران يونيورسٽي کيس ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني. پير صاحب محقق سان گڏ اهل دل اهل قلم زنده دل ۽ باغ بهار شخصيت جو مالڪ هو. نوجوانن سان بيحد پيار ڪندو هئس، انهن کي هميشه لکڻ، پڙهڻ ۽ علمي ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏيندو هو. هن جي دم سان سنڌ جي ثقافت تهذيب ۽ تمدن، تاريخ ۽ قديم روايتن جون محفلون گرم رهيون.

هيءُ عظيم سنڌي انسان پهرين اپريل 1982ع تي وفات ڪري ويو. کيس سندس وصيت مطابق سنڌ جي تاريخي قبرستان مڪلي (ٺٽو) ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي پيرانديءَ کان ڏکڻ پاسي سپرد خاڪ ڪيو ويو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ولد علي محمد خان لغاري بلوچ 16 ڊسمبر 1917ع تي ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ويهين صدي جي تمام وڏي ادبي شخصيت آهي. پاڻ سنڌي ادب خاص ڪري لوڪ ادب لاءِ جيترو قلمي پورهيو ڪيو اٿس ايترو اڳ شايد ئي ڪنهن ڪيو هجي، سندس ڪيل جاکوڙ ۽ نچوڙيل نور ڪي سنڌي نسل صدين تائين سارا هيندو رهندو. پاڻ تمام وڏو محقق، عالم، اديب، تاريخدان، دانشور ۽ ماهر لسانيات آهي. کيس بين الاقوامي شهرت حاصل آهي.

ڊاڪٽر صاحب 1936ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪري،

ٻهاءُ الدين ڪاليج جهوناڳڙهه ۾ داخل ٿيو، جتان 1941ع ۾ بي اي جو امتحان سڄي بمبئي يونيورسٽي ۾ فرسٽ ڪلاس، ٽيون نمبر اچي پاس ڪيائين. ان ڪانپوءِ 1943ع ۾ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان ايم اي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري سڄي يونيورسٽي ۾ پهريون نمبر آيو. ساڳئي سال مسلم يونيورسٽي مان ايل ايل بي پڻ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. جنهن ڪان پوءِ ايڊيوڪيشن ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ 16 آگسٽ 1946ع تي ولات روانو ٿيو ۽ ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ (آمريڪا) مان ايڊيوڪيشن ۾ ايم اي ۽ پي ايڇ ڊي جي اعليٰ ڊگري حاصل ڪيائين. ان دوران سنڌس مشهور ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" جي تاليف به شروع ڪيائين.

ڊاڪٽر جي ڊگري حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ بلوچ صاحب کي اقوام متحده ۾ نوڪريءَ جي آڇ ٿي، پر پاڻ وطن جي خدمت جي شوق ۾ 1949ع کان آگسٽ 1950ع تائين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهميو ۽ علمي، ادبي ڪچهريون ڪندو ۽ تاريخي ماڳ ڏسندو رهيو ۽ ادبي ۽ تاريخي مواد گڏ ڪندو رهيو.

1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ تعليم جي شعبي جو پروفيسر مقرر ٿيو. سنڌي شعبي جو پهريون استاد ۽ سربراهه به پاڻ ٿيو. 1973ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. 1977ع ۾ تعليم کاتي مان رٽائر ڪرڻ ڪانپوءِ 1979ع تائين پاڻ وزارت ثقافت، آثار قديمه، راندين ۽ سياحت ۾ رهيو. پهرين جولاءِ 1979ع تي چيئرمين قومي ڪميشن تحقيق، تاريخ ۽ ثقافت مقرر ٿيو. جتان 22 نومبر 1980ع تي کيس اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جو پهريون وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. هن عهدي تي آگسٽ 1982ع تائين رهيو. 1983ع کان 1990ع تائين نيشنل هجره ڪائونسل اسلام آباد جو مشير رهيو. جنهن ڪانپوءِ سال 1990ع کان 6 مارچ 1994ع تائين "سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو"

جو پهريون چيئرمين ٿي رهيو، ان عرصي دوران سنڌ جي نگران حڪومت ۾ اپريل 1993ع کان آڪٽوبر 1993ع تائين تعليم ۽ زراعت جو صوبائي وزير پڻ ٿي رهيو. پاڻ ڪافي عرصي کان علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر جو چيئرمين هلندو اچي.

تصنيفات ۽ تاليفات جي سلسلي ۾ علم، ادب، لغت، شاعري، تاريخ، ثقافت، موسيقي ۽ آثار قديمہ تي بيش بها ڪتاب مقالا انگريزي، عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ۾ لکيا اٿس، جن کي علمي ادبي دنيا ۾ تحسين جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب جا علمي ڪارناما سنڌي ادب ۾ هڪ وڏي اٿل آهي. هن ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام گڏ ڪري ڇپايو آهي. ڪجھ وڏن مشهور شاعرن جو ڪلام ڏار ڏار رسالن ۾ صورت ۾ مقدمو لکي ڇپرايو اٿس. انهن ۾ ڪليات حمل (1952ع)، ڪليات سانگي (1969ع)، شاهہ لطف الله جو ڪلام (1968ع)، مينن شاهہ عنايت جو ڪلام (1963ع)، خليفي نبي بخش لغاري جو ڪلام (1966ع)، ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري (1968ع)، شاهہ شريف ڀاڏائيءَ جو ڪلام (1972ع)، سر فهرست آهن.

پاڻ ڪجھ مشهور تاريخي ڪتاب فارسي متن ۾ ايڊٽ ڪري چڪو آهي. جهڙوڪ، لب تاريخ سنڌ (1969ع)، تاريخ طاهري (1964ع) وغيره. سنڌي ادبي بورڊ جي تاريخ جي رٿا ۾ ٽي بنيادي تاريخي ڪتاب چچ نامو (1954ع)، تاريخ معصومي (1953ع) ۽ تحفتہ الڪرام (1957ع) سنڌي ۾ ايڊٽ ڪيا اٿس. ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ (1951ع) ۾ لس ٻيلي جي شاعرن جو چيل سنڌي ڪلام گڏ ڪيو اٿس. هن سنڌي موسيقي جي تاريخ بہ لکي آهي. سنڌي لغت کي گڏ ڪري ان کي سوڌي ۽ سنواري باقاعدي پنجن جلدن ۾ پيش ڪيو آهي، جيڪو هڪ وڏو ڪارنامو آهي. ان سان گڏ هن صاحب سنڌي اردو لغت ۽ اردو سنڌي لغت بہ لکي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ لاڪيٽي لطيف رحه تي پڻ تمام گهڻو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. گهڻي ڇنڊ ڇاڻ ڪان پوءِ "شاهه جو رسالو" 10 جلدن ۾ ترتيب ڏنو اٿس.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙڻ، سينگارڻ ۽ محفوظ ڪرڻ لاءِ جيتري جاکوڙ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪئي آهي. ايتري هن کان اڳ ڪنهن به نه ڪئي آهي ۽ شايد هن کان پوءِ به ڪو ڪري نه سگهي. ڊاڪٽر صاحب هيستائين اٽڪل 80 کن ڪتاب لکي چڪو آهي، جن ۾ 55 کن ته رڳو لوڪ ادب تي آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي سندس علمي خدمتن تي ڪافي انعام ۽ ايوارڊ وغيره ملي چڪا آهن، جن ۾ ڪجهه قومي ايوارڊ "تمغه پاڪستان"، "ستاره قائد اعظم" ۽ 1979ع ۾ صدارتي ايوارڊ "تمغه حسن ڪارڪردگي" شامل آهن، پر ڊاڪٽر صاحب جو علمي مرتبو ۽ ڪم تمغن کان گهڻو گهڻو اوچو ۽ اتاهون آهي. پاڻ بيشڪ سنڌ، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو سچو هڏ ڏوکي ۽ گهڻ گهرو آهي. سنڌ ۽ سنڌين کي سندس ذات تي فخر آهي.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

علامه غلام مصطفيٰ ولد حافظ محمود چانڊيو 24 جون 1924ع تي ڳوٺ پنيو خان چانڊيو تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جڳ مشهور عالم، فاضل، محقق، اديب ۽ ڏاهو هو.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ننڍپڻ کان ئي نهايت ذهين ۽ اورچ انسان هو. عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن جو ماهر هو. فاضل ديوبند، مولوي فاضل اديب فاضل ۽ فاضل طب هو. مختلف ديني علمن جهڙوڪ حديث، فقه، تفسير، منطق وغيره تي ڪين ڪمال حاصل هو. هن پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي حصو مختلف ماڳن تي درس و تدريس ڪندي گذاريو. آخر ۾

اچي حيدرآباد ۾ رهيو. 28 اپريل 1987ع تي ڪيس ٽن سالن لاءِ مرڪزي رويت هلال ڪميٽي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. آخري دم تائين شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد جو ڊائريڪٽر رهيو. ان سان گڏ اعزازي پروفيسر سنڌ يونيورسٽي، سنڌي ڪائونسل جو رڪن، اقبال اڪيڊمي جو ميمبر، چنڊ ڏسڻ ڪميٽي جو ميمبر ۽ ٻين نصابي غير نصابي ڪميٽين جو ميمبر پڻ رهيو. سندس رهنمائيءَ ۾ اسلاميات، سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي جي شعبن مان ڪيترن ئي شاگردن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ورتي. سندس شاگردن جو حلقو تمام وسيع هو. جن ۾ ڪيترائي اڄ جا نامور اديب، عالم ۽ دانشور شامل آهن.

علامه صاحب نيڪ نيت، صاف گو، باشريعت، سنجيده، سچار، همدرد، مهمان نواز ۽ فراخ دل انسان هو.

علامه صاحب ڪوڙ سارا ڪتاب ۽ مضمون لکي سنڌ جي علمي ۽ ادبي سرمايي ۾ وڏو اضافو ڪيو. پاڻ لاڪيٽي لطيف جي ڪلام جو پڻ وڏو پارکو هو. سندس ترتيب ڏنل "شاهه جو رسالو" جيڪو ٻن جلدن ۾ 1951ع ۾ ڇپيو، ان جو لکيل علمي مقدمو ۽ ڏکين لفظن جي معنىٰ سندس عالمانه مهارت جي ساک پرن ٿا. شاهه ولي الله جي فڪر جي ترجماني ڪندڙ ماهوار "الرحيم" سنڌي ۽ "الولي" اردو رسالا سندس ئي نگراني ۾ شايع ٿيندا رهيا. ان ڪان علاوه سندس ڪيترائي تحقيقي، علمي، ادبي ۽ مذهبي مقالا ۽ مضمون پڻ مختلف رسالن جي زينت بڻيل آهن.

علامه قاسمي صاحب کي مجتا طور اڻ ڳڻيا ايوارڊ، اعزاز وغيره مليا، جن ۾ حڪومت پاڪستان طرفان 1978ع ۾ مليل صدارتي ايوارڊ "تمغه امتياز" ۽ 4 جنوري 1994ع تي ان وقت جي وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحبه هٿان مليل "طالب المولىٰ ايوارڊ" پڻ شامل آهن.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

ڊاڪٽر عبدالڪريم ولد سهراب خان سنديلو 31 ڊسمبر 1919ع تي ڳوٺ محراب خان سنديلو تعلقي ڏوڪري ۾ ڄائو ۽ پوءِ لڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ رهيو. پاڻ مشهور اديب، خاص طور تي لوڪ ادب جو پارکو ۽ لسانيات جو ماهر ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي بي اي ۽ ايم اي (سنڌي) جون ڊگريون وٺي ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“ جي عنوان تي تحقيقي مقالو لکي سال 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. اهو مقالو 1986ع ۾ سنڌالاجيءَ شايع ڪيو.

ملازمت جي سلسلي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان تعليم کاتي ۾ داخل ٿيو ۽ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو، انگريزي ماستر مان ليڪچرار ۽ آخر پرنسپال جي عهدي تائين پهتو جتان 5 اپريل 1979ع تي رٽائر ٿيو.

ڊاڪٽر صاحب کي لکڻ پڙهڻ جو شوق شروع کان ئي هو، پاڻ ڪجھ اخبارن ۽ رسالن لاءِ مضمون به لکيائين، ته ڪيترائي معياري ڪتاب به لکيائين. خاص ڪري لوڪ ادب، لغت ۽ لسانيات تي سندس ٿيل ڪم سنڌي ادب ۾ مثالي حيثيت رکي ٿو.

سنديلي صاحب جي ڪيل ادبي خدمتن کي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ نهايت قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. کيس سندس حياتي ۾ ئي وڏي مڃتا ملي، کيس لاتعداد ايوارڊ، گولڊ ميڊل ۽ ٻيا انعام مليا، جن ۾ پاڪستان سرڪار طرفان 1984ع ۾ مليل ”تمغه امتياز“ به شامل آهي.

سنديلي صاحب جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن:

علم بديع (لسانيات 1951ع)، سنڌ جو سينگار (لوڪ ادب 1956ع)، تحقيق اللغات سنڌي (لسانيات 1955ع)، وينجهار (لوڪ ادب 1950ع)، رهبر ديوان گل (شاعري 1957ع)، ٻهاڪن جي پاڙ (لسانيات 1966)،

ڏهس نامو (لوڪ ادب 1969ع)، ڪليات حسين ديدڙ (شاعري 1971ع)، ڪليات شاهه محمد ديدڙ (شاعري)، انگي اصول (علم رياضي)، ابتدائي سائنس، ابتدائي اصول، ساميءَ سنڌيون سپون (1975ع)، سامي ڏاتو ڪوش، سچل لغات (1984ع)، اصطلاحن جي اصليت (1974ع)، لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ (مونو گراف) وغيره.
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو 2 جنوري 1990ع تي وفات ڪري ويو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ولد حاجي غلام حسين پهرين جنوري 1930ع تي ڳوٺ ماڙي لڳ شڪارپور ۾ جنم ورتو. پاڻ بلند پايه اديب، عالم، محقق ۽ ماهر لسانيات هو.
1948ع ۾ سندس خاندان لاڙڪاڻي لڏي آيو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ 1963ع ۾ اسلاميه ڪاليج سکر ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. ان ليڪچراري دوران ميمڻ صاحب ڪاليج جي پرنسپال شيخ عبدالرزاق ”راز“ ۽ نواز علي شوق سان گڏجي ڪاليج ۾ علمي، ادبي ۽ ثقافتي تقريبن جو رواج وڌو. يوم لطيف، يوم سچل ۽ يوم بيدل هر سال منعقد ٿيندا هئا. ان کان علاوه مشاعرا ۽ مختلف مضوعن تي مذاڪرا پڻ ٿيندا رهيا. هن هڪ ادبي سوسائٽي بنام ”سنڌي ادبي سوسائٽي“ ۽ بعد ۾ هڪ ٻيو ادارو ”لطيف اڪيڊمي“ پڻ قائم ڪيا.
ميمڻ صاحب 1972ع کان مختلف ڪاليجن جو پرنسپال ٿي رهيو. انهن تدريسي خدمتن دوران هن 1974ع ۾ ”بيان العارفين سنڌي جي ترتيب ۽ اپٽار“ جي عنوان تي تحقيقي مقالو لکي، سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.
ڊاڪٽر ميمڻ جي علمي ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جي ميجتا طور حڪومت پاڪستان طرفان 1983ع ۾ کين ”تمغه امتياز“ سان نوازيو ويو.

ڊاڪٽر صاحب جي لکيل ڪجھ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.
ڏور (لوڪ ادب)، ماڻڪ موتي لعل، ڪريم جو ڪلام، ديس ديس جون ڪهاڻيون، فڪر لطيف، جوتيون جواهرن جون، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، رتيءَ جي رهاڻ، سچل جو سنيهو، تذڪره شهباز، پرک ۽ پروڙ، سنڌي ۾ نعتيہ شاعري، سيرت النبي، پورهيي جو مان، لطيفي لات، نگارشات سنڌ (اردو)، گهڙيون گهاريم جن سين، تاريخ جا وکريل ورق، سنڌي ادب جو تنقيدي جائزو وغيره.
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 9 فيبروري 1996ع تي گهر جي ڏاڪڻ تان ترڪڻ سبب زخمي ٿي پيو. جنهن سبب 11 فيبروري 1996ع تي زخمن جا تاب نہ سهندي ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس لاڙڪاڻي ۾ شيخ زيدا سپتال لڳ قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

ڊاڪٽر عطا محمد ”حامي“

ڊاڪٽر عطا محمد ”حامي“ ولد قائم الدين خان سوهو پهرين جنوري 1919ع تي ڳوٺ سرهو قناصره تعلقي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اعليٰ پائي جو اديب، شاعر، محقق ۽ دانشور ٿي گذريو آهي.
حامي صاحب ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي، مئٽرڪ جو امتحان 1941ع ۾ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان انٽر جو امتحان سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪيو. جنهن ڪانپوءِ پهريان پي.ڊبليو.ڊي کاتي جي ملازمت اختيار ڪيائين ۽ پوءِ ناز هاءِ اسڪول جي لقمان شاخ ۾ ماستر مقرر ٿيو. 1953ع ۾ هن تعليم کاتي جي ملازمت کان استعيفيٰ ڏئي رياست خيرپور جي چونڊن ۾ حصو ورتي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو ۽ اڪيلو ميمبر قائد حزب اختلاف رهيو. رياست جو وجود ختم ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻ ممتاز ڊگري ڪاليج خيرپور ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 1978ع ۾ پي ايڇ ڊي لاءِ تحقيقي مقالو ”خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽

ثقافت ۾ حصو“ لکي سنڌ يونيورسٽيءَ مان سند حاصل ڪيائين.
سماجي زندگي ۾ حامي صاحب نهايت همدرد ۽ هڏ ڏوکي انسان هو. پنهنجي ڳوٺ ۽ پسگردائيءَ جي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. موجوده ڳوٺ سوهو قناصره حامي صاحب جي ذاتي ڪوشش سان ٻڌايل آهي، جتي زندگيءَ جون سڀ سهولتون موجود آهن.
ادبي ۽ علمي خدمتن جي حوالي سان حامي صاحب مختلف عنوانن تي مضمون، مقالا ۽ ڪتاب لکيا. سچل سرمست سان بي پناهه عقيدت ڪري سچل تي ڪم ڪيائين. شعر و شاعري ۾ ”حامي“ تخلص استعمال ڪندو هو. سندس غزل جو معيار تمام بلند آهي. هن سنڌي، سرائڪي ۽ اردو زبانن ۾ ڪلام چيو. سندس ڪلام جو مجموعو ”ڪلام حامي“ ڇپيل آهي. سندس شايع ٿيل ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.
ثمر حيات (مضمون)، درازن جا درويش، منصور ثاني سچل سرمست، سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري، نيهن جا نعرا (سچل جي فارسي مثنوين جو سنڌي ترجمو)، وکريل موتي، (مضمون ۽ مقالا) ۽ خيرپور جي ميرن جو ادب سياست ۽ ثقافت ۾ حصو (پي ايچ ڊي لاءِ لکيل مقالو).
ڊاڪٽر عطا محمد ”حامي“ ڪينسر جي تڪليف سبب 3 جون 1982ع تي جناح اسپتال ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو.

ڊاڪٽر اياز قادري

ڊاڪٽر اياز حسين ”اياز“ قادري ولد فقير غلام سرور 19 جنوري 1926ع تي محلہ ميان جي ڳڙهي، لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ چوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار، سٺو شاعر ۽ بيباڪ صحافي ٿي گذريو آهي.
ڊاڪٽر اياز قادري مئٽرڪ تائين تعليم لاڙڪاڻي ۾ پرائي، پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ ڪراچي آيو ۽ پوءِ اتي ئي رهي پيو. هن ڪراچي ۾ سنڌ مسلم ڪاليج مان بي اي (1949ع)، ايل ايل بي (1952ع) ۽ ايم اي (فارسي)

1954ع ۾ پاس ڪئي، 1967ع ۾ ايم. اي سنڌي ۾ ب ڪيائين. 1982ع ۾ ”سنڌي غزل جي اوسر“ جي عنوان سان هڪ ضخيم مقالو تيار ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي ڊگري حاصل ڪئي.

پيشي جي لحاظ کان پاڻ 1949ع ۾ سنڌ مدرسہ لياري هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ٿيو. 1955ع ۾ ڪيس سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو ۽ 1971ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ چيئرمين مقرر ٿيو. جتان جنوري 1986ع ۾ پروفيسر جي حيثيت ۾ رٽائرڊ ٿيو. ان کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽي ۾ ”شاھ عبداللطيف چيئر“ جي سربراھ جي حيثيت ۾ مخلصانہ خدمتون جاري رکيائين ۽ آخري دم تائين صلاحڪار جي صورت ۾ چيئر سان وابستہ رهيو.

هو قادر الڪلام شاعر، بهترين افسانا نگار ۽ محقق هو. اياز قادري حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ڪلام جو اردو نثر ۾ ترجمو وڏي محنت سان ڪيو، جو اڪيڊمي ادبيات پاڪستان ڇئن جلدن ۾ شايع ڪيو آهي. قادري صاحب جا لکيل مختلف موضوعن تي علمي ۽ تحقيقي مضمون پڻ اهميت رکن ٿا. ان کان سواءِ سندس هيٺيان ڪتاب مثالي حيثيت رکن ٿا.

بلو دادا، مٽيءَ لڌو مان، عشقي داستان، پرين جون ڪهاڻيون، پکين ۽ جانورن جون ڪهاڻيون، سنڌي غزل جي اوسر، گورڪي جي آتم ڪهاڻي (ترجمو)، اسان جي آزادي جا اڳواڻ (ترجمو)، سنڌي غزل جي ارتقا ۽ سوانح ۽ تحقيق، لالہ رخ (ترجمو)، مجموعہ درد (ڪهاڻيون) وغيره.

ڊاڪٽر اياز قادري 15 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪري ويو.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

جنم: نومبر 1930ع، حيدرآباد سنڌ. ايم.اي (هندي-سنسڪرت)،

ايم.اي (لسانيات)، پي.ايڇ.ڊي (لسانيات) : موضوع : سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي بيهڪ جو سرشتو (Morphology of Sindhi) ؛ دهلي يورنيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي سربراھ جي عهدي تان 1995ع ۾ رٽائرڊ. سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل ويھ کن تحقيقي ڪتاب ۽ هڪ سئو کان مٿي تحقيقي مقالا شايع ٿيل اٿن.

تحقيق جا خاص موضوع : سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ ؛ سنڌي ۽ ٻين انڊو-پاڪ اُپکنڊ جي ٻولين جو تقابلي مطالعو ؛ سنڌي ۽ ٻين ٻولين جي عوامي ادب ۽ ثقافت جو اڀياس.

مکيہ ڪتاب : سنڌي پھاڪا ۽ محاورا (1993ع)، سنڌي ڏوتي وگيان (2000ع)، سنڌي ٻوليءَ جي لکاوٽ (1999ع)، شاھ جو رسالو هڪ اڀياس (1992ع)

ڊاڪٽر حامد علي خانائي

ڊاڪٽر حامد علي خانائي ولد حڪيم محمد يعقوب قريشي 6 جنوري 1934ع تي شهر خانواهڻ تعلقي ڪنڊياري ضلعي نو شهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو ناميارو ليکڪ ۽ محقق آهي.

حامد علي خانائي ابتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي قاضي امام بخش جي مڪتب ۾ حاصل ڪئي. 1953ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان ڊي. سي هاءِ اسڪول نواب شاھ مان پاس ڪري 1954ع ۾ ايڇ. ايم خواجه هاءِ اسڪول نواب شاھ ۾ ماستر مقرر ٿيو ۽ پوءِ 1956ع ۾ انٽر، 1958ع ۾ بي. اي ۽ 1965ع ۾ ايم. اي (سنڌي) جا امتحان پاس ڪيائين. 1975ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس جي امتحان ۾ سڄي سنڌ ۾ ٻيو نمبر آيو. گورنمنٽ ڊگري ڪاليج نواب شاھ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. جتان 6 جنوري 1984ع تي اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

خانائي صاحب 1955ع کان لکڻ جي شروعات افسانن سان ڪئي.

"خادم" تخلص سان ڪجهه شاعري بہ ڪيائين، ليڪن پوءِ سگهوئي ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي مشوري سان سندس لاڙو تاريخ ۽ تحقيق طرف ٿيو. هن ڪيترائي تاريخي مضمون مقالا ۽ ڪتاب لکيا آهن. خاص ڪري اڳوڻي ضلعي نواب شاهہ واري سڄي علائقي جي تاريخ قديم آثارن، ادب ۽ مشاهيرن تي ڪافي ڪم ڪيو اٿس. "ساهتي پرڳڻي" جي علمي ۽ ادبي تاريخ تي وڏي محنت ۽ تحقيق سان هڪ تفصيلي ۽ علمي مقالو "ساهتيءَ جا قديم علمي مرڪز" جي نالي سان لکي علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ صاحب جي رهبريءَ ۾ 1986ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي. ايچ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر خانائي صاحب جا لکيل چار سئو کان وڌيڪ مضمون ۽ مقالا مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپيل آهن. ان کان سواءِ سندس بہ ڪتاب "ضلعو نواب شاهہ تاريخي شهر ۽ شخصيتون" 1987ع ۾ "تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي" 1998ع ۾ ڇپيل آهن. هڪ ڪتاب "وڪريل وٿون" ڇپائيءَ هيٺ آهي ۽ وڌيڪ اٺ ڪتاب قلمي صورت ۾ وٽس موجود آهن.

سندس مقالن جو مجموعو "مقالات خانائي" جي نالي سان ڏهن جلدن ۾ بشير احمد هيسباڻي ترتيب ڏنو آهي، جنهن جو پهريون جلد ادبي بورڊ پاران ڇپجي چڪو آهي..

ڊاڪر حامد علي خانائي هن وقت نواب شاهہ ۾ رهي ٿو، عمر جي تقاضا ۽ مسلسل محنت سبب پاڻ جسماني طور ڪمزور ٿي چڪو آهي، ڊاڪٽرن کيس لکڻ پڙهڻ کان سخت منع ڪئي آهي، پر پوءِ بہ روزانو بہ ٽي صفحا لکڻ اڄ بہ هن جو معمول بڻيل آهي. هن پورهيت اديب ۽ تاريخدان طور تي جيڪو پيار جو پورهيو ڪيو آهي، سو سنڌ وساري نہ سگهندي. کيس مختلف طور هيٺيان ايوارڊ مليل آهن.

پنيور سيمينار ايوارڊ 1983ع، سگا سنڌ طرفان پير حسام الدين ايوارڊ

1986ع، علامہ آءِ آءِ قاضي ايوارڊ، حمل فقير ايوارڊ 1997ع ۽ 5 سيپٽمبر 1999ع تي گولڊن جوبلي سيمينار ماهوار نئين زندگيءَ جي موقعي تي کيس مولانا عبدالواحد سنڌي يادگار شيلڊ پيش ڪئي وئي.

حميد سنڌي

عبدالحميد ولد سيٺ محمد اسماعيل ميمڻ 12 آڪٽوبر 1939ع تي نوشهروفيروز شهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ بهترين ڪهاڻيڪار، صحافي، اديب، محقق ۽ تعليمي ماهر آهي.

حميد سنڌي بي اي (آنرس) ۽ ايم اي (اڪانامڪس) ڪرڻ کان پوءِ ايل ايل بي پاس ڪئي، جنهن کانپوءِ انگلينڊ جي مانچسٽر يونيورسٽي مان هائير ايڊيوڪيشنل ايڊمنسٽريشن جو ڪورس ڪيائين. هن 1960ع کان نوڪريءَ جي شروعات ڪئي. پاڻ ڪيترن ئي عهدن تي رهيو، پهرين ڳوٺ سڌار کاتي ۾ پبلسٽي آفيسر بڻيو. 1963ع کان 1966ع تائين بئنڪ ۾ نوڪري ڪيائين. 1966ع کان 1970ع تائين وڪالت ڪندو رهيو. 1970ع کان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مختلف عهدن تي فائز رهيو. 77-1976ع ۾ تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر ٿي رهيو. 1978ع ۾ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو پرنسپال مقرر ٿيو. 1990ع ۾ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. ان کانپوءِ پاڻ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائيس چانسلر، بيورو آف ڪريڪيولم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ ڄامشورو جو ڊائريڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چيئرمين ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو جو چيئرمين ٿي رهيو. جتان آڪٽوبر 1999ع ۾ رٽائر ٿيو.

حميد سنڌي صاحب 1958ع کان مسلسل لکي رهيو آهي، پاڻ موجوده دور جو ناميارو ڪهاڻيڪار آهي، سندس ڪهاڻين جا مجموعا ڇپجي چڪا آهن. جيڪي گهڻو مشهور آهن، جن ۾ سيمي (1960ع)، اداس

وا..يون (1965ع)، ويريون (1981ع)، راڻا جي راجپوت ۾ (1984ع)، ..وسي زنجير (جپاني لوڪ ڪهاڻين جو ترجمو) شامل آهن. سچل سائين ..ي لکيل سندس تحقيقي مقالن جو مجموعو ”آري اچن شال“ پڻ ڇپيل آهي.

حميد سنڌي صحافت جي ميدان ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو. سنڌي ۾ ماهوار ”روح رهاڻ“ نالي هڪ رسالو (1962ع کان 1969ع تائين) حيدرآباد مان جاري ڪيو هين.

حميد سنڌي کي سندس ادبي ۽ علمي خدمتن جي مڃتا طور حڪومت پاڪستان طرفان 1990ع ۾ ”تمغهٔ امتياز“ ۽ 1993ع ۾ صدارتي اعزاز ”اعزاز فضيلت“ پڻ ملي چڪا آهن. هن وقت حيدرآباد ۾ مقيم آهي ۽ ادبي محفلون مچائيندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا

ڊاڪٽر خواجہ غلام علي ولد خواجہ الله ڏنو (الانا) 51 مارچ 1930ع تي ڳوٺ ٽڙ خواجہ تعلقي جاتي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جڳ مشهور اديب، عالم، محقق، دانشور ۽ ماهر لسانيات آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ابتدائي تعليم ٽڙ خواجہ ۾، ثانوي تعليم ميرپور بٺوري، ٽنڊي محمد خان ۽ ڪراچي ۾ حاصل ڪئي. 1953ع ۾ بي اي (آنرس) ۽ 1955ع ۾ ايم اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. پاڻ پهريان ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ سٽي ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌي جو ليڪچرار مقرر ٿيو. 27 جنوري 1958ع کان استاد جي حيثيت سان سنڌ يونيورسٽي جي ملازمت اختيار ڪيائين. 1962ع ۾ آغا خان اسڪالر شپ تي اعليٰ تعليم وٺڻ لاءِ ولايت روانو ٿيو. جتان لنڊن يونيورسٽي جي معروف اداري ”اسڪول آف اورينٽل ائنڊ آفريڪن اسٽڊيز“ مان ايم اي (لسانيات) جي ڊگري 1963ع ۾ وٺي واپس آيو.

جنهن ڪانپوءِ هن 1971ع ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي رهبري ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان آهي "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ".

الانا صاحب 1963ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو، جتي آگسٽ 1983ع ۾ پروفيسر جي عهدي تائين پهتو، پر سنڌ الاجي جي اضافي عهدي جي چارج ونس ئي رهي. سنڌ الاجي کي عروج تي رسائڻ ۾ الانا صاحب جي محنتن محبتن ۽ ڪشالن جو ٻه هڪ الڳ داستان آهي.

الانا صاحب 9 آگسٽ 1983ع کان 18 اپريل 1989ع تائين علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جو وائيس چانسلر ٿي رهيو. 1990ع ۾ پنهنجي تدريسي شعبي مان رٽائر ٿيو. جنهن کان پوءِ 1993ع ۾ کيس سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بڻايو ويو ۽ جولاءِ 1998ع ۾ سنڌ سرڪار کيس "سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو" حيدرآباد جو چيئرمين مقرر ڪيو.

الانا صاحب بطور ماهر لسانيات مشهور آهي. انهيءَ موضوع تي تمام گهڻا مضمون، مقالا ۽ ڪتاب لکيا اٿس. ان ڏس ۾ سندس لکيل ڪتاب "سنڌي صوتيات" لسانيات جي شاگردن لاءِ بنيادي اهميت وارو ڪتاب آهي. لساني جاگرافي تي لکيل سندس اهم ڪتاب "سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي" پهريون ڀيرو 1979ع ۾ ڇپيو، جنهن تي کيس سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن پاران ڊيپلائي ايوارڊ ۽ 1981ع ۾ رائٽرس گلڊ طرفان ايوارڊ مليا. سندس هڪ ٻيو اهم ڪتاب "سنڌي ٻولي جو اڀياس" سنڌ الاجي پاران 1987ع ۾ ڇپيو.

هن هيل تائين ڪل چاليهه ڪتاب ۽ سٺ کن تحقيقي مقالا لکيا آهن.

ان کان سواءِ سندس لکيل علمي ۽ تحقيقي مقالا مهراڻ، نئين زندگي ۽ ٻين رسالن جي سوين صفحن تي ٽڙيل پکڙيل نظر ايندا.

ڪيس 1993ع ۾ پاڪستان سرڪار پاران "ستاره امتياز" جو ايوارڊ ملي چڪو آهي.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو

ڊاڪٽر غلام محمد ولد محمد ابراهيم لاکو 6 جولاءِ 1954ع تي ڳوٺ مٺا خان جوکيو، تعلقي دولت پور صفن ضلعي نوابشاهه ۾ پيدا ٿيو. پاڻ موجوده دور جو نالي وارو تاريخدان، محقق ۽ ليکڪ آهي.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ايم اي (انگريزي) ۽ ايم اي (تاريخ) کان علاوه پي ايڇ ڊي (تاريخ) جي ڊگري 1999ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان حاصل ڪئي آهي. پاڻ شروع ۾ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ 1987ع کان سنڌ يونيورسٽي سان لاڳاپيل آهي.

لاکي صاحب کي شروعات کان ئي سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي تاريخ سان لڳاءُ رهيو. هن 1976ع کان باقاعدا لکڻ شروع ڪيو ۽ هن وقت تائين سنڌ جي تاريخ، تهذيب، قديم آثار ۽ ادب بابت سندس لکيل اڪيچار مضمون، تحقيقي مقالا ۽ ڏهه عدد ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سندس تحقيقي ڪم کي سنڌ توڙي هند ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويجي ٿو. سندس لکڻيون نالي وارن سنڌي، اردو ۽ انگريزي رسالن ۾ ڇپجنديون رهن ٿيون.

سنڌ جي تاريخ ۾ سمن جي حڪومت وارو دور (1351ع کان 1521ع تائين) ادبي لحاظ کان تمام اهم سمجهيو ويجي ٿو.

هن گهڻي وقت کان وٺي سما دور جي مختلف پهلوئن تي تحقيقي مقالا پئي لکيا آهن. نہ رڳو ايترو پر هن تمام گهڻي محنت ڪري سمن جي دور تي هڪ تاريخي ڪتاب "سمن جي سلطنت" لکيو آهي. جنهن جا ٻہ ايڊيشن 1987ع ۽ 1996ع ۾ ڇپجي چڪا آهن.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو صاحب، جڳ مشهور تاريخدان محقق ۽ ڏاهي

سيد حسام الدين شاهہ راشدي جو عقيدتمند ۽ پيارو شاگرد آهي. سندس لکڻين مان پڻ راشدي صاحب جي تحقيقي انداز جي خوشبوءِ ايندي آهي. هيل تائين سندس تصنيف، ترتيب ۽ ترجمو ڪيل هيٺيان ڪتاب ڇپيا آهن.

سنڌ صدين ڪان (تاريخ 1980ع)، سنڌي ادب (پير حسام الدين شاهہ جي اردو ڪتاب جو ترجمو (1981ع)، تاريخ جو سبق (تاريخ 1984ع)، ميان نور محمد ڪلهوڙو (تاريخ انگريزي ۾ 1987ع)، سمن جي سلطنت (تاريخ 1987ع)، دولهہ دريا خان (سوانح 1990ع)، تفسير آيتہ الڪرسي (ترتيب 1990ع)، مطالعو سنڌ جو (تاريخ ترجمو 1992ع)، ڳالهيون منهنجي سنڌ جون (پير حسام الدين شاهہ جي مقالن جو مجموعو ترتيب ڏنل 1992ع) ۽ سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو (مضمون ۽ مقالا 1997ع)، مقالات راشدي (اردو)

پروفيسر ديانند ڪيشوداس منشاراماڻي

جنم: 15-11-1920 روهڙي سنڌ. ايم.اي فارسي.

اسماعيليہ ڪاليج جو گيسٽوري، ممبئيءَ مان فارسيءَ جي پروفيسري جي عهدي تان رٽائرڊ. سنڌي شاعريءَ تي تحقيقي مقالا جدا جدا رسالن ۾ شايع ٿيل. ٻہ ٽي ڪتاب انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل.

وفات : 2003 احمد آباد (گجرات) ۾ وفات.

گورڌن محبوباڻي "ڀارتي"

جنم: 1929ع آرضي (ضلع دادو) سنڌ. اِنڊين ريلوي کاتي مان رٽائرڊ ٿيل. مشهور شاعر، ناٽڪ نويس، نقاد ۽ سنگيتڪار.

ويهہ کن ڪتاب سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل. مثال: شاعري : اُڏر پکي البيلا

(1974ع)، آلا ڪنن ۾ ڪاهي (1973ع)، اُنامينهن ملير (1966ع)، تنهائي ۽ ڪوڙو دونهون (1989ع)، سور جون سئو صورتون (ناول -1997ع)؛ طوفائي رات : (ناٽڪ 1962) شيشي جا گهر (شاعري 1988- ان تي ساهتيه اڪاڊمي ءَ جو انعام حاصل ڪيل).

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

ڊاڪٽر عبدالجبار ولد سلطان احمد جوڻيجو 26 نومبر 1935ع تي ڳوٺ پير فتح محمد شاهه ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو، پاڻ مشهور محقق، اسڪالر، اديب ۽ شاعر آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ابتدائي تعليم بدين، ٽنڊي باگي، نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي جو امتحان اعزاز سان پاس ڪري، سونو ميڊل حاصل ڪيو. 1966ع ۾ بيجنگ مان چيني ٻوليءَ ۾ ڊپلوما ڪيائين. جنهن ۾ پڻ پهريون نمبر کٽي امتيازي سند حاصل ڪيائين. 1974ع ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي رهبري هيٺ پي ايڇ ڊي ڪيائين. سندس مقالي جو عنوان هو ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“ .
جوڻيجو صاحب 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو، جتي پاڻ شعبي جو چيئرمين رهيو، ان کان پوءِ ڊين جي عهدي تي فائز رهي رٽائر ٿيو. 9 مئي 1993ع تي کيس سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين پڻ مقرر ڪيو ويو هو.
ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف آهي، پاڻ ادبي دنيا جي هڪ معروف هستي آهي، شاعري، افسانا، ناول، ادب جي تاريخ ۽ تحقيق جي ميدان ۾ سندس قلم جوهر ڏيکاريا آهن. جن هن کي تمام سٺي شهرت بخشي آهي.

ڊاڪٽر صاحب لسانيات جو وڏو ماهر آهي. هن سلسلي ۾ پاڻ اهم خدمتون سرانجام ڏنيون اٿس. پاڻ سنڌي، انگريزي، اردو، سرائڪي، پنجابي ۽ چيني ٻولين جو ماهر آهي. عربي ۽ فارسي ٻولين جي به سڌ ٻڌ رکي ٿو. هن ”سنڌي ادب جي تاريخ“ لکي آهي، جيڪو نهايت ڪارآمد ڪتاب آهي ۽ ادب جي شاگردن جي سٺي رهنمائي ڪري ٿو. سندس ڪيترائي ڪتاب مختلف موضوعن تي ڇپيل آهن، جن مان ڪجهه هن ريت آهن:

سوڪڙي (بيت ۽ ڪهاڻيون 1956ع)، اباڻو گهر (ڪهاڻيون 1958ع)، ڪنز اللطيف (لطيفيات 1961ع)، مائوءُ جي ملڪ ۾ (سفرنامو 1973ع)، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ (1973ع)، لاڙ جي لغات (1975ع)، لطيف ڪوئز (ڪوئز 1978ع)، لطيفيات (ببليوگرافي 1977ع)، سچل نامو (ببليو گرافي 1981ع)، سوري آ سينگار (ناول 1963ع)، اڪيلي (ناول، ترجمو 1974ع)، نه ڪر هار سينگار سکي (ڪهاڻيون 1981ع)، لاڙ جو مطالعو، سنڌي لوڪ گيت (اردو ۾) ديپڪ ۽ ملهار، ونڊسر محل جو مسافر (انگلينڊ جو سفرنامو)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيات)، ڪثمال (مقالا)، شڪار (ناول)، ڪشف الابيات (شاهه جي بيتن جي ڏسٽي) وغيره. ان ڪان سواءِ ڊاڪٽر صاحب اردو ۾ پڻ ڪتاب لکيا آهن، جيڪي بزم ثقافت ملتان پاران ڇپجي چڪا آهن.

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

ڊاڪٽر صديقي صاحب جو جنم پهرين جنوري 1937ع پاٽ شريف ضلع دادو ۾ ٿيو. دادو، ميرپور خاص ۽ حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪيائين. سنڌ يونيورسٽي مان ايم. اي.ايم. ايڊ ۽ پي ايچ. ڊي ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب مختلف عهدن تي فائز رهيو. جن مان ڪي هي آهن: ڊائريڪٽر اسڪولس، ايڊيشنل سيڪريٽري تعليم کاتو، سيڪريٽري

ڊاڪٽر صاحب لسانيات جو وڏو ماهر آهي. هن سلسلي ۾ پاڻ اهم خدمتون سرانجام ڏنيون اٿس. پاڻ سنڌي، انگريزي، اردو، سرائڪي، پنجابي ۽ چيني ٻولين جو ماهر آهي. عربي ۽ فارسي ٻولين جي به سڌ ٻڌ رکي ٿو. هن "سنڌي ادب جي تاريخ" لکي آهي، جيڪو نهايت ڪارآمد ڪتاب آهي ۽ ادب جي شاگردن جي سٺي رهنمائي ڪري ٿو.
سندس ڪيترائي ڪتاب مختلف موضوعن تي ڇپيل آهن، جن مان ڪجهه هن ريت آهن:
سوڪڙي (بيت ۽ ڪهاڻيون 1956ع)، اباڻو گهر (ڪهاڻيون 1958ع)، ڪنز اللطيف (لطيفيات 1961ع)، مائوءَ جي ملڪ ۾ (سفرنامو 1973ع)، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ (1973ع)، لاڙ جي لغات (1975ع)، لطيف ڪوئز (ڪوئز 1978ع)، لطيفيات (ببليوگرافي 1977ع)، سچل نامو (ببليو گرافي 1981ع)، سوري آ سينگار (ناول 1963ع)، اڪيلي (ناول. ترجمو 1974ع)، نه ڪر هار سينگار سڪي (ڪهاڻيون 1981ع)، لاڙ جو مطالعو، سنڌي لوڪ گيت (اردو ۾) ديپڪ ۽ ملهار، ونڊسر محل جو مسافر (انگلينڊ جو سفرنامو)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيات)، ڪنمال (مقالا)، شڪار (ناول)، ڪشف الابيات (شاهه جي بيتن جي ڏسٽي) وغيره.
ان کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب اردو ۾ پڻ ڪتاب لکيا آهن، جيڪي بزم ثقافت ملتان پاران ڇپجي چڪا آهن.

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

ڊاڪٽر صديقي صاحب جو جنم پهرين جنوري 1937ع پاٽ شريف ضلع دادو ۾ ٿيو. دادو، ميرپور خاص ۽ حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪيائين. سنڌ يونيورسٽي مان ايم. اي.ايم. ايڊ ۽ پي ايچ. ڊي ڪيائين.
ڊاڪٽر صاحب مختلف عهدن تي فائز رهيو. جن مان ڪي هي آهن:
ڊائريڪٽر اسڪولس، ايڊيشنل سيڪريٽري تعليم کاتو، سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ، ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم. ڊاڪٽر صاحب جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن: رچنائون. وارداتون (شاعري) تاريخ باب الا سلام سنڌ، انسان جي تاريخ (ٻه ڀاڱا) هڪ ضخيم ڪتاب ٻه هزار صفحن تي مشتمل، علامہ آءِ آءِ قاضي. ۽ انگريزي زبان ۾ ڪتاب جنهن جو عنوان آهي: Education in Sindhi Past and Present

ڊاڪٽر صاحب هن وقت ڄامر شوري ۾ رهي ٿو ۽ علمي ادبي ڪمن ۾ مصروف آهي.

گوبند مالهي

جنم : 5 آگسٽ 1921ع، ٺاروشاهه سنڌ

وفات : 2001ع، ممبئي

مشهور افسانہ نگار، ناول نويس ۽ ڪهاڻيڪار. ترقي پسند اديب.

پيار جي پياس ناول تي ساهت اڪاڊميءَ جو انعام حاصل ٿيل. هن جا پنجاهه کان مٿي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ڪن ڪتابن جا نالا آهن.

پکڻيڙا ولڙ کان وڇڙيا (1997ع)، پاپي (1995ع)، اِها به ڪا آکاڻي آهي (ڪهاڻيون-1984ع)، سنڌوءَ جو سوڳند (ناٽڪ 1996ع)، سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ (سفرنامو-1993ع)، گوبند مالهي اَدب ۽ اَديب پنج ڀاڱا (آتم ڪٿا-1987-1991ع)

ڊاڪٽر ستيش ڪمار روهڙا

جنم : 15 آگسٽ، 1929، دادو (سنڌ) . ايم-اي (هندي)، پي-ايچ-ڊي لسانيات (ڪڇي ٻوليءَ تي تحقيقي مقالو) – اُپياس جا خاص موضوع : سنڌي ٻولي ۽ اَدب، تنقيد، سنڌي ۽ هنديءَ جو تقابلي مطلعو، هندي پروفيسر جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيل، انڪل ٻارنهن کن ڪتاب سنڌي ۽

هنديءَ ۾ شايع ٿيل.
هن وقت ڊائريڪٽر، سنڌي ڪلچرل يونيورسٽي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آدپور (ڪڇ) گجرات.

ڊاڪٽر هرومل ايسرداس سدارنگاڻي

جنم: 22-10-1913 شهدادپور
وفات: 7-12-1992 دهلي
مشهور شاعر ۽ فارسيءَ جو عالم. ايم-اي (فارسي) ممبئي يونيورسٽي پي.ايچ.ڊي فارسي، مقالو "Persian poets of Sindh". سنڌي اَدبي بورڊ طرفان ڇپايل. ڊي لٽ تهران يونيورسٽي (سنڌ ۽ هند جا فارسي شاعر).
شايع ٿيل ڪتاب :- شاعري- چيخ (1977) هن تي ساهت اَڪاڊميءَ جو اِنعام حاصل ٿيل: خوشبوءِ جو سفر-1980: پره جي باک (1972) رنگين رباعيون (1959). ڪک ۽ ڪانا (مضمون-1966)
ڪنور پاڙون پاتار ۾ (تنقيد شاهه لطيف جي شعر تي 1984)
بابرنامو (فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو)

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

ڊاڪٽر در محمد ولد حاجي گل محمد پٺاڻ جي ولادت 1945ع ۾ ڳوٺ خير محمد آريجا تعلقي ڏوڪري ۾ ٿي. پاڻ موجوده دور جو سنڌي ٻوليءَ جو مشهور اديب محقق، عالم، دانشور ۽ ليکڪ آهي.
ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ 1972ع ۾ ايم اي فرسٽ ڪلاس ٽرڊ پوزيشن ۾ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ 31 نومبر 1973ع تي ليڪچرار مقرر ٿيو. 9 مئي 1985ع کان 10 مئي 1990ع تائين پاڻ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿي رهيو. نومبر 1991ع کان اپريل 1995ع تائين گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڏوڪري ۾ پرنسپال ٿي رهيو.

1991ع ۾ شايع ڪيو.
ڊاڪٽر صاحب جي پهرين لکڻي نئين زندگي رسالي ۾ فيبروري 1988ع تي بعنوان "شاهه لطيف رحه ۽ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت" مقالي جي صورت ۾ ڇپي. سندس لکيل تحقيقي مقالي کان علاوه لطيفيات متعلق سندس هڪ ٻيو ڪتاب "شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه" پڻ ڇپيل آهي. ان کان سواءِ مختلف موضوعن تي لکيل سندس ڪيترائي تحقيقي ۽ علمي مقالا مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. پاڻ مختلف ادبي ادارن جو سرواڻ ۽ سرگرم رڪن به رهيو. شاعري به ڪيائين ته ڪهاڻيون، ڊراما، ڪالم ۽ سفرنامه به لکيائين.

آغا سليم

آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان جو جنم 7 اپريل 1935ع تي شڪارپور ۾ ٿيو. پاڻ برک ڪهاڻيڪار، ناول نويس، اديب ۽ شاعر آهي.
آغا سليم ابتدائي تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ جيئن ته 1948ع کان حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو، ان ڪري مئٽرڪ تائين حيدرآباد ۾ پڙهيو. انٽرميڊيئٽ لاهور مان ۽ بي اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. نوڪريءَ جي سلسلي ۾ هن ريڊيو پاڪستان جي نوڪري اختيار ڪئي، جتي مختلف حيثيتن سان مختلف ريڊيو اسٽيشنن تي رهندي آخر اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو.
آغا سليم کي لکڻ جو شوق پنهنجي ڪاليجي دوستن تنوير عباسي ۽ سراج جي صحبت ۾ رهڻ ڪانپوءِ جاڳيو. هن 1952ع ۾ پهرين ڪهاڻي "آهه! اي ظالم سماج" جي عنوان سان لکي، جيڪا پوءِ هالا مان نڪرندڙ رسالي "فردوس" ۾ ڇپي. ان کان پوءِ سندس فن آهستي آهستي جوش ڪائيندو عروج کي پهتو ۽ هن وقت پاڻ سنڌ جو سرموڙ ناول نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاهه لطيف جو پارکو ليکجي ٿو.

1991ع ۾ شايع ڪيو.
ڊاڪٽر صاحب جي پهرين لکڻي نئين زندگي رسالي ۾ فيبروري 1988ع تي بعنوان "شاهه لطيف رحه ۽ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت" مقالي جي صورت ۾ ڇپي. سندس لکيل تحقيقي مقالي ڪان علاوه لطيفيات متعلق سندس هڪ ٻيو ڪتاب "شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه" پڻ ڇپيل آهي. ان ڪان سواءِ مختلف موضوعن تي لکيل سندس ڪيترائي تحقيقي ۽ علمي مقالا مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. پاڻ مختلف ادبي ادارن جو سرواڻ ۽ سرگرم رڪن به رهيو. شاعري به ڪيائين ته ڪهاڻيون، ڊراما، ڪالم ۽ سفرنامه به لکيائين.

آغا سليم

آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان جو جنم 7 اپريل 1935ع تي شڪارپور ۾ ٿيو. پاڻ برک ڪهاڻيڪار، ناول نويس، اديب ۽ شاعر آهي.
آغا سليم ابتدائي تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ جيئن ته 1948ع ڪان حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو، ان ڪري مئٽرڪ تائين حيدرآباد ۾ پڙهيو. انٽرميڊيئٽ لاهور مان ۽ بي اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. نوڪريءَ جي سلسلي ۾ هن ريڊيو پاڪستان جي نوڪري اختيار ڪئي، جتي مختلف حيثيتن سان مختلف ريڊيو اسٽيشنن تي رهندي آخر اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو.
آغا سليم کي لکڻ جو شوق پنهنجي ڪاليجي دوستن تنوير عباسي ۽ سراج جي صحبت ۾ رهڻ ڪانپوءِ جاڳيو. هن 1952ع ۾ پهرين ڪهاڻي "آهه! اي ظالم سماج" جي عنوان سان لکي، جيڪا پوءِ هالا مان نڪرندڙ رسالي "فردوس" ۾ ڇپي. ان ڪان پوءِ سندس فن آهستي آهستي جوش ڪائيندو عروج کي پهتو ۽ هن وقت پاڻ سنڌ جو سرموڙ ناول نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاهه لطيف جو پارکو ليکجي ٿو.

آغا صاحب ڪهاڻي ۽ ناول کان سواءِ مضمون ۽ ريڊيو، اسٽيج ۽ ٽيليويزن لاءِ ڊراما بہ لکيا آهن تہ شاعري ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي آهي. پاڻ شروع ۾ ”آغا شاهين“ جي نالي سان لکندو هو.

ناول جي حوالي سان آغا صاحب 1964ع ۾ هڪ ننڍڙو ناولٽ ”روشني جي تلاش“ نالي سان لکيو جنهن کانپوءِ سندس ڪي ٻيا ناول بہ ڇپيا. ليڪن انهن مڙني ناولن مان ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ کي تمام گهڻي مقبوليت ملي. هن ناول ۾ آغا صاحب موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جي سفر کي ڪمال فنڪاري سان ناول جو روپ ڏئي پڙهندڙن کي تاريخي ۽ تهذيبي معلومات ڏني آهي. آغا صاحب جي ناولن جو پلاٽ ڪنهن خارجي واقعي تي ٻڌل نہ هوندو آهي بلڪ ڪردارن جي داخلي ڪشمڪش کي ظاهر ڪندو آهي. هو تهذيب جي اعليٰ قدرن کي پنهنجي ناولن جو موضوع بڻائي ٿو. سندس ناولن جا ڪردار اهي اعليٰ آدرشي انسان آهن جيڪي اعليٰ انساني قدرن جا رکوالا آهن. هو ٻولي خالص ادبي استعمال ڪندو آهي جيڪا پڙهندڙ کي پوري طرح پنهنجي گرفت ۾ وٺي ٿي ڇڏي.

آغا صاحب شاعريءَ جي ميدان ۾ بہ ڪونتل ڪڏايو آهي. پاڻ غزل، وائي، نظم ۽ بيت جو سٺو شاعر آهي. سندس شاعري جو مجموعو ”پن ڇڻ ۽ چنڊ“ نومبر 1986ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان علاوه نثر ۾ سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن.

چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون 1967ع)، ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون 1985ع)، روشنيءَ جي تلاش (ناولٽ 1964ع)، اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول 1995ع)، ٻہ ننڍا ناول (ناول 1985ع)، همہ اوست (ناول 1985ع)، لذت گناهہ (ڪهاڻيون)، درد جو شهر (ڪهاڻيون) ۽ اڻ پورو انسان (ناول). ان کان سواءِ آغا صاحب شاهہ لطيف جي سڄي رسالي جو منظوم اردو ترجمو ڪيو آهي. ان کان علاوه شاهہ لطيف جي مڪمل رسالي جو

انگريزي ۾ ترجمو ڪيو اٿائين.

عبدالقادر جوڻيجو

عبدالقادر ولد مريد حسين جوڻيجو 13 سيپٽمبر 1945ع تي ڳوٺ جنهاڻ تعلقي مٺي ضلعي ٿرپارڪر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ چوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ اديب آهي. عبدالقادر جوڻيجي بي اي، بي ايڊ ۽ ايم اي (سوشيالاجي) جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيون. پاڻ 1962ع ۾ پرائمري ٽيچر ۽ 1971ع ۾ سيڪنڊري ٽيچر مقرر ٿيو. 1976ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ نوڪري مليس. جتي مختلف عهدن تي رهندي 1996ع کان انسٽيٽيوٽ جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر جي عهدي تي فائز ٿيو. هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چيئرمين آهي.

جوڻيجو صاحب هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس آهي، سندس پهرين ڪهاڻي مشهور رسالي روح رهاڻ ۾ "مٺ مٺ سورن" جي عنوان سان 1964ع ۾ ڇپي. ڊرامي جي حوالي سان سندس نالو ڏيهان ڏيهه مشهور آهي. پاڻ هيل تائين ٽيهه کن ريڊيو ناٽڪ ۽ ويهه کن ٽيلي ناٽڪ لکي چڪو آهي. سندس لکيل ٽي وي ڊرامو "راڻي جي ڪهاڻي" اردو ۽ انگريزي ۾ ترجمو ٿي بالترتيب ڪراچي ٽيليويزن ۽ بي بي سي ٽيليوزن جي چئنل نمبر 4 تان ٽيليڪاسٽ ٿي چڪو آهي ۽ چيني زبان ۾ پڻ ترجمو ٿيو آهي. هڪ ٻيو ناٽڪ "خانصاحب" بہ اردو ۾ ترجمو ٿي ٽيليڪاسٽ ٿي چڪو آهي. پاڻ ڪجهه ناٽڪ سڌو اردو زبان ۾ بہ لکي چڪو آهي. "ڇوٽي سي دنيا"، "ديوارين" ۽ "سيڙهيان" سندس لکيل مشهور سيريل آهن. جن ۾ هن اردو ڊرامي نگاريءَ کي هڪ نئون ٽرينڊ ڏنو. پاڪستان ٽيليويزن جي جن ڊراما ليکڪن پي ٽي وي ڊرامي جي حيثيت دنيا ۾ مڃرائي، انهن ۾ عبدالقادر جوڻيجي جو نالو نمايان طور شامل آهي.

سنڌي توڙي اردو ڊرامن جو ممتاز ليکڪ عبدالقادر هڪ بهترين ڪهاڻيڪار پڻ آهي. سندس ڪجھ افسانا اردو، هندي، گجراتي، پنجابي ۽ چيني زبانن ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪا آهن.

1988ع ۾ کيس بهترين ڊراما نگار تسليم ڪندي پاڪستان سرڪار طرفان صدارتي ايوارڊ "تمغہ حسن ڪارڪردگي" سان نوازيو ويو.

عبدالقادر جوڻيجي صاحب جا هڪ ڊزن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

ڊاڪٽر نواز علي شوق

ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪنڊ ڪوٽ ۽ خيرپور مان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ وڏيڪ تعليم ڪراچي يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. جتان ايم. اي (سنڌي) ايل. ايل. بي ۽ پي. ايچ. ڊي جون ڊگريون حاصل ڪيائين. اٺ سال اسلاميہ سکر ۾ پڙهائڻ کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽي آيو. جتان بحيثيت چيئرمين سنڌي شعبو رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ شاھ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي ۾ پروفيسر ايڊوائيزر مقرر ٿيو. هن وقت ان ئي عهدي تي فائز آهي. شوق صاحب سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جو چيئرمئن رهيو. سندس 35 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

رشيد ڀٽي

عبدالرشيد ولد حافظ عبدالحميد ڀٽي 6 جولاءِ 1933ع تي سکر ۾ ڄائو. سندس اصل ڳوٺ اروڙ هو. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار ۽ مزاح نگار ٿي گذريو آهي.

رشيد ڀٽي سکر، خيرپور، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪئي. ايل.ايل.بي ڪرڻ کان پوءِ وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين. پاڻ سکر جو مشهور وڪيل هو.

رشيد ڀٽي 1950ع کان لکڻ شروع ڪيو. ڪجھ وقت صحافت سان وابسته رهيو. شاعري به ڪيائين پر پاڻ بنيادي طور افسانه نگار هو. سندس مزاحيه افسانا سنڌي ادب ۾ دائمي حيثيت رکن ٿا. هن ٻين موضوعن تي به لکيو آهي. پاڻ پنهنجي تحريرن جي حوالي سان هڪ اڻ وسرندڙ شخصيت آهي. پاڻ هڪ اٽل، اڏول، سچو ۽ اصولي آدمي هو. هن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم لاءِ بنا ڪنهن لوڀ، لالچ، انعام ۽ صلي جي جيڪو ڪجھ ڪيو، اهو تعريف جي لائق آهي. هن اٽڪل 51 ڪن ڪتاب لکيا ۽ سهيڙيا. هو هڪ زنده دل ۽ باذوق اهل قلم ۽ شاعر هو. سندس طبع ۾ مزاح ۽ ظرافت جو دلچسپ عنصر هوندو هو. جنهن سندس فن، خاص ڪري شاعري کي نمڪين ۽ رنگين بڻائي ڇڏيو. سندس ڪتابن جا نالا هن ريت آهن. گهڙيءَ گهڙيءَ هڪ گهاءُ (افسانن جو مجموعو 1963ع، پاڪستان رائيٽرس گلڊ کان انعام يافته)، دنيا جا عظيم افسانا (ترجمو 1966ع)، آڏي ڊال مر ڊار (شاعري 1966ع پاڪستان رائيٽرس گلڊ کان انعام يافته)، عاشق زهر پياڪ (ناٽڪ 1968ع)، پاڪستان جا پراڻا شهر (1981ع)، پاپ ۽ پيار (ناول)، سياري جي رات (ڪهاڻيون)، باغي (ترجمو ناول)، چتر ليکا (ناول)، رياست ۽ آزادي (ترجمو 1968ع)، ديس ستا دل وارا جاڳيا (ڪهاڻيون)، اوپاريون لهواريون (تقريرون 1985ع)، سچ جو فلسفو، جڏهن جهوڪ جهريو ۽ ويرن جي وسندي (ناول ترجمو 1986ع).

رشيد ڀٽي جي وفات 16 فيبروري 1988ع تي ٿي.

فقير محمد لاشاري

فقير محمد لاشاري سنڌ جو هڪ بيباڪ صحافي هو. هڪ ذهين ۽ محنتي انسان هو. سندس اخباري ايڊيٽوريل ان دور جي تاريخ آهن. اسلام آباد ويندي هڪ روڊ حادثي ۾ وفات ڪري ويو. سندس هڪ

سفر نامو، هيٺو هماليه سگهارا ماڻهو ۽ اخباري ايڊيٽوريلز تي مشتمل ڪتاب ڇپيل آهن.

ڊاڪٽر عبدالڪريم ادل سومرو

ڊاڪٽر ادل سومري جو جنم سکر ۾ ٿيو. سنڌ يونيورسٽي مان ايم. اي (اقتصاديات) ايم. اي (سنڌي) ۽ پي. ايچ. ڊي (سنڌي ادب) جون ڊگريون حاصل ڪيائين. هن وقت شاهه لطيف يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جو چيئرمين آهي. سندن هيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آهن:
وليون وڻ ڦلاريا (شاعري) اسين مسافر پيار جا (نثر) سمنڊ جاڳي ٿو (شاعري)
ڊاڪٽر صاحب ٻارڙن لاءِ هيٺيان ڪتاب لکيا آهن:
روز ٽڙن رابيل (شاعري) چنڊ پشم گولو (شاعري) آچر جا احوال (ڪهاڻيون) پتلين جو تماشو (شاعري) جيتن جي ڪانفرنس (ڪهاڻيون) پوپٽ جهڙا گيت (شاعري) نئين دور جا نوان سبق (ڪالم)
ان کان علاوه ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنا اٿائين. ادبي خدمتن جي ميٽا طور کين ڪيترائي علمي ادبي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

محمد علي حداد

محمد علي حداد جو جنم 15 آگسٽ 1939ع تي خيرپور ۾ ٿيو. 1958ع ۾ نازهاءِ اسڪول خيرپور مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ 1969ع ۾ ايم-اي جي ڊگري حاصل ڪيائين. 1970ع ۾ بي-ايڊ جو امتحان پاس ڪيائين. نازهاءِ اسڪول ۾ بحيثيت استاد علم جو نور پکيڙيندو رهيو. علم، ادب ۽ تحقيق سان کيس تمام گهڻو شوق هو. سندس ذاتي ڪتب خاني ۾ پنج هزار ڪتاب موجود آهن. جن ۾ سئو کن قلمي نسخا پڻ شامل

آهن. ”خيرپور جي شاعرن جي مرثيه گوئي“ تي تحقيقي مقالو لکيائين. ان کان علاوه سندس هڪ شاندار ڪتاب سچل تي ببلو گرافي 1982ع ۾ شايع ٿيو. سرمست ڪتابي سلسلمي ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو. سندس ٻه ڊزن کن مقالا ڇپيل آهن. سندس وفات 1999ع ۾ خيرپور ۾ ٿي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

جنم : 12 اپريل 1961ع

ولديت : محمد صديق هڪڙو (استاد)

مئٽرڪ : 1976ع

ايم.اي : 1986ع

پي.ايڇ.ڊي : 1996ع

نوڪري : پرائمري استاد 1978ع کان هاءِ اسڪول ۾ استاد 1990ع

ليڪچرر سنڌيونيورسٽي آگسٽ 1997ع

اسسٽنٽ پروفيسر 2000ع

ڇپيل ڪتاب : سمنڊ سمايو بوند ۾ جي، تند برابر توريان، سون برابر سڳڙا، پٽ جون ڳنڍيون ريشم ويڙها، جنم جنم جي جيت اياز، شڪارپور جي صحافتي تاريخ، سامي ساگر بوند ۾، سنڌ جي تاريخي شهرن جي تاريخ، ادب زندگي ۽ سماج ، سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا، شيخ اياز فن ۽ شخصيت (اردو)

تاج جويو

تاج محمد ولد حاجي خان جويو 6 سيپٽمبر 1954ع تي ڳوٺ پير ڪولاچي تعلقي دولت پور صفن ضلعي نوابشاهه ۾ پيدا ٿيو، پاڻ معروف شاعر ۽ اديب آهي.

تاج جويو پرائمري تعليم ڳوٺ پير شاھنواز ۾ حاصل ڪئي، مئٽرڪ سن مان پاس ڪئي ۽ بعد ۾ پرائيويٽ طور 1978ع ۾ ايم اي (سنڌي) جو امتحان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪري ”گولڊ ميڊل“ حاصل ڪيو. پاڻ 1972ع ۾ پرائمري استاد، 1979ع ۾ سيڪنڊري استاد ۽ 1981ع ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. ڪجھ وقت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو سيڪريٽري پڻ رهيو.

تاج سنڌي زبان جو بهترين شاعر آهي. جديد شاعرن ۾ سندس فن پنهنجي انفرادي خصوصيت سبب سٺو مقام رکي ٿو. سندس هڪ شعري مجموعو ”سوچون سرها گل“ (اياز گل سان گڏ) ڇپيل آهي. ان کان سواءِ سندس شاعري سنڌ توڙي هند جي سٺي سنڌي ادبي رسالن ۾ ڇپيل آهي. تاج جويو شاعر سان گڏوگڏ هڪ بهترين نثر نويس پڻ آهي. نثر ۾ سندس ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن.

نيڻ مهٽي خيال جاڳيا (جديد سنڌي شاعري جو اڀياس، ڀاڱو پهريون)، تلسين جي سرهاڻ (جديد سنڌي شاعري جو اڀياس، ڀاڱو ٻيو)، ٻاهيون ٻيراڳين جون (شاھ ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جو اڀياس)، دنيا جون انقلابي عورتون (ترجمو)، قوم چوي ٿي ٻول (استاد بخاري جي شخصيت ۽ فن بابت)، سنڌي گيت، جر ۾ ٿو جرڪان (تحقيق)، ڌرتي کان وڏو آڪاش جو شاعر (شيخ اياز بابت مضمون) ۽ واڄٽ ويراڳين جا (جي ايم سيد ۽ محمد امين کوسي جي خطن جي ترتيب).

انعام شيخ

انعام شيخ جو تعلق لاڙڪاڻي سان آهي، هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي بين الاقوامي شعبي ۾ ايسوشيئيٽ پروفيسر آهي. ڪالم نگار، مضمون نگار ۽ محقق آهي. سندس پنج ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو ۽ سندس دور ۾ شاندار ڪتاب شايع ٿيا.

خادم عباسي

خادم عباسي اڳڙا ضلع خيرپور جو رهواسي آهي. تعليم کاتي ۾ ماستر آهي، کيس ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سٺي ڄاڻ آهي. خاص طور سچل سائين، نانڪ يوسف ۽ ٻين ڪافي گو شاعرن بابت وڏي ڄاڻ رکي ٿو.

دادا سنڌي

دادا سنڌي جو اصل نالو ڪريم بخش ولد محمد قاسم سومرو هو، سندس ولادت 5 جولاءِ 1945ع تي ڳوٺ داد لغاري تعلقي ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪي ۾ ٿي. پاڻ مشهور تاريخدان، محقق ۽ ليکڪ ٿي گذريو آهي، سندس والد پوليس ۾ عملدار هو.

دادا سنڌي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي، انگريزي تعليم ميرپور ماٿيلي ۾ حاصل ڪئي. بي اي سنڌ يونيورسٽي مان فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن حاصل ڪئي. ان کان علاوه بي ايڊ ۽ ايم اي (سوشيالاجي) ۾ ڪيائين.

دادا سنڌي ملازمت تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان شروع ڪئي ۽ بعد ۾ ترقي ڪندو سترهين گريڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ طور استاد مقرر ٿيو. پاڻ شاگردن کي اسڪول جي سبقن سان گڏ تاريخ جون حقيقتون، حوالا، سمجهاڻيون به ڏيندو هو. هو ملازمت کان1994ع ۾ رٽائر ٿيو.

دادا سنڌي ذاتي زندگي ۾ نهايت سادو، خوش مزاج، حساس دل ۽ کل مک ماڻهو هو، سندس پرورش علمي ۽ ادبي گهراڻي ۾ ٿي.

سندس ڀاءُ قادر بخش ۽ چاچي الهه بخش جي لائبريري هوندي هئي، اتان مطالعي کان پوءِ ادبي ڪيتر ۾ شامل ٿيو. سندس پهريون مضمون روزانه ”

مهراڻ“ ۾ شايع ٿيو. ڪيس سنڌ جي تاريخ لکڻ ۽ پڙهڻ جو شوق مشهور تاريخدان مولائي شيدائي ۽ رشيد ڀٽي سان ملاقات ڪانپوءِ ٿيو. هن پهريون تاريخي ۽ تحقيقي مضمون ون يونٽ تحريڪ دوران لکيو. ان ڪانپوءِ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيائين، جيڪي ماهوار نئين زندگي، پيغام، ٽماهي مهراڻ، نئين سوچ، اخبار تعليم ۽ مختلف روزاني اخبارن ۾ لاڳيتو ڇپجندا رهيا. پاڻ ريڊيو پاڪستان خيرپور لاءِ مختلف موقعن تي اسڪرپٽ لکندو رهيو.

دادا سنڌي پورهيت اديب هو، جيڪو پورهيو، محنت ۽ جاکوڙ هن سنڌي تاريخ لکڻ ۾ ڪئي، موجوده دور ۾ شايد ئي ڪنهن اديب ايتري محنت ڪئي هجي، سندس ڇپيل تصنيفون هن ريت آهن.

ڏيئي ڏنڀ ڏڌن، سنڌين جي فوجي مهارت، سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون، 1957ع جي جنگ آزادي ۽ سنڌ، سنڌ جي عالمن جا سونهري ڪارناما، اڳوڻن سنڌين جو ڏيساور سان واپار، سومرن جي دور جا سورما، تاريخي ماٿهو تاريخي ڳالهيون، مٺو محبوب ڌارين جي نظر ۾، سنڌ جا عوامي ڪردار، ان کان سواءِ سندس اڻ ڇپيل تصنيفون پڻ موجود آهن.

سنڌ جو هي پلوڙ تاريخدان ۽ محقق 11 جنوري 1998ع تي دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو.

مختيار ملڪ

مختيار حسين ولد شفيع محمد ملڪ 21 ڊسمبر 1959ع تي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ مشهور ريڊيو پروڊيوسر ۽ سڄاڻ اديب ۽ شاعر آهي.

مختيار ملڪ ايم ايس سي ۽ ايم اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڪئي ۽ ايم اي (صحافت) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيو. هن وقت ريڊيو پاڪستان خيرپور تي پروگرام مئنيجر آهي.

SOORTH SINDHI ADAB

مختيار ملڪ پنهنجي سروس دوران گهڻو عرصو ريڊيو پاڪستان خيرپور تي رهيو آهي. سندس ذاتي ڪوشش سان خيرپور ريڊيو اسٽيشن کي عروج نصيب ٿيو. هن علائقي جي ڪيترن ئي ڳائڻن، ڊراما فنڪارن، ڪمپيئرن، اناؤنسرن، شاعرن ۽ ليکڪن کي ريڊيو ذريعي عوام سان متعارف ڪرايو. هن خيرپور ريڊيو تان ڪيترائي سٺا سٺا پروگرام ۽ سلسلا ہڊندڙن کي ڏنا جن ۾ پروگرام "موتين مالها" تمام گهڻي مقبوليت ماڻي.

مختيار ملڪ جي شعر ۽ شاعري سان پڻ دلچسپي آهي. سندس شمار نئين ٽهي جي سٺن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن ٻارڙن لاءِ به شاعري ڪئي آهي. "ٽم ٽم ٽانڊاٽا" ٻاراڻي شاعري تي مشتمل سندس ڪتاب 1980ع ۾ ڇپيو، جنهن کي سنڌ الاجي طرفان بهترين ٻارڙن جي ڪتاب طور ايوارڊ 1980ع مليل آهي.

الطاف اثيم

الطاف حسين ولد محمد ايوب منگي ضلع خيرپور جي مشهور تاريخي شهر راڻي پور ۾ 12 آڪٽوبر 1948ع تي ڄائو. پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم راڻي پور جي اسڪولن ۾ حاصل ڪيائين. انٽرميڊيٽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نواب شاهه ۾ بي اي آنرز، ايم اي سياسيات ايم، ايم اي آرڪيالاجي، بي ايڊ ۽ ايل ايل بي سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائين. شاعر جي حيثيت سان "اثيم" تخلص ڪري 1964ع کان شعر چوڻ شروع ڪيائين. سندس پهريون شعر 1966ع ۾ سندس ئي ڪاليج جي ميگزين "مشعل" ۾ ڇپيو. نوابشاهه ۾ تعليم دوران بردي سنڌي، نظر سنڌي، نور عباسي وارن سان ويجهڙائپ رهيس. سچل سرمست ڪاليج راڻي پور ۾ قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرن ۾ شرڪت وڏايائين. سچل سائين جي پاڙيسري شهر ۾ رهڻ ڪري صوفي فڪر کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ

SOORIH SINDHI ADAB

طرف لاڙو ٿيس. پاڻ سچل سائين جي ڪلام پيغام ۽ تصوف سان تعلق رکندڙ ڪيترن ئي موضوعن تي تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکيا اٿائين. سندس ادارت ۾ سچل چيئر پاران تحقيقي جنرل ”آشڪار“ نڪرندڙ آهي. ان ڪان علاوه سچل سائين جي فڪري پوئلڳ ”فقير غلام حيدر گوڏڙيي جو رسالو“ سندس ترتيب ڏنل آهي. هن وقت بحيثيت ڊائريڪٽر سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. سچل سائين جي فڪر ۽ ڪلام کي عام ڪرڻ ۾ سندس واڪاڻ جوڳيون خدمتون آهن.

SOORIH SINDHI ADAB

اختر درگاهي

اختر ولد عبدالرحمان درگاهي 24 سيپٽمبر 1964ع تي ميمڻ محلو روهڙي ۾ پيدا ٿيو. درگاهي سندس پاڙو آهي، ذات جو ميربحر آهي. پاڻ نئين ٿهي جو سٺو شاعر ۽ راڳي آهي.

اختر درگاهي ايم اي (سنڌي) ايم اي (معاشيات) پاس آهي. زرعي ترقياتي بينڪ ۾ ملازم آهي.

اختر درگاهي کي ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل راڳ جي سٺي ڄاڻ آهي. نيون ڌنون به ڪمپوز ڪندو آهي. هن وقت جي سٺن شاعرن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. سندس ٽي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن جا نالا آهن، گل ۽ مکڙيون (ٻارن جي شاعري)، رنگ خوشبو هوا (شاعري جو مجموعو) ۽ بيدل جو اردو ڪلام (تحقيقي ڪتاب) آخري ڪتاب کي سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد طرفان 1997ع جو بهترين تحقيقي ايوارڊ مليل آهي.

محترمه سيما جو تعلق تاريخي شهر سکر سان آهي. گورنمينٽ گرلز ڪاليج سکرمان بي . اي ڪرڻ کان پوءِ، هن ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ داخلا ورتي. هينئر ايم . اي فائنل جي آخري سيمسٽر ۾ آهي. ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ هوءَ سنڌي ادب ۾ پي ايڇ .ڊي ڪرڻ گهري ٿي.

محترمه سيما سنڌي ۽ انگريزي ادب جو گهرو اڀياس ڪيو آهي. کيس لکڻ پڙهڻ سان گهڻي دلچسپي آهي. سندس ڪجھ ڪهاڻيون، مضمون ۽ مقالا ادبي رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هن شاهه لطيف، قلندر لال شهباز سچل سرمست ۽ بيدل ادبي ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿي تحقيقي مقالا پڙهيا آهن.

محترمه سيما هڪ ذهين ۽ محنتي شاگرديائي آهي. پڙهائي سان گڏ تحقيقي ڪم ڪندي رهي ٿي. شاگردي جي دور ۾ هن سٺو علمي ادبي ڪم ڪيو آهي . جيڪا نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

دعا آهي ته الله تعاليٰ منهنجي هن نياڻيءَ کي وڏي ڄمار ڏئي ته جيئن سنڌي زبان ۽ ادب جي وڌ ۾ وڌ خدمت ڪري سگهي.

نواز علي شوق

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488